تن ۾ تؤنس
پرين جي پيان
نہ ڍاپان



پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

تن ۾ تونس پرين جي
پيان نہ ڍاپان

(مضمون، مقالا ۽ ڪهاڻيون)

ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ

سڪرنڊ روڊ، نوابشاهہ، ضلع بينظير آباد

سنڌ، پاڪستان - 2010ع

حقا ۽ واسطا ليکڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نہ ڍاپان
موضوع: مضمون، مقالا ۽ ڪهاڻيون
ليکڪا: © ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو
ڇاپو پهريون: 2010ع
تعداد: 500
ٽائيٽل: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ڪيشو لال ۽ اجي ڪمار مکواڻا
انٽيل ڪميونيڪيشنز 9۔ ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد. فون: 022_2721172
ڇپائيندڙ: بلاول انسٽيٽوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ،
نوابشاهہ ضلع بينظير آباد، سنڌ۔پاڪستان.
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ
قيمت: 300 روپيا

TANN MAEN TAUNS PIREEAN JE PIYAAN NA DHAPAAN

[A collection of research articles & stories]

By © Dr. Mumtaz Bhutto

Edition: First
Year: 2010
Title: Intel Communications, Hyd.
Published by: Bilawal Institute of Historical Research,
Sakrand Road, Nawabshah. Sindh, Pakistan.
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: 022-2721172
Price: Rs. 300-00

ارپنا

دنيا جي ڏاهي، عظيم سياستدان،
سنڌ جي راڻي ۽ محبت جي محور
شهيد محترمہ بينظير ڀٽو
سنڌس بهادر ور
آصف علي زرداري
۽ ٻچڙن
بلاول، بختور ۽ آصفہ
کي محبت سان ارپيان ٿي.

- ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

فهرست

- پبلشر طرفان — ڊاڪٽر محمد لائق زرداري 7
- ٻه اکر — ڊاڪٽر نواز علي شوق 8
- مقدمو — پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد 11
- پيش لفظ — پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو 17

1. رسول پاڪ ﷺ جن جي وقت ۾ دين اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت 21
2. اسپين ۾ بنو اُميه جي خودمختيار رياست 40
3. غرناطه جو عروج 52
4. ترڪيءَ ۾ جمهوريت جي ابتدا 65
5. آنحضرت محمد ﷺ جن جي وقت ۾ خواتين جو دين جي اشاعت ۾ حصو ۽ قربانيون 78
6. قرطبه وارن جو بلوو 88
7. سنڌ جو راءِ گهراڻو 95
8. حر تحريڪ 101
9. حاجي عبدالله هارون 126
10. تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي عورتن جو حصو 132

11. بيبي اُم ايمن 136
12. پير حسام الدين راشدي: هڪ مثبت تاريخدان 142
13. خطابت نبوي ﷺ 148
14. يوسف ميرڪ 155
15. مادر ملت محترمہ فاطمہ جناح 172
16. سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ 186
17. مرزا قليچ بيگ: هڪ اعليٰ ڪردار 194
18. شاهہ جي دؤر ۾ سنڌ جي علمي ۽ سياسي حالت 202
19. شفقت پريو ڇانورو 213
20. هو جي هِت هئا 222
21. عظيم پيءُ جي عظيم نياڻي 228
22. لاهوتي لڏي ويا 239
23. ذوالفقار علي ڀٽو جي دؤرِ اقتدار جو تاريخي پسمنظر 247
24. اُم المؤمنين بيبي خديجہ رضي الله عنها 253
25. ڊاڪٽر نجم الدين عباسي جي ڪتاب جي مهورت
جي موقعي تي اظهار خيالات 260
26. مرزا قليچ بيگ جي ورسي جي موقعي تي ڏنل پيغام 265
27. سُر ڪاپائتي جو روحاني راز 268
28. عنوان هزارين (ڪهاڻي) 272
29. لاوارثيءَ جو درد (ڪهاڻي) 282

پبلشر طرفان

اهو لکندي خوشي محسوس ٿو ڪيان تہ پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو جو ڪتاب ”تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نہ ڏاپان“ جيڪو تاريخ جي مختلف پهلوئن تي لکيل ريسرچ آرٽيڪل، مقالا، شخصيات ۽ ٻن ڪهاڻين تي مشتمل آهي. بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ايںڊ ريسرچ نوابشاهہ جي طرفان پڌرو ٿيو آهي، جيڪا ان انسٽيٽيوٽ جي گورننگ باڊي جي ميمبر پڻ آهي. ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر، چيئرپرسن ۽ ڊين رهي آهي ۽ هن وقت پريسٽن يونيورسٽي ڪراچي ۾ پروفيسر آهي. سندس سرپرستي ۾ نہ صرف سنڌ پر پاڪستان جي ڪيترن شهرن مان مختلف اسڪالرن Ph.D ڪئي آهي. سندس ريسرچ جو طريقو اهڙي قسم جو آهي جو لکندڙ ۽ پڙهندڙن ۾ اُتساهہ پيدا ٿئي ٿو.

اسانجي اداري جي اها خوشنصيبي آهي جو اسين ميڊم ممتاز ڀٽو جو ڪتاب ڇپائي رهيا آهيون ۽ اسين هن جا ٿورائتا آهيون ڇاڪاڻ تہ ان ڪتاب جو سڄو خرچ هن پاڻ ادا ڪيو آهي. اها سندس ڀٽو ۽ زرداري خاندان سان محبت جو اظهار پڻ آهي.

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

ڊائريڪٽر جنرل

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ

نوابشاهہ

23_آگسٽ، 2010

ٻه اکر

پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو صاحب جي سڄي زندگي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذري آهي. اسلامي تاريخ سندس مطالعي جو خاص موضوع رهيو آهي، پر هن ٻين موضوعن تي به مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. هن ڪتاب ۾ سندس 30 مضمون ۽ مقالا شامل آهن. جن ۾ سيرت پاڪ کان سواءِ سنڌ جي تاريخ ۽ ڪن مشهور سياسي سماجي ۽ علمي ادبي شخصيتن تي مضمون ۽ مقالا شامل آهن ۽ ڪجهه ڪهاڻيون به آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز صاحب جو مطالعو وسيع آهي. وٽس لکڻ جو ڏانءُ آهي ته ڏات به آهي. هُوءَ جڏهن ڪو تحقيقي مقالو لکڻ گهري ٿي ته ان لاءِ معتبر ۽ مستند ڪتاب آڏو رکي انهن جو گهرو مطالعو ڪري، پوءِ پنهنجو مقالو لکي ٿي. مثال طور سندس هڪ مقالو جنهن جو عنوان آهي ”رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وقت ۾ دين اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت“ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته هن انهيءَ مقالي ۾ تمام معتبر ليکڪن جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. جن ۾ قرآن مجيد، صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم کان علاوه ابن سعد جو ’طبقات‘، علامه شبلي نعماني جو ’سيرت النبي‘، مولانا ابوالڪلام آزاد جو ’رسول رحمت‘، مولانا سيد ابوالحسن ندوي جو ’نبيءِ رحمت‘ ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

اهڙي ريت سندن هڪ ٻيو مقالو جنهن جو عنوان آهي ”آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن جي وقت ۾ خواتين جو دين جي اشاعت ۾ حصو ۽ قربانيون“. هڪ معياري مقالو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب بيبي خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها حضرت سميہ رضہ، حضرت اُم عماره رضہ، حضرت صفيہ، حضرت اُم سلمہ رضہ، حضرت اُم شريڪ رضہ، خاتون جنت حضرت فاطمةالزهره رضہ، حضرت عائشہ صديقہ رضہ ۽ ٻين پاڪدامن عورتن جي احوال سان گڏ، انهن جي ديني خدمتن ۽ دين خاطر ڏنل قربانين جو ذڪر ڪيو آهي. سنڌي زبان ۾ هن قسم جي مواد جي کوٽ آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪي جس هجي جو هن انهيءَ کوٽ جو پورائو ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز پٺو صاحب جي هڪ مقالي جو عنوان آهي: ”اسپين ۾ بنو اميہ جي خودمختيار رياست“. هيءَ حقيقت آهي تہ اسپين يا اندلس ۾ مسلمانن جي فتح ۽ سندن ڪمال ۽ زوال جو داستان اسلامي تاريخ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ مقالو 10 صفحن تي مشتمل آهي. هن پنهنجي مقالي کي معياري بنائڻ لاءِ معتبر ڪتابن مان مدد ورتي آهي، جن ۾ اخبارالمجموعہ، نفح الطيب، عبرت نامہ اندلس، مسلم اسپين ۽ ٻيا ڪتاب اچي وڃن ٿا.

اهڙيءَ ريت هن ڪتاب جي مصنف اندلس متعلق ئي ”غرناطہ جو عروج“ جي عنوان هيٺ هڪ شاندار مقالو لکيو آهي. جنهن ۾ هن غرناطہ جي دل کولي تعريف ڪئي آهي. ان جي هڪ هڪ شيءِ جي سونهن ۽ سوڀيا تمام سهڻي نموني بيان ڪئي آهي. پنهنجي مقالي کي معياري بنائڻ لاءِ هن جڳ مشهور عالمن جي مستند ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. اهڙي ريت انهيءَ موضوع متعلق هڪ ٻيو مقالو لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي ”قرطبہ وارن جو بلوو“. هن مقالي لکڻ وقت بہ ڊاڪٽر صاحب معتبر ڪتابن مان مدد ورتي آهي.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب سنڌ يونيورسٽي جي شعبي مسلم هسٽري جي چيئرپرسن رهي آهي. ظاهر آهي تہ سندس اصل موضوع اسلامي تاريخ رهيو آهي، هن پنهنجو مطالعو رڳو اسلامي تاريخ کان علاوه تاريخ جي ٻين

موضوعن تي پڻ مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، جن مان ڪجهہ هن ڪتاب ۾ شامل آهن جهڙوڪ: سنڌ جو راءِ گهراڻو ۽ حُر تحريڪ. ڊاڪٽر صاحب حُر تحريڪ تي تفصيلي مقالو لکيو آهي. مقالي جي اهميت جو اندازو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ان ۾ 75 حوالا ڏنا ويا آهن.

شاهہ عبداللطيف رحمةالله عليہ تي لکيل مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب جي پوري برصغير جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي جاڻ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سندس علم جو دائرو ڪيترو نہ وسيع آهي.

ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي مشاهير تي پڻ مضمون ۽ مقالا لکيا آهن جيڪي وڏي اهميت رکن ٿا. انهن ۾ يوسف ميرڪ، مرزا قليچ بيگ، حاجي عبدالله هارون، محترمہ فاطمہ جناح، پير حسام الدين راشدي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عظيم پيءُ جي عظيم نياڻي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو بيگم شيرين امير ڀٽو ۽ قمر شهباز شامل آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو صاحب تاريخي مقالا لکڻ وقت تحقيق وارو انداز اختيار ڪيو آهي، پر هُوءَ جڏهن سنڌ جي عظيم شخصيتن خاص طور شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ان جي بيگم ۽ نياڻيءَ تي لکي ٿي تہ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ هيءَ سندس اندر جو آواز آهي، دل جي دانهن آهي. بقول ڀٽائي:

نڱي ڪُوڪ قلب مان، منجهان رُوح رڙي

انهن ۾ وڏي عقيدت ۽ محبت کان علاوه وڏو درد ۽ سو سمايل آهي.

نواز علي شوق

ڪراچي

مقدمو

تڏهن جڏهن هوءَ اچا ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو نہ ٿي هئي ـ تڏهن جڏهن اچا هن سان منهنجي ملاقات بہ نہ ٿي هئي، ساڳي يونيورسٽيءَ جي ساڳي بلڊنگ ۾ هوندي بہ. تڏهن يونيورسٽيءَ جون ڪجهہ ڪامن فرينڊس ڳالهين ۾ ڪڏهن چونديون هيون تہ 'ممتاز ڀٽو چيو...' تہ منهنجو ڌيان هميشہ "ممتاز ڀٽو" (اصلي تي وڏي) ڏانهن هليو ويندو هو ۽ آءٌ سوچيندي هئس: "هنن جو ممتاز ڀٽي سان ڇا؟ نيٺ هڪ ڀيري مون انهن مان ئي ڪنهن کان پڇيو: "ممتاز ڀٽو ڪير؟" تڏهن انهن مون کي ممتاز ڀٽو بابت ٻڌايو. اُها جيڪا هاڻ پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو آهي ـ تڏهن مسلم هسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار مقرر ٿي هئي ـ پوءِ پروفيسر، چيئرپرسن ۽ آخر ۾ اٺ سال فيڪلٽي آف اسلامڪ اسٽڊيز جي ڊين (Dean) جي حيثيت سان رٽائر ڪيائين. اڄڪلهہ پريسٽن يونيورسٽي، ڪراچيءَ ۾ پروفيسر آهي.

تڏهن 1976 ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار اپائنٽ ٿيڻ کان پوءِ شروع ۾ منهنجو "ليڊي ٽيچرز اسٽاف روم" ۾ ويهڻ ٿيو ٿي ڪونہ ـ جو ليليٰ بانا، خيرالنساءِ جعفري ۽ تنوير جوڻيجو جو "ٽيڙو" ڪٿي نہ ڪٿي اڃي ميڙو

ٿيندو هو ۽ ائين صبح جي ستاري جو اُهاءُ ۽ تيزروءَ جي ٽِم ٽِم اونداهن ڪمرن ۽ ڪاريڊارز کي روشن ڪري ويندي هئي.

هڪ لڳا تہ ماڙ تي "ليڊي ٽيچرز ڪامن روم" ۾ نيٺ هلي ويس. تڏهن آپا خالده شيخ، الاءِ آپا نسيم، ڪي الاءِ فرحت ڪين عزت، يا الاءِ تنوير، خيرالنساءِ يا ليليٰ مان ڪنهن هڪ پريل بدن واري سهڻي خاتون سان تعارف ڪرايو:

"هن سان مل، هي اٿئي ممتاز ڀٽو."

مون هٿ وڌايو ۽ هن ويٺي ويٺي هٿ ملايو. مون ان سهڻي صورت کي دل ئي دل ۾ ساراهيو ۽ سوچيم:

"... تہ اِها آهي! So she is Mumtaz Bhutto يعني مائي ممتاز ڀٽو!" ان لفظ "مائيءَ" تي مون کي خيرُو ياد آئي. خيرو جنهن کي اڪنامڪس ڊپارٽمينٽ جو سينيئر، هردلعزيز ۽ وات ڦاٽوڙو پروفيسر غلام حسين خاصخيلي سدائين مائي خيري خيرو چوندو هو تہ خيرو ان تي چڙي پوندي هئي ۽ چوندي هئي: "آءُ ڪا ڪير وڪڙ واري آهيان، جو مون کي مائي ٿو چئين!" سو مون هتي "مائي" محض feminine gender جي چٽائيءَ لاءِ چيو آهي.

تڏهن کان وٺي ممتاز ڀٽو سان ڇڏيون پاڇيون ملاقاتون رهيون آهن. جيتوڻيڪ ممتاز جي نندي ڌيءَ عنبر اسان جي وڏي ڌيءَ سنڌيا ٻيبيءَ سان سينٽ ميري بز ۾ گڏ پڙهي ۽ سندس ننڍو پٽ ذلفي اسان جي وڏي پُٽ سنيءَ سان سينٽ بوناوينچر ۾ پڙهيو آهي - پر پوءِ بہ اسان جي وچ ۾ ڪا گهاٽي گهري دوستي ڪانہ ٿي سگهي. ڪڏهن ڪنهن فنڪشن ۾، ڪڏهن ڪنهن ڪاج ۾، ڪڏهن ڪنهن سيمينار ۾، ڪڏهن ڪنهن ڪانفرنس ۾ ملڻ، کِلڻ ۽ چار چُونڪ ڳالهين جا ڪرڻ حي حد تائين، هڪ عزت ڀريو تعلق رهيو. ۽ اسان جهڙن پنهنجي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ايترو بہ گهڻو آهي – لطيف سائين ڪبڏي نہ سهڻي ڳالهہ ڪئي آهي:

"هر هر هرائي، وڃڻ در دوسن جي!"

هونئن ممتاز دنياداري نڀائڻ واري قربائتي خاتون آهي. مون کي ياد آهي ته 2000ع ۾ امداد سان دوستن پاران هڪ 'يادگار شام' ملهائي وئي هئي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر الياس عشقي ڪئي هئي. "ماڻڪ موتي تنظيم" پاران مون کي ۽ سندم سائين امداد کي گولڊ ميڊل ڏنا ويا هئا. آپا شمس عباسي ۽ آپا مريم نوحاڻي ان فنڪشن ۾ خاص طور سان شريڪ ٿيون هيون ۽ اسان کي دعائن سان نوازيو هئائون. دوستن امداد کي گلن جا هار ۽ پاڪر پارايا هئا، تڏهن ئي ممتاز پٽو اجرڪ سوڍي اسٽيج تي آئي هئي ۽ امداد حسينيءَ کي اجرڪ اوڍائي هئائين. يا وري 2006ع ۾ اسان جڏهن پنهنجي گهر تي "مشاعرو" ڪيو هو جنهن ۾ چونڊ شاعر، چونڊ ادب دوست ۽ اسان جا ويجها مائٽ ۽ دوست شريڪ ٿيا هئا. مخدوم جميل الزمان ۽ ياءِ شبير هاتف اُن مشاعري جا خاص مهمان هئا. ادا قمر شهباز کي ان مشاعري جي صدارت ڪرڻي هئي ۽ هو ڪراچيءَ کان ڪهي آيو هو. ساڻس گڏجي سندس وني ارشاد به آئي ۽ اهي سڌو ممتاز جي گهر هليا ويا. اتان ٿي آيا ته ممتاز به ساڻن گڏ هئي. اسان کي ان جي گهڻي خوشي ٿي ۽ اسان ممتاز جي پنهنجائپ کي دل سان محسوس ڪيو هو. سو ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ممتاز هڪ انتهائي وڙائتي خاتون آهي. ۽ اسين اڄ به جڏهن ملندا آهيون، ساڳي سڪ اُڪير سان ملندا آهيون، عزت ۽ احترام سان ملندا آهيون، جو اسان جي من ۾ ڪا 'بيائي' ناهي.

هيل آءُ يونيورسٽيءَ جي پهرين سيمسٽر جي امتحانن کان واندي ٿيس، ته اسين ٻارن وٽ ڪراچي هليا وياسين. هڪڙي شام ممتاز فون ڪئي ۽ سندس نئين ڇپجندڙ ڪتاب "تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نه ڏاپان" تي ڪجھ لکڻ لاءِ چيائين. پڇيم: مقالن جو ڪتاب آهي؟ ۽ جواب کان پهريائين ئي 'ها' ڪيم ۽ چيم: 'چار شوري اچون ته ملنداسين.'

رات ڪتاب پڙهيم ته ڄاتم: "تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نه ڏاپان" ۾ مقالا به آهن، ته مضمون به، تقريرون ۽ ڪجھ سوال جواب ۽ به ڪهاڻيون به آهن، هن ڪتاب ۾. اها سئي ڳالھ آهي ته ممتاز پنهنجون ڪجھ تحريرون سهيڙي "تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نه ڏاپان" هَڪيون ڪيون آهن. اسان

وٺ هر سال ڪيترا ئي آجايا ۽ بيڪار ڪتاب ڇپجن ٿا، جن جو ڇپجڻ نہ ڇپجڻ برابر آهي. ائين پني جو/پئسي جو / انرجي جو/ وقت جو اجايو زيان ٿئي ٿو جنهن جو ڪنهن کي بہ احساس ناهي.

مون اڄ کان ڏهاڪو کن سال اڳي پنهنجن شاگردن کي هڪ نعرو ڏنو هو:

"پنو بچايو
وڻ بچايو
ڌرتي بچايو!"

آءٌ ممتاز جي ڪتاب "تن ۾ تؤنس پرين جي پيان نہ ڏاپان" لاءِ انڪري بہ خوش آهيان، جو هيءُ هڪ خاتون جو ڪتاب آهي - هڪ پڙهيل ڳڙهيل باشعور خاتون جو - جنهن جو بنيادي واسطو "تاريخ" سان آهي. تاريخ نہ صرف هڪ دلچسپ مضمون آهي، پر ساڳئي وقت هڪ حساس موضوع پڻ آهي. هڪ مؤرخ جو ڪم ڏاڍو ڏکيو ۽ نازڪ آهي. اهو مؤرخ تي منحصر آهي، تہ هو ڪهڙي پاسي تي بيهي ٿو. ظالم جي پاسي ڪين مظلوم جي پاسي! چو تہ هڪ مؤرخ چاٽي ٿو تہ:

مون جو مُنهن تي سچ چيو
هر ڪنهن هٿ ۾ پٿر هو!

اسان جي تاريخ شاهد آهي، تہ اسانجي مؤرخن سدائين ڪوڙيون تاريخون لکي، پنهنجي اکرن کي اشرفين ۾ توراڻو آهي. ڊاڪٽر ممتاز پٺو اجا تائين تہ ڪا تاريخ ڪانہ لکي آهي. هن "مسلم هسٽريءَ" جي پروفيسر هجڻ جي حوالي سان مسلمانن جي تاريخ بابت ڪيترائي اهم مقالا لکيا آهن، جيڪي هن ڪتاب ۾ موجود آهن. سندس اهي سمورا مقالا گهڻي محنت ۽ ڌيان سان لکيل آهن - جن کي لکڻ مهل هن مستند ماخذن کي ڪتب آندو آهي. جنهن لاءِ ڪيس جس هجي. مون کي ذاتي طرح سنڌ جي سرزمين سان تعلق رکندڙ حُرن جي عملي/سياسي هلچل "حُر تحريڪ" بابت سندس جاندار ۽ شاندار مقالو وڌيڪ وڻيو. ان کي پڙهي

لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو پنهنجي ملڪ جي سچي تاريخ لکڻ جو جذبو رکي ٿي. هن خطي جي اڻ ڏري تاريخ لکڻ، وقت جي اهم ضرورت آهي. ان ڳالهہ جي اشد ضرورت آهي، تہ ان هلچل کي "سانگهڙ" جي افسانوي انداز ۽ لئمبرڪ جي "Terrorist" جي تعصبي رويئي کان هٽي ڪري سچائي ۽ حقيقت جي نظر سان ان کي علمي انداز ۾ بيان ڪجي. انهيءَ جوکائتي ڪم ڪرڻ جي ممتاز ڀٽو ۾ جرئت آهي. هوءَ حُرن بابت پنهنجي مقالي جي ابتدا ۾ ئي لکي ٿي:

"سنڌ ۾ جڏهن ميرن جو آخري دور هو ان وقت هندوستان جي سيني ڀاڱن ۽ علائقن تي سِڌي يا اڻ سڌي طرح انگريزن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. هينئر کين اهو فڪر هو تہ ڪيئن بہ ڪري سنڌ تي قبضو ڪجي. پنجاب ۾ سکن جي حڪومت هئي، جنهن جو حڪمران رنجيت سنگهہ انگريزن سان سِٽن سِٽڻ ۾ ٻٽ هو ۽ سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ گهات گهڙيندو رهندو هو. ان دور ۾ پير صاحب پاڳارو سيد صبغت الله شاهہ (اول) کي انگريزن ۽ سِکن خلاف ڏاڍو جوش ۽ جذبو هو. اهو بزرگ ڏسي رهيو هو تہ هاڻي پنهنجي وطن سنڌ جو خير ڪونهي، ان ڪري پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي تنظيم شروع ڪيائين."

پير پاڳاري سيد صبغت الله راشدي جي جرئتمنديءَ جفاڪشي ۽ محڪم ارادي بابت هوءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ کي سَند طور پيش ڪري ٿي. ڊاڪٽر بلوچ چواڻي:

"هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو جنهن کي خارجي ضابطن کان نفرت هئي، هو پنهنجو پاڻ سوچيندڙ هو انهيءَ ڪري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڄاڻائين ۽ ٻين جي صلاح کي جيئن جو تيئن مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. ذاتي طور هُو هڪ جرئتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ هو ۽ سندس شخصيت ۽ ڪردار جو روح خوداعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل هو."

ممتاز ڀٽو ڏاڍي ڏيرج ۽ سمجهداريءَ سان سمورين سازشن تان پردو کڻي ٿي ۽ "سندس ئي عزيزن مان ڪوڙا شاهد ۽ فريادي پيدا ڪرڻ" جي

ڳالھ تہ ڪري ٿي، پر انھن نالن ڪڻ ڪان اجتناب ڪري ٿي. ممتاز جنھن جرئتمنديءَ سان انھن ڳجھين ڳنڍين ڏي اشارا ڪيا آهن، انھن ڪي هن ڪي مستند ڪتابي، ذاتي ۽ سنڌ آرڪائيو ۾ موجود رپورٽن جي روشنيءَ ۾ کولي سنئون ڪرڻ گھرجي. جڏهن پير علي مردان شاھ پير پاڳارو اجا حال حيات آهي - ۽ ڪيترائي سندن خيرخواھ ۽ اکين ڏٺا شاهد ممڪن آ تہ حال حيات هجن ۽ جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان جهڙو عالم ۽ ڏاهو اسان ۾ موجود آهي - ۽ وڏي ڳالھ تہ سنڌي من حيث القوم اجا مئا ناهن، ان ڪري اهوئي مناسب وقت آهي سنڌ جي سچي تاريخ لکڻ جو.

اڻ پوري ۽ نامڪمل تاريخ کي مڪمل ڪرڻ هڪ محنت طلب ۽ مشڪل ڪم ضرور آهي، پر اهو ناممڪن ناهي. اميد اٿم تہ پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو ان کي ممڪنات جي دائري ۾ آڻيندي.

پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد شاھ

25_جون، 2010ع

پيش لفظ

هن ڪتاب جو عنوان ”ٽن ۾ ٽوئنس پرين جي پيان نہ ڏاپان“ آهي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪتاب گھڻوڪري تحقيقي مضمونن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪن شخصيتن جي زندگيءَ متعلق تقريرون، تحريرون، ڪجھہ ڪهاڻيون ۽ مضمون پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

حضرت داتا گنج بخش هجويري لکن ٿا تہ ”علم گھڻن ئي قسم جا آهن ۽ انسان جي عمر ٿوري آهي. ان ڪري ظاهر آهي تہ سيني علمن جو حاصل ڪرڻ ماڻهوءَ تي فرض ناهي. ان قول جي روشني ۾ مان اهو چوندس تہ جنهن علم ۾ جنهن کي بہ جيڪا علمي ڏگري آهي، گهٽ ۾ گهٽ ان تي وڌيڪ تحقيق ڪري ان علم کي اڳتي وڌائي.

تاريخ جي باري ۾ چيو ويجي ٿو تہ هوءَ سيني علمن جي ماءُ آهي ۽ سيني فني توڙي سائنسي علمن ۾ قديم ترين آهي. تاريخ ملڪن جي جاگرافي، معاشي، معاشرتي، تعليمي ۽ سياسي حالتن جو گلدستو آهي. ان ڪانسواءِ مشهور شخصيتن، حاڪمن، حڪمراني جا انداز فاتح ۽ مفتوح قومن جو طريقہ ڪار ۽ حالات وغيره بيان ڪري ٿي. جنهن جي روشني ۾ انسان پنهنجو سماج بهتر نموني اڏي سگهي ٿو.

تاريخ ارتقا جا ڪيئي روپ اختيار ڪيا آهن ۽ وڏو سفر طئي ڪري هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪيو آهي.

مؤرخن تاريخ کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي. قديم دور، وچون دور ۽ جديد دور. هينئر اُهي دور خاص ڪري جديد دؤر ڪيئي دؤرن ۾ ورهايل نظر اچن ٿا. جديد دؤر جا ڪجهه مؤرخين تاريخ کي سؤ سيڪڙو ڪن پنجاهه سيڪڙو ۽ ڪن ڪنهن حد تائين ناقابلِ يقين ۽ ڪوڙو قرار ڏنو آهي. تاريخ جي شاگرد ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ فردن جو فرض آهي ته هو صحيح تاريخ لکڻ لاءِ صحيح اصول ۽ طريقا استعمال ڪرڻ لاءِ اڳتي اچن. اسانجي لائق ۽ قابل محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مرزا قليچ بيگ، پير حسام الدين راشدي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، نياز همايوني، غلام نبي آگرو صاحب جن ۽ ٻين ڪيترين معتبر شخصيتن ان سلسلي ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. بلوچ صاحب ڪيترن تاريخي ڪتابن جا ترجما ڪري حاشيه وغيره ڏنا آهن. قديم دؤر جي تاريخ مختلف قسم جي کوجنا ڪري، ڪٿي ڏند ڪٿائن سان، ڪٿي مختلف ملڪن جي مختلف تهذيبن سان هڪبئي سان تشبيهه ڪري يا لڌل مٽيريل کي مختلف پيمانن ذريعي کيس طئي ڪيو آهي جيڪو سلسلو اڄ تائين به جاري آهي.

مسلمانن جي تاريخ حضرت محمد ﷺ جن جي دؤر کان شروع ٿئي ٿي. پاڻ سڳورن پنهنجن حديثن ذريعي پنهنجي خاندان مبارڪ جو تعارف ڪرايو. الله تبارڪ و تعاليٰ طرفان مٿانهن نازل ٿيل قرآن پاڪ ذريعي دنيا جي پهرين انسان حضرت آدم عليه السلام کان وٺي، دين دنيا جي هر قاعدي قانون، شر ۽ ڀلائي کان دنيا کي واقف ڪيو آهي.

هونئن به تحقيق جي ڪا حد ناهي. انسان جي وجود ۾ اچڻ کان انساني تحقيق ۽ جستجو جو دؤر شروع ٿئي ٿو جيڪو اڄ تائين جاري آهي ۽ نوان نوان تجزيا ۽ تجربا اسان اڳيان ظاهر ٿيا آهن ۽ ٿيندا وڃن ٿا. الله تعاليٰ خود علم ۽ حڪمت حاصل ڪرڻ لاءِ فرمايو آهي ۽ تحقيق ۽ جستجو جو مان مٿانهون ڪيو آهي. رسول خدا جن جو فرمان آهي ته "علم چين مان ملي، تڏهن به علم حاصل ڪيو." ان فرمان مان اسان کي اها به ڄاڻ ملي ٿي ته حضور سائين جن جي وقت ۾ چين علم، هنر ۽ فني لحاظ کان مشهور هو.

تاريخي تحقيق لاءِ ضروري آهي ته وقت جي حڪمرانن جي سوانح عمري، وصيت ناما، تذڪره وغيره جي ڇنڊڇاڻ ڪجي يا Source of

Material جا غير سرڪاري دستاويز جن ۾ نجي فردن جواهو مطالعو جيڪو هنن وقت جي حڪمرانن کي ويجهي طور ڏسي قلمبند ڪيو هجي، ان مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

مسلم هسٽري دنيا جي مسلمان ملڪن جي ڪيترن ئي تاريخي دؤرن تي ٻڌل آهي، جنهن کي تمام گهڻ پڙهيو ويو آهي ۽ گهڻ لکيو ويو آهي. هت آئون صرف هڪ مثال پيش ڪنديس ته، مسلمانن جي تاريخ ۾ سلطنت "عثمانيه" جي وڏي اهميت ۽ حيثيت آهي. هيءَ سلطنت عثماني ترڪن جي اُها عظيم الشان سلطنت هئي جيڪا يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ئي علائقن تي پکڙيل هئي ۽ اٽڪل ڇهه سؤ سال عثماني ترڪن جي اقتدار هيٺ رهي. هيءَ سلطنت سليمان پهرين جي وقت ڊئنيوب کان ايراني نار ۽ يوڪرين جي ميدان کان مصر جي اترئين ڀاڱي تائين پکڙيل هئي. ان ۾ ڪاري سمنڊ کان ائٽلانٽڪ سمنڊ سان گڏ هندي وڏي سمنڊ جا ڪجهه حصا ۽ اهم تجارتي رستا شامل هئا. هن سلطنت ۾ اٽڪل ويهن نسلن ۽ قومن جا ماڻهو شامل هئا. هن سلطنت جي نالي ٻڌڻ سان مغربي حڪومتون ڪنبي ويندي هيون.

ان دور کي گهڻ پڙهيو ويو آهي ۽ گهڻ لکيو ويو آهي. گذريل رمضان ۾ ان دؤر تي ڪنهن مغربي مضمون نگار جو مضمون اردو ۾ ترجمي سان ڪنهن T.V چئنل تي هليو. ان، هن دور جي دل کولي تعريف به ڪئي هئي ۽ حقيقتون بيان ڪيون هيون، جن کي ٻڌندڙن سندس محنت کي ساراهيو. هن اهو ڪجهه بيان ڪيو جيڪو اسان جي سليبس ۾ شاگردن لاءِ ڪورس نهيل آهي ۽ اسانجا شاگرد توڙي ڪجهه مسلم هسٽري جي استادن کي برزبان ايندو آهي. يا "مسلمان جي اسپين ۾ حڪومت" جو جيڪو داستان آهي اهو هڪ عبرت ۽ عجب جي حيثيت رکي ٿو. هڪ مغربي مؤرخ مسٽر اسڪاٽ لکي ٿو ته "اسپين اسلامي حڪومت هيٺ پنجاهه سالن اندر تهذيب جي ان عروج کي پهتو جتي اٽلي کي يوربي حڪومت هيٺ پهچڻ ۾ هڪ هزار سال لڳي ويا." ان موضوع تي ع.ق.شيخ 'داستان اندلس' ۽ مسٽر لطف الله بدوي 'تاريخ اندلس' لکي سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو آهي.

تاريخ جي شعبي سان وابستہ هئڻ ڪري مون پنهنجي علمي پورهئي ڪي ڪتابي صورت ڏني آهي. اردو ۽ انگريزي ۾ لکيل ۽ ڇپيل مضمونن کي مون جدا جدا ڪتابي صورت ڏني آهي ۽ تياريءَ لاءِ مڪمل آهن. ان ڪم ۾ همٿائيندڙ منهنجو وڏو پٽ انجنيئر ارشد حسين ۽ ڌيءَ عنبر جو وڏو ڪردار آهي. عنبر ڪلاڪن جا ڪلاڪ منهنجي اسٽڊي روم ۾ منهنجي مضمونن کي جمع ڪيو. اڃان بہ هڪ وڏو تعداد جنهن ۾ سفرناما، انٽرويو ۽ مضمونن جو موجود آهي جيڪو انشاءَالله ٻئي دفعي ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪنديس. پڙهندڙن کي گذارش ڪنديس تہ هي منهنجو علمي پورهيو ڪا مڪمل شئي ناهي پر علم لاءِ هڪ حصو يا ڪوشش آهي. منهنجو هڪ استاد چوندو هو تہ ڪوبہ شخص تڏهن استاد ٿي سگهي ٿو جڏهن هو بہ سؤ سال پڙهائي پر انسان جي تہ بہ سؤ سال عمر ئي نہ آهي. هت آئون حضرت داتا گنج بخش جو قول پيش ڪنديس تہ:

"علم جي ڄاڻ کان عاجز رهڻ ئي علم جي ڄاڻ آهي. نيڪين جي رستي کان هٽي وڃڻ شرڪ آهي. جيڪو بہ علم سکي ٿو ۽ علم ۾ ڪمال حاصل ڪري ٿو اهو حقيقي مطلب سمجهي وڃي ٿو ۽ منجهس علميت پيدا ٿئي ٿي ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ سندس علميت علم ۾ عاجزي ڏيکارڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. اها عاجزي انسان کي علم جي تلاش ۾ پختو ڪري ڇڏيندي آهي."

پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

ڄامشورو،
18_آگسٽ، 2010ع

رسول پاڪ ﷺ
جن جي وقت ۾ دين اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت

تعارف:

اسلام جي اچڻ کان اڳ ۾ عربستان جو ملڪ ننڍين ننڍين قبيلن ۾ ورهايل هو ۽ هر قبيلي جو جدا جدا رئيس يا سردار هوندو هو. جيڪي هميشہ خانہ جنگي ۾ مبتلا رهندا هئا پهاڙن ۽ صحرائن ۾ خودمختيار جرائم پيشہ قبائلي آباد هئا. ملڪ جا زرخيز ۽ سرسبز صوبا روم ۽ فارس جي زبردست هئا. اٽڪل سٺ سالن کان ايراني، يمن، عمان ۽ بحرين جا مالڪ ٿيا وينا هئا ۽ ان جا اصل عرب رئيس صرف نالي جا حڪمران هئا. رومين شام تي قبضو ڪيو ۽ اتان جا عرب رئيس عسيائي مذهب قبول ڪري انهن جا ماتحت ٿي رهندا هئا، جنهن ۾ هڪ اهم قبيلو آل غسان بہ شامل هو.(1)

دعوت اسلام:

خدائي برحق، حضور پاڪ ﷺ جن کي نبوت جو معراج عطا ڪري پوري دنيا جي سڏاري لاءِ رحمت العالمين ڪري موڪليو. سندن اصل ڪم "دعوت اسلام" جو اعلان ڪري سڄي عالم کي اسلام جي دائري ۾ آڻڻ هو. نبوت جي ٽين سال تائين اها ڳالهہ عام ٿي وئي تہ محمد مصطفيٰ صلعم هڪ نئين دين جي تبليغ ڪري رهيا آهن ۽ هڪ تعداد مسلمانن جو پيدا ٿي چڪو آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي سچي رسول حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تي آيت نازل ڪئي.

"فاصدع بما تئومر واعرض عن المشرڪين".(2)

ترجمو: "خدا جا احڪام ٻڌايو ۽ مشرڪن جي (مخالفت) کان نہ ڊڄو."

حضور ڪريم ﷺ جن جنهن قوم جي وچ ۾ ولادت باسعادت حاصل ڪئي، جتي کين بعثت حاصل ٿي، اها قوم يعني عربستان جا رهاڪو فصاحت و بلاغت جي ڪري مشهور هئا. وٽن ڳالهائڻ ۽ تقرير جو فن هوندو هو هنن وٽ شاعر ۽ اديب جو وڏو قدر هوندو هو. شاعر يا خطيب معزز شهري هوندو هو ۽ جڏهن قبيلي ۾ ڪو شاعر پيدا ٿيندو هو ته اهو قبيلو معزز سمجهيو ويندو هو. ماڻهو کين مبارڪباد ڏيندا هئا ۽ کين عزت ڏيندا هئا.

الله تعاليٰ، حضور ڪريم نور مجسم ﷺ جن کي سڀ کان وڏو جيڪو معجزو عطا ڪيو اهو هو فصاحت و بلاغت. پاڻ سڳورن، پنهنجي ان معجزي جو ذڪر هيٺين حديث ۾ فرمايو آهي:

"عن ابي هريرة رضي الله تعاليٰ عنہ ان رسول الله ﷺ, قال فضيلت علي الانبياء بست اعطيت جوامع الكلم."(3)

حضرت ابو هريره رضي الله عاليٰ عنہ بيان ڪيو ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو ته مون کي ٻين انبيا. عليهم السلام کان ڇهه دفعا وڌيڪ فضيلت عطا ڪئي وئي آهي مون کي "جامع الكلم" ڏنا ويا آهن.

ان حديث جي تشريح ۾ محدثين لکيو آهي ته جنهن قوم کي پنهنجي فصاحت و بلاغت تي فخر هو اها پنهنجي اجتماعي ڪوشش جي باوجود هن پيغمبر جي فصاحت ۽ بلاغت جو مقابلو نہ ڪري سگهي ۽ کين ايمان جي دولت ۽ صداقت حاصل ٿي.

حضور ڪريم ﷺ جن هيئنر کلي طرح تبليغ شروع ڪري ماڻهن کي سچي دين جي طرف سڏڻ شروع ڪيو. پاڻ ماڻهن جي مجلس ۾ بازارن ۾ ۽ ڪڏهن ڪن ماڻهن جي گهرن ۾ وڃي ماڻهن کي هڪ خدا پاڪ جي وحدانيت جو يقين ڏياري کين بتن جي پوڄا کان روڪيندا هئا. کين خراب عملن کان جهليندا هئا ۽ چڱن عملن جي تاڪيد ڪندا هئا. سندن گڏ حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عثمان غني، حضرت سعيد ابن زيد ۽ حضرت ابو عبيده ابن جراح هوندا هئا ۽ هر محلي ۾ ماڻهن کي اسلام جو پيغام پهچائيندا هئا.(4) قريش جي سينن ۾ غيظ و غضب ۽ ڪاوڙ جو طوفان برپا ٿي ويو. هنن حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي کلي طرح مخالفت شروع ڪري ڏني.

حج جي موقعي تي عربستان جا قبائلي مڪي شريف پهچندا هئا. حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن هڪ هڪ وٽ وڃي کين نہ صرف اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏيندا هئا، پر اها بہ درخواست ڪندا هئا تہ قريش مون کي پيغام پهچائڻ کان روڪين ٿا ۽ توهان مون کي ان جو موقعو ڏياريو. پر قريشن جي دٻپ کان ڪنهن کي همت ڪانہ ٿيندي هئي، پر حق جو نور هنن جي دلين تي پوندو رهيو. اسلام جو اعلان ۽ اشتهار سڄي عربستان ۾ پکڙجڻ لڳو. بعثت نبوي جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو مڪي پهچي حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن وٽ مخفي طور اسلام قبول ڪري واپس پنهنجي ملڪ ويندا هئا. حضرت ابو موسيٰ اشعري يمني ۽ طفيل بن عمرو دوسي يمني جي خاندان،(5) مڪي جي زماني کان اسلام قبول ڪيو.

زراه بن اوفيٰ کان مروي آهي تہ عبدالله بن سلام چيو تہ جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مديني پهتا تہ ماڻهو ان طرف ڊوڙڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا، رسول الله ﷺ جن اچي ويا. مان بہ انهن ماڻهن سان گڏ ويس، جيئن کين ڏسي سگهان. جڏهن مون پاڻ سڳورن جو منهن مبارڪ ڏٺو تہ مون سمجهيو تہ اهو چهرو ڪنهن سچي جو ئي آهي. سڀ کان پهريون فرمايائون، تہ اي انسانو اسلام جي اشاعت ڪيو. ڪاڌو کارايو. قرابت دارن (قرب وارن) تي احسان ڪيو ان وقت بہ نماز پڙهو جڏهن سڀ سمهي رهن. توهان سلامتي سان جنت ۾ داخل ٿيندا.

حضرت ابو ذر غفاري رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ وارو واقعو تاريخ اسلام ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. غفار قبيلو جيڪو قريشن جي شام ڏانهن تجارت واري رستي ۾ رهندو هو اتي جڏهن حضور پاڪ ﷺ جن جي نبوت جو ذڪر هليو تہ حضرت ابو ذر غفاري جيڪو بت پرستي جي خلاف هو ۽ حق جي تلاش ۾ رهندو هو. تنهن پنهنجي ڀاءُ کي مڪي موڪليو تہ هو وڃي اهو ڏسي تہ اهو شخص جيڪو نبوت جي دعويٰ ڪري ٿو ان جي تعليم ۽ تلقين ڇا آهي. هن جو ڀاءُ مڪي ۾ آيو ۽ واپس وڃي کيس ٻڌايائين تہ هو شخص اخلاق جي تعليم ڏي ٿو ۽ جيڪو ڪلام پيش ڪري ٿو اهو شاعريءَ کان الڳ آهي. حضرت ابو ذر غفاري جو شوق وڌيو ۽ ان وقت ئي مڪي

ڏانهن روانو ٿيو مڪي پاڪ ۾ حرم شريف ۾ هن جي ملاقات حضرت علي رضہ سان ٿي جيڪو کيس حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ وٺي آيو. پاڻ سڳورن کين اسلام جي تلقين ڪئي ۽ کين صلاح ڏني تہ هن وقت گهر واپس وڃ ۽ ان کانپوءِ توکي جيڪو پيغام موڪليو وڃي، ان مطابق عمل ڪجانءِ. ان وقت مسلمانن جي مٿان قريشن جي ظلم جي انتها ٿي چڪي هئي. پر حضرت ابو ذر غفاريءَ تي اسلام جي تعليم جو پرنور اثر پيو هن جي جوش جو اهو اثر ٿيو جو حرم پاڪ ۾ زور سان "اشهد ان لااله الاالله و اشهد ان محمداً رسول الله" پڙهڻ شروع ڪيائين، هن جو آواز ٻڌي ڪافر ڊوڙندا آيا ۽ کين مارڪٽ ڪرڻ لڳا. حضرت حمزه ڪافرن کان کيس ڇڏايو.(6) حضرت ابو ذر غفاري مڪي کان واپس آيو ۽ پنهنجي قبيلي کي اسلام جي دعوت ڏنائين. اڌ قبيلو ان وقت مسلمان ٿيو ۽ باقي ٻين ماڻهن وعدو ڪيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي مديني اچڻ کان پوءِ هو اسلام قبول ڪندا.

بيعت عقبہ اوليٰ:

سنہ 11 نبوي ۾ حج جي موقعي تي حضور اقدس محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن معمول مطابق اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ نڪتا ۽ عقبہ پهتا جيڪو جبل حرا ۽ منيٰ جي وچ ۾ مڪي کان اٽڪل ٽي ميل پري هو. کين ڪجهہ ماڻهو نظر آيا جيڪي ڏسڻ ۾ شريف هئا، سندن تعلق يثرب(مدينہ) جي قبيلي خزرج سان هو. حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن انهن کان پڇيو تہ ڇا توهان منهنجون ڪجهہ ڳالهيون ٻڌندا؟ ان کان پوءِ کين دين اسلام قبول ڪرڻ لاءِ چيو ۽ قرآن شريف جون ڪجهہ آيتون پڙهي ٻڌايون. انهن ماڻهن مديني جي يهودين کان ٻڌو هو.(7) تہ عنقريب هڪ نبيءَ جي بعثت ٿيڻ واري آهي، جيڪو بتن جي بت پرستيءَ کان روڪيندو ۽ الله تعاليٰ جي وحدانيت لاءِ چوندو. هنن تي حضور ڪريم ﷺ جن جي ڳالهين جو تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. هنن مسلمانن جو تعداد ڇهہ هو. انهن ڇهن ڄڻن جي ذريعي اسلام اوس ۽ خزرج قبيلي کان مديني ۾ پهچي ويو.

سنہ 12 نبوي ۾ حج جي موقعي تي اؤس و خزرج قبيلي جا ٻارهن اصحابي ساڳي عقبہ ۾ آيا انهن ۾ پنج ڄڻا اڳيان مسلمان هئا ۽ ست ڄڻا ٻيا هئا. جن رسول خدا ﷺ جن سان ملاقات ڪري ايمان آندو. انهن اصحابين هيٺين ڳالهين تي بيعت ڪئي:

1. خدا جي وحدانيت تي يقين رکندي ڪنهن کي بہ هن سان شريڪ نہ ڪنداسين.
2. چوري ۽ زنا کان باز رهندا.
3. پنهنجي اولاد (ڇوڪرين) کي قتل نہ ڪندا.
4. ڪنهن تي بہ بهتان نہ هڻندا ۽ نہ چغلي هڻندا.
5. سڀني ڳالهين ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي فرمانبرداري ڪندا. (8)

انهن ماڻهن حضور صلعم جن کي درخواست ڪئي تہ هنن ڏانهن هڪ معلم موڪليو وڃي، جيڪو کين دين جي تعليم ڏئي حضور پاڪ ﷺ جن حضرت مصعب رضہ بن عمير کي (9) اسلام جي داعي جي حيثيت سان موڪليو هن جي فيض سان ڪجهہ مهينن جي اندر ئي گهراڻن کان سواءِ سڀ عرب قبيلا مسلمان ٿي ويا. هجرت کان پوءِ ٻارڻ سڳورا جڏهن مديني پهتا تہ آس پاس جا قبيلا بہ مسلمان ٿيا.

اسلام جي نصرت و اشاعت:

بدر جي جنگ ۾ الله تعاليٰ مسلمانن کي فتح و نصرت عطا ڪئي. مسلمانن جي قيد ۾ ستر ماڻهو هئا. پر جيئن تہ مدينہ منوره ۾ ڪو قيد خانو نہ هو تنهنڪري انهن گرفتار ٿيل قريشن کي مختلف اصحابن وٽ رکيو ويو ۽ هنن جي آزادي لاءِ فديو مقرر ڪيو ويو.

انهن قيدين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ قريشن جي مديني ۾ آمد ورفت شروع ٿي، هنن جو ميل ميلاپ مسلمانن سان ٿيو ان کان علاوه مسلمانن جو قيدين سان حسن سلوڪ رکڻ واري عمل بہ کين متاثر ڪيو جنهن ڪري ڪيترا شخص مسلمان ٿيا. (10) دين اسلام الله تعاليٰ جي مدد سان وڌندو ويجهندو رهيو.

جنگ خندق (احزاب) جنهن ۾ يهودين ۽ عربن جا وڏا قبيلا يعني قريش، ڪنانہ غطفان، اسد وغيره شامل هئا. جن گڏجي اوچتو مديني تي حملو ڪيو. پر الله تعاليٰ مسلمانن کي فتح و نصرت عطا ڪئي. مشرڪن جي مٿان عذاب ۽ طوفان نازل ڪيو ۽ هو بدحواس ٿي ڀڄي ويا. هن غزوه ۾ مسلمانن کي بيحد مال غنيمت مليو جنهن مان هنن جون ڪيئي تڪليفون دور ٿيون. هن شڪست جي ڪري سڄي خطي مان قريشن جو اثر ۽ عزت گهٽجي وئي. عربستان جا اهي قبيلا جيڪي اسلام قبول ڪرڻ پيا چاهين، پر قريشن جي ڊپ کان ڪين همت نہ پئي ٿي، انهن حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن پنهنجا پنهنجا وفد موڪلڻ شروع ڪيا. سڀ کان پهريائين جيڪا سفارش آهي، اها مزينہ قبيلي جي هئي ۽ چئن سئو ماڻهن تي مشتمل هئي، حضور اقدس جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائون تہ جيڪڏهن حڪم ڪيو تہ مديني هجرت ڪري اچون، پر پاڻ سڳورن فرمايو تہ توهان جتي هوندا مهاجر هوندا. (11)

انهيءَ زماني ۾ قبيلہ اشجع جي هڪ سئو ماڻهن جو وفد حضور صلعم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ چيائون تہ اسين توهان سان صلح جو معاهدو ڪرڻ آيا آهيون. حضور پاڪ ﷺ جن سندن ڳالهہ کي قبول ڪيو. ان وقت اهي ماڻهو ڪافر هئا. پر جڏهن صلح ڪيائون تہ پاڻ مرادو اسلام قبول ڪري مسلمان ٿي ويا.(12)

قبيلي جهينہ کي حضور ڪريم ﷺ جن دعوت ڏني، هو يڪدم هڪ هزار جي جماعت سان مديني پهتا ۽ مسلمان ٿيا. ان کان پوءِ هو ڪيترن ئي غزوات ۾ مسلمانن سان شريڪ رهيا.(13)

ان کان علاوه ڪجهہ اهڙين شخصيتن اسلام قبول ڪيو جيڪي اڳتي هلي اسلامي فوج جا سپهہ سالار بڻيا ۽ سڄي عربستان ۾ دين جي روشنيءَ کي پکيڙيو اهي هئا خالد رضہ بن وليد ۽ عمر رضہ بن العاص: فلپ هٽي لکي ٿو:

After the death of the prophet sterile Arabia seems to have been converted as if by magic in to a nursery of heroes the like of whom both in number and quality is hard to find any where. "The military campaigns of khalid bin –al- walid and amr- abin-al. As which cnsued in al – Iraq, Persia, Syria and Egypt are among the most brilliantly

exceuted in the history of warfare and bear favourable comparision with theose of Napoleon, Hannihal or Alexaneder.(14)

عالمي تبليغ وا شاعت:

يا ايهاالرسول بلغ ما انزل اليک من ربک.(15)

اي پيغمبر تنهنجي پروردگار جي طرفان جيڪو ڪجهه توتي نازل ٿيو آهي ان کي (پروردگار جي بندن) تائين پهچاءِ.

اسلام جو پيغام حق صرف عربستان تائين نه پر پوري عالم ۾ سڄي انسانيت لاءِ هو ارشاد رباني آهي:

"وما ارسلناک الا کافتہ اللناس بشيرا و نذيرا".(16)

۽ اسان توکي سڀني نسل انساني لاءِ خوشخبري پهچائڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو آهي.

رسول خدا صلي الله عليہ وسلم جن جي بعثت جو مقصد ئي دين جي تبليغ ۽ اشاعت هو سندن زندگيءَ جو هر لمحو ان مقصد لاءِ وقف هو. پر قريش. جي ظلم ۽ عداوت جي ڪري حضور ڪريم ﷺ ۽ سندن رفيقن کي سخت تڪليف پهتي. حضور اڪرم ﷺ جن تنگ ٿي مڪي کان مديني پهتا, پر اتي بہ قريشن ويڙهه نہ ڇڏي پر انهن مشڪلاتن ۾ بہ پاڻ سڳورن دين جي تبليغ و اشاعت جو مقدس سلسلو جاري رکيو صلح حديبيہ کان پوءِ مسلمانن کي مشرڪن جي شرارتن کان نجات ملي, ڇاڪاڻ تہ هن معاهدي تحت قريشن ڏهن سالن تائين جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪيو هو.

حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ان موقعي جو فائدو وٺندي, ان وقت جي وڏين حڪومتن جهڙوڪ, روم, فارس, مصر ۽ ٻين ملڪن جي بادشاهن ڏانهن اسلام جي دعوت موڪلڻ جو انتظام شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ پاڻ سڳورن وڏو اهتمام ڪيو ۽ اهڙا قاصد چونڊيا, جيڪي هر بادشاهہ جي حيثيت ۽ مرتبي مطابق گفتگو ڪري سگهن ۽ ان ملڪ جي ٻولي ۽ ملڪي حالات مطابق ڄاڻ رکندا هجن.(18)

ان موقعي تي اصحابن عرض ڪيو تہ بادشاهہ يا رئيس اهڙن دعوت نامن يا خطن کي معتبر نہ سمجهندا آهن, جنهن تي مهر لڳل نہ هجي. حضور

صلعم جن چانديءَ جي هڪ سادي مهر ٺهرائي جنهن جي وچ ۾ محمد رسول الله نقش ٿيل هو. (19) حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ڇهہ دعوت نامہ تيار ڪرايا.(20)

قيصر روم:

قيصر روم، روم جي بادشاهہ هرقل اعظم ڏانهن پاڻ سڳورن هڪ اصحابي وحيتہ الڪلبي جي هٿ دعوت نامو موڪليو ۽ کيس تاڪيد فرمائي تہ اهو خط بصره جي حاڪم ذريعي پهچايو وڃي. وحيہ ان هدايت تي عمل ڪيو. جنهن جو متن هيٺيون هو.

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد ﷺ جن جي طرفان جيڪو خدا پاڪ جو بندو ۽ رسول آهي – هي خط هر قل جي نانءُ جيڪو روم جي رئيس اعظم آهي. مان توکي اسلام جي دعوت ٿو ڏيان، اسلام قبول ڪر تون سلامت رهندين، خدا توکي اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهن تون نہ مڃيندين تہ سڄي رعيت جا گناهہ تنهنجي مٿان هوندا. اي اهل ڪتاب(اختلاف جون ڳالهيون ڇڏي) ان طرف اچو جيڪي اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ هڪجهڙيون آهن. اهي هي تہ الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريون، ڪنهن بہ هستيءَ کي ان جو شريڪ نہ ڪريون جيڪڏهن تون نٿو مڃين تہ گواهہ رهہ تہ اسين مڃون ٿا.(21)

قيصر روم، بازنطيني شهنشاهہ هڪ وسيع سلطنت جو مالڪ هو. سندس دٻدٻو ايترو تہ هوندو هو، جو وڏا وڏا بادشاهہ هن جو نالو ٻڌي ڪنبي ويندا هئا. ٽن براعظم يورپ ايشيا ۽ آفريقہ ۾ هن جا خوشحال، دولت مند ۽ ترقي يافتہ علائقا، مقبوضات ۽ نو آباديون هيون. هي سلطنت رومتہ الڪبري جي جانشين هئي، جنهن جي حڪمراني پوري قديم دنيا تي ٿيل هئي.(22)

رقل ني جڏهن بصره جي حاڪم حارث غساني جي ذريعي حضور ڪريم ﷺ جن جو دعوت نامو مليو تہ هو ان کان ڏاڍو متاثر ٿيو. اهي ماڻهو

جيڪي عرب جي حالات کان واقف هئا، تن کان مختلف معلومات حاصل ڪيائين.(23)

اتفاقاً ابو سفيان جيڪو مڪي جي قريشن جو سردار هو، تجارت جي سلسلي ۾ پنهنجي قافلي سان گڏ هن جي ملڪ ۾ موجود هو جنهن کي قيصر پنهنجي درٻار ۾ گهرائي پاڻ سڳورن متعلق ڪي ئي سوال پڇيا. ابو سفيان دشمن هوندي بہ اهو چيو تہ هو چوي ٿو تہ هڪ خدا جي عبادت ڪيو ڪنهن کي ان جو شريڪ نہ ڪيو نماز پڙهو پاڪدامني اختيار ڪيو سچ ڳالهايو ۽ رحمدل ٿيو.(24) قيصر کي حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي صداقت جو پختو يقين ٿيو ۽ تصديق ڪئي تہ پاڻ سڳورا الله تعاليٰ جا سچا رسول آهن ۽ سندن ذڪر آسماني ڪتابن ۾ موجود آهي. ان هوندي بہ هرقل اسلام قبول ڪرڻ کان معذرت ڪئي ۽ اهو عذر پيش ڪيو تہ سندس قوم راضي نہ آهي.

نجاشي شاهہ حبش:

حبش جو شاهہ جنهن جو لقب نجاشي هو. (25) حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن دين اسلام جي دعوت جو پيغام عمرو بن اُميہ ضمري جي هٿ موڪليو جنهن جو متن هو.

محمد صلعم جن جي طرفان جيڪو الله جو رسول آهي، مان توکي ان الله جي طرف سڏيان ٿو جنهن کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي. جيڪو بادشاهہ آهي، قدوس سلام آهي مؤمن ۽ مهيمن آهي ۽ گواهي ڏيان ٿو ان ڳالهہ جي تہ هن آدم کي پيدا ڪيو ۽ توکي دعوت ڏيان ٿو تہ هڪ الله تي ايمان آڻ، جنهن جو ڪو شريڪ ناهي ان جي اطاعت ڪر ۽ تون منهنجي اتباع ڪر ۽ جيڪا وحي مون تي نازل ٿي آهي ان تي ايمان آڻ. بيشڪ مان الله جو رسول آهيان. مان توکي تنهنجي لشڪرن کي الله عزوجل جي طرف سڏيان ٿو. مون پنهنجو پيغام موڪليو ۽ نصيحت پوري ڪئي، هي نصيحت قبول ڪر ۽ سلام آهي انهن کي جيڪي نصيحت جا پيرو آهن.(26)

حبش جو ملڪ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ هو ڪنهن بہ حڪومت جو تابع نہ هو. بازنطيني شهنشاهت سان هن جو تعلق صرف مذهبي ۽ عيسائيت جي بنياد تي هو.

نجاشي حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي دعوت پيغام کي چميو اکين سان لڳايو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو ۽ جوابي پيغام ۾ لکيو تہ مان گواهي ٿو ڏيان تہ توهان الله جا سچا رسول آهيو. توهان جون لکيل سڀ ڳالهيون مان سمجهان ٿو. مان رب العالمين واسطي اسلام قبول ڪيان ٿو.

خسرو پرويز شهنشاهہ ايران (590 – 628)

رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عبدالله بن حذافہ سهمي کي پنهنجو سفير بڻائي ايران جي شهنشاهہ ڏانهن دعوت اسلام موڪلي. حضور صلعم جن پنهنجي سفير کي هدايت ڪئي هئي تہ هي دعوت نامو بحرين جي حاڪم ذريعي خسرو پرويز کي موڪليو وڃي. (27) جنهن جو متن بہ سادو هو.

بسم الله الرحمان الرحيم.

محمد پيغمبر خدا جي طرفان رئيس ڪسريٰ جي نالي، جيڪو ايران جو حڪمران آهي. سلامتي هجي ان تي جيڪو هدايت جو پيرو آهي ۽ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻي. مان گواهي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي ۽ مان الله جو رسول آهيان، جنهن کي پوري عالم انسانيت لاءِ موڪليو ويو آهي. جيئن هو زندهہ انسانن کي خدا جو خوف ڏياري، تون اسلام قبول ڪر، سلامت رهندين. اگر انڪار ڪندين تہ سيني مجوسين يعني اهل ايران جو وبال تنهنجي ڳچيءَ ۾ هوندو.

خسرو پرويز نوشيروان عادل جو پوٽو هو جيڪو ايران ۾ هڪ عظيم شان و شوڪت وارو شهنشاهہ هو. هن جي حڪومت قيصر روم جي برابر هوندي هئي. امام طبري مطابق هي بادشاهہ سخت گير، فيصلي جي قوت رکندڙ ۽ دور انديش هو. شجاعت و بهادري ۽ فتح و ظفر جي ڪارنامن، دولت جي فراواني، تقدير جي خمايت ۽ زماني جون آسائشون ميسر هيون، جيڪي

ڪنهن به بادشاهه کي ميسر نه هيون. هن جو لقب پرويز پئجي ويو جنهن جي معنيٰ مظفر يعني فاتح و اقبال مند آهي. تهذيب و تمدن جي جدت ۾ هن جو ڪو جواب نه هو سندس حڪومت جي هر شعبي کي وڏو عروج حاصل هو. شاهي خزانو دولت ۽ سون سان پريل هو.(28) حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي دعوت نامو جڏهن خسرو کي مليو ته هي تپي باهه ٿي ويو ۽ خط ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڇلائي ڇڏيائين.(29) حضرت عبدالله بن حذافه اهو واقعو اچي پاڻ سڳورن کي ٻڌايو حضور صلعم جن کي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ فرمايائون خدا تعاليٰ هن جي سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ڪندو. ان کان پوءِ خسرو يمن جي گورنر باذان کي لکيو ته حجاز مان جيڪو شخص خط کڻي آيو هو تنهن کي گرفتار ڪري منهنجي سامهون پيش ڪيو وڃي. باذان هڪ خط لکي ٻن ماڻهن کي حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ روزانو ڪيو. حضور صلعم جن اهو خط وٺي مسڪرايو ۽ فرمايو ته توهان سڀاڻي اچجو. ٻئي ڏينهن تي فرمايائون ته پنهنجي صاحب (باذان) کي اها خبر پهچايو ته تنهنجي رب(پرويز) کي منهنجي رب(الله تعاليٰ) قتل ڪري ڇڏيو اهو واقعو رات جو پهرين جماد الاوليٰ سنه 7 هه مطابق 14 سيپٽمبر، 628ع جو آهي.(30)

جلدئي خسرو پرويز کي پنهنجي پٽ "قباذ" جنهن جو لقب شيرويه هو، قتل ڪري تخت تي قابض ٿيو. پر هن جي ملڪ جو تختو ئي نڪري ويو شيرويه ڇهن مهينن کان وڌيڪ حڪومت نه ڪري سگهيو ۽ هن تخت تي چئن سالن اندر ڏهه بادشاهه آيا. آخر ۾ يزدگرد تي سلطنت جو تاج رکيو ويو جيڪو ساساني خاندان جو آخري بادشاهه هو. جنهن کي اسلامي فوج سان مد مقابل ٿيڻو پيو شڪست سندن نصيب ۾ هئي ۽ هي سلطنت جنهن جو چئن سئو سالن کان نغارو وڄندو هو سنه 637ع ۾ مڪمل خاتمو اچي ويو. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پيشنگوئي ثابت ٿي.(31)

مصر جو والي ۽ بادشاهه مقوقس:

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت حاطب بن ابي بلتعه کي سفير بنائي موڪليو هيءَ دعوت به سادي نموني جي لکيل هئي جنهن

جو متن هن ريت هو:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد رسول الله ﷺ جي طرفان مقوقس جي نالي جيڪو قبط جو رئيس آهي، ان تي سلامتي هجي جيڪو هدايت جي پيروي ڪري ٿو. ان کان پوءِ مان توکي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو – اسلام قبول ڪر، سلامت رهندس، خدا توکي ٻيڻو اجر ڏيندو. اگر تون نه مڃيندين ته سڄي ملڪ جو گناهه تنهنجي ڳچيءَ ۾ هوندو. اي اهل ڪتاب، ان طرف اچ جيڪو تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ برابر آهي. اهو هي ته خدا کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪيون ۽ ان جو ڪوئي شريڪ نه سمجهون. جيڪڏهن تون نٿو مڃين ته گواهه رهجانءِ ته اسين مڃون ٿا.

مقوقس مصر ۾ بازنطيني شهنشاهه جي قيصر جو نائب سلطنت هو. جنهن جي تقرري 621ع ۾ ٿي. هن جي اصلي نالي ۽ ڪنيت ۾ عرب مورخين جو اختلاف آهي.

مصر بازنطيني شهنشائين جي هڪ زرخيز رياست هئي، جنهن جي پيداوار ۽ آبادي تمام گهڻي هوندي هئي، فاتح مصر حضرت عمرو بن العاص خليفي امير المومنين حضرت عمر کي مصر جي فتح بعد خط ۾ لکيو هو ته "مون هڪ اهڙو شهر فتح ڪيو آهي، جنهن جي تعريف ۾ اهو لکندس ته مون کي اتي چار هزار بلند ۽ مستحڪم مقامات نظر آيا. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار هزار حمام هئا. بادشاهن لاءِ چار سئو تفريح گاهو هيون.(32)

اسلام جو سفير حاطب جڏهن اسڪندريه پهتو ته مقوقس ٻيڙيءَ ۾ سوار هو ۽ درياءِ نيل جو سير ڪري رهيو هو. حاطب به هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو جيئن جلد خط پهچائي. مقوقس هن کي پنهنجي مهمان خاني ۾ رهايو ۽ هڪ ڏينهن ڪيس پنهنجن حڪومتي عهديدارن جي اڳيان ڪجهه سوال ڪيا. ۽ پڇيو ته جيڪڏهن توهان جو نبي سچو آهي ته جنهن وقت هن جي قوم ڪيس مڪي مان ڪڍيو ته خدا پاڪ کان اها دُعا ڇو نه گهريائين ته سندس مخالفين تباهه ٿي وڃن. حاطب يڪدم ورائيو ته توهان جي عقيدي مطابق جڏهن دشمنن حضرت عيسيٰ عليه السلام کي سوليءَ تي چاڙهيو ته ان وقت هن دعا ڇو نه گهري ته سندس دشمن هلاڪ ٿين. مقوقس لاجواب ٿيو

۽ چيائين بيشڪ تون داناءُ آهين ۽ جنهن جو تون سفير آهين اهو بہ داناءُ ۽ حڪيم آهي. ان کان پوءِ حضور صلعم جن جو نام مبارڪ هاٿيءَ جي ڏندن جي ٺهيل ٻن تختين جي وچ ۾ رکي سرڪاري خزاني ۾ محفوظ ڪيائين ۽ حضور ڪريم صلعم جن جي خدمت ۾ عرضي لکيائين، تہ مون کي اهو علم هو تہ هڪ نبيءَ جو ظهور ٿيڻو آهي پر مون کي گمان هو تہ اهو ملڪ شام ۾ ظاهر ٿيندو.(33) مقوقس مسلمان نہ ٿيو ۽ ڪجهہ هديو ڏيئي حضرت حاطب رضہ کي عزت سان روانو ڪيائين.(34)

هوذه بن علي حاڪم يمامہ :

حضور ﷺ جن سليط بن قيس بن عمرو العامري جي هٿ حاڪم يمام کي دعوت موڪلي جنهن جو متن بہ ساڳيو هو. يمامہ ان وقت ساسانين جي زير اثر هو پر هوذه ۽ سندس رعيت عرب هئا. هن جي دربار ۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سفير هڪ پرتاثير تقرير ڪئي، جنهن ۾ ڪيس اسلام قبول ڪرڻ ۽ ڪفر کان بچڻ جي هدايت ڪئي پر هن اسلام قبول نہ ڪيو.جلدئي هن جو موت ٿيو. (35) سندس قوم فتح مڪي کان پوءِ اسلام قبول ڪيو.

حارث بن ابي شرغساني:

حارث جو مرڪز دمشق هو هن کي دعوت نامو حضرت شجاع بن وهب اسدي پهچايو. جنهن ۾ اهوئي لکيل هو تہ الله تي ايمان آڻ، جيڪو واحد آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي. تون محفوظ رهندين. حارث کي ڏاڍو ناگوار لڳو هن چيو تہ منهنجو ملڪ مون کان ڪوبہ کسي نٿو سگهي ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائين.

عربستان جي ڪيترين ئي ٻين اميرن کي اهڙا دعوت نامہ موڪليا ويا، جنهن ۾ بحرين جو امير منذر بن ساوي ۽ عمان جو حاڪم جيفر بن الجلندا، عبد بن الجند ازدي بہ شامل آهن.(36)

بحرين جي حاڪم کي حضرت علاء بن حضرمي دعوت نامو پهچايو جنهن يڪدم اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيو.(37)

عمان جي بادشاهہ ڏانهن حضرت عمرو بن العاص کي سفير بنائي موڪليو ويو. جيفر جلندي جو پاءُ عبد هڪ صالح ۽ نيڪ انسان هو. حضرت عمرو بن العاص جي پهرين ملاقات عبد سان ٿي، جيڪو اسلامي تعليم کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن جي ڪوشش سان سندس بادشاهہ پاءُ بہ مسلمان ٿيو.

فتح مڪہ ۽ دين جي اشاعت:

مڪي جي فتح دين اسلام جي عظيم الشان فتح هئي جنهن ۾ مسلمانن کي ديني ۽ دنياوي فائدو حاصل ٿيو. هن فتح ۾ هڪ طرف مسلمانن جو رعب ۽ دٻدٻو ٿيو تہ ٻئي طرف قريشن جا وڏا وڏا سردار جيڪي اسلام ۽ حضور صلعم جن جا سخت دشمن هئا، ڦري سندن سچا ساٿي ٿي ويا.

ابن هشام مطابق "عربستان جا رهاڪو اسلام متعلق صرف قريشن جو انتظار ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ هو سڄي ملڪ جا سردار ۽ پيشوا هئا ۽ ڪعبي ۽ حرم جا متولي ۽ حضرت اسماعيل جي اولاد هئا. عربستان جا قائد هئا. هنن صرف حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي مخالفت ۾ جنگ برپا ڪئي هئي. جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ قريشين هار مڃي ۽ اسلام سڄي مڪي تي ڇانئجي ويو عربن کي يقين ٿيو تہ هنن ۾ حضور ڪريم صلعم جن سان جنگ يا عداوت جي طاقت ناهي تہ هو خدا جي دين ۾ داخل ٿيا. (38)

جڏهن مڪي جي فتح مڪمل ٿي وئي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مڪي ۾ رکيل سيني بتن کي ڀڃايو ۽ اعلان ڪرايو تہ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ بت نہ رکي. مڪي جي آس پاس جيڪي بہ شهر يا قصبا هئا، انهن ۾ رکيل بتن کي ڀڃايو ويو جنهن ۾ عزا ۽ "منات" بت بہ هئا، جن کي مشرڪ ڏاڍو معتبر سمجهندا هئا.

اسلام جي تبليغ لاءِ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن جون ڪجهہ جماعتون تيار ڪيون، جيئن سڄي عربستان ۽ ان جي آس پاس رهندڙ ماڻهن کي اسلام جا فضائل ٻڌائي کين مسلمان ڪيو وڃي. انهن جماعتن جي حفاظت لاءِ ڪجهہ فوج بہ تيار ڪئي وئي، جيئن کين ڪو

شخص نقصان نہ پهچائي. انهن جماعتن جي فردن کان قرآن شريف پڙهيو ويندو هو ۽ جيڪو شخص قرآن شريف وڌيڪ حفظ ڪيل هوندو هو ان کي جماعت جو امير مقرر ڪيو ويندو هو.(39) جيڪي ملڪ زير اثر ٿيندا هئا، اتي زڪوات ۽ جزيہ جي وصولي لاءِ عامل موڪليا ويندا هئا. اهي شخص پنهنجي زهد ۽ تقدس سبب معتبر هوندا هئا.(40)

دين اسلام نبوت جي ايڪيهن سالن ۾ قريشن ۽ يهودين جي رقابت سبب منظم طريقي سان نہ وڌي سگهيو. مختلف حدن ۾ مسلمان ٿورا ٿورا پکڙيل هئا پر جيئن مڪو فتح ٿيو تہ هجرت جي 8 – 9 – 10 سال ۾ اسلام جو اثر هڪ طرف يمن، بحرين، يمامہ عمان تہ ٻئي طرف عراق ۽ شام ۾ بغير تلوار جي پهچندو ويو ۽ هر ڪنڊ ۽ گوشي مان لبيڪ جون صدائون اچڻ لڳيون.

وفود عرب:

حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اسلام قبول ڪرڻ لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪيئي شخص ۽ قبيلا ايندا رهندا هئا. جيڪي اسلام جي تعليم کان روشناس ٿي ڪيس قبول ڪندا هئا. پر هجرت جي نائين سال تمام گهڻائي ۾ وفد اچڻ لڳا. سيرت طيبہ ۾ ان سال جو نالو ئي "وفدن جو سال" رکيو ويو آهي.

انهن وفدن جو صحيح تعداد سيرت جي مؤرخن پنهنجي پنهنجي چاڻ مطابق ٻڌايو آهي. ابن اسحاق انهن وفدن جو تعداد پندرهن ٻڌايو آهي، حافظ ابن قيم چوٽيهہ وفدن جو احوال ڏنو آهي، سيرت شامي جي مصنف هڪ سئو چار وفدن جو احوال لکيو آهي. سيرة النبي ۾ انهن جو سلسلو سترهن ۽ ارڙهن تائين ٻڌايو ويو آهي، رحمت العالمين ۾ چوويهن جو ذڪر آهي. (41) طبقات ابن سعد ۾ ستر تعداد ٻڌايو ويو آهي، جيئن تہ اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ عربستان جا قبيلا صرف مڪي جي قريشن جي انتظار ۾ هئا. قريشن جو اسلام کي قبول ڪرڻ کان پوءِ اهل عربستان يا تہ اسلام قبول ڪيو يا جزيہ ڏيئي دائره اسلام ۾ شامل ٿيا. عربستان جا طاقتور قبيلا جن جو اثر تمام گهڻو هو جهڙوڪ بنو تميم بنو سعد، بنو حنيفہ، بنو اسد، ڪنده،

همدان، ازد، طي، محارب، بنو سليم، نجران، وغيره. انهن سيني قبيلن پنهنجون سفارشون نبي رحمت جن جي دربار اقدس ۾ موڪليون. جن جي اڪثريت جو مقصد دين اسلام کي قبول ڪري ان جي دائري ۾ اچڻ هو ۽ ڪجهه جو مقصد ملڪي حيثيت جو هو. جنهن ۾ هو پاڻ سڳورن کي بحيثيت فاتح تسليم ڪري هنن سان معاهدو ڪرڻ آيا هئا.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جنهن مقصد لاءِ مبعوث ٿيا هئا ان جي تڪميل سندن ئي زندگي ۾ نظر اچي ٿي. اسلام جي دعوت نامن ۽ سفارشن جن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي دين اسلام کي عربستان ۾ پکڙيو ان کان سواءِ ڪيترن ئي قبيلن ۽ گروهن پاڻ کي اسلام جي تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. خود حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مختلف علائقن لاءِ داعي مقرر فرمايائون. دنيا جا مؤرخ ان ڳالهه تي متفق آهي ته قديم مذهبي صحيفن يا تاريخ جي ورقن ۾ جن پيغمبرن جون سرگزشتيون محفوظ آهن، انهن ۾ ڪوبه اهڙو مثال ڪونهي جو ڪنهن پيغمبر کي سندس زندگيءَ ۾ سندس آيل پيغام کي ايتري اشاعت ملي هجي، جيڪا سرور ڪونين رحمت العالمين جن کي حاصل ٿي. ارشاد رباني آهي.

"ياايهاالذين آمنوا استجيبو الله وللرسول اذا دعاڪم لما يحييڪم".

مسلمانو! الله ۽ ان جي رسول جي پڪار جو جواب ڏيو جڏهن هو پڪاري ٿو (توهان کي روحاني موت مان ڪڍي) زنده ڪري.

رسول خدا جن کان اڳ ۾ عربستان ۾ صدين کان وحشت ۽ جاهليت جي اونده ڇانيل هئي، بت پرستي، بي ديني ماڻهن کي مردو بڻائي ڇڏيو هو. پاڻ سڳورن جي تعليم سڄي عربستان کي اسلام جي دائري ۾ آڻي ڇڏيو. هي خطو نوراني حق کان روشن ٿيو جتي هڪ اهڙي قوم پيدا ٿي جنهن سڄي دنيا کي منور ڪري ڇڏيو. حجته الوداع جو آخري خطبو جيڪو نبي آخري الزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي وصيت پڻ آهي، پاڻ سڳورن مجمعي ۾ فرمايو "الاهل بلغت" ڇا مون توهان تائين دين پهچايو؟ صحابه ڪرام فرمايو ته ها بلڪل پهچايو. پاڻ فرمايائون ته "فليبلغ الشاهد الغائب" يعني، جيڪي هن مجمعي ۾ حاضر آهن، اهي غائبن تائين منهنجو پيغام پهچائن. انهن غائبن ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا

جيڪي ان وقت دنيا ۾ موجود هئا مگر مجمعي ۾ حاضر هئا ۽ اهي ماڻهو به آهن جيڪي اجا پيدا ئي نه ٿيا هئا. انهن کي پيغام پهچائڻ جو طريقو علم دين جي نشر و اشاعت هئي جنهن لاءِ اصحابن و تابعين ڀرپور ڪوشش ڪئي. اهو سلسلو اڄ تائين به قائم آهي.

حوالا:

1. علامه شبلي نعماني: سيرت النبي، نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد، 1979ع ص 5.
2. القرآن سورة الحجر 94
3. صحيح مسلم
4. مولانامحمد اسلم قاسمي: سيرت پاڪ، اداره اسلاميات لاهور سنه 1402هه ص 92
5. —
6. صحيح بخاري جلد دوم
7. محمد يامين قريشي: انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام، حصه دوم، تاج ڪمپني دهلي ص 467
8. مولانا ابوالڪلام آزاد، رسول رحمت، جامع اشرفيه ص 173
9. حضرت مصعب رضه بن عمير، عبدالدار گهراڻي جو هڪ دولت مند نوجوان هو. اسلام کان اڳ ۾ گهوڙي تي سوار ٿي هلندو هو ته قيمتي پوشاڪ ۾ ملبوس هوندو هو ۽ اڳيان پٺيان غلام هلندا هئا. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سڀ آسائشون ترڪ ڪري ڇڏيائين. اهل يثرب هن کي "المقري" يعني پڙهائڻ وارو يا استاد ڪري سڏيندا هئا. ان وقت تبليغ جو ذريعو قرآن شريف تائين هو.
ايضا ص 174
10. مولانا سيد سليمان ندوي: سيرت النبي، ص 17
11. علامه محمد بن سعد: طبقات ابن سعد، ح دوم، ص 64

طفيل بن عمرو دوسي عربستان جو مشهور رئيس ۽ شاعر هو. عربستان ۾ شاعرن جي وڏي اهميت هوندي هئي هن جو ته وڏو نالو هو. دوسي

پنهنجي شاعريءَ سان قبيلن جا قبيلا جنهن رُخ چاهيندو هو ڦيرائي ڇڏيندو هو. نبوت جي ڏهين سال هي مڪي آيو. مڪي جي قريشن جي اها ڪوشش هئي ته طفيل بن عمرو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ نه پهچي. پر هڪ دفعو اتفاقاً هن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان قرآن شريف ٻڌو جنهن هن تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ هڪدم مسلمان ٿيو. هن جي زير اثر هن جي قبيلي جا ڪافي ماڻهو مسلمان ٿيا. پر عام قبيلي هن جي دعوت کي قبول نه ڪيو. هي رنجيده ٿي پاڻ سڳورن وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين يا رسول الله دوس قبيلي نافرماني ڪئي آهي، ان لاءِ بد دُعا ڪيو. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اللهم اهد دوسا وائت بهم" اي الله دوس قوم کي هدايت جو رستو ڏي ۽ انهن کي اسلام ۾ آڻ. ان کانپوءِ سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو.
صحيح بخاري جلد دوم. ص 674

12. قبيلي اشجع جا ماڻهو غزوه خندق واري سال حضور صلعم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا هئا. طبقات ابن سعد، ص 80

13. مولانا سيد سليمان ندوي: سيرت النبي، ص 19

14. PHILIP K HITTI: HISTORY OF ARABS. MACMILLM A CO LTD, LONDON, 1960, P142.

15. القرآن، سورة المائده: 67

16. سوره سبا: 28

17. طبقات ابن سعد ص 337

18. ايضاً ص 29

19. صحيح بخاري ج دوم

20. طبقات ابن سعد ص 29

21. صحيح بخاري ح دوم

22. مولانا سيد ابوالحسن ندويءِ نبي رحمت، ص 14

23. قيصر ان وقت ۾ فارس جو ڪجهه حصو فتح ڪيو ۽ الله جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ هو بيت المقدس ويل هو. جڏهن واپس آيو ته کيس حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو خط مبارڪ کيس مليو. جنهن کي

پڙهڻ کان پوءِ چيائين تہ هن قوم جو ڪو ماڻهو ڳولهي اچو تہ مان ان
ڪانءُ رسول الله صلعم بابت پڇان، صحيح بخاري، ح دوم ص 106

24. مولانا سيد ابوالحسن ندوي ص 26

25. حبشہ جي بادشاهہ کي هميشہ نجاشي NA gusa- nagashi چيو ويندو هو. حافظ ابن ڪثير مطابق، هي نجاشي، مسلم نجاشيءَ کان پوءِ والي ٿيو. جنهن جو واسطو حضرت جعفر رضي الله تعاليٰ عنہ سان پيو. بحوالہ مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي، ص 16

26. صحيح بخاري ح — دوم

27. صحيح بخاري ح — دوم ص 105

28. سيد ابوالحسن علي ندوي ص

29. صحيح بخاري ح — دوم ص 105

30. طبقات ابن سعد ص 31

31. مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي ص 24

(پيس (Peace) سنڌ يونيورسٽي ريسرچ جنرل آف اسلامڪ اسٽڊيز 2002)

اسپين ۾ بنو اُميہ جي خودمختيار رياست

اسپين يا اندلس ۾ مسلمانن جي فتح ۽ هنن جي ڪمال ۽ زوال جو داستان، اسلامي تاريخ ۾ هڪ عبرتناڪ حيثيت رکي ٿو. هي زرخيزعلائقو خليفي عبدالملڪ جي دور ۾ سن 711ع مطابق92هہ ۾ مشهور جرنيل طارق بن زياد فتح ڪيو. اندلس کي فتح ڪرڻ کانپوءِ 92هہ کان 138 هہ تائين اموي حڪومت جي طرف کان دمشق ۽ آفريڪا مان گورنر موڪليا ويندا هئا، جن جو تعداد اٽڪل ويهہ ٿئي ٿو ۽ اها گورنرن جي حڪومت اٽي ڇائيتاليهہ سال رهي. (1) انهن گورنرن ان نئين خطي ۾ بهتر طريقن سان حڪومت هلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، هتان ئي مغربي دنيا ۾ اسلام جي روشني پکڙي ۽ اسلامي تهذيب کي فروغ حاصل ٿيو. بقول مسٽر اسڪاٽ "اندلس، اسلامي حڪومت هيٺ پنجاهہ سالن ۾ تهذيب جي ان عروج کي پهتو جت اٽليءَ کي يورپي حڪومت هيٺ پهچڻ ۾ هڪ هزار سال لڳي ويا." (2)

اسپين ۾ عربن جي حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ عربن جي هر قبيلي جا ماڻهو جن ۾ عدناني، قحطاني کانسواءِ مصر، شام، عراق، مراڪش ۽ اتر آفريڪا جا ماڻهو شامل هئا، اچي آباد ٿيندا ويا. انهن ماڻهن جي آباد ٿيڻ جو سبب اندلسي زمين جي زرخيزي ۽ موافق آبهوا هجڻ هو. انهن نون آيل عربن کي اندلس ۾ هڪ فاتح قوم جي حيثيت ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو ۽ کين معزز عهدا آساني سان ملي ويندا هئا.(3) اهي سڀ قبيلا اندلس ۾ هڪ قوم جي حيثيت سان اسلامي جهنڊي هيٺ گڏجي رهڻ لڳا پر آهستي آهستي انهن ۾ پراڻي عصبيت ۽ باهہ ڀڙڪڻ لڳي نتيجي ۾ انهن ۾ تڪرار ۽ فساد پيدا ٿيڻ لڳا. ورهين جون پراڻيون عداوتون مسلمانن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳيون. حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ عرب سردار هڪ ٻئي جون منديون لاهڻ

لڳا. ملڪ جو انتظام سڌارڻ ۽ قبائلي جهيڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ روز بروز گورنر بدلجڻ لڳا پر شرپسندن جو زور ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو.

اسپين ۾ ابو الخطار جي گورنري هلي رهي هئي صميل بن حاتم الڪلبي نالي هڪ شخص جيڪو شمر جي نسل سان تعلق رکندڙ هو ۽ ڪوفي جو رهاڪو هو، سو هر بغاوت جو مهندار ۽ هڪ ڏاڙيل، رهزن، خوني ۽ مغرور انسان هو. (4) ان ابوالخطار کان گورنري گهري جيڪو ان وقت ملڪ جي نئين سر انتظامي جوڙجڪ ۽ قبائلي جهيڙن کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. ابوالخطا ر هن کي گورنري ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن تي هن اڳئين برطرف ٿيل گورنرن سان گڏجي هڪ "جماعت" ناهي جنهن جو اڳواڻ "ثوابہ" هو. هنن، ڳوٺن ۽ شهرن کي لٽڻ شروع ڪيو ۽ سڄي ملڪ ۾ افراتفري مچائي ڇڏي. ابوالخطار هنن سان ڪيترا ڀيرا جنگيون جوٽيون، جن مان هڪ ۾ هو پاڻ بہ شهيد ٿي ويو. بهرحال ڪجهہ ڇڱن ماڻهن جي مدد سان آفريڪا جي گورنر عبدالرحمان فهري جي پٽ يوسف بن عبدالرحمان کي اندلس جو گورنر مقرر ڪيو ويو جيڪو نهايت نيڪ سيرت، قابل ۽ هوشيار شخص هو. هن اندلس جي بهتري ۽ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ نهنائي کان ڪم ورتو صميل کي طليطہ جو گورنر مقرر ڪيو ۽ ان کانسواءِ اندلس جي ٻئي سياسي طاقت ابو عمرو کي جيڪو اصحابي حضرت صعب جي نسل مان هو ۽ "اشبيلہ" جو گورنر مقرر ڪيو پر ابو عمرو راضي نہ ٿيو نتيجي ۾ ابن عمرو جا صميل ۽ يوسف سان اختلافات شروع ٿي ويا ۽ اندلس هڪ ڀيرو وري "گهرو لڙائي" جو شڪار ٿي ويو. تاريخ اندلس مطابق هن "گهرو لڙائي" جا ڏاڍا اڳرا نتيجا نڪتا. انهن حالتن ۾ عيسائين کي پنهنجي تنظيم جو موقعو ملي ويو. هو هڪ عيسائي "پلايو" جي قيادت ۾ متحد ٿي ويا. شروع ۾ هن کي منتشر بہ ڪيو ويو پر بدقسمتيءَ سان مسلمانن جون پاڻ ۾ هلندڙ جنگيون عروج تي پهچي ويون، جن مان عيسائين ڀرپور فائدو وٺڻ شروع ڪيو. جليقہ جي باني "پلايو" جو جانشين "الفاسو" اسپين جي اتڪل چوٿين حصي تي قبضو ڪري ورتو ۽ عيسائين جي هڪ زبردست سياسي تنظيم جنم ورتو. اتر اسپين جو پهاڙي حصو عيسائين جي قبضي ۾ رهيو ۽ ڏکڻ اسپين جو حصو مسلمانن جي

حوالي رهيو. اهي ٻئي طاقتون مسلسل هڪ ٻئي تي غالب ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪنديون رهيون مسلمانن جي پاڻ ۾ مسلسل جنگين جي ڪري عيسائين جي اها هڪ مستقل حڪومت رهڻ لڳي جنهن اڳتي هلي اندلس جي سرزمين تي مسلمانن جي وجود کي بلڪل ميساري ڇڏيو. هڪ طرف اندلس ۾ هي واقعا رونما ٿي رهيا هئا تہ ٻئي طرف وري اهو شخص اتي وارد ٿي رهيو هو جنهن جي مقدر ۾ "اندلس جي حڪومت" لکيل هئي. اهو شخص هو عبدالرحمان بن معاويہ بن هشام 26 ذوالحج 132 هجري مطابق 5 آگسٽ 750ع تي بنو اُميہ جي آخري تاجدار مروان بن محمد بن مروان بن الحڪم کي مصر ۾ قتل ڪيو ويو جٿ هن پنهنجن دشمنن کان پناهہ ورتي هئي. ان کانپوءِ بنو عباس جيڪي هينئر سلطنت جا مالڪ هئا انهن اموي خاندان تي عقوبتون شروع ڪري ڏنيون ۽ ان خاندان جو نالو نشان ميٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. شهزادن جو قتل عام ٿيڻ لڳو جنهن ڪري ڪيترن ئي شهزادن شهر ڇڏي بيابانن ۾ بدوئن وٽ وڃي پناهہ ورتي. ابو العباس هڪ اشتهار ذريعي اموي خاندان لاءِ "عام معافي" جو اعلان ڪرايو. هن انقلاب وقت عبدالرحمان جي عمر اٽڪل ويهہ سال هئي ۽ پنهنجي سر بچائڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ يحيٰ بن معاويہ ۽ ڪٽنب جي ٻين فردن سان گڏ شام ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ لڪل هو. اموي شهزادن جي قتل عام جو ٻڌي "فرات" نديءَ جي پرسان بدوين جي جهوپڙين ۾ وڃي پناهہ ورتائين پر جڏهن خطرو ات بہ پهچي ويو تہ پنهنجي ڀاءُ سوڏو "فرات ندي" ۾ ٽپو ڏنائين. پاڻس "تيراڪ" نہ هئو ۽ پٺيان عباسي سپاهين ڪيس، جان جي اُمان ڏيڻ جو واعدو ڪيو جنهن ڪري هو پنتي موٽيو پر قتل ڪيو ويو. آخر عبدالرحمان فلسطين کان ٿيندو آفريڪا پهتو جٿ ٻين اموي شهزادن بہ وڃي پناهہ ورتي هئي، جن ۾ جري بن عبدالعزيز بن مروان، عبدالملڪ بن مروان وليد جا بہ پٽ عاصي ۽ موسيٰ ۽ ٻيا ناميارا اموي شهزادا هئا جن کي آفريڪا جي والي عبدالرحمان بن حبيب فهدي بن ابي عبيده پناهہ ڏني هئي.(5)

آفريڪا جي واليءَ کي ڪنهن يهودي نجوميءَ چيو هو تہ اندلس تي هڪ شهزادو اچي حڪومت ڪندو جنهن جي پيشانيءَ تي بہ وارن جون چڳون لڙڪنديون هونديون ۽ نالو عبدالرحمان هوندس.(6) عبدالرحمان بن

حبيب، ان پيشنگوئي کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ لاءِ وارن جون ڇڳون اڳيان ڇڏيون. يهودي هن کي چوندو هو ته تون بادشاهه جي نسل مان نه آهين ته هي چوندو هو بخدا مان آهيان.

عبدالرحمان جي پيشانيءَ تي وارن جون ٻه ڇڳون لڙڪنديون هيون. هو وارن کي ڪٺي ڪيترو ئي بند رکندو هو پر اهي هن جي پيشانيءَ تي لڙڪي پونديون هيون. ابن حبيب جڏهن هن کي ڏٺو ته هن يهودي نجومي کي گهرائي چيو ته وارن جون ڇڳون ته هن نوجوان جي پيشانيءَ تي آهن ڇو نه هن کي قتل ڪرايو وڃي يهودي ورائيو ته "جيڪڏهن تو هن کي قتل ڪرايو ته هي اهو نه هوندو ۽ جيڪڏهن تو هن کي ڇڏي ڏنو ته هي اهو هوندو." ابن حبيب هن تي سخت ۽ ڪڙي نظر رکڻ شروع ڪري ڏني. اهڙي طرح بنو اُميه ۽ ابن حبيب جي وچ ۾ اختلافات شروع ٿي ويا. ابن حبيب وليد بن يزيد جي ٻن پٽن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. (7) عبدالرحمان جو هتي نئين ليکي تڪليفن ۽ ڏکن جو دور شروع ٿيو هن جي حياتي هتي به خطري ۾ گذارڻ لڳي هي وري خانه بدوشن واري زندگي گذارڻ لڳو. آخر پنجن سالن جي رولڙي کان پوءِ هي پريشان حال انسان، قاتل ڪپڙن سان، پيرين اگهاڙو سمنڊ جي ڪناري هڪ بستيءَ ۾ آيو جنهن جو نالو "سبته" Cuta هو. هت سندس ناناڻا رهندا هئا جن جو تعلق نفره قبيلي سان هو. هو بربر هئا عبدالرحمان جي ماءُ بربر هئي بربر ان رشتي تي فخر ڪندا هئا. هت اچي هن سک جو ساهه پٽيو ۽ آرام سان سوچ ويچار ڪرڻ لڳو. هن آڏو سندن وڏن جو فتح ٿيل هيڏو سارو اسپين هو ان سرزمين تي هن جي وڏن جا ڪيئي آزاد ٿيل غلام موجود هئا. هن سوچيو ته ڇو نه اندلس ۾ قسمت کي آزمايو وڃي. ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن پنهنجي وفادار غلام "بدر" (جنهن هر تڪليف ۾ هن جو ساٿ ڏنو هو) کي هڪ خط ڏيئي روانو ڪيو جنهن جو متن هو. "ابن حبيب جي ڦهر کان جيڪو اموين جي خون جو پياسو آهي، مان پنجن سالن کان آفريڪا ۾ پريشان پيو ڦران. اي بنو اُميه جا موالي منهنجي خواهش آهي ته مان توهان سان اچي رهان، ڇاڪاڻ ته مون کي يقين آهي ته اوهان منهنجا دوست ۽ مون سان وفادار ٿيندئو پر افسوس جو مان اسپين ۾ قدم نه ٿو رکي سگهان ڇاڪاڻ ته اتان جو

بہ حاڪم فهري آهي ۽ هو بہ منهنجو دشمن ٿي پوندو. مان اميرالمومنين هشام جو پوٽو آهيان. ڇا ان تعلق جي ڪري اسپين جي اميري تي منهنجو حق نہ آهي؟ معمولي ماڻهو جي حيثيت سان نہ پر اندلس جو مدعي ٿي تہ اتي داخل ٿي سگهان ٿو. مان اوهان جي ڪناري تي تيستائين قدم نہ رکندس جيستائين اوهان مون کي يقين نہ ڏياريندا تہ اتي مون کي ڪاميابي جو موقعو ڏيندؤ. توهان منهنجي مدد ڪندا تہ مان اوهان جي طاقت هوندس، منهنجو هر معاملو اوهان جو معاملو هوندو ۽ آخر ۾ لکيائين تہ مان واعدو ٿو ڪيان تہ جيڪي منهنجي مدد ڪندا تہ انهن کي وڏا انعام ۽ اعليٰ رتبا ڏنا ويندا."(8)

اهو خط عبيدالله بن عثمان ۽ عبدالله بن خالد کي مليو جيڪي، دمشق جا معتبر شخص هئا ۽ هڪ ٻئي جا مائٽ بہ هئا اهي ٻئي "البيرة" ۾ وڏن عهدن تي فائز هئا ان شهر ۾ ملڪ شام جا گهڻا ماڻهو آباد هئا. ان ڪانسواءِ يوسف بن بخت ۽ حسين بن مالڪ ڪلبي بہ مشهور سردار ۽ هڪ ٻئي جا هم خيال هئا. بدر هر شخص ۽ هر قبيلي سان مليو ۽ عبدالرحمان لاءِ ميدان هموار ڪرايو. (9) بدر عبدالرحمان لاءِ "ساڃي هٿ" جهڙو ڪم ڪيو. (10) شامي عربن پنهنجا سردار جمع ڪري هڪ وفد چونڊي هڪ سامونڊي جهاز ۾ عبدالرحمان کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو اهڙي طرح هي ابو جعفر المنصور جي دور خلافت ۾ جهاز رستي ساحل المصب تي لٿو. هن واقعي کي تاريخ ۾ الداخل ڪري سڏيو ويو آهي. ساڻس گڏ هڪ هزار مجاهد سوار هئا. عبدالرحمان جڏهن اندلس جي ڪناري پهتو تہ هن جو شايان شان استقبال ڪيو ويو. ابو عثمان، الداخل کي "البيرة" ۾ پنهنجي گهر آندو جتي هن جا ڪيترائي همدرد ۽ خيرخواهہ اچي هن سان مليا مختلف شهرن جا وفد هن وٽ اچڻ لڳا، ۽ بيعت جو سلسلو شروع ٿي ويو اهڙيءَ طرح هن جي طاقت ۾ بقول مقرري روز بروز تہ ڇا هر گهڙيءَ اضافو ٿيڻ لڳو.(12) ۽ قيام حڪومت لاءِ عملي ڪوششون ٿيڻ لڳيون. هن فوج جمع ڪئي سندس پهرين منزل لوجا هئي. ان ڪانپوءِ هي "اشبيلہ" پهتو جتي بہ بي انداز ماڻهن اچي سندس بيعت ڪرڻ لڳا. ان بعد هو "ريہ" پهتو اتان جي حاڪم عيسيٰ بن مساور بہ اچي سندس اطاعت ڪئي، اهڙي طرح يمنين توڙي شامين جو هڪ وڏو

تعداد سا‎ٺس گڏ شامل ٿيو. سندس سپاهين جو تعداد ويهن هزارن کان مٿي ٿي ويو – آخر هي شڌونہ کان ٿيندو قرطبہ لاءِ هليو جت ماڻهن هن جو شاندار استقبال ڪيو. ع-ق شيخ پنهنجي ڪتاب داستان اندلس ۾ لکي ٿو "الداخل" جي پروقار شخصيت کي جنهن هڪوار ڏٺو پئي، تنهن کي وري ٻيهر اک ڪڍڻ جي همت ڪانہ پئي ٿي." هن جي اعليٰ اخلاق جون خبرون هن جي اچڻ کان اڳ ۾ ماڻهن کي پهچي چڪيون هيون، هر ڪو ماڻهو هن سان محبت ونڊڻ تي مجبور ٿي ٿيو. عبدالرحمان جي دماغ ۾ هڪ عزم هو هڪ جستجو هئي. هي هڪ بهادر طاقتور ۽ تعليم يافتہ انسان هو. هن جي طبيعت ۾ جوش هو هڪ تصور هڪ ولولو هو جنهن کي هن عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ان زماني ۾ "پيشنگوئي" تي گهڻو اعتبار ڪيو ويندو هو. چيو وڃي ٿو تہ هڪ پيري عبدالرحمان پنهنجي ڏاڏي هشام سان ويٺو هئو تہ مسلمہ بن عبدالملڪ هن کي ڏسي سندس پيشاني چمي ۽ هشام کي چيو تہ هن جي پيشاني ۽ گردن تي جيڪي نشانيون آهن، سي سندس حڪمراني جي نشاندهي ڪن ٿيون.(13) اها "پيشنگوئي" هن جي شوق ۽ عزم کي حوصلو ڏيندي رهي".

عبدالرحمان جي فوج سوڌو پهچڻ جي ڄاڻ امير يوسف کي سندس زال ام عثمان پنهنجي قاصد هٿان هڪ خاص پيغام ۾ پهچائي، جنهن ۾ هيٺين تشويشناڪ خبر درج ٿيل هئي، خليفي هشام جو پوٽو عبدالرحمان بن معاويہ اندلس ۾ داخل ٿي چڪو آهي ۽ ابو عثمان عبيدالله وٽ ترسيل آهي. بنو اُميہ جا موالي ۽ ٻيا قبيلا هن جي چوگرد جمع ٿي چڪا آهن، ان جي تدارڪ لاءِ جيڪا ڪارروائي مناسب هجي ڪئي وڃي. (14) امير يوسف ان وقت "جليقہ" ۾ ابن عمرو سان ٽڪر کائي رهيو هو هن عبدالرحمان جي تيارين ۽ روانگي جو ٻڌي نئين سر فوج جي ڀرتي ڪئي ۽ هن سان جنگ جوٽڻ لاءِ، ان طرف رُخ ڪيو. قرطبہ جي ويجهو وادي الڪبير جي هڪ ڪناري تي عبدالرحمان جي فوج تہ ٻئي ڪناري تي امير يوسف جي فوج هلي رهي هئي. ان زماني ۾ ملڪ ۾ ڏڪار پڙ هو ٻئي فوجون سامان رسد کان محروم هيون ۽ ايترو فرق ضرور هو تہ هڪ پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ ماڻهن کي جمع ڪيو هو تہ ٻئي سان گڏ اهي ماڻهو هئا جيڪي

نئين جذبي ۽ ولولي سان سرشار هئا. هڪ اهڙي خاندان جي فرد سان گڏ هئا. جنهن جي وڏن سئو سال تائين دبدبي ۽ شان سان حڪومت ڪئي هئي. ان ڪانسواءِ اندلس مسلسل گهرو جنگين ۾ ٻڏل هو جنهن ڪري عوام عدم تحفظ ۽ حڪومتي نظام کان تنگ اچي چڪو هو. ان ڪري ماڻهن جون عبدالرحمان ۾ ڪيئي اميدون هيون. يوسف هلندي "قرطبہ" تائين اچي پهتو ٻنهي هڪ ٻئي سان جنگ جوٽي يوسف هار کائي "غرناطہ" ڀڄي ويو عبدالرحمان سوڀ سان "قرطبہ" جي محل ۾ پهچي ويو سندس لشڪر سامان تي اچي ڪريو ۽ لٽ ڦر شروع ڪري ڏني. عبدالرحمان هنن کي ان کان منع ڪئي ۽ چيو تہ لٽيل سامان واپس ڪريو ۽ يوسف جي زال ۽ ڌي جي حفاظت لاءِ هڪ صاحب الصلاة کي سپرد ڪيو ان مهرباني جي ڪري يوسف جي ڌيءَ هڪ ٻانهي حلل نالي هن کي پيش ڪئي. جيڪا اڳتي هلي عبدالرحمان جي پٽ وليد هشام جي ماءُ ٿي.

امير يوسف عبدالرحمان جا اندلس مان پير ڊاهڻ ۾ مصروف رهيو پر الداخل بہ سندس پيڇو نہ ڇڏيو. ڪجھ شرطن کان پوءِ يوسف ۽ صميل صلح ڪيو ۽ ٻئي "قرطبہ" جي محل ۾ رهڻ لڳا. پر 141 هجري ۾ يوسف پنهنجو عهد ٽوڙي "طليطہ" پهتو ۽ جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو — هت بہ عبدالرحمان الداخل ڪامياب ٿيو يوسف طليط وارن جي هٿان مارجي ويو اهڙي طرح امير عبدالرحمان الداخل جا قدم پوري طرح ملڪ تي قابض ٿي ويا.

امير عبدالرحمان جا اسپين ۾ قدم ڄمندي ئي بنو عباس جي هٿن کان بچيل خاندان امير. جا افراد حامي ۽ موالي اسپين پهچڻ لڳا. جن ۾ عبدالملڪ بن عمرو بن مروان ۽ خبري بن عبدالعزيز مروان جهڙيون شخصيتون بہ هيو. عبدالرحمان انهن سڀني کي "قرطبہ" ۾ رهايو. هنن کي جاگيرون ۽ جائدادون ڏنيون. ڪن کي صوبن جو والي مقرر ڪيو. قرطبہ ۾ قريش. بنو هاشم ۽ بنو فهر جا رئيس ۽ امير بہ آباد هئا جن جا وڏا محلات بہ موجود هئا. امير عبدالرحمان اموين ۽ اموي موالين جي رهڻ لاءِ انهن محلاتن کي خالي ڪرايو انهن جي جائداد ۾ ڇانٽي آندي. انهن ڳالھ کي اميرن ۽ رئيسن محسوس ڪيو جنهن ڪري هن جو ٻهريون مخالف گروھ پيدا ٿيو هوندن بہ امير الداخل حڪومت حاصل ڪرڻ کانپوءِ سڪون سان نہ ويٺو هو. هو چوطرف دشمنن ۾ وڪوڙيل

هو. هڪ طرف آفريڪا جو والي ٻئي طرف عباسي حڪومت ۽ ٽئين طرف وري فرانس جو بادشاهه شارلمين هئو. اهي ماڻهو اندلس ۾ پنهنجن ماڻهن جي ذريعي بغاوتون ۽ ڏڦيڙ پيدا ڪرائي رهيا هئا. پراڻي عصبيت ۽ قبائلي جهيڙن جو شورش چؤطرف پکڙجي ويو پر امير عبدالرحمان نهايت هوشمنديءَ سان منهن ڏنو ۽ انهن بغاوتن کي ٻنجو ڏنو.

هنن سيني بغاوتن ۾ اهم بغاوت علاء بن مغيث اليمني جي هئي جنهن کي عباسي خليفي اندلس جي حڪومت جي سند ڏيئي روانو ڪيو. هي شخص 146هه 763ع ۾ "باجه" ۾ داخل ٿيو عبدالرحمان جي مخالفن کي جمع ڪري عباسين جو ڪارو جهنڊو کوڙيو . هي مخالفت نهايت طاقتور هئي. علاء جي سڏ تي لبيڪ چوڻ وارن جو تعداد وڌندو ويو ايتري قدر جو اسپين جي مسجدن ۾ عباسي خليفي لاءِ دعائون گهريون پئي ويون ۽ عبدالرحمان الداخل کي باغي، مرتد ۽ غاصب جي لقب سان ياد ڪيو ويو. هت جيڪڏهن الداخل جهڙ مستقل مزاج ۽ همت وارو شخص نه هجي ها ته هوند هن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هجي ها ۽ اسپين، عباسي حڪومت جو هڪ صوبو هجي ها. هي هڪ دفعو وري جوش ۽ هوش سان پنهنجن جانثارن جي فوج وٺي قرطبه کان نڪتو اشبيله ۾ ٻنهي فريقن جو زبردست مقابلو ٿيو جنهن ۾ علاء بن منيث کي شڪست ملي ۽ هو ست هزار ماڻهن سوڌو مارجي ويو. عبدالرحمان الداخل، مارجي ويلن مان خاص خاص سردارن جون سسيو گهرائي اندران خالي ڪرائي انهن ۾ لوڻ ۽ ڪافور ڀرايو هر سسي جي ڪن ۾ ان ماڻهو جو حسب ۽ نسب واري چٽڪي وڌي ۽ پوءِ اهي منديون، عباسين جي جهنڊي ۾ ويڙهائي هڪ ٿيلهي ۾ خليون وجهرايون ۽ ان ٿيلهي ۾ علاء بن مغيث کي عباسين جي ڏنل حڪومت جي سند ڦاڙي وڌي هڪ سوداگر هٿ جيڪو "قرطبه" کان "قيروان" وڃي رهيو هو وڏو انعام ڏيئي اماڻيو ۽ کيس چيو ويو ته اهو ٿيلهو قيروان جي بازار ۾ رکي ان سوداگر اٿين ئي ڪيو. اها خبر جڏهن المنصور کي پهتي ۽ جڏهن اهو ڏٺائين ته رڙ ڪري چيائين ته "خدا جو شڪر آهي جو منهنجي ۽ ان دشمن جي وچ ۾ هڪ سمنڊ سمائل آهي". ان کان پوءِ ڪڏهن به اسپين ڏانهن اک کڻڻ جي همت نه ٿي.(16) ان کانپوءِ به ڪيترين نديون

وڏيون بغاوتون ٿيون جن کي هن منهن ڏنو. جڏهن فرانس جي بادشاهہ شارلمين ۽ عباسين جي، اسپين تي حملن ڪرائڻ جي همت ختم ٿي تہ هن اندلس جي فوجي ۽ ملڪي نظام کي بهتر اصولن تي هلايو ۽ مستحڪم ڪيو. ملڪ کي ڇهن "صوبن" ۾ ورهائي اتي گورنر مقرر ڪيا. فوج کي مضبوط ڪري "بحري ٻيڙو" قائم ڪيو. سندس فوج جو تعداد هڪ لک سوارن تائين هو. اڪثر فوجن جي مهنداري پاڻ ڪندو هو. هن حاجب ۽ ڪاتب مقرر ڪيا. تعليم جي ترقي تي زور ڏنو. ٻئي طرف فن تعميرات ڏانهن بہ ڌيان ڏنو قرطبہ جي محلات کي نئين سر تعمير ڪرايو قرطبہ جي قلعي جي مرمت ڪرائي ان ڪانسواءِ تعمير جي ميدان ۾ سندس وڏو ڪارنامو قرطبہ جي "جامع مسجد" جي تعمير آهي، جنهن جي تعريف ڪيترن مؤرخن ڪئي آهي. قرطبہ ۾ سندس ٻيو يادگار "رصافہ جو باغ" آهي جيڪو پنهنجي ڏاڏي هشام جي نالي تي هن تعمير ڪرايو جنهن ۾ قسمين قسمين جا گل ۽ ميوا پوکرايائين.

امير عبدالرحمان ويهن سالن جي عمر تائين پرسڪون زندگي گذاري، سندس زندگي مطالعي ۽ علمي مجلسن ۾ گذرندي هئي. سپاهہ گيري جي فن کان بہ هو ڪجهہ واقف هو. ويهن سالن جي راحت واري زندگي گذارڻ ڪانپوءِ هن جي زندگي جو اهڙو دور شروع ٿيو جو هو ڇورن وانگر جهنگن، ٻهاڙن ۽ بر پٽن ۾ لڪندو رهيو. جنهن انسان تي هن جي نظر پوندي هئي تہ ان کي پنهنجو قاتل سمجهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي کائڻ لاءِ کاڌو ۽ پهرڻ لاءِ ڪپڙو بہ نہ هوندو هو. اهڙو شخص جيڪو چؤطرف دشمنن ۾ گهيريل هو جنهن جي، مارڻ تي انعام رکيل هو. ڪيئن پنهنجي همت، تدبر ۽ مستقل مزاجيءَ سان هڪ دور دراز ملڪ جو وڃي بادشاهہ بڻيو ۽ اتي هڪ اهڙي مضبوط حڪومت قائم ڪئي، جتي ڪيئي صديون هن جو خاندان ۽ مسلمان حڪومت ڪندا رهيا. امير عبدالرحمان ۾ ڪيئي خاصيتون هيون، جنهن ڪري هو ان عهدي تائين وڃي رسيو. آزادي جو مضبوط ۽ زبردست حڪمران هو. مجلس ۾ گهٽي چستي ڏيکاريندو هو. جنگ ۾ مغرور، بي اصولو ۽ وير وٺندڙ هو بلڪل ائين جيئن هو سياست تحت ڪنهن جي خطا معاف ڪندو هو. هن تي وڏيون وڏيون مصيبتون بہ آيون پر هن ڪڏهن

پنهنجا حواس نہ وڃايا. هن جي خلاف اهڙيون تہ بغاوتون ٿينديون هيون جو اتي جيڪڏهن ڪو ٻيو شص هجي تہ عقل ۽ مذهب ۾ ٿي نہ رهي ها، پر هن هر نازڪ موقعي تي عقل، فهم ۽ فراست سان ڪاميابي حاصل ڪئي. هن ماڻهن کي ڪڏهن اهڙو موقعو نہ ڏنو جو هن جي همت جي انتها ۽ استقلال جي آخري سرحد جو اندازو لڳائي سگهن. هن ڪڏهن اهڙو ڪم نہ ڪيو جو هن جي بي وقوفي ظاهر ٿئي، پر هن جي هر ڪم ۽ عمل مان دانائي ۽ دور انديشي نظر اچي ٿي.

مقري لکي ٿو تہ ٻهرين دفعي جڏهن هن اندلس جي سرزمين تي قدم رکيو تہ ڪنهن شخص هن کي "شراب" آڇيو پر هن اهو چئي انڪار ڪيو تہ آئون اهڙي شيءَ جو محتاج آهيان، جيڪا منهنجو عقل وڏائي ۽ نہ ڪي گهٽائي. هڪ دفعي امير سرحد ويجهو ڪنهن لڙائي ۾ مصروف هو تہ هڪ شخص جيڪو امير جي شڪار جي شوق کان واقف هو هن کي شڪار لاءِ آماده ڪرڻ لڳو جنهن تي امير هڪ شعر پڙهيو جنهن جو مطلب هو "مون کي آبي پکين جي شڪار کان معافي ڏيو چاڪاڻ تہ مون کي سرڪشن جي شڪار جو فڪر آهي. اهي سرڪش سرنگن ۾ هجن يا ڀهاڙن ۾ جنهن وقت گرمي جي تپش کان رستن تي باهہ ٻوندي آهي ان وقت اڏرندڙ جهنڊي جو پاڇو منهنجي چادر هوندو آهي جنگين ۽ خيمن ۾ زندگي گذارڻ ڪري آئون باغن ۽ محلن کان بي نياز ٿي ويو آهيان. نرم غاليچن تي رهڻ وارن کي ڇٽو تہ هيئن سختين ۽ دشوارين سان مقابلو ڪيو نہ تہ خلق ۾ سڀ کان وڌيڪ خوار ٿيندئو.(18)

امير عبدالرحمان جو دور جنگين ۽ بغاوتن کي منهن ڏيڻ ۾ گذريو پر ان هوندي بہ هن اندلس ۾ علم و فن کي ترقي ڏني، ڪيترائي يادگار تعمير ڪرايائين. عمارات جي شوق ۾ امير عبدالرحمان جو مرتبو هندستان جي شاهجهان کان مٿي آهي. اندلس ۾ پنهنجي سلطنت قائم ڪرڻ ۾ هو تيمور ۽ نيپولين جي فتوحات کان وڌيڪ مرتبو ٿو رکي. علم و فنون جي سرپرستيءَ ۾ هو هارون الرشيد کان گهٽ نہ هو چاڪاڻ تہ هن جا پويان بہ هارون ۽ مامون جي پوين کان بہ وڌيڪ علم جي سرپرستي ڪرڻ ۾ وڌيڪ نڪتا.(19)

هنن عظيم الشان شخص پنهنجي همت ۽ عزم سان هڪ اهڙي مضبوط حڪومت قائم ڪئي جيڪا ڪئي صديون هلندي رهي.

1. اخبار المجموعہ: مترجم مولوي محمد ذڪريا صاحب مائل انجمن ترقي اردو(هند) دهلي ص 8.
2. نفع الطيب: مترجم مولوي خليل الرحمان صاحب، مسلم يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ علي ڳڙهہ 1921ع، ص 308 – مولانا اڪبر شاهہ خان نجيب آبادي، تاريخ اسلام حصو ٽيون، نفيس اڪيڊمي، بلس اسٽريٽ ڪراچي 1962ع ص 4068 ع – ق – شيخ – داستان اندلس انسٽيٽيوٽ، علي ڳڙهہ 1921ع ص 308–
3. مولانا اڪبر شاهہ خان نجيب آبادي، تاريخ اسلام حصو ٽيون، نفيس اڪيڊمي، بلاس اسٽريٽ ڪراچي 1962ع ص 4068–
4. ع ق شيخ داستان اندلس – انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي – سنڌ ص 5077–
5. مولينا سيد رياست علي، تاريخ اندلس حصو اول اعظم ڳڙهہ 1369هہ – 1950ع ص 0229
6. Louis Bertrand, The Historu of Spein PubL Eyre & Spottis wood London p- 41
7. اخبار المجموعہ ص 92.
8. مولوي عنايت الله ناظم دارالترجمہ عثمانيہ يونيورسٽي حيدرآباد دڪن، عبرت نامہ اندلس – مقبول اڪيڊمي 4_ اي ڪوه نور چيمبر شاهہ عالم مارڪيٽ لاهور ص 318.
9. مولانا اڪبر شاهہ خان نجيب آبادي ص 66_ 10 –
10. Phillip Hitti, History of Arabs Pub London Macmillan & Co Ltd. Newyork St Martins press 1960 9. 507.
11. نفع الطيب ص 140.
12. ايضاً ص 64 – 65.
13. Louis Bertrand PL14
14. آئي ايچ – برني مسلم اسپين، ڪفايت اڪيڊمي 1964ع ص 152.
15. ايضاً ص 164.

16. مولینا سید ریاست علي ص 278، نفع الطیب ص 67، آئي ایچ – برني ص 167، 17.

17. T.B IrvingL Falcon of Spain PubL Sh, MuhammadAshraf Kashmir Bazar Lahore (Pakistan P:197

18. اخبار المجموعہ ص 164.

19. مولانا اکبر شاہ نجیب آبادي ص097.

("پیغام" فیبروري – مارچ 1986)

غرناطہ جو عروج

مسلمانن جي اندلس يا اسپين ۾ حڪومت ۽ ترقي، تاريخ ۾ هڪ لازوال ڪشش رکي ٿي. اندلس جي ڌرتيءَ تي مسلمانن جا قدم ڇاپيا ڇڻ تاريخ ۾ ترقي ۽ تمدن جو هڪ نئون باب کليو. هنن پنهنجي وطن کان هزارين ميل پري مغرب ۾ هڪ اجنبي ملڪ ۾ پهچي ان ملڪ کي پنهنجو ڪري سينگاريو ۽ سنواريو. مسلمانن جي اچڻ ڪانپوءِ مغرب جو هي خطو تهذيب ۽ تمدن جو جڻ هندورو ٿي پيو. ترقي، اوَج ۽ پلا پلان جا وارث اسلام جي ناتي اندلس کي ڪم مائيگي جي ڏہڻ مان ڪڍي اتم پٽي جي عاليشان راهہ تي ڪٽي آيا. مسلمانن جي مغرب ۾ ترقي ۽ اوَج جي اوسر سنہ 91ھہ مطابق 710ع کان بنو اميہ جي دور حڪومت ۾ شروع ٿي. اندلس ۾ حڪومت قائم ڪرڻ ڪانپوءِ بنو اميہ حڪومت جي طرفان گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا جن بهتر حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ورتي. اهي گورنر سنہ 138ھہ / 56 – 750ع تائين رهيا، پر عربستان ۾ جڏهن عباسين جي بغاوت بنو اُميہ جي خلاف اُٿي تہ هنن جي حڪومت پاڙون اکڙجي ويئي. سندن اتي رهڻ محال هو. هنن جي ٻچي ٻچي کي چونڊي ماريو ويو. تڏهن "هڪ اموي شهزادو عبدالرحمان جيڪو هشام (ڏهون خليفو) جو پوٽو هو لڪندو ڇپندو در بدر خاڪ بسر ٿيندو اسپين پهتو ۽ پنهنجي همت ۽ تدبر سان سنہ 138ھہ/ 56ـ755ع ۾ اسپين ۾ پنهنجي شخصي حڪومت قائم ڪيائين."(1)

هن جي خاندان اٽڪل ٽي سئو سال هن سرزمين تي حڪومت ڪئي. سنہ 422ھہ 1031ع کان هن حڪومت جو زوال شروع ٿيو. مسلمانن جي خانہ جنگي ۽ نااتفاقي جي ڪري سڄو اندلس ٽڪرا ٽڪرا ٿي ننڍين خودمختيار رياستن ۾ ورهائجي ويو. مسلمانن جي پاڻ ۾ جنگ جاري هئي.

هنن جي قوت ۽ طاقت برباد ٿيندي پئي ويئي جنهن سببان، سندن دشمن عيسائي فائدو وٺندا پئي رهيا.

تاريخ انسان کي گھڻو ڪجهه سيکاريو آهي. اؤج ۽ ڪمال هميشه رهڻ وارو نه آهي. سچائي ۽ اتفاق اتحاد جي گهٽتائي، ۽ دولت جي ڪثرت ڪيئي نااهل انسان پيدا ڪيا. دنيا ۾ هميشه نااهل انسان نيست ۽ نابود ٿيندا رهيا آهن.

اندلس ۾ مسلمانن جي قائم ڪيل ننڍين خودمختيار رياستن کي هڪ ملڪ ۾ آڻڻ لاءِ مسلم خاندان "مرابطين" ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو. مرابطين کان پوءِ "موحدين" آيا ۽ انهن کانپوءِ "الوا دوئين" جو وارو آيو پر نفاق جو ٻج پئجي چڪو هو. آهسته آهسته مسلمانن جون اندلس ۾ سڀ رياستون جهڙوڪ قرطبه، مرسيه، بلسنيه، اشبيله، سرقسطه، ماردا، سرغوسه، طليطله وغيره باهمي جهيڙن ۽ دشمنيءَ سبب سندن هٿن مان ڇڏائجي عيسائين جي هٿ هيٺ اچي ويون (2). نيٺ اهو ڏينهن به آيو جو 1236ع کانپوءِ اندلس ۾ مسلمانن کي مٿي لڪائڻ لاءِ صرف غرناطه وڃي بچيو (3).

غرناطه ۾ مسلمانن جي مضبوط حڪومت قائم ڪرڻ جو سهرو بنو نصر خاندان جي سردار محمد بن يوسف ابن احمد بن نصر جي سر تي آهي جنهن کي تاريخ ۾ عام طور تي محمد الاحمر سڏيو ويو آهي. هن جو لقب "لا غالب الا الله" هو. هن 629هه 1232ع ۾ ارجونا مان پنهنجي آزادي جو اعلان ڪيو. جيان، وادي آش ۽ باجه وارن هن جي اطاعت جو اعلان ڪيو. اڳتي هلي هو غرناطه جو به مالڪ ٿيو. (4)

هن کان اڳ ۾ غرناطه تي ابن هود جي حڪومت هئي، هي ٻئي هڪ ٻئي جا مخالف هئا. ابن هود جي مرڻ کانپوءِ محمد الاحمر سنه 635 هه 1237ع ۾ غرناطه تي قبضو ڪري ورتو. هي ان وقت ان ننڍڙي رياست جو حڪمران ٿيو جڏهن سڄي اندلس ۾ مسلمانن ۾ خود غرضي ۽ حڪومت ڪرڻ جو جوش پيدا ٿيو هو ۽ ملڪ ننڍين ننڍين سلطنتن ۾ ورهائجي ويو. عيسائي مسلمانن جي خانه جنگي جو فائدو وٺندي آهستي آهستي هر رياست تي قبضو ڪندا ويا. محمد الاحمر پنهنجي همت ۽ سياسي تدبر سان غرناطه ۾ مضبوط حڪومت جو بنياد رکيو. "غرناطه جيڪو مالقه، لارقه، الميريه، جيان

وغيره تي مشتمل اٽڪل پنجاهہ هزار چورس ميل تي پکڙيل هو سو اسلامي اندلس جي صرف ذڪر ۽ اوپر ۾ اچي محدود ٿيو ۽ دارالحڪومت قرطبہ جي تباهي کان پوءِ مسلمانن جو دارالحڪومت ٿيو." (5)

محمد الاحمر جي غرناطہ ۾ پهچڻ سان غرناطہ جي چڱي قسمت کلي پيئي. هي مسلمانن جو همدرد ۽ خير خواهہ هو. اندلس جي مسلم رياستن تي جيئن تہ عيسائين جو قبضو ٿيندو پئي ويو تيئن هو مسلمانن کي ذليل ۽ خوار ڪري ڪڍي رهيا هئا. اهي بي گهر مسلمان قافلن جي صورت ۾ غرناطہ پهچڻ لڳا. انهن غرناطہ کي پنهنجو پناهہ گهر پئي سمجهيو. ابن الاحمر هر مسلمان کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ هنن جي حفاظت, ترقي ۽ خوشحالي کي پنهنجو اولين فرض سمجهيو.

غرناطہ جي هن ننڍي سلطنت ۾ قدرت اهي سڀ طبعي ذريعا موجود ڪيا هئا جيڪي وڏين سلطنتن ۾ هوندا آهن. هن ۾ وسيع واديون ۽ جبل هئا. هن جي آبهوا شاندار زمين زرخيز ۽ پلي هئي ۽ سڄي ملڪ ۾ نديون ۽ نالا بڪثرت هئا. ابن بطوطہ پنهنجي سفرنامي ۾ غرناطہ شهر لاءِ لکيو آهي تہ غرناطہ اندلس جو دارالسلطنت آهي ۽ اندلس جي شهرن جي ڪنوار آهي هي هڪ بي مثال شهر آهي. هن جي ايراضي چاليهہ ميل آهي. درياهہ شنيل هن جي وچ مان وهي ٿو. ان کان سواءِ بيون بہ نهرون آهن. وڏا وڏا باغ آهن ۽ ساوڪ چوطرف پکڙي پيئي آهي.(6)

غرناطہ جي ٽن طرفن کان مسلمانن جي دشمن عيسائين جون رياستون هيون ۽ ڏکڻ وارو حصو سمنڊ هئڻ ڪري کليل هو. ابن الاحمر آيل مهاجرن ۽ موجود ماڻهن جي مدد سان قدرت جي ڏنل نعمتن مان فائدو ورتو. هارين کي آبادي لاءِ زمين ملي ۽ ڪاريگرن لاءِ ڪارخانا کوليا ويا. جيڪي عمارت سازيءَ جا ماهر هئا تن قلعا, محلات ۽ جايون جوڙيون, هن جي وقت ۾ غرناطہ اسپين جي مسلمانن جي هنر ۽ علم جو اڏو هو. "صنعت ۽ حرفت ترقي ڪئي. الميريا ۽ بين بندرگاهن کي تجارتي فقط نگاهہ کان ڪارآمد بڻايو ويو. ايشيا, آفريڪا ۽ يورپ جا تجارتي جهاز هر وقت انهن بندرگاهن تان مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۾ مصروف هوندا هئا. ملڪ جون منډيون مال سان ڀريل هونديون هيون."(7)

ملڪ ۾ هر قسم جو اناج پيدا ٿيندو هو. عوام لاءِ حمام، شفاخانه ۽ مدرسا کوليا ويا، شفاخانن ۾ نامور طبيب ۽ جراح موجود هوندا هئا ۽ هنر لاءِ قابل ۽ لائق استاد موجود هوندا هئا. مسجدن جي آرائش ۽ خوبصورتيءَ کي اوليت ڏني ويئي. محمد الاحمر جي دور ۾ هر طرف سڪون ۽ اطمينان هو ۽ ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هن اسپين جي مرده مسلم تهذيب کي پيهر غرناطه ۾ زنده ڪيو ۽ ائين پئي لڳو ته سڄي اسلامي اسپين جو حسن ۽ تهذيب اچي غرناطه ۾ گڏ ٿي آهي. هن جي محنت ۽ توجهه غرناطه کي جنت بڻائي ڇڏيو. ابن الاحمر کانپوءِ غرناطه تي جن به حڪمراني ڪئي، انهن پنهنجي دور حڪومت ۾ غرناطه جي ترقي سونهن ۽ سوڀيا جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي. هر حڪمران جي توجهه هن تي ايتري ته رهي جو هنن کيس دنيا ۾ يادگار مثال بڻائي ڇڏيو.

نصر ابو الجيوش جي دور حڪومت ۾ رياضي ۽ علم هيئت ڏاڍي ترقي ڪئي. هي پاڻ حساب ۽ نجوم جو ماهر هو. حسابن ۽ نجوم جي ڪنهن ڏکئي مرحلي تي جڏهن ماهر به منجهي پوندا هئا ته نصر اهو مرحلو منٽن ۾ حل ڪندو هو. هن هيئت جون نيون جدولون ٺاهيون. هو نوان نوان سائنسي تجربا به ڪندو هو. هن ڪيتريون ئي نيون ڪلون، منجيقون ۽ مشينون ايجاد ڪيون. سندس علم جي قدر جو اثر سڄي سلطنت تي پيو. علم ۽ سائنس جي ڏاڍي ترقي ٿي ۽ سڄو غرناطه علم جي دولت سان مالا مال ٿي ويو. (8)

امير يوسف (پهرين) جي اها ڪوشش رهي ته سندس ملڪ جو هر هڪ فرد اسلام جي عقيدي موجب زندگي گذاري ۽ سندن زندگي پاڪ، صاف، نيڪ ۽ باعمل انسان جهڙي گذري، ان ڪوشش کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن ڪيئي مسجدون ٺهرايون. خاص مذهبي پيشوا ۽ مذهبي رهنما چونڊيا. انهن عالمن جو فرض هو ته هو پنهنجي خطي ۾ اسلامي عقيدي جو پرچار ڪن ۽ عام ماڻهن ۾ اسلام جو صحيح شعور پيدا ڪن. ماڻهن کي نماز جو پابند بڻايو ويو. جمعي جي ڏينهن کي قومي ڏينهن ڪري ليکيو ويو ۽ ان ڏينهن تي نوجوانن کي فوجي پريڊ ڪرائي ويندي هئي. عورتن کي ملم پٽي ۽ ٻارن کي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جي تربيت ڏني

ويندي هئي. هن جي وقت ۾ ڏاڍا سماجي سڌارا ٿيا. امير يوسف ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويندو هو هر ڪنهن جي غم ۽ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ ماڻهن کي نصيحتون ڪندو هو هن هر شهر کي مختلف حصن ۾ ورهايو ۽ هر حصي کي چوڌاري عالم پناهه ڏياري. هر عالم پناهه جو دروازو جدا هو. رات جو اهي دروازا بند ڪيا ويندا هئا جنهن ڪري ساڳئي شهر جا ماڻهو ٻين حصن ڏانهن وڃي ڪونه سگهندا هئا. پوليس ۽ فوج کي نئين سر مرتب ڪيو ويو ۽ سندن فرض ۽ جوابداريون وڌايون ويون. ساڳيءَ طرح انهن جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ به قانون ٺاهيا ويا. هن جي دور ۾ غرناطه مان غريبيءَ جو نالو مٽجي ويو. صفائي ۽ پاڪائي جو ايترو خيال رکيو ويندو هو جو سج ايرڻ کان اڳ ۾ شهر ۽ گهر صاف ڪيا ويندا هئا. سڄو علائقو آرسيءَ وانگر پيو جهلڪا هڻندو هو. گندگي ۽ غلاظت کي گناهه سمجهيو ويندو هو. ملڪ ۾ ڪو ماڻهو بيڪار ڪونه هو. معذورن ۽ لاچار انسانن لاءِ سرڪاري گهر هوندا هئا جتي هنن کي کاڌو پيتو ۽ لٽو ڪپڙو ملندو هو. بيواهن ۽ يتيمن جي سرپرستي امير پنهنجي سر ڪندو هو.

سلطان محمد پنجين جي زماني ۾ ملڪ سياسي گڙٻڙ ۽ خانه جنگين جو شڪار رهيو جنهن ڪري ملڪ جون معاشي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون تباهه ٿيون. هن امن امان قائم ڪري مٿين خرابين کي دور ڪيو ۽ ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪيو. هن ٻاهرين ملڪن سان واپار وڌايو ۽ واپارين کي گهربل سهوليتون ڏنيون. فرانس، جرمني، انگلينڊ، شام، مصر، آرمينا، اٽلي ۽ قشتاليه جا تجارتي قافلا واپار جي سلسلي ۾ اچڻ لڳا. ٻاهرين واپارين به غرناطه ۾ واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ غرناطه دنيا جي واپار جو مرڪز ٿي پيو. هن پنهنجي دور حڪومت ۾ هڪ عاليشان اسپتال ٺهرائڻ شروع ڪئي. اها اسپتال هڪ محل وانگر جڙي تيار ٿي، جنهن جي چوطرف باغ، ڦوهارا، حوض ۽ ڪنڌڙا هئا. هن اسپتال ۾ غريب غربي جو علاج ۽ رهائش مفت هوندي هئي. هن غرناطه جي بحري ٻيڙي جي اصلاح ڪئي جنهن ڪري سندس بحري قوت ۾ زبردست اضافو ٿي پيو. (10)

يوسف ٽئين جي وقت ۾ غرناطہ ترقي جي عروج تي پهتل هو. سڄي دنيا ۾ غرناطہ سينگاريل ڪنوار وانگر پئي جهرڪيو. ان وقت غرناطہ جي آدمشماري ٽيهن لکن کان وڌيڪ هئي ۽ انهن ٽيهن لکن ۾ ڪوبہ ماڻهو اهڙو ڪونہ هو جو بکيو اگهاڙو يا پينو هجي. ٻارنهن لک ماڻهو ٻين ملڪن جا هئا جيڪي ڪاشتڪار ۽ هنرمند هئا. جن جي محنت ۽ برڪت سان غرناطہ هڪ خوشنصيب ملڪ بڻجي پيو. هتان جي ماڻهن جو واپار هزارن ۽ ڪروڙن ۾ هلندو هو. ماڻهن جو اهو طبقو جنهن جو گذارو پوڪي وغيره تي هو. سي جيڪڏهن مالدار ڪين هئا تہ بہ سندن گذارو عزت سان ٿيندو هو. انهن جي ٻارن جي تعليم ۽ علاج مفت ٿيندو هو. ملڪ ۾ آمدني جا گهڻائي هئي ۽ ملڪ مالي ۽ اڌ اقتصادي ترقيءَ تي گامزن هو.

غرناطہ جي شهر جي پناهہ واري ڀت ڏاڍي مضبوط هئي. انهي ڀت ۾ هزارين برج هئا ۽ منجهس ويهہ وڏا دروازا هئا جيڪي مختلف پاسن ڏانهن کلندا هئا. اهي دروازا نهايت خوبصورت ۽ عمارت سازيءَ جو هڪ شاندار مثال هئا.

ان وقت غرناطہ ۾ اٽڪل ٽي سئو شهر هئا جن مان غرناطہ جو شهر پنهنجي حُسن ۽ خوبصورتي، رونق دلفريبيءَ ۾ سڀني کان اڳڀرو هو.(11)

شهر جي اڳيان ٽيهن ميلن جو سرسبز ميدان هو. انهي ميدان مان جيڪي بہ رستا شهر ۽ ميدان ۾ اچ وڃ جا هئا تن تي ليمي، نارنگي ۽ کجور جا وڻ خوبصورت گل ۽ سهڻيون وليون وڇايل هيون. شهر ۾ ٻہ هزار حمام، هڪ هزار ابتدائي اسڪول ۽ ڪيئي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون هيون. غرناطہ جي ٻاهران اٽڪل سترهن ڳوٺ هئا ۽ هر هڪ ڳوٺ جي پنهنجي اهميت ۽ خاصيت هئي. ڪنهن ڳوٺ ۾ صرف بادشاهي محل هئا تہ ڪن ڳوٺن ۾ امير امراءَ فنڪار سوداگر ۽ واپاري رهندا هئا. شهر جي وچ ۾ هڪ پراڻو محل هو جنهن جي پرسان هڪ جامع مسجد هئي جنهن جي خوبصورتي پنهنجو مٽ پاڻ هئي. مسجد جا محراب ۽ پيل پاوا نهايت خوبصورت ۽ رنگين پٿرن جا ٺهيل هئا پٽ اڇي ۽ نيري رنگ جي چيني جو ٺهيل هو. مسجد ۾ هڪ وڏو خوبصورت حوض هو جنهن ۾ پاڻي جا نل چاندي جا لڳل هئا. مسجد جا قبا سهڻا ۽ دلڪش هئا جن تي سون جي جڙت ٿيل هئي.

جامع مسجد جي پرسان غرناطه يونيورسٽي جي عاليشان عمارت هئي يوسف (پهرين) انهيءَ جي شروعات ڪئي ۽ يوسف ٽئين جي وقت ۾ هي عروج تي پهتي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جا شاگرد هتي علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. "هن يونيورسٽيءَ ۾ رياضي، هيئت، سائنس، قانون، فلسفو علم ڪيميا، طب ۽ جراحي سيکاريا ويندا هئا. هتي قابل ۽ ماهر استاد ڪم ڪندا هئا جن جي قابليت ۽ هوشياريءَ جي ڪري هي دنيا جي پهرين يونيورسٽي هئي جتي هر ملڪ، قوم ۽ مذهب جا شاگرد علم حاصل ڪري سگهندا هئا.(12)

غرناطه جي خوبصورت باغن ۾ هر قسم جو ميوو ۽ گل هوندا هئا. نارنگيون، انجير، صوف، ڏاڙهون، انگور ۽ توت تمام گهڻا ٿيندا هئا. انگور سال ۾ نومهينا ملي سگهندو هو. توتن جا هزار ميلن ۾ باغ هئا جن تي ريشم وارا ڪيڙا پاليا ويندا هئا. انهن ريشم جي ڪيڙن مان ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. (13) سامونڊي علائقن وارن شهرن ۾ ووڻن جي پوک ٿيندي هئي جنهن ڪري سوٽي ڪپڙي ٺاهڻ جا بـ بيشمار ڪارخانا هئا. اڪر، رنگ سازي، چٽسالي ۽ برتن سازي جي هنرن پڻ ڏاڍي ترقي ڪئي.

قدرت، غرناطه جي جبلن کي بـ پنهنجي نعمت سان نوازيو هو. غرناطه جا جبل معدنيات سان ڀريل هئا. سون، چانديءَ پارو ۽ شيهو هتي ايترو تہ ليندو هو جو سڄي يورپ جي معدني پيدائش ايتري نہ ٿيندي هئي. ان ڪانسواءِ جبلن مان قدرتي پٿر جهڙوڪ سنگ مرمر، عقيق، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جا پٿر عام ملندا هئا.

هن دور ۾ غرناطه دنيا جي بين الاقوامي مارڪيٽ هئي جتي هر قسم جو واپار ٿيندو هو. ريشمي ڪپڙو سون ۽ چانديءَ جي تارن وارو ڪپڙو اعليٰ قسم جو ڪاغذ، ميناڪاري ۽ اڪر جو ڪم ايترو وڪامندو هو جو هٿو هٿ کڄي ويندو هو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو انهي قسم جا ڪارخانا وڌندا رهيا ڪاريگرن جو قدر ٿيندو ويو. هن دور ۾ الميريا غرناطه جو هڪ وڏو هنري مرڪز هو. جتي ڏينهن رات مختلف قسمن جا هزارين ڪارخانا ڪم ڪندا هئا. اٽڪل ست لک ڪاريگر موجود هئا. الميريا جي بندر تان اسڪندريہ ۽ شام تائين تجارتي ٻيڙا هلندا هئا.

امير يوسف جي وقت ۾ غرناطہ ۾ ڪيئي محل ۽ محلاتون هئا. هر ڪنهن بادشاهہ پنهنجو جدا محلات اڏايو. هن جي وقت ۾ بادشاهن جا نو محلات موجود هئا جن جو اڳواڻ محل "الحمرا" هو. (14)

مورخن جي خيال مطابق هن محل جو بنياد 646هہ 1248ع ۾ محمد الاحمر رکيو. ان جي وسعت ۽ تڪميل هر حڪمران جي دور ۾ ٿي. هي محل هڪ پهاڙي تي زمين جي مٿاڇري کان اٽڪل پنج سئو فوٽ مٿي آهي. ان جي تعمير تي تمام گهڻي رقم خرچ ڪئي ويئي. هي محل چورس جي شڪل ۾ ٺهيل آهي. هر طرف کليل دالان، برج، قلعا، هوادار ڪمرا، گنبذ، محراب، ايوان، فرش، پٿيون وغيره اهڙيون تہ مضبوط ۽ خوبصورتيءَ سان ٺهيل آهن جو اڄ بہ ان شان سان پنهنجي ناهيندڙ جا گيت ڳائي رهيون آهن.

هن محل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گلن سان ڍڪيل ڏيوڍي آهي جيڪا مستطيل نما آهي. اندر داخل ٿيڻ لاءِ اتر ۽ ڏکڻ ۾ بہ دروازا آهن، جنهن ۾ ست ڪمانون لڳل آهن. وچئين ڪمان ٻين ڪمانن کان وڏي آهي. انهن تي اصفهاني طرز جي تحرير ۽ نقش نگاري ٿيل آهي. ڪٿي ڪٿي چڪور نقش آهي، جيڪو غرناطہ جي فن جي نمائندگي ڪري ٿو. (15) وچ ۾ حوض آهي جنهن ۾ بہ ماربل جا ڦوهارا ڪتل آهن. ان پاڻي ۾ ٻنهي دروازن جو پاڇو نظر اچي ٿو. اتر ڏانهن محل جو عظيم الشان مينار نظر اچي ٿو جنهن ۾ رنگين ۽ سنهري ڪم ائين ٿيل آهي جو هيرن ۽ جواهرن جو گمان ٿئي ٿو.

حمام اوير طرف آهن جيڪي رومي حمامن سان مشابهت رکن ٿا. داخل ٿيندڙ دروازن تي رنگين چٽسالي ٻڌيل آهي. پٿيون رنگين ٽائيلس جون آهن. دروازن تي الحمراء جي هڪ شاعر ابن زرمڪ جو غزل اڪريل آهي. (16)

هن محل ۾ ڪيئي ڪمرا ۽ وڏا وڏا هال آهن، جيڪي مختلف ماڻهن ۽ محفلن لاءِ مخصوص هئا.

هن محل ۾ عظيم الشان مثالي تعميراتي ڪارنامو آهي، شينهن وارو هال يا ديوان الاسد. هن جي وچ ۾ هڪ وڏو حوض آهي،ان جي چوگرد ٻارهن شينهن جا مجسما ڪتل آهن. مؤرخن جي خيال موجب هن جي تعمير ۽ نقشي ۾ غرناطہ جو مخصوص تعميري انداز ظاهر ٿئي ٿو. هن هال کي ٽن

حصن ۾ ٻن ڇتين ۾ ورهايو ويو هو. مٿئين ۾ سڀ کان ننڍي حصي تي شاهي حرم هو. وچئين تي شينهن وارو هال ۽ آخري حصي تي باغ. ان باغ جي گلن ۽ ٻوٽن جي خوشبو ڪري هي سڄو هال خوشبو سان معطر رهي ٿو. هن جو دالان الحمراء جو حسين ترين حصو آهي، جنهن جي شڪل چوڪنڊي آهي. چئني طرف خوبصورت گيلريون ۽ هڪ سئو ڇويهہ نفيس ۽ سهڻا ٿنڀا آهن. انهن ٿنڀن تي ٿيل ڪم جي سونهن ڏسڻ وٽا ن آهي. فرش رنگين ٽائيلس جو آهي. ايوان الاسد ۾ ڪيئي ڪمرا آهن ۽ انهن جا نالا بہ مختلف آهن. هڪ جو "حقاريہ " Los Mocarabes آهي. ٻئي جو نالو ملوڪ يعني بادشاهہ Los Reyes آهي ٽئين جو نالو اخيشن Tow Sisters ۽ چوٿين جو حجزات ابن سراجہ Aben Cerrajes آهي. (17) هن وقت اهي پنهنجي اصلي صورت ۾ تہ نہ آهن پر انهن جي رهيل حصي کي ڏسي سمجهيو وڃي ٿو تہ اهي نهايت سهڻا ۽ دلڪش هوندا. انهن جي ڇتين جي نقش نگاري، رنگين فرش ۽ سنگ مرمر جي ڪم جي خوبصورتي سان ان جو حُسن نمايان ٿئي ٿو هن وقت اخيشن جو حصو موجود آهي، جيڪو هن محل جو هڪ اهم يادگار حصو آهي. هن جا گنبذ خوبصورت، نفيس ۽ مڪمل آهن. ديوان الاسد سان گڏ هڪ ديوان العدالت آهي. جيڪو فن تعمير ۽ نقاشي جو اعليٰ نمونو تصور ڪيو ٿو وڃي. هن جي نقشنگاري ۾ جنگ ۽ شڪار جا ڪارناما چٽيل آهن. غرناطہ جي ڏهن بادشاهن جون تصويرون نقش ٿيل آهن. ڪيترين جاين تي الحمراء جي مالڪ جو شان ڏيکارڻ لاءِ "لاغالب الاالله" لکيل آهي. 18 الحمراء جو جمالياتي تاثر صرف هيءَ نہ آهي تہ اهو فني ڪمال جي اعليٰ درجي تي پهتل آهي پر اهو بہ تہ ان ۾ فن ۽ فطرت جو ڪامياب ميلاپ آهي. ڦوهارن جي سنگيت ۽ حوض ۾ تموج ۽ عڪاسي، باغن ۾ گلن ۽ ٻوٽن جي خوشبو ۽ سرزمين جو ماحول خوبصورت ڀهاڙن جي وچ ۾ ڪنڌ ڪڍي بيٺل الحمراء جي حُسن کي وڌايو آهي. باذوق ماڻهن الحمرا کي روحاني نقطہ نگاهہ کان ڏٺو ۽ تعبير ڪيو انهن جو نقطہ نگاهہ هو تہ خدا الحمراء کي قدرت جي بهترين عطيہ سان نوازيو آهي. الحمراء جي پرسان بادشاهہ جي تفريح ۽ آرام لاءِ هڪ ٻيو محل هو جنهن کي Patiodela Acquia سڏيو ٿو وڃي. (19)

عرب طرز تعمير جو ڪجھ حصو اڄا موجود آهي. سياحن جو بيان آهي تہ هتي انسان ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو. سرو جون وڏيون قطارون جنهن جون چوٽيون آسمان سان مليل معلوم ٿين ٿيون جنهن مان اُس پيئي ٿمي، ڦوهارن مان نڪتل موسيقي جو آواز خوبصورت باغ ۽ گلن جي خوشبو جن تي ڦوهارن مان موتين وانگر پاڻي پيو ڪري، مصنوعي آبشارن مان ڪرندڙ پاڻيءَ جو گوڙ هتان الحمراء جو هر مينار نظر اچي ٿو. واقعي بادشاهن لاءِ ان جاءِ تي جشن موسيقي ملهائڻ ۽ تفريح لاءِ ٻي ڪا خوبصورت جاءِ نہ هوندي (The Moors Tower) هڪ مينار آهي جيڪو هن وقت تائين موجود آهي. (12) جتان الحمراء جي نگهباني ڪئي ويندي هئي. دارالعروس ۽ علي حارث بہ مشهور محل اڄا تائين موجود آهن، جيڪي آسپاس جي پهاڙين تي واقع آهن جن جي دولت ۽ حسن بابت عرب شاعرن گيت ڳايا آهن.

الحمرا ۽ ان جي آسپاس جي خوبصورتي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي. اجوڪي ڏينهن تائين بہ دنيا جا ماهر، ڪاريگر ۽ عمارت سازي جا ڄاڻو ائين چون ٿا تہ الحمراء دنيا ۾ نڪا ٿهي آهي نہ وري ٿهي سگهندي.

بقول اسڪاٽ "الحمراء غرناطہ جي سلطنت جي عظمت ۽ جلال جو نشان آهي جيڪو پنهنجي بادشاهن جي فخر ۽ ناز جو باعث آهي. جنهن قوم جو هي يادگار آهي اها جيترو فخر ڪري گهٽ آهي. (21)

امير يوسف جي وقت ۾ غرناطہ يورپ ۾ بلڪل عروج تي پهتل هو جنهنجي هنر ۽ ڪاريگريءَ جهڙو سڄي يورپ ۾ ڪو مثال ڪونہ هو.

غرناطہ جي چوپاسي واريون عيسائي رياستون دشمن هئڻ جي باوجود بہ مسلم شاهي دربار جو ڪافي احترام ڪنديون هيون. عيسائي نواب ۽ شهزادا غرناطہ ۾ اچي رهندا هئا.

غرناطہ ۾ سماجي شغلن کي ڏاڍي اهميت ڏني ويندي هئي. هر سال بين الاقوامي راندين جي چٽا ڀيٽي ٿيندي هئي. انهن راندين ۾ تيراندازي، تلوار بازي ۽ پهلواني جا مقابلا ٿيندا هئا. ان چٽا ڀيٽيءَ لاءِ شهر جي وچ ۾ هڪ وڏو ۽ کليل ميدان هو. ان ميدان ۾ چئن ئي پاسن ۾ دريون هونديون

هيون جن جو تعداد ٻارنهن هو. ميدان جي عين مرڪز ۾ بادشاهہ تن پاسن کان تماشائي ۽ چوٿين پاسي کان معزز عورتون ويهنديون هيون. (22) غرناطہ جيڪو قرطبہ جي زوال کانپوءِ شهنشاهت جو گهر بڻيو اتي عورت کي ڏاڍي اهميت حاصل هوندي هئي. عورتن جي شموليت زندگي جي هر شعبي ۾ ضروري سمجهي ويندي هئي. مختلف محفلن، جلسن ۽ راندين ۾ عورتون ضرور شامل ٿينديون هيون. هو مردن کي ملڪ جي بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ همٿائينديون هيون. ملڪي ترقي جي ميدان ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلنديون هيون. غرناطہ جون مسلمان عورتون پڙهيل لکيل، خوبصورت، خوش اخلاق، باهمت ۽ حاضر جواب هيون، جن مان ڪيتريون صاحب ڪمال ٿي گذريون آهن. نزهون القلعيہ ۽ رڪونيہ باڪمال شاعره ٿي گذريون آهن. (23) حمده بنت زياد المڪتب ۽ زينب وڏيون عالم ٿي گذريون آهن. (24) هنن لاءِ ابن اثير لکي ٿو تہ علم جي محبت هنن کي علمائن جي صحبت ۾ ڇڪي ايندي هئي پر هي پوري وقار ۽ عظمت سان رهنديون هيون.

حفصہ بنت رڪوني ۽ صفيعہ تي اسلامي غرناطہ کي فخر آهي جيڪي فصاحت، بلاغت ۽ تقرير ڪرڻ جي فن کانسواءِ خوش خط تحرير جون ماهر هيون. ماريہ بنت ابو يعقوب الفيصلي عالم ۽ فاضل هئي.

غرناطہ جون مسلمان عورتون ڪپڙي لٽي پائڻ ۽ صفائيءَ جون ڪوڏيون هيون. عطر جو استعمال گهڻو ڪنديون هيون. نفيس ريشمي ڪپڙو يا سٽي جو ڪپڙو پهرينديون هيون. علامہ ابن خلدون تہ هنن جي ڪپڙي لٽي پائڻ ۽ صفائي سان ديوانگيءَ جي حد تائين محبت جو ذڪر ڪيو آهي. شاهي خاندان ۽ وڏن ماڻهن جون عورتون زيور گهڻا پائينديون هيون. سون ۾ هيرن، پکراجن ۽ زمرد وغيره جڙائي پائينديون هيون. 25ـ

غرناطہ جو ملڪ، جيڪو مسلمانن جي دور ۾ سائنس، صنعت و حرفت ۽ علم جي لحاظ کان دنيا ۾ لاثاني ٿي پيو هو جنهن کي انهن خوبين جي ڪري "تخت اندلس"، "سڄي دنيا جو صدر مقام"، "رعيت جي ماءُ" ۽ "هيرن جو انار" جهڙا نالا ڏنا ويا.جتان مسلمانن جي تهذيب ۽ تمدن دنيا کي گهڻو ڪجهہ ڏنو جن جي علم، فن ۽ هنر هر ڪنهن کي نوازيو. جنهن جي علم جو ڏاڪو اٺ سو سال اسپين جي سر زمين تي ڇانيل هو اهو

ملڪ مسلمانن ڪان عيسائين جي چالاڪين ۽ سندن گڏيل حملن ۽ دوکن سبب 1491ع ۾ ڇڏائجي ويو. غرناطہ جي هر طرف ڪان عيسائين حملا ڪيا. غرناطہ جي مسلمان شهسوارن، بهادرن ۽ سرفروشن پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي عزت ۽ آبرو بچائڻ لاءِ سيئي دنياوي طاقتون ۽ وسيلا استعمال ڪيا پر عيسائين بہ ان ملڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ جائز ۽ ناجائز حربا استعمال ڪيا. مسلمانن ڪان غرناطہ جي کسجڻ جا تاريخ اهڙا تہ حسرت، حيرت ۽ عبرت ۾ وجهندڙ واقعا ۽ نقشا چٽيا آهن جو مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي جهڙو واقعو دنيا جي ڪنهن قوم سان نہ ٿيو هوندو. مسلمانن ڪان ملڪ ۽ حڪومت ڦري کين در بدر ڪري ہڪرين ۽ رڍن وانگر هڪالي ڪڍيو ويو. انهن کي پنهنجي مذهب ۽ دين تان ڦرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. هي هڪ اهڙو تہ ڏڪائيندڙ انقلاب هو جو مسلمانن جو غرناطہ مان نالو نشان متجي ويو.

حوالا:

1. فلپس هٽي: هسٽري آف دي عربس ص505.لنڊن ميڪملين اينڊ ڪمپني لميٽيڊ نيويارڪ سينٽ مارٽنس پريس 1960.
2. نصير احمد ناصر ايم اي، تاريخ هسپانيہ ص 431 – 437 علمي ڪتاب خانہ لاهور.
3. فلپس هٽي: ايضاً، ص 451_445.
4. ع، ق، شيخ : داستان اندلس، ص 389، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1974.
5. آءِ ايچ برني، مسلم اسپين ص 415، آسن مل اوجها روڊ، عقب اردو بازار ڪراچي 1960.
6. مولانا اڪبر شاهہ خان نجيب آبادي: تاريخ اسلام، ص 243، نفيس اڪيڊمي ڪراچي 1962.
7. مترجم مولوي خليل الرحمان صاحب سرادهوي: "نفع الطيب" ص 31_ مسلم يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ، علي ڳڙهہ 1921ع.
8. آءِ ايچ برني: مسلم اسپين، ص 418، آسن مل اوجها روڊ، عقب اردو بازار، ڪراچي 1929ع.

9. نصير احمد ناصر: ايضاً ص 443 تاريخ اشاعت ندارد.
10. ع. ق شيخ ايضاً ص 480_ 482.
11. آءِ ايچ برني: ايضاً ص 428.
12. ع. ق شيخ : ايضاً.
13. مولانا اڪبر شاهه خان نجيب آبادي: ايضاً ص 272.
14. ايضاً ص 273.
15. نصير احمد ناصر: ايضاً ص 446 — 451.
16. ليئس سيسڪو ڊي لبوسا پيرڊز: گريناڊا ص_15 — 27، ايڊيٽوريا، ايوريسٽ، ايس. اي گريناڊا، 1981.
17. لئيئس سيسڪو ڊي ليوسنا پيرڊز: ص 46، ايضاً.
18. ليئس سيڪولوسنا ايضاً 63_ 69.
19. آءِ ايچ برني: ايضاً ص 511.
20. ليئس سيسڪو ڊي پيرڊر: ايضاً 8_5.
21. ايضاً ص 60.
22. آءِ ايچ برني: ايضاً ص 513.
23. ع. ق شيخ: ايضاً ص 399.
24. نفع الطيب ص 31
25. لسان الدين بن الخطيب ۽ تاريخ غرناط. مترجم سيد احمد ندوي، ص 489 _390 نفيس اڪيڊمي بلاس اسٽريٽ ڪراچي 1964.
26. ايضاً ص 54 — 55.

("پيغام" سيپٽمبر 1985ع)

ترڪي ۾ جمهوريت جي ابتدا

عثماني ترڪن جي عظيم الشان سلطنت جيڪا يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ئي علائقن تي پکڙيل هئي. اٽڪل ڇهه سئو سال عثماني ترڪن جي اقتدار هيٺ رهي.

عثماني ترڪ سڀ کان اول تيرهين صدي عيسوي ۾ ايشيا مائنر ۾ داخل ٿيا هنن جلد ئي سلجوتين ۽ بازنطينن تي غلبو حاصل ڪرڻ شروع ڪيو.(1) چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ عثمانين يونان، سربيا ۽ بلغاريا جي اهم هنڌن تي قبضو ڪري ورتو. (2) سنه 1473ع ۾ ترڪن قسطنطنيه تي قبضو ڪيو. سنه 1351ع کان 1381ع تائين عثماني ترڪن يورپ ۽ ايشيا جي گهڻن ئي علائقن تي قبضو ڪري ورتو. اناطوليه ۽ بلقان ۾ پنهنجي مضبوط حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ ترڪن 1375ھ ۾ ڪاري سمنڊ جي اترئين ڪناري وارن ملڪن آزوف ۽ ڪريميا کي به پنهنجي حڪومت ۾ داخل ڪيو.(3) سلطان سليم پهريون سنه 1512ع ۾ تخت تي ويٺو. هن جي حڪومت جي پنجن سالن جي دور ۾ ترڪن ميسوپوٽيما، مصر، شام ۽ عرب تي قبضو ڪيو. هن جي دور حڪومت ۾ جيڪي به فتوحات ٿيون انهن کي اسلامي دنيا ۾ ان ڪري اهميت حاصل ٿي جو هن جي مصر تي قبضي ٿيڻ کان پوءِ عباسي خلافت جو خاتمو آيو. مسلمانن جي مقدس جاين جهڙوڪ مڪي ۽ مديني جو نگهبان ۽ سنڀاليندڙ سلطان سليم پهريون ٿيو.(3) سنه 1521ع کان 1526ع تائين سليم پهرئين جي پٽ سليمان پهرئين بلغراد، هنگري ۽ ٽرانسلوانيا کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو. هن جي سلطنت مشرق ڏانهن به پنهنجا قدم وڌايا. فارس سان ڪيترين ئي جنگين جوٽڻ کان پوءِ هن آرمينيا، ميسوپوٽيما جا ڪجهه علائقا، بغداد ۽ بصره تي قبضو ڪيو. سنڌن زبردست سامونڊي طاقت عدن ۽ عرب جي مشرقي

ساموندي ڪنارن کي آسانيءَ سان ترڪن جي قبضي ۾ آندو. روم، اندرياٽڪ ۽ اتر آفريڪا تائين ترڪن جي حڪومت پکڙجي ويئي. سنه 1516ع ۾ الجزائر به اطاعت قبول ڪئي.(5).

عثماني سلطانن جي هيءَ سلطنت سليمان پهرئين جي وفات وقت ڊئنيوب کان ايراني نار ۽ يوڪرين جي ميدانن کان مصر جي اترئين ڀاڱي تائين پکڙيل هئي. ان ۾ ڪاري سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ سان گڏ هندي وڏي سمنڊ جا ڪجهه حصا ۽ اهم تجارتي رستا به شامل هئا. هن سلطنت ۾ اتڪل ويهن نسلن ۽ قومن جا ماڻهو شامل هئا.

هن دور ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿئي ٿو جنهن ۾ ٻين ملڪن سان تعلقات لاءِ رستا کليا ان ۾ 1535ع ۾ فرانس جي شهنشاهه فرانس پهرئين ۽ سليمان پهرئين جي وچ ۾ هڪ دوستانه ناهه ٿيو جنهن جي تحت فرانس کي عثماني سلطنت ۾ واپار ۽ ساموندي آمدورفت جي اجازت. واپارين لاءِ ڪسٽم ڊيوٽي ۾ ٻين يورپي واپارين جي مقابلي ۾ 5 سيڪڙو رعايت ڏني، عيسائين جون پاڪ جايون فرينچ آبادڪارن جي حوالي ڪرڻ ۽ ٻيون به اهڙيون رعايتون شامل هيون.(6)

عثماني ترڪن جي اها سلطنت جنهن جي نالي ٻڌڻ سان مغربي حڪومتون ڪنبي ويندي هيون سترهين صديءَ جي وچ ڌاري اندروني ۽ بيروني سازشن جو شڪار ٿيڻ لڳي ۽ سندس دور گهٽجڻ لڳو. هينئر عثمانين جو مسئلو صرف اهو هو ته اهي علائقا جيڪي هنن جي قبضي ۾ هئا تن جي حفاظت ڪئي وڃي.

سنه 1571ع ۾ ليوپانٽو جي جنگ دوران عيسائي ساموندي ٻيڙي جي هٿان ترڪي بحري ٻيڙي کي شڪست ملي. جيتوڻيڪ پوءِ به ترڪيءَ کي سمنڊن تي برتري رهي پر اهو چوڻ ممڪن ٿيو ته ترڪي ساموندي ٻيڙي کي شڪست ڏيئي ٿي سگهجي. 1683ع ۾ آسٽريا کي شڪست ۽ ويانا کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ترڪي فوج کي زبردست شڪست ملي. ترڪي ۽ هيلپبرگر جي وچ ۾ پندرهن سالن تائين جنگ جو سلسلو جاري رهيو جنهن ۾ ترڪيءَ کي ڪيئي علائقا هيلپبرگر جي حوالي ڪرڻا پيا(7).

جڏهن پيٽر روس جي تخت تي وينو تہ هن ڪاري سمنڊ جي علائقن ۾ قدم ڄمائڻ شروع ڪيا. پيٽر سنہ 1711ع ۾ ترڪي تي حملو ڪيو پر ترڪي جي فوجي طاقت ڏسي ٺاهہ ڪرڻ تي مجبور ٿيو جنهن تحت هن آزوف جو علائقو ترڪن جي حوالي ڪيو ۽ ٻيا بہ شرط مڃيا(8). سنہ 1726ع ۾ روس آسٽريا سان ٺاهہ ڪري ترڪي تي مسلسل حملا شروع ڪري ڏنا. جيڪي 1733ع کان 1739ع تائين جاري رهيا. روس آزوف جو علائقو کسي ورتو. روس جي راڻي ڪيٿرائين 1768ع کان 1774ع تائين ترڪي سان جنگيون جوٽيون. هڪ ٺاهہ تحت ترڪن کي وڏن علائقن کان محروم ٿيڻو پيو روس کي ڪاري سمنڊ تائين رسائي حاصل ٿي ۽ روس ڪيترن ئي علائقن تي قابض ٿيو. ڪريميا واري تاتاري سلطنت روس جي مقبوضہ علائقن جي وچ ۾ اچي ويئي هن کي بہ عثماني سلطنت کان جدا ڪري ازاد ڪيو ويو. روس کي عثماني سلطنت ۾ قونصل خانن کولڻ جي اجازت ۽ عثماني سلطنت ۾ رهندڙ عيسائين جي حقن جي حفاظت ۽ قسطنطنيہ ۾ گرجا جي قيام جي اجازت ملي. نتيجي ۾ روسي عيسائي هتي زيارتن جي بهاني اچڻ وڃڻ لڳا. 1783ع ۾ روس ڪريميا واري مملڪت تي قبضو ڪيو. 1792ع واري جنگ جي خاتمي ۾ ترڪن کي اجان بہ وڏيڪ روسي برتري حاصل ڪرڻي پيئي ۽ روس ڪاري سمنڊ جي علائقن جي ڀرين طاقت بڻجي ويو.(9)

هوڏانهن وري نيپولين دنيا کي پنهنجي اڀرندڙ طاقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو. نيپولين سنہ 1797ع ۾ اٽلي فتح ڪرڻ کان پوءِ بلقان ڏانهن قدم وڌايو ۽ ترڪي سرحدن تائين ڪاهيندو مصر ۾ پهچي ويو.(10) ترڪي سلطنت انتهائي بحران ۾ هئي روس ۽ آسٽريا جي مسلسل جنگين هن جي چيلهہ ڀڃي وڌي هئي.

هيڏانهن برطانيا روس جو وڌندڙ اقتدار ۽ نيپولين جي مسلسل ڪاميابين کي پنهنجي طاقت لاءِ خطرو سمجهيو ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ موثر قدم کڻڻ لاءِ اپاءَ ورتا. مغربي طاقتن پنهنجون حريص نگاهون ترڪي جي عظيم سلطنت تي رکيون. يورپ جون عيسائي حڪومتون ان موقعي جي ڳولها ۾ هيون تہ ترڪي جي اسلامي رياست جو خاتمو آندو وڃي. عثماني گهراڻي جا اهڙا

ڪيئي سلطان آيا. جيڪي حڪومت هلائڻ جي اهل نہ هئا. وقت جي ضرورتن ۽ تقاضائن کي سمجهڻ جي صلاحيت کان هئي. حڪومت جي جوڙجڪ ۽ ٽئڪس جي وصوليءَ جي طريقي ۾ ڪيئي بدعنوانيون اچي ويون. فوجي تنظيم جو ڏيوالو نڪري ويو. 1861ع ۾ سلطان عبدالعزيز جي اقتدار ۾ اچڻ سان حڪومت جو زوال شروع ٿيو ٻاهرين ملڪن مختلف ناهہ ڪري ترڪيءَ کي مفلوج ۽ مقروض بڻائي ڇڏيو. وقت جي حڪمرانن مطلق العنائي حڪومت قائم ڪري عوام کي پريشان ۽ بيزار ڪري وڌو. تشدد جو طويل سلسلو شروع ٿي ويو نئين ڏينهن نئين وزارت قائم ٿيڻ لڳي. سياسي سرگرمين ۽ تحرير ۽ تقرير تي پابندي لڳائي ويئي. صدر اعظم مدحت پاشا جنهن سلطان عبدالحميد کان دستوري حڪومت جو اعلان ڪرايو هو کي ڦاسي ڏني ويئي. پارليامينٽ کي برخاست ۽ دستور کي عمل منسوخ ڪيو ويو. عوام جي پنيان جاوسن جو ڄار وڇايو ويو(11).

مسٽر نائٽ پنهنجي ڪتاب Awakening of Turkey ۾ لکي ٿو تہ:"اها هڪ حقيقت آهي تہ هر قوم کي اها حڪومت ملندي آهي، جنهن جي هوءَ مستحق هوندي آهي، پر جيستائين ترڪي جو تعلق آهي. انهن جي رهواسين کي ڪوبہ موقعو ان حڪومت کي حاصل ڪرڻ جو نہ ڏنو ويو جنهن جي هوءَ لائق هئي. ترڪيءَ جي دشمنن جي غرض اها هئي تہ ترڪي ۾ مطلق العناني حڪومت جون برايون قائم هجن. جڏهن بہ ترڪن پنهنجن اندروني معاملن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪا نہ ڪا مسيحي طاقت ان خوف کان تہ ممڪن آهي تہ اصلاح ڪانپوءِ ترڪي جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهندي هئي. ان ڪانسواءِ اهي طاقتون جن ترڪي جي علائقن تي قبضو ڪيو هو هميشہ ترڪي ۾ شورش برپا ڪرڻ لاءِ هنگاما پيدا ڪرائيندڙيون هيون(12).

ملڪ ۾ پيدا ٿيل صورتحال جي ڪري حڪومت جا ڪيئي سياسي مخالف پيدا ٿيا جن مان ڪيترن کرئي ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ڪيترائي ماڻهو ملڪ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا. اهي جلاوطن ماڻهو پيرس ۾ جمع ٿيڻ لڳا. ڪجهہ سالن جي اندر جلاوطن ماڻهن جو تعداد هزارن ۾ ٿي ويو. هي ماڻهو تعليم يافتہ ۽ انقلاب جا داعي هئا. هنن هڪ انجمن جو بنياد رکيو

جيڪا اڳتي هلي "انجمن اتحاد ترقي" جي نالي سان مشهور ٿي. هن جماعت جي هڪ ننڍي شاخ ترڪيءَ ۾ بہ کولي ويئي ۽ ڏاڍي احتياط سان هڪ ٻئي سان رابطو قائم ڪندا هئا. اڳتي هلي هن انجمن جون شاخون لنڊن ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ بہ کوليون ويون.

هنن ملڪ مان مطلق العناني حڪومت جو خاتمو عثماني سلطنت ۾ سڀني رعيت بغير ڪنهن مذهب، نسل ۽ ملت جي قانون جي نظر ۾ برابر رکڻ، سياسي آزادي ۽ ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي. هنن ڪجهہ اخبارون ۽ رسالا بہ جاري ڪيا جيڪي ڳجهيءَ طرح ملڪ اندر بہ پهچڻ لڳا. نتيجي ۾ ملڪ اندر بہ ماڻهن ۾ انقلابي خيال جنم وٺڻ لڳا. پنهنجي انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن جنيوا ۾ هڪ ٻي تنظيم قائم ڪئي، جنهن جو نالو Committee of Union & Progress رکيو هن تنظيم ۾ ترڪيءَ جي غير مسلم شهرين کي بہ شامل ڪيو ويو.(14)

اڳتي هلي انجمن پنهنجا ڪيئي مطالبا وقت جي حڪومت کان منظور ڪرايا. 24 جولاءِ 1908ع ۾ نوجوان ترڪ جماعت جا مطالبا منظور ڪندي ملڪ ۾ آئيني اصلاحات نافذ ڪيا ويا. تحرير ۽ تقرير تان پابندي ختم ڪئي ويئي ۽ جلاوطن ماڻهن کي ملڪ ۾ واپس اچڻ جي اجازت ملي. اڳتي هلي سلطان عبدالحميد کي حڪومت تان دسبردار ٿيڻو پيو. اهو زمانو ترڪيءَ لاءِ ڏاڍو پر آشوب هو. ان جو فائدو آسٽريا ورتو بوسينيا، هرزيگووينا، البانيہ ۽ مقدونيا ترڪيءَ کان کسيا ويا. هوڏانهن بلغاريہ بہ خودمختياريءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو.(15)

ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ جڏهن پهرين جنگ عظيم جا آثار نمايان ٿيڻ لڳا، ان وقت روس ۽ ترڪيءَ جا تعلقات خوشگوار ٿي چڪا هئا. پر ترڪيءَ جون انقلابي جماعتون جرمنيءَ جي عظيم ارادن ۽ ترقي پسند خيالن جون حامي هيون. ان وقت ترڪي جو وزير جنگ انور پاشا هو. جيڪو دلي طرح انقلاب پسند جماعتن جو حامي هو. ترڪيءَ جي عام ماڻهو کي بہ برطانيا جي مڪروهہ ڪردار کان شديد نفرت هئي ۽ هنن جون همدرديون جرمنيءَ سان هيون. جيئن ئي جنگ شروع ٿي روس جي اها ڪوشش هئي تہ ترڪي جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪري، پر ترڪيءَ

جي خاموشي ڏسي 5 نومبر 1914ع ۾ هن ترڪيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. ترڪيءَ کي جرمني کان مليل فوجي هٿيارن ۽ سندن فوجي قابليت ۽ جانبازيءَ اتحادين (برطانيا، فرانس ۽ روس) کي پريشان ڪري ڇڏيو پر وڏي تشويش جي ڳالهه هنن لاءِ اها هئي جو باسفورس ۽ دره دانيال کان هنن جي جهازن جي آمدورفت کي روڪي ڇڏيو.(16) جرمني روس کي مسلسل شڪستون ڏيندي ڏاڍو سوڙهو ڪيو ايتري قدر جو هن جو جنگي هٿيارن جو ذخيرو به ختم ٿيڻ لڳو. اتحادين روس کي مدد پهچائڻ لاءِ ترڪيءَ جي گيلي پولي ۽ دره دانيال تي قبضي ڪرڻ لاءِ شديد حملا شروع ڪري ڏنا. ان محاذ جي ڪمان ان وقت مصطفيٰ ڪمال سنيالي رهيو هو. سو هنن جي مقابلي لاءِ جبل جيان ثابت ٿيو ان معرڪي ۾ مصطفيٰ ڪمال پاشا جي غير معمولي فوجي قابليت جو سڪو سڄي دنيا تي ڄمي ويو.

اتحادي يارهن مهينن جي ڪوشش ناڪام ٿيڻ کانپوءِ مقدونيه کان پيشقدمي شروع ڪئي هنن جو ارادو استنبول کي تباهه ڪرڻ جو هو (17).
ان وقت ترڪي جون حالتون ڏاڍيون خراب ٿي چڪيون هيون. مسلسل جنگين هن جي معيشت کي ڏاڍو ڇيهو رسايو هو عوام هاڻي تنگ ٿي چڪو هو. هنن کي انهيءَ تباهي ۽ بربراديءَ کان نفرت ٿي پيئي هئي. وزير جنگ انور پاشا استنبول کي بچائڻ لاءِ هڪ وڏي فوج رواني ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر عوام هن جي انهيءَ قدم جي سخت مخالفت ڪئي. ترڪي جي عوام اتحادين سان مقابلي کي پنهنجي لاءِ تباهي پئي سمجهيو. اهي حالتون ڏسي انور پاشا استعيفيٰ ڏيئي برلن هليو ويو(18). ترڪي فوج هر هنڌ شڪست کائي چڪي هئي، سلطان جي حيثيت ان وقت هڪ قيديءَ جهڙي هئي. جرمن ۽ ان جي اتحادين کي هر محاذ تي شڪست ملي چڪي هئي. جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ سنه 1919ع ۾ شڪست کاڌل قومن جو اتحادين سان معاهدن جو سلسلو شروع ٿيو. اتحادين جي گهٽي وقت کان ترڪي جي سلطنت تي اک هئي(19). هنن جو مقصد هن عظيم سلطنت کي مفلوج بڻائڻ هو. مصطفيٰ ڪمال دره دانيال ۽ گيلي پولي وارن محاذن تي زبردست دباءَ هيٺ رکي هنن جي حملي کي پسپا ڪيو هو تنهنڪري هنن فيصلو ڪيو ته ترڪيءَ سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪبي. آخر 1920ع ۾

ترڪن سان معاهدو ٿيو. ان وقت انقلابي جماعتون زور شور سان پنهنجي هلايل تحريڪ ۾ رڌل هيون. هيڏانهن سلطان عبدالحميد ثاني اتحادين اڳيان بيوس هو. هڪ معاهدو سلطان جي نمائندن ۽ اتحادين جي وچ ۾ ٿيو جنهن کي معاهده سيورز جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ معاهدي تحت ترڪي جي عظيم سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. اهي عرب علائقا جيڪي ترڪي جي اقتدار هيٺ هئا جهڙوڪ شام، فلسطين ۽ عراق خاص وقت تائين اتحادين پنهنجي هٿ هيٺ رکيا. اتحادين اهو پڻ اعلان ڪيو ته انهن علائقن جو فيصلو بعد ۾ ڪيو ويندو. اتان ئي برطانيا فلسطين ۾ يهودين کي آباد ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪري وچ اوڀر ۾ منافقت جو ٻج پوکيو ترڪي کي ڪمزور ڪري يونان کي زبردست طاقت بڻايو ويو. ترڪي جا ڪيترا حصا ۽ ٿريس جو وسيع علائقو يونان جي اقتدار ۾ ڏنو ڇاڪاڻ جو يونان جنگ جي دوران اتحادي ملڪن جي ڀرپور مدد ڪئي هئي ۽ اهو ان لاءِ اتحادين طرفان هڪ انعام هو. آرمينيا سان ترڪي سلطنت جا ڪيترا حصا ملائي هن کي هڪ نئين رياست بڻائي ان کي تسليم ڪيو ويو. ترڪي فوج ۽ جنگي هٿيارن کي محدود ڪيو ويو. عثماني سلطانن کي مغربي ملڪن کان جيڪي قرض مليا هئا تنهن کي وصول ڪرڻ لاءِ مغربي ملڪن ترڪي جي آمدنيءَ وارن ذريعن مثلاً ٽئڪس، ڊيل ۽ محصول کي پنهنجي اختيار ۾ آڻي پنهنجا نمائنده مقرر ڪيا. مطلب ته ترڪي کي اهڙي طرح برباد ڪيو ويو جو هن لاءِ ڪو اهڙو رستو نه ڇڏيو ويو جيڪو هن جي مستقبل جي خوشحالي ڏانهن ويندڙ نظر اچي.(20) "معاهده سيورز" ترڪي عوام ۾ ڏاڍو هيجان پيدا ڪيو. ترڪي جي وسيع سلطنت کي اتحادين پاڻ ۾ ورهائي ان کي پنهنجي اقتدار ۾ رکيو ۽ هر قسم جي پابندي عائد ڪئي. انقلاب پسند جماعت مٿئين معاهدي جي زبردست مخالفت ڪئي. ٻئي طرف يونان اتحادين جي پٺڀرائي سان پاڻ کي ترڪيءَ جي مقابلي لاءِ بلڪل تيار ڪري ورتو ۽ جنگي جهازن جي مدد سان ترڪيءَ جي وسيع علائقي سمرنا تي حملو ڪري قبضو ڪري ورتو. سمرنا تي يونانين ڏاڍا ظلم ڪيا ۽ ڦرلٽ ڪئي. ترڪ عوام ۽ فوج کي گولين جو نشانو بنايو ويو. ترڪن جي جان، مال، عزت ۽ غيرت تي حملا ٿيا. سمرنا کان سواءِ هنن ٻين علائقن تي به

قبضو ڪري ورتو. هنن جو مقصد هو تہ اناطوليہ تي قبضو ڪري عثماني حڪومت جو خاتمو آڻجي.(21) يونانين وٽ جديد قسم جا هٿيار هئا ۽ ترڪي جي مواصلاتي نظام تي هو قابض هئا. اها اڱرائي ۽ ظلم سڀ وڏين طاقتن جي هشيءَ تي پئي ٿيو.(22) انهن حالتن جي ڪري ترڪي عوام ۾ يونانين ۽ مغربي ملڪن خلاف ڏاڍي نفرت هئي پر هو مجبور هئا ۽ ڪنهن بہ عملي قدم کڻڻ جي هنن ۾ طاقت ڪانہ هئي. قدرت ترڪي عوام کي مصطفيٰ ڪمال جهڙو عظيم ۽ مدبر انسان عطا ڪيو جيڪو پنهنجي ڏرتيءَ سان اهو ظلم ڏسي ڪڙهي رهيو هو هن جي دل ۾ وطن جي آزاديءَ جي جذبي جون ڇوليون موجزن هيون. هن ڏٺو تہ عثماني سلطانن ۾ ڪابہ طاقت نہ رهي آهي جو هو ڌارين کان نجات حاصل ڪري سگهن. هن حڪومت جو هر حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي علائقائي فوج جي ڪمان سنڀالي. هن سڄي ملڪ جي مختلف شهرن جا دورا ڪيا ۽ عوام کي يونان جي خطرناڪ ارادن کان آگاهہ ڪيو. هن ترڪن جي غيرت کي للڪاريو ۽ کين اپيل ڪئي تہ هو فوج ۾ ڀرتي ٿين ۽ ترڪي فوج کي مضبوط ڪن تہ جيئن ملڪ مان ڌارين کي ڪڍي سگهجي ۽ امن ۽ آزادي واري زندگي گذاري سگهجي. عوام هن جي سڏ تي لبيڪ چئي پنهنجي تن من جي بازي لڳائي. ان کان پوءِ هڪ اهڙي سياسي پارٽي وجود آئي، جنهن خود حڪومت کي چئلينج ڪيو ۽ اهو اعلان ڪيو تہ جيئن تہ حڪومت غير ملڪين جي هٿ ۾ هڪ عملي طور قيدي ٿي چڪي آهي، تنهنڪري اها ترڪي لاءِ فيصلو صادر ڪرڻ جو اختيار نہ ٿي رکي.

مصطفيٰ ڪمال پاشا پاڻ کي هڪ ئي وقت پنجن دشمنن انگريزن،يونانين، آرمينن، فرينچن ۽ اطالوين جي مقابلي لاءِ پاڻ کي تيار ڪري ورتو. هن کي مشرقي اناطوليہ جي فوجن تي مڪمل ڪنٽرول هو ان ۾ اها فوج بہ شامل هئي جنهن کي نائينٿ آرمي چيو ويندو هو ۽ جنهن کي اڃان بہ ڪنهن محاذ تي شڪست نہ ملي هئي. هن فوج ۾ هڪ لک ٽيهہ هزار اهي ترڪ فوجي قيدي بہ شامل هئا جن کي اتحادين معاهده سيورز جي تحت آزاد ڪيو هو. هنن جا حوصلا بلند هئا.

ان وقت ۾ روس ۾ انقلاب اچي ويو. روس جي انقلابي حڪومت ترڪي ڏانهن صلح جو هٿ وڌايو ۽ اهو معاهدو جيڪو ترڪي ۽ اتحادين جي وچ ۾ ٿيو هو ان کي ڪالعدم قرار ڏنو. انهن بدليل حالتن کي برطانيا ۽ فرانس به محسوس ڪيو هنن جو خيال هو تہ يوناني اقتدار هينئر گهٽي دير تائين قائم رهي نہ سگهندو تنهن ڪري هنن نئين ڪيڏ ڪيڏي ۽ يوناني مفاد کي تحفظ ڏيڻ لاءِ 1931ع ۾ لنڊن ۾ قومي فوج ۽ يوناني حڪومت جي نمائندن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ هڪ فارمولو پيش ڪيو ويو. جيڪو ترڪن لاءِ هڪ بئي ڪاپاري ڌڪ جيان هو چاڪاڻ تہ يوناني تسلط کي انهي فارمولي تحت جاري رکيو ويو هو. هنن جي خفيہ ارادن کي قومي فوج جي نمائندن پروڙي ورتو ۽ هنن جي انڪار ڪري اها ڪانفرنس ناڪام ٿي ويئي. بعد ۾ يونان ترڪيءَ سان جنگ ڪرڻ لاءِ تمام گهٽي تياري ڪئي. يونان اڳيئي ترڪن جي مکيہ علائقن تي قابض هو. هن دفعي هنن جي نيت ترڪيءَ سان هڪ فيصلہ ڪن جنگ لاءِ پيهر پيش قدمي شروع ڪئي پر قدرت ترڪي جي حق ۾ هئي. "سقاريہ" دريا جي ڪناري زبردست جنگ لڳي ترڪي فوج ڏاڍي همت سان وڙهي هن جا حوصلا بلند هئا. خالده اديب پنهنجي ڪتاب ۾ مصطفيٰ ڪمال پاشا جي تقرير جو هڪ ٽڪرو ڏنو آهي:

As a President of the National Assembly, I declare openly before you that we do not want war we want peace. But if the Greek army supposes that it will make us give up our Legitimate rights, it is mistaken. It is perfectly natural that we should be defending our country's existence by arms against altempts to wipe out its nationhood. There can indeed be no more justifiable and reasonable attiude than this. Gentlemen I assure your that we with continue our offensive pressure on the Greek army till not I a single Soldier us left in airlands.(22)

ترڪن جي شجاعت ۽ فوجي مهارت جي ڪري 16 سيپٽمبر 1921ع ۾ يونان جي هاءِ ڪمان پنهنجين فوجين کي پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏنو. ترڪ وطن پرستن مسلسل جدوجهد ڪان پوءِ يونانين ڪان پنهنجا قبايل علائقا واپس ڪسي ورتا.(23)

ٿريس جو مشرقي علائقو سيورز جي معاهدي تحت يونان جي حوالي ڪيو ويو هو. اهو معاهدو عثماني سلطنت جي نمائندن ۽ اتحادين جي وچ ۾ ٿيو هو. مصطفيٰ ڪمال پاشا يونانين ڪان مطالبو ڪيو تہ ٿريس جو علائقو

خالي ڪيو ويجي. هن جي انهيءَ مطالبي تي وڏين طاقتن ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ انهيءَ مطالبي کي معاهدي جي خلاف ورزي قرار ڏنو برطانيا ۽ ترڪي جا تعلقات ان ڪان پوءِ ڪشيده ٿي ويا. پر برطانيا جنگ ڪان پاسو ڪرڻ چاهيو. يونان لاءِ اهي حالتون مايوس ڪن هيون. يونان جلد ئي مشرقي ٿريس، ترڪيءَ جي حوالي ڪيو. اهي بدليل حالتون ڏسي وڏين طاقتن کي ترڪيءَ جي اهميت جو احساس ٿيو. هنن ترڪيءَ ڏانهن صلح جو هٿ وڌايو. 5 آڪٽوبر 1922ع ۾ هڪ ڪانفرنس گهرائي ويئي. عثماني سلطانن جو اقتدار هيئنر فقط نالي ماتر هو. ملڪ جي واڳ هيئنر گهڻو ڪري انقلاب پسند جماعت جي حوالي هئي. ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ مغربي ملڪن ترڪي جي انقلاب پسند جماعت ۽ سلطان جي نمائندن کي دعوت ڏني. انقلاب پسند جماعت ان ڳالهه تي اعتراض ڪيو. هنن جي خيال ۾ عثماني حڪومت سيورز معاهدو ڪري ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو باعث بڻي آهي ۽ قومي وقار کي نقصان پهچايو آهي ۽ هنن جي پارٽيءَ ملڪ کي تباهي ڪان بچائي سندن منهن مٿي ڪيو آهي تنهنڪري ترڪي جي نمائندگي جو حق بہ صرف هنن کي هئڻ گهرجي. ان موضوع تي ڏاڍو بحث ٿيو پر انقلاب پسند جماعت ان موقف تي سختيءَ سان قائم رهي. آخر 4 نومبر 1922ع ۾ سلطان جي وزارت مستعفي ٿي وئي.(24)

جمهوريت پسند جماعت جو وفد عصمت پاشا جي قيادت ۾ روانو ٿيو. برطانوي وفد جي قيادت وزير خارجہ لارڊ ڪرزن ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ بہ ترڪن کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن ڪري ناڪام ويئي. 23 اپريل 1923ع آخري لوزان ڪانفرنس منعقد ٿي. ترڪ پنهنجي موقف تي سختيءَ سان قائم رهيا. 24 جولاءِ 1923ع تي هڪ صلح نامو تحرير ٿيو.(25)

15 اپريل 1924ع تي انهيءَ صلح نامي تي عمل ٿيو. هن صلح نامي تحت ترڪي مان اتحادي فوجن جي واپسي ۽ عراق، شام ۽ ترڪي جون سرحدون مقرر ڪيون ويون. ترڪي ڪان کسيل علائقا جهڙوڪ اناطوليہ مشرقي ٿريس، اميروس، ٽيني ڊوس جا جزيره ۽ ايڊريانوپل جا علائقا هن کي واپس مليا. ترڪ ۽ يونان باشندن جي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ واپسي عمل ۾ آئي. عثماني سلطانن مغربي ملڪن کان اٽڪل 107 ملين پائونڊ قرض

ڪنيو هو. انقره حڪومت انهن مان اٽڪل 8 ملين پائونڊ واپس ڏيڻ لاءِ رضامند ٿي. جيتوڻيڪ عرب علائقا ترڪي کي واپس نہ مليا پر ترڪي جا اهي علائقا جن تي اتحادي قابض هئا، سي ترڪيءَ کي واپس مليا غير ملڪي مشير جيڪي ترڪي جي آمدني جي ذريعن تي قابض هئا تن کي واپس روانو ڪيو ويو. هن معاهدي کان پوءِ جمهوريت پسند جماعت جي راهہ مان هر رڪاوٽ پري ٿيندي ويئي. مغربي طاقتن انقره حڪومت کي تسليم ڪيو. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري جمهوريت پسند جماعت جي مقبوليت عوام ۾ وڌندي ويئي ۽ هو عوام جي اڳيان سرخرو نظر اچي رهي هئي.

ترڪي ۾ هينئر بہ حڪومتون نظر اچي رهيون هيون. هڪ عثماني حڪومت جنهن جو صدر مقام قسطنطنيہ هو. ٻئي جمهوريت پسند جماعت جي "قومي مجلس" جي حڪومت جنهن جو صدر مقام انقره هو ۽ مصطفيٰ ڪمال پاشا ان جو سربراهہ هو. ان وقت عثماني حڪومت جو سربراهہ سلطان وحيدالدين هو ملڪ ۾ بہ حڪومتون ملڪ لاءِ خطرناڪ هيون. ملڪ جي حالت ابتر هئي. اقتصادي حالتون ڪريل هيون. ڪرنسي جي قيمت تيزي سان ڪري رهي هئي جنهن ويتر ملڪ جي حالت خراب ڪري ڇڏي هئي. سلطان وحيد الدين تي جمهوريت پسند جماعت انگريزن سان سازباز ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيس هلايو ۽ ڪيس قومي عدالت ۾ پيرش ٿيڻ جو حڪم ڏنو جنهن کان هن انڪار ڪيو. آخر هو برطانوي مدد سان ملڪ ڇڏي ويو. هن کان پوءِ سلطان عبدالمجيد خليفو ٿيو. 19 آڪٽوبر 1923ع تي ترڪيءَ جي قومي اسيمبليءَ ترڪي جمهوريہ قرار ڏيندي مصطفيٰ ڪمال پاشا کي ان جو پهريون صدر منتخب ڪيو. مصطفيٰ ڪمال پاشا هينئر اهو اعلان ڪيو تہ ملڪ کي بيروني دشمنن کان بچائڻ لاءِ عثماني حڪومت جو خاتمو آڻڻ ضروري آهي. آخر سڀئي انتظام مڪمل ڪيا ويا ۽ 3 مارچ 1924ع عثماني خلافت جو منصب ختم ڪيو ويو.(26)

مصطفيٰ ڪمال پنهنجي وطن جي آزاديءَ قومي وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون تاريخ ان کي هميشہ قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. دشمن کي پنهنجي سرزمين تان هڪالي هن ملڪي اصلاح ڏانهن توجهہ ڏني. هو نہ صرف هڪ عظيم سياستدان ۽ صحيح فوجي هو پر هڪ مصلح ۽ منظم بہ هو هن کي اها ڄاڻ هئي تہ هڪ غير ترقي يافتہ ۽ معاشي

طور بدحال قوم پنهنجي آزادي کي گهڻو وقت قائم نہ ٿي رکي سگهي. هن پنهنجي قوم جي ذهني حالت بدلائڻ لاءِ انقلابي قدم کنيا. هن ملڪ ۾ تمدني، تعليمي، معاشي ۽ معاشرتي اصلاحات نافذ ڪيا. قديم ترڪي کي جديد نعمتن سان نوازيو. خارجہ پاليسي غير جانبدار رکي. برطانيا، فرانس ۽ روس سان دوستانہ معاهده قائم ڪيا. 1937ع ۾ هن ايران، افغانستان ۽ عراق جي وچ ۾ هڪ معاهدو قائم ڪيو جيڪو "ميثاق سعد آباد" جي نالي سان مشهور ٿيو. اڳتي هلي ان معاهدي ۾ يمن، شام، بخارا ۽ حجاز بہ شامل ٿيا.

مصطفيٰ ڪمال پاشا ترڪن ۾ هڪ اهڙي بيداري آندي جنهن ٻين غلام قومن ۾ بہ آزادي لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو سندس پيدا ڪيل بيداريءَ تي قومون هن جو مثال پيش ڪن ٿيون. انهن خدمتن جي ڪري سندس قوم هن کي ڪمال ۽ اتاترڪ جي خطاب سان نوازيو. هي انقلابي مجاهد پنهنجي قوم کي آزاديءَ ۽ بيداريءَ سان همڪنار ڪري 10 نومبر 1938ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري پنهنجي خالق حقيقي سان وڃي مليو.

حوالا:

1. Edward S. Creasy. "Historu of the ottoman Turks with a new introduction by Zeine-N-Zeube" Pub. Beirut, 1961, P-5.
2. Ibid. P-52.
3. Ibid, PP. 75-91.
4. Stanley Lane Poole "Turkey" Pub The Publishers United Ltd. Anarkali Lahore, PP. 142-143.
5. Edward S. Creasy. Op. cit., PP. 121-123.
6. Ibid, PP.197.
7. سومار علي سومرو "جديد اسلامي دنيا"، ايڇ – احمد اينڊ سنز حيدرآباد، ص21.
8. ڊاڪٽر محمد عزيز پي- ايڇ- ڊي، "دولت عثمانيہ" مطبوعہ معروف پريس، اعظم ڳڙهہ، ص 27.
9. Edward S. Creasy, op. cit., PP. 359-364.
10. Lane Poole, op. cit., PP.186-187.
11. Edward S. Creasy, op. cit., PP. 460-461.
12. ڊاڪٽر محمد عزيز ص 250.
13. ايضاً ص 244.
14. ايضاً ص 259.

15. ایضاً ص 620.

16. سید ریاض احمد شاہ، "جدید دنیاء اسلام" ستار بک ڈپو اردو بازار لاھور ص 301.

17. Halide Edib, "Conflict of East and West in Turkey", Pub. Sh. Muhammad Ashraf Kashmir Bazar Lahore, P. 85

18. سید ریاض احمد شاہ، ص 302.

19. ڈاکٹر عزیز ص 279.

20. Halide Edib., op. cit., PP. 92-93
21. Ibid. P. 102.
22. Dr. Dogu Ergil, "Social History of the Turkish National Struggle 1922. Pub. Sindh Sagar Academy, Chowk Minar Anarkali Lahore Pakistan. P. 153.
23. Halide Edib, op. cit., P. 103.
24. Ibid., P. 103.
25. Ibid., P. 104.
26. Ibid., P. 105.
27. Ibid., P. 107.

("سنڌي ادب" انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي 86_1985)

آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جي وقت ۾ خواتين جو دين جي اشاعت ۾ حصو ۽ قربانيون

الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان دين اسلام ۾ عورتن جو درجو ۽ قدر واضح طور بيان ٿيل آهي. قرآن شريف ۾ سورة النساءَ" جنهن جي معنيٰ آهي عورت، انجي ذريعي عورت جي حقن کي محفوظ ڪيو ويو آهي. خدا تعاليٰ جي طرفان اهو عورت ۾ موجود صلاحيتن جو انعام آهي. آنحضرت صلي الله عليه وآله وسلم جن چاليهن سالن جي عمر ۾ جڏهن رسالت تي مامور ٿيا ته سندن پوري زندگي دين جي تبليغ ۽ اصلاح ۾ گذري، ان تبليغ لاءِ کين هميشه هر ڪنهن جي تعاون جي ضرورت هندي هئي. الله بارڪ تعاليٰ جي طرفان حضور پاڪ جن تي سورة مدثر ۾ هيٺيان حڪم آيا.

"ياايهاالمدثر قم فانذر وربڪ فڪبر
وثيابڪ فطهر وائرجز فاهجر ولاتمنن
تستڪثر واربڪ فاصبر"

"اي چادر ڍڪيل(نبي) اُٿ ۽ اٿي پنهنجي قوم کي ايندڙ عذاب الاهي کان ڊيڄار ۽ پنهنجي رب (پالڻهار) جي وڏائي ياد ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا صاف ۽ پاڪ رک ۽ بڇڙي ۽ نه وڻندڙ هلت(مخلوق پرستي) کان پري رهه ۽ ڪنهن تي به وڏائي لاءِ ٿورو نه ٿڦ ۽ خاص خدا ڪارڻ تڪليفون سهه ۽ صبر ڪر."

آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن کي جڏهن درگاهه الاهي مان حڪم احڪام مليا ته عربن پنهنجي گهر ۽ پوءِ عام ماڻهن کي خدا تعاليٰ جي وحدانيت جو پيغام پهچائڻ لڳا. انهن مان ڪيترن ته الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ رسول خدا جي سچائي جي ساک ڀري، پر ٻيا الله جي رسول ﷺ ۽ ان جي پيغام کي سچو مڃيندڙ بيگناهن کي، ستائڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ لڳا.

انهن جا ظلم ايترا شديد هئا جو انسان ذات جي برداشت کان ٻاهر هئا پر انهن تي به حضور صلعم جن جي پاڪ ۽ سچي تعليم جو اهڙو ته پڪو ۽ مضبوط اثر هو جو اهي ظلم ۽ تڪليفون نهايت دليري ۽ جوان مردي سان سهي ويندا هئا. اهڙيون تڪليفون مردن سان گڏوگڏ عورتن به برداشت ڪيون. هنن جي مٿان ڪافرن ڏاڍا ظلم ڪيا پر هي ڪمزور صفت به پنهنجن ارادن تي مضبوط رهيون.

اسلام جي تبليغ ۾ عورتن حضور صلعم جن جي ڏاڍي مدد ڪئي ۽ پنهنجي دين واسطي وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون. پنهنجن ويجهن رشتن کان به منهن موڙيائون، خاندان ۽ قبيلن سان جهيڙا جوڙيائون، مصيبتون برداشت ڪيائون، گهر ٻار ڇڏيائون، زبان ۽ بيان سان دين جو فرض ادا ڪيائون. پنهنجي مڙس، مائٽن، نوڪرن، ٻانهين ۽ ملڻ وارين کي اسلام قبول ڪرڻ جي ترغيب ڏنائون، حق جي نصرت ۽ حمايت ۾ نيزا ۽ تلوارون به بلند ڪيائون. مطلب ته اسلام جي ترقي جي راهه ۾ طرح طرح جي تڪليفن سهڻ وارين اهڙين صحابي عورتن جا مثال تاريخ، اسلام ۾ محفوظ آهن. جهڙوڪ:

1. حضرت خديجه بنت خويلد رضه:

اسلام جي تبليغ ۾ شروعاتي ڏکيا ۽ پيچيده ڪم هن محترم خاتون ئي سرانجام ڏنا. حضور پاڪ صلعم جن جي حرم ۾ هئي ۽ وحيءَ جي پهرين گواهه هئي. حضور صلعم جن تي جڏهن پهرين وحي نازل ٿي ته پاڻ سڳورا گهبرائجي ويا ۽ سمورو احوال اچي بيبي صاحبه سان ڪيائون ۽ فرمايائون ته "خبر ناهي مون سان ڪهڙو حال ٿيندو؟" ان تي بيبي صاحبه کين دلداري ڏيندي فرمايو ته "اوهين پنهنجن مٽن مائٽن سان شفيق ۽ مهربان آهيو سدائين سچار آهيو زالن، يتيمن، بيواهن ۽ بيوسيلن جا مددگار ۽ حامي آهيو جيئن اوهين جهان جا خيرخواهه آهيو تيئن الله تعاليٰ به اوهان کي ضرور تڪليفن کان بچائيندو."

هن محترم بيبي وحي جي صداقت کي تسليم ڪيو. اسلام جي شروعات ۾ جيڪي به تڪليفون حضور پاڪ صلعم جن کي درپيش آيون

تن ۾ بيبي صاحبہ جي دلداري ۽ ہانهن ٻيلي حضور پاڪ صلعم جن جي همت افزائي ڪئي. اسلام تي سڀ کان پهرين ايمان آڻڻ واري خاتون، اهائي بيبي صاحبہ هئي.

2. غذيہ رضہ:

اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ هن بدوي قبيلي جي عورت مڪي شريف ۾ اچي اسلام جي تبليغ شروع ڪئي. مڪي جون عورتون ڏانهس راغب ٿيڻ لڳيون. قريشن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ هنن کيس هڪ قافلي جي حوالي ڪيو تہ جيئن کيس ماڻهن ڏانهن وٺي وڃن. کيس هڪ اُٺ جي پٺيءَ تي رسين سان ٻڌو ويو. پوءِ سندس بيان مطابق، قافلي وارن هڪ دفعو بہ کيس کاڌو يا پاڻي بہ ڏنو. منزل ڪرڻ مهل، هٿ پير ٻڌي آس ۾ اجلائي ڇڏيندا هئس. ٽن راتين ۽ ڏينهن گذارڻ کانپوءِ سندس حالت سڌريل ڏٺي تہ هنن سمجهيو تہ شايد رات جو ڪنهن طرح رسيون کولي قافلي وارن جي چوري ڪري کاڌو کاڌو اٿس پر اهو ڏسي ششدر ٿيا تہ، نہ تہ هنجون رسيون کليل هيون ۽ نہ ئي سندن کاڌو يا پاڻي ئي چوري ٿيل هو. بس الله تبارڪ تعاليٰ جو فضل ۽ ان جي وحدانيت جو ڪمال هو جنهن کان قافلي وارا ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ سيئي مسلمان ٿي ويا.(1)

3. حضرت سميہ رضہ:

هي خاتون ابو حذيفہ بن سفيره جي خادمہ هئي. سندس دل اسلام جي نور سان پرنور هئي. ابو جهل هن کي قسمين قسمين ايذاءِ ۽ تڪليفون ڏنيون. کيس لوءِ جي زره پارائي صحرائي اُس ۾ بيهاريو ويندو هو. ساڳيون عقوبتون هن جي سامهون هن جي پٽ عمار ۽ مڙس ياسر سان پڻ ڪندو هو مگر هن جو استقلال ۽ دين جي سچائي هئي جو هن صبر سان هر مصيبت کي برداشت ڪري شهادت جي منزل ماڻي. هيءَ پهرين مسلمان خاتون هئي جنهن اسلام جي بلندي خاطر جسم تي برڇي کاڌي ۽ شهيدن جي فهرست ۾ آئي.(2)

5-4. لبنيہ رضہ ۽ زنيره رضہ:

هي ٻئي ڪنيزون هيون. اسلام قبول ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ کين ڏاڍو ايذايو ويو. حضرت عمر رضہ (جنهن ان وقت ۾ اڃان اسلام قبول نہ ڪيو هو) لبنيہ رضہ کي ماري ماري ٿڪجي پوندو هو ۽ کيس چوندو هو تہ "اٿين نہ سمجهہ تہ توتي رحم ٿو اچي، پر ٿڪجي پيو آهيان." هوءَ کيس نهايت استقلال سان چوندي هئي تہ "جيڪڏهن تون اسلام قبول نہ ڪندين تہ خدا تعاليٰ توکان ان جو انتقام وٺندو." حضرت زنيره رضہ کي ابوجهل ايترو تہ ماريو جو هن جي اکين جي روشني ويندي رهي.(3)

7-6. حضرت نهديہ رضہ ۽ اُم عميس رضہ :

هي ٻئي بہ ڪنيزون هيون، اسلام قبول ڪرڻ جي جرم ۾ سخت مصيبتون سٺائون.(4)

8. فاطمہ رضہ بنت الخطاب:

دور جهالت ۾ لکي پڙهي سگهندي هئي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ جڏهن سندس ڀاءُ حضرت عمر رضہ (جنهن اڃان اسلام قبول نہ ڪيو هو) ڪاوڙيو تہ هن جي اڳيان قرآن شريف جي هڪ سورة اهڙي انداز سان پڙهيائين جو حضرت عمر رضہ جهڙو شخص ايتري قدر تہ متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. حضرت عمر رضہ جي اسلام قبول ڪرڻ سان مسلمانن جي همت وڌي ويئي. اڳتي هلي هيءُ هڪ اهڙو جليل القدر خليفۃ وقت ۽ تاريخ سان انصاف ڪندڙ ثابت ٿيو جو ڪائنس پوءِ اڄ تائين هن جهڙو ڪو پيدا نہ ٿيو آهي، سندس هر نيڪي ۽ شرف جي ڀاڱي ڀائيوار سندس اها ڀيڻ فاطمہ رضہ آهي.(5)

9. سعديٰ رضہ بنت ابي مفي:

هن محترم خاتون لاءِ چيو وڃي ٿو تہ سندس ئي ترغيب سان حضرت عثمان غني رضہ اسلام قبول ڪيو. رشتي ۾ هيءَ حضرت عثمان رضہ جي ماسي هئي.(6)

10. رقيقہ رضہ بنت ابي مفي:

هن خاتون مڪي جي نازڪ ترين دور ۾ حق جي صدا تي لبيڪ ڪئي هئي. مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ وقت جڏهن ڪانفرن حضور صلعم جن کي شهيد ڪرڻ جو منصوبو ناهيو تہ هن نيڪ عورت حضور پاڪ جن کي اهڙو اطلاع پهچايو هو جنهن ڪري حضور صلعم جن راتو رات مڪو ڇڏي هليا ويا هئا.(7)

11. حضرت امہ عماره رضہ:

هڪ بزرگ صحابہ هئي، هن جي شجاعت ۽ قوت ايماني جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جنگ اُحد ۾ جڏهن حالتن پلٽو کاڌو ۽ ڪافر مسلمانن کي شهيد ڪندا آقاءِ نامدار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن تائين پهتا تہ هن صحابہ ڏاڍا مجاهدانہ ڪارناما ڏيکاريا ۽ ٻين مجاهدن سان گڏ ڪافرن جي حملي کي پنهنجي ڍال تي پئي روڪيائين ۽ انهن سان سخت مقابلو ڪيائين. حضور صلعم جن سندس عظمت ۽ عزت تي فخر ڪندا هئا. (8)

12. حضرت صفيہ رضہ:

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن جي پڦي ۽ حضرت حمزه رضہ جي ڀيڻ هئي. ڪيس جڏهن پنهنجي عظيم ڀاءُ حضرت حمزه رضہ جي جنگ اُحد ۾ شهادت جي خبر پيئي تہ سندس ديدار ڪرڻ لاءِ پهتي. حضرت حمزه جي لاش جي ڪافرن ڏاڍي بي حرمتي ڪئي هئي. بيبي صفيہ جي پٽن جي اها ڪوشش هئي تہ لاش کي نہ ڏسي، متان صبر نہ ڪري سگهي، پر سندس دين اسلام کان مليل صبر ۽ عظمت هئي جو دل تي پٿر رکي ڪفن جي ڪپڙي جو هڪ ٽڪر، ڀريائين هڪ شهيد انصاري تي وڌائين ۽ پوءِ پنهنجي ڀاءُ جي مٿان وجهي الله پاڪ جي رضا تي راضي رهي، صبر ڪري هلي ويئي.(9)

13. عفيفہ رضہ:

اسلام جي شيدائي هڪ انصار خاتون هئي. جنگ اُحد ۾ سندس پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس شهيد ٿي ويا. انهن سيني جي شهيد ٿيڻ جي ڪيس بار بار خبر

پيئي، پر هن هر وار اهوئي پئي پڇيو تہ حضور صلعم جن ڪيئن آهن؟ ماڻهن ٻڌايس تہ هو خيريت سان آهن. پوءِ حضور صلعم جن جو چهرو مبارڪ ڏنائين تہ بي اختيار چئي ڏنائين:

ڪل مصيبة بعدڪ جلل
"تنهنجي هوندي سڀ مصيبتون هيچ آهن."(10)

14. حضرت اُم سلمہ رضہ:

اسلام جي شروعاتي ڏينهن ۾ پنهنجي مڙس ابو سلمہ بن عبدالاسد سميت مسلمان ٿي ۽ ڪافرن جي ظلمن جو نشانو رهي. پوءِ جڏهن رسول الله صلعم جن ڪافرن جي ظلمن ۽ ايذائن جي حد کان وڌي وڃڻ تہ صحابہ ڪرام کي حبش ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جي اجازت ڏني تہ حضرت اُمہ سلمہ بہ هجرت ڪئي. ڪجهہ وقت کانپوءِ مهاجرين حبش مان موٽي آيا ۽ وري حضور اڪرم صلعم جن جي حڪم سان مديني ڏانهن هجرت جو قصد ڪيائون تہ جيئن هيءَ مڪي مان نڪتا تيئن سندس والدين کيس زبردستي روڪي ڇڏيو ۽ سندس مڙس جا مائٽ هن کان معصوم ٻار ڦري ويا. حضرت ابو سلمہ کي اڪيلو ئي مديني شريف وڃڻو پيو. حضرت اُمہ سلمہ دين جي حق ۽ نصرت خاطر اها جدائي برداشت ڪئي. هڪ سال تائين روزانہ متواتر ان جڳهہ تي ايندي هئي جتان تنهي کي جدا ڪيو ويو هو ۽ سڄو ڏينهن اتي روئندي ۽ پنهنجي منزل ڏانهن حسرت جي نگاهن سان نهاريندي رهندي هئي. نيٺ اجازت ملڻ کانپوءِ پنهنجي صغير ٻار سان اڪيلي سر مسافري جون منزلون طئي ڪري مديني وڃي پهتي، هن بہ دفعا هجرت ڪرڻ واري مجاهده کي اڳتي هلي اُم المومنين هئڻ جو شرف حاصل ٿيو.

15. حضرت اُم شريڪ رضہ:

هن بيبي نهايت عظيم الشان اسلامي خدمتون انجام ڏنيون. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ هن جو معمول هو تہ ڳجهيءَ طرح عورتن سان ملندي هئي ۽ اسلام جي تبليغ ڪندي هئي. هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ الله تعاليٰ اهڙو

تہ تاثير رکيو هو جو جيڪو ڪيس ٻڌندو هو سو ان جو اثر ضرور وٺندو هو. ڪافرن کي جڏهن هن جي ڳالهين جي خبر پيئي تہ ڪيس ايتريون تہ تڪليفون ڏنائون جو هوءَ مڪي معظم مان هلي ويئي.(11)

16. حضرت اُم الحڪيم رضہ:

هن معزز عورت جو گهر وارو عڪرمہ بن ابو جهل هو جيڪو فتح مڪي ڪانپوءِ يمن ڏانهن ڀڄي ويو هو. هن خاتون بہ يمن جو رخ ڪيو ۽ وڃي پنهنجي مڙس کي نهايت خلوص سان متاثر انداز ۾ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني جنهن جو اثر عڪرمہ تي پيو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو ۽ اچي حضور صلعم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. حضور سائين جن کي سندس مسلمان ٿيڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي.(12)

17. حضرت اُم سليم رضہ:

سچي مسلمان صحابيہ هئڻ سان گڏوگڏ وڏي مبلغہ پڻ هئي ۽ اسلام جي تبليغ ۾ هر وقت ڪوشان رهندي هئي. حضرت ابو طلح انصاري اڃا حالت ڪفر ۾ هو تہ ڏانهس شاديءَ جو پيغام موڪليو هئائين. جنهن تي هن جوائي موڪليو هوس تہ جيستائين اسلام قبول نہ ڪندو تيستائين ساڻس شادي نہ ڪندي، پر جيڪڏهن اسلام قبول ڪندو تہ نہ صرف ساڻس شادي ڪندي، پر اسلام کي ئي پنهنجو حق مهر رکندي، انهن ڳالهين ٻڌڻ ڪانپوءِ حضرت ابو طلحہ رضہ اسلام قبول ڪيو ۽ اسلام جي ايتري خدمت ڪيائين جو صحابہ ڪرام مٿس فخر ڪندا هئا.(13)

18. حضرت اُم فڪيہ رضہ:

هن نيڪ خاتون دين اسلام کي قبول ڪرڻ ۽ رسول خدا صلعم سان سچي محبت ڪرڻ ۾ بي انت ظلم سٺا. ڪافرن ڪيس ڏاڍي جسماني تڪليف تي ڏني، پر هن جي ايمان ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ آئي.(14)

19. خاتون جنت حضرت فاطمة الزهريٰ رضہ:

شهنشاهہ دوجهان جي جگر جي ٽڪر، ان وقت عالم فاني ۾ اک کولي جڏهن پورو عربستان ڪفر ۾ غرق ۽ سندس عظيم پيءُ جو مخالف هو. رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم جن کي ڪافر ڏاڍيون تڪليفون ڏيندا هئا، ڪڏهن سندن مٿي مبارڪ ۾ خاڪ وجهي ويندا هئا تہ ڪڏهن سندن راهہ ۾ ڪنڊا اڇلائيندا هئا. جڏهن حضور صلعم جن گهر پهچندا هئا تہ بيبي فاطمہ رضہ کين تسلي ڏيندي هئي تہ ڪڏهن پنهنجي جليل القدر پيءُ جي مصيبتن کي ڏسي روئي ڏيندي هئي. بيبي صاحبہ گفتار عادتن ۽ خصلتن ۾ رسول ڪريم صلعم جن جو نمونو هئي. نهايت متقي ۽ ديندار خاتون هئي. گهر جو سڄو ڪم پنهنجي هٿن سان ڪندي هئي، چڪي پيهندي سندس هٿن ۾ سلڦون پئجي وينديون هيون. ڪڏهن ڪو نوڪر يا غلام نہ رکيائين. ٻنهي جهانن جي سردار جي ڌيءَ ڪيترا ڏينهن بک تي ويٺي هوندي هئي، پر هميشہ الله رب العزت جي عبادت ۾ مشغول ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين جي خدمت ۾ مصروف هوندي هئي. جنگ اُحد ۾ جڏهن کين حضور صلعم جن جي زخمي ٿيڻ جي خبر پهتي تہ پاڻ اُحد وٽ پهتي. حضور سائين جن جي زخمن کي ڌوتائين، رت بند نہ ٿيڻ تي تڏي جي ٽڪر کي ساڙي ان جي رک سان سندن زخم کي ڀريائين.(15)

هڪ دفعي رسول ڪريم صلعم جن بيبي صاحبہ وٽ ويا، ڏٺائون تہ سيدةالنساءَ کي اٺ جي کل جو لباس پاتو هو جنهن ۾ تيرهن چتيون لڳل هيون اٽو بہ پئي پيهيائين تہ زبان سان ڪلام الله جو ورد بہ پئي ڪيائين. اهو ڏسي حضور صلعم جن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ فرمايائون، "فاطمہ! دنيا جي تڪليفن جو صبر سان خاتمو آڻ ۽ آخرت جي دائمي خوشي جو انتظار ڪر، الله توکي نيڪ اجر ڏيندو".

20. حضرت عائشہ صديقہ رضہ:

اُم المومنين حضرت عائشہ رضہ نہ صرف ازواج مطهرات تي علمي فوقيت رکندي هئي پر ڪيترين صحابيات تي کيس امتيازي حيثيت بہ حاصل هئي اٽڪل 2210 حديثون سندن روايتن تي مبني آهن. الله تعاليٰ

قرآن شريف ۾ ڪيترين ئي آيتون سندن شان ۾ نازل ڪيون آهن. جنگ اُحد ۾ جن مسلمان عورتن شرڪت ڪئي، بيبي عائشه رضه به انهن ۾ شامل هئي. حضرت انس رضه جن فرمائين ٿا ته مون حضرت عائشه رضه ۽ حضرت اُم سليمه رضه جيڪا سندس والده هئي، تن کي ڏٺو ته پاڻيءَ جون مشڪون پري زخمين کي پاڻي پياري رهيون هيون. حضرت عروه بن زبير فرمائين ٿا ته ”مون حضرت عائشه رضه کان وڌيڪ ڪنهن کي به قرآن، فرائض، حلال، فقه، شعر، طب، تاريخ، عرب ۽ نسب ۾ ڄاڻو نه ڏٺو“.

حضور صلعم جن بيبي عائشه رضه لاءِ فرمايو آهي: ”فضل عائشه علي النساءَ کفضل الطعام علي الرشيد.“

21. حضرت رفيده رضه:

قبيله اسلم سان تعلق رکندڙ هن خاتون بابت مورخن لکيو آهي ته زخمين ۽ بيمارن جي خدمت چاڪري ڪندي هئي. جنهن لاءِ مسجد نبوي ۾ هڪ خيمو هوندو هو. حضرت سعد بن معاذ جنگ خندق ۾ زخمي ٿيو ته حضور پاڪ صلعم جن هن کي رفيده رضه جي خيمي ۾ موڪليو ته جيئن سندس صحيح خدمت خاطري ٿي سگهي.(16)

تاريخ اسلام ۾ خواتين جو دين جي تبليغ ۾ جيڪو حصو رهيو آهي ۽ ان ۾ هنن جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪيون آهن اهي سبق آموز آهن. حضور صلعم جن خواتين جي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو. اسلام کان اڳ ۾ عورتن کي فقط عيش و عشرت جو سامان سمجهيو ويندو هو ۽ سماج ۾ ڪين ڪابه عزت حاصل ڪانه هئي. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار هونديون هيون، پر حضور صلعم جن ڪين عزت ۽ احترام عطا ڪيو. سندن حق ۽ ذميوارين مقرر ڪيون، ۽ هنن به پنهنجون ذمبواريون نهايت خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏنيون. هنن دين، ان لاءِ ڪيئي قربانيون ڏيئي، پنهنجو نالو روشن ڪيو اسلام جي ترقي ۽ تعبير ۾ پرپور حصو ورتو.

حوالا:

(1) محمد حميدالله رسول اڪرم صلعم کي سياسي زندگي، ص:110، اداره اسلاميات 190 انارڪلي لاهور پاڪستان.

(2) شبلي نعماني: سيرةالنبي، ص:233، ناشران قرآن لميٽيڊ اردوبازار لاهور.
مولانا سيد جمال الدين عمري، عورت اسلامي معاشره مين، ص:بحواله طبقات ابن سعد، اسلامڪ پبليڪيشنز لميٽيڊ، 11 سي، شاه عالم مارڪيٽ، لاهور.
عبدلقيوم ندوي، باڪمال مسلمان عورتون، ص: 79 بحواله اسدالغابه ذڪر سميه – ايم ثناءَ الله 62 ريلوي روڊ لاهور.

(3) شبلي نعماني، ص:234 ايضا

(4) ايضاً 0234

(5) محمد حميد الله، ص:0111

(6) ايضاً، ص: 111 - عبدالقيوم ندوي،ص: 0194

(7) مولانا سيد جلال الدين انصر عمري، ص: -136

(8) شبلي نعماني، ص:389، عبدالقيوم ندوي، ص: 190 - بحواله طبقات ابن سعد.

(9) محمد حميد الله، ص:112

(10) شبلي نعماني ص: 0390

(11) عبدالقيوم ندوي ص:195، بحواله اسد الغابه.

(12) ايضاً ص 198، بحواله موطاءِ امام مالڪ.

(13) ايضاً ص: 200-199، بحواله مسند امام احمد بن حنبل.

(14) ايضاً ص:0202

(15) مولانا سيد جلال الدين انصر عمري ص:144، بحواله بخاري، ڪتاب المغازي غزوة احد باب اصحاب النبي من الجراح يوم احد.

(16) ايضاً ص:0148

("نئين زندگي" نومبر 1987)

قرطبہ وارن جو بلوو

عربستان ۾ اسلام جي اچڻ کانپوءِ، عربن جي فتوحات جو سلسلو شروع ٿيو. فاتح جي حيثيت سان هو نہ صرف مشرق پر مغرب ۾ بہ پهتا. آفريقا تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هو اسپين کي فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. جنهن جو سهرو موسيٰ بن نصير. (ان وقت ۾ آفريقا جو گورنر) ۽ طارق بن زياد(مشهور سپہ سالار) تي آهي.

مُسلمانن جي اسپين پهچڻ کانپوءِ اُتي هڪ نئين تهذيب ۽ تمدن جو آغاز ٿيو. ان کان اڳ ۾ جڏهن هُتي عيسائي حڪومت هئي تہ ماڻهن جي سماجي، سياسي، معاشي ۽ مذهبي حالت بلڪل ابتڙ هئي. شاهي خاندان، ديول سان تعلق رکندڙ ۽ امير طبقي کانسواءِ ملڪ جي باقي آبادي کي ناانصافي جي چڪيءَ ۾ پيسيو ويندو هو. ڪين نہ مذهب جي آزادي هئي نہ سماج ۾ انسان ڪري ليکيو ويندو هو. يهودين سان ڏاڍو ظلم هوندو هو. هُنن جي ٻارن کي خاص ڏينهن تي عيسائي بڻايو ويندو هو. ايتري قدر جو سنہ 672ع ۾ جڏهن سيبٽ تخت تي ويٺو تہ هن حڪم جاري ڪيو تہ يهودي يا تہ عيسائي ٿين يا ورڻ ملڪ ڇڏي وڃن. حڪومت جي ظلم کان بچڻ لاءِ اٽڪل نوي هزار يهودي نالي طور عيسائي ٿيا پر جڏهن هُنن جو اهو راز کليو تہ هنن جو قتل عام ڪيو ويو ۽ ڪيترن کي غلام بڻايو ويو.(1)

مسلمانن جي حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ اُندلس جي ماڻهن کي اسلامي رواداري ۽ مساوات جي خبر پيئي. عوام تان ڳرا ٽيڪس معاف ڪيا ويا. جاگيردارن جون جاگيرون غريب عوام ۽ هارين ۾ ورهايون ويون. جنهن ڪري اسلام جو دائرو وسيع ٿيندو ويو.

قرطبہ (2) جي اُترئين حصي ۾ مولدين يعني نو مسلم اسپيني ۽ ان جو اولاد گهڻي تعداد ۾ آباد هو جيڪي پنهنجي ۽ عربن جي جاگيرن تي زراعت

ڪندا هئا. انهن مان گهڻي ڀاڱي شاگرد به هئا جيڪي ديني ۽ قانون جي تعليم حاصل ڪندا هئا. عباسين جڏهن مشرق ۾ اموي سلطنت جو تختو اونڌو ڪيو تڏهن هُنن اموي خاندان جي هر فرد کي مارڻ جو فيصلو ڪيو (3) اموي شهزادو عبدالرحمان جيڪو هشام (بنو اُميه جو ڏهون ۽ آخري خليفو هو) جو پوٽو هو ۽ معاويه بن هشام جو پٽ هو سو فلسطين ۽ مصر کان ٿيندو آفريقا پهتو ۽ آخر اسپين ۾ اموي خاندان جو امير مقرر ٿيو (4) هُن کي پنهنجي اقتدار ۽ قوت تي مُڪمل ڀروسو هو تنهن ڪري هُن فقيهن ۽ علمائن جي اختيارات کي ايترو نه وڌايو جو هو امير کي حڪومت جي معاملي ۾ ڪجهه چئي سگهن. عبدالرحمان جي وفات کانپوءِ جڏهن سندس پٽ هُشام اول تخت نشين ٿيو ته فقيهن جي اختيارات ۾ بي پناهه اضافو ٿيو. هشام شروع کان وٺي مذهبي خيالات جو هو خاص ڪري جڏهن هڪ نجوميءَ اها پيشنگوئي ڪئي ته هو صرف ست سال جيئندو ته هشام دنيا جي هر لذت کان پاسو ڪري الله تعاليٰ جي عبادت ۾ لڳي ويو.

اُن زماني ۾ عربستان ۾ فقيهن جي هڪ نئين جماعت پيدا ٿي جُيڪا "مالڪ بن انس مدني" کي پنهنجو امام مڃيندي هئي. (5) هن جماعت ۽ امام مالڪ بن انس سان امير هشام کي گهڻي عقيدت پيدا ٿي ۽ اسپين ۾ مالڪي عقائد جي اشاعت ڪرايائين. شاگردن کي وظيفا ڏيئي مديني موڪليو ويو ته جيئن هو مالڪي مذهب جي تعليم حاصل ڪري اچن. "قضا" جي محڪمي ۾ هن کان جيترو ٿي سگهيو هو مالڪي عقيدي وارا عالم وڏن عهدن تي مقرر ڪيائين. هشام جي حد کان وڌيڪ دينداريءَ شريعت جي پابندي ۽ مذهب جي احترام ڪري ملڪ ۾ علمائن ۽ فقيهن جو اقتدار وڌائي ڇڏيو. هو ڪوبه ڪم هنن جي مرضي خلاف نه ڪندو هو توڙي اهو ڪم فوجي معاملي جو هجي "ملڪي يا انتظامي". (6)

سن 180 هه مطابق 796ع ۾ جڏهن هشام جو انتقال ٿيو ته سڄي ملڪ ۾ مالڪي عقيدي جي ڏاڍي عزت ڪئي ويندي هئي. ڪيترائي لائق نوجوان پنهنجي دل سان مالڪي عقيدي جا پابند هئا. انهن نوجوانن ۾ يحيٰ ابن يحيٰ جنهنجو تعلق بربر قبيلي مقصوده سان هو ۽ مديني مان امام مالڪ کان تعليم حاصل ڪري آيو هو ۽ امام مالڪ جو هڪ بهترين شاگرد هو.

تنهن کي اسپين ۾ وڏي عزت حاصل هئي. هو مالڪي عقيدي جو وڏو فقيهه ميجيو ويندو هو ڪيس "عقيل الاندلس" جو خطاب مليل هو ۽ حڪومت جي معاملي ۾ هن کي ڪيئي اختيارات حاصل هئا. هشام ڪانپوءِ جڏهن حڪم اول، اندلس جو امير مقرر ٿيو تہ هن جي سوچ فقيهن جي سوچ کان برعڪس هئي، هونئن تہ امير حڪم مذهب جي دل سان عقيدت رکندو هو ۽ ڪيس ديني تعليم ۽ تربيت بہ مليل هئي پر ان سان گڏوگڏ سندس طبيعت زندگيءَ جي رنگنين ڏانهن بہ مائل هئي. خوش صحبت رهڻ ۽ شڪار ڪرڻ کي زندگي جو لطف سمجهندو هو(7) فقيها سادي ۽ بي مزه زندگي کي بهتر طريقو سمجهندا هئا جنهن کي حڪم ناپسند ڪندو هو. انهي صورتحال ۾ حقيقتي اختلاف جيڪو امير ۽ فقيهن جي وچ ۾ پيدا ٿيو سو هو حڪومت جي معاملي ۾ اختيارات ۽ فقيهن جي دست اندازي کي ختم ڪرڻ.(8) جنهن ڪري فقيهن جي دل ۾ امير لاءِ نفرت پيدا ٿي. هُنن نومولدين سان گڏجي ملڪ ۾ امير خلاف نفرتِ پيدا ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا شروع ڪئي نومولدين جيڪي مالڪي هُئا.(9) تن جي حيثيت سياسي شهرت تائين پهچڻ لڳي. مسجد ۾ نماز کانپوءِ عام ماڻهن سان گڏجي امير جي هدايت لاءِ جيڪا دُعا گهري ويندي هئي تنهن جي عبارت هئي تہ "اي الله هن فاسق و فاجر کي، جنهن کي پنهنجي گناهن تي اصرار ۽ خدا تعاليٰ جي حڪمن جي پابندي کان گريز ڪرڻ آهي "لهو ولعب" کان محفوظ رک ۽ هن کي گمراهي کان بچاءِ ۽ سڌي رستي تي آڻ"هن پروپيگنڊا سان ماڻهن جو حوصلو وڌڻ لڳو. هو کلئي عام امير کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. ايتري قدر جو هڪ دفعو امير بازار مان لنگهي رهيو هو تہ ماڻهن جي هڪ ميڙ مٿس پٿر اڇلايا. نماز لاءِ جڏهن ويندو هو تہ هن خلاف نعريبازي ڪئي ويندي هُئي. بادشاهہ جي محافظن هڪ دفعي ماڻهن جي ميڙ کي ڀڄائڻ خاطر ڏهہ ڄڻا قتل ڪري ڇڏيا.(10)

حالتون ايترو تہ خراب ٿي ويون جو قرطبہ جي وڏن فقيهن جن ۾ يحيٰ بن يحيٰ ۽ عيسيٰ ابن دينار بہ شامل هئا. حڪم جي حڪومت کي خلع ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ اموي خاندان جي هڪ شهزادي محمد بن قاسم المعروف ابن شماس کي حڪومت جي مسند تي ويهارڻ ٿي چاهيو. ابن

شماس ظاهراً فقيهن سان هو پر اندروني طور امير سان مليل هو (11) امير کي جڏهن پنهنجي مخالفن جي نالن جي ڄاڻ ٿي تہ انهن مان ڪيترن ئي گرفتار ڪري ڦاسي ڏني وئي ۽ ڪجهہ ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ڀڄي ويلن ۾ يحيٰ بن يحيٰ ۽ ابن دينار بہ شامل هئا جيڪي طليطہ هليا ويا. جن فقيهن کي ڦاسي ڏني وئي اُهي اسپين ۾ دين جا ستون سمجهيا ويندا هئا. (12) جن جي اسپيني مسلمان فيض ۽ برڪت کان پاڻ کي محروم سمجهڻ لڳا. قرطبہ وارن لاءِ هي هڪ عظيم سانحو هو. عوام ۽ حڪم جي وچ ۾ هيئنر اختلاف وڌندا ويا. امير بہ ضد تي لهي آيو مختلف طريقن سان قرطبہ وارن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هنن تي ٽيڪس ۽ اهڙي قسم جون ٻيون پابنديون وڌيون. (13) محل جي ٻاهران اٽڪل بہ هزار سوار هر وقت تيار بيٺا هوندا هئا. ڪنهن بہ شورش تي ڏوهي کي سرعام ڦاهي تي لٽڪايو ويندو هو. امير جي ان سخت رويي سبب ماڻهو هن جي محافظن کان نفرت ڪرڻ لڳا. ڪوبہ سپاهي خريد فروخت واسطي بازار ۾ ويندو هو تہ ان تي لعنت ملامت ڪئي ويندي هئي. ان وچ ۾ يحيٰ بن يحيٰ بہ قرطبہ موٽي آيو ۽ پنهنجي وعظ ۽ خطبن ذريعي امير خلاف نفرت کي زور وٺرايو. سن 218 هہ مطابق 813ع ۾ هڪ فوجي ۽ هڪ تلوار تيز ڪندڙ جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو جنهن ۾ تلوار تيز ڪندڙ مارجي ويو. اهو جهيڙو قرطبہ جي اترئين علائقي ۾ ٿيو جتي اٽڪل چار هزار فقيهہ ۽ انهن جا شاگرد آباد هئا ۽ سيئي امير جا دشمن هئا. ماڻهن جو ميڙ جيڪو اتي گڏ ٿي چڪو هو رڙيون ڪري چوڻ لڳو تہ هيئنر وقت اچي ويو آهي تہ هنن ظالمن محافظن ۽ ظالم حاڪم کي ختم ڪيو وڃي، سڄي شهر ۾ بلوه پکڙجي ويو ماڻهو هتان هُتان هٿيار پنو هار جمع ڪري اميرن جي سوارين ۽ غلامن پنيان پيا جن ڪجهہ وقت مقابلو ڪيو ۽ پوءِ محل اندر لڪندا ويا. محل جي عمارت هر طرح کان محفوظ هئي. پر جيڪي ماڻهو اندر هئا انهن کي اطمينان ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ قرطبہ جو سڄو شهر محل کي گهيري چڪو هو. جيڪي "السلاح" "اسلاح" پڪاري رهيا هئا. هڪ ڪليل بغاوت شروع ٿي وئي. ماڻهن جو هڪ سمنڊ هو جيڪو ڇولين وانگر امير جي محل کي گهيري چڪو هو. امير حڪم جي چهري تي بہ پريشاني جا آثار پيدا ٿي چڪا هئا. پر هن جي دل کي اطمينان هو

چاڪاڻ تہ هو هڪ "خطرناڪ اٽڪل" سوچي چڪو هو. هن پنهنجي عيسائي غلام يازنطو کي سڏي چيو تہ فلاڻي بيگم کان عطر جي شيشي وٺي اچ. اُهو عطر هُن پنهنجي وارن ۽ ڏاڙهي کي نهايت شان ۽ اطمينان سان لڳايو. يزنطو ضبط نہ ڪري سگهيو ۽ تعجب سان پڇڻ لڳو تہ يا امير جان جي امان هُجي تہ هڪ عرض آهي تہ هن موقعي تي عطر لڳائڻ ڪجهہ عجيب ٿو لڳي، ڇا حضور جن هن خطري کي نہ ڏسي رهيا آهن جيڪو هن وقت درپيش آهي! حڪم وراڻيو بغير عطر جي خوشبوءَ جي، وڏيل سسين مان ماڻهو ڪيئن سڃاڻيندا تہ هيءَ امير جي سسي آهي. ان کان پوءِ هن پاڻ سان سڀ هٿيار لڳايا ۽ محل جي فصيل کان هيٺ لٿو جيڪا بہ فوج هُئي تنهن جو معائنو ڪيو ۽ هڪ نهايت فصيح ۽ بليغ تقرير ڪري فوجين جي همت کي وڌايو. ان کان پوءِ پنهنجي سوٽ عبيدالله کي سڏي پنهنجي "خطرناڪ اٽڪل" کان آگاهہ ڪندي کيس حڪم ڏنو تہ محل جي پوئين دروازي مان پنهنجي فوجي دستي سان نڪري باغين جي گهرن ۽ ٻارن کي باهہ لڳائي (14) فوج شهر جي اترئين علائقي ۾ پهچي سڄي علائقي تي تيل هاري باهہ ڏني. شهرين جڏهن پنهنجي گهرن مان باهہ جا شعلا ۽ ٻارن ٻچن جون رڙيون ٻڌيون تہ ڪين بچائڻ لاءِ ڀڳا, هيڏانهن شهنشاهي سُوارن جا دستا ۽ فوج ماڻهن ۾ ڪاهي پئي تہ هوڏانهن جنهن فوج ماڻهن جي گهرن کي باهہ ڏني هئي سا بہ هجوم ۾ ڪاهي پئي ۽ ڪوس شروع ٿي ويو. ماڻهو پناهہ ۽ رحم لاءِ ٻاڏائڻ لڳا پر حبشي سوارن قتل جي بازار ٻاري ڏني. ٽن ڏينهن تائين قتل. لُٽ مار ۽ آتشزدگي جو سلسلو جاري رهيو (15) آخر پنهنجي وزير عبدالڪريم بن مغيث جي سمجهائڻ تي حڪم قتل عام بند ڪرايو. ان وچ ۾ قرطبہ جي ڪجهہ عالمن وچ ۾ پئي حڪم کي خونريزي بند ڪرڻ لاءِ چيو پر هو اڃا بہ مشتعل ٿي پيو ۽ انهن سيني عالمن کي گرفتار ڪرائي قتل ڪرائي ڇڏيائين (16) باغين کي حڪم ڪيو ويو تہ هو ٽن ڏينهن اندر ملڪ مان نڪري وڃن نہ تہ چوٿين ڏينهن هنن کي قتل ڪيو ويندو. اهي ماڻهو پنهنجي اهل عيال سميت بحر متوسط پهتا رستي ۾ ڌاڙيلن ۽ غنڊن هنن کان مال اسباب بہ ڦري ورتو. انهن سان اٽڪل پندرهن هزار خاندان اسڪندريہ پهتا پر عباسي حڪومت هنن کي ويهڻ نہ ڏنو جنهن ڪانپوءِ هو

جزيره اقريطش هليا ويا. جلاوطن اندليسي باشندن جي سردار ابو حفض عمر العبلوطي ۽ ان جو اولاد اٽڪل 991ع تائين سوا سئو سال حڪومت ڪئي. جلاوطن جو ٻيو حصو جنهن ۾ تقريباً اٺ هزار خاندان هئا مغرب اقصي ۾ ادريس بن عبدالله جي نئين تعمير ٿيل شهر فاس ۾ وڃي آباد ٿيا.(17)

قرطبه جي تباهي ڪانپوءِ الحڪم سک جو ساهه ڪنيو مؤرخن هن جي ظلم ۽ بربريت کي "يوم حره" سان تشبيهه ڪيو آهي. هن جي ڪاوڙ جڏهن ٺڌي ٿي تہ پنهنجي سخت رويي تي ندامت محسوس ڪيائين. ڪجهه فقيها جيڪي دٻ ۾ وڃي يهودين جي گهرن ۾ لڪا هئا تن جو قصور معاف ڪيو ويو. بغاوت جا مهندار تہ وڃنا رهيا پر اُهي قرطبہ جا باغي جن پنهنجا ٻچا ٻار ڳسندي ڏٺا هئا جلاوطن ٿي ويا.

امير حڪم جي وڌن اندلس ۾ مساوات کي اهميت ڏيندي عرب ۽ غير عرب ۾ ڪوبہ فرق نہ رکيو هو پر هُن پنهنجي دور ۾ هڪ عجيب رويو اختيار رکيو جنهن مان اها ڳالهه ظاهر ٿي ٿئي تہ حڪم حڪومت جي معاملي ۾ سخت رويو تہ رکيو پر سندس اها سختي گهڻو ڪري اندلسي مسلمانن لاءِ هئي ۽ هن جي ظلم جو نشانو گهڻو ڪري مفتوح علائقي جا باشنده ٻڻيا جيتوڻيڪ هو مسلمان ٿيا هئا.

ڪيترن مورخن جو خيال آهي تہ حڪم پهريون بادشاهه هو جنهن سلطنت اندلس ۾ رعب داب قائم ڪيو. هن غلامن جي هڪ فوج ٺاهي جنهن جو تعداد پنج هزار هو جنهن مان ٽي هزار سوار ۽ ٻہ هزار پيادل هئا.(18)

هن جي چوڏهه سالہ دور حڪومت ۾ گهڻو ڪري بغاوتن، ٻاهرين حملن ۽ سازشن کي منهن ڏيڻ ۾ گذريا. هن هر مخالفت کي زير ڪري ڇڏيو جنهن مان هن ڪان زيادتي بہ سرزد ٿيندي آئي.

حوالا:

1. لطف الله بدوي، تاريخ اسپين آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد، ص ـ29.
2. هي شهر اموي سلطانن جو دارالسلطنت رهيو آهي.

3. مولانا رياست علي ندوي: تاريخ اندلس، اعظم ڳڙهہ 1369ع/ 1950ع. ص – 228. ج ـ اول.
4. هن کان اڳ پر اسپين پر بنو اُميہ طرفان گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا.
5. امام مالڪ بن انس سنہ 715ع پر پيدا ٿيو. هي مذهب سنت والجماعت جي چئن امامن مان هڪ امام تسليم ڪيو ويو آهي.
6. عبدالقوي ضياءَ، تاريخ اندلس، ايجوڪيشنل بڪ ڊيپو حيدرآباد 1964ع. ص ـ178.
7. ايضاً. ص ـ200.
8. ايضاً ص – 601.
9. مولانا اڪبر شاهہ نجيب آبادي تاريخ اسلام، حصو ٽيو ڪراچي 1962ع. ص ـ119.
10. مولانا رياست علي ندوي: تاريخ اندلس، اعظم ڳڙهہ 1950ع/ 1369 هہ ص – 379.
11. M. Imamuddin Political History of Muslim Spain 1961,P-58.
12. آئي ايڇ برني، مسلم اسپين ڪراچي 1969ع، ص ـ203.
13. مولانا رياست علي ندوي ص ـ381.
14. آئي ايڇ برني مسلم اسپين ڪراچي 1969ع، ص ـ203.
15. رياست علي ندوي ص – 382. ج – اول.
16. آئي ايڇ برني، ص 204.
17. Lane Pool : Moorish Spain:P-72.
18. مترجم مولوي محمد خليل الرحمان "نفع الطيب" علي ڳڙهہ 1921ع ص ـ154.

("نئين زندگي" نومبر ـ ڊسمبر 1992)

سنڌ جو راءِ گهراڻو

سنڌ جي سرزمين کي اوائلي دور کان وٺي هڪ امتيازي شاه حاصل آهي. هن پرڳڻي جون حدون وقت جي انقلابن ۽ ستم ظريفي: سبب سوڙهيون ٿينديون رهيون آهن. سنڌ جا نقشا سن 340هه/ 942ع ۾ اسحاق ابراهيم بن محمد اصطخري (صرف سنڌ جو) ۽ ابن حوقل بغدادي (سنڌ ۽ گجرات) تيار ڪيا. پر انهن نقشن ۾ هڪ نقشو توجهه جي قابل آهي جيڪو سن 250هه (900ع) ۾ ابن خردازيہ بطليموس جي نقشي جي مدد سان ۽ ڪجهه پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد سان بلوچستان کان وٺي گجرات تائين تيار ڪيو جنهن ۾ شهرن جا بہ نالا ڏنا هئا جيڪي هيٺيان آهن: قيقان، بنہ، ميد، قنڌار، قنز پور (پنجگور)، ارمابيل (لس بيلو)، ديبل، قنبلي، کنباياد، کمپايت (کنيات)، سهبان، سدوسان، راسڪ، رور (الور)، ساوندي، ملتان، مندل، بيلمات، سرشت، ڪيرج، مرمد، ڪالي، دهنج ۽ بروص (ڀڙوچ).

مٿين نالن مان ڪجهه شهرن کان سواءِ ٻين شهرن جي ڪا خبر نہ آهي تہ اُهي زماني جي انقلابن سبب هنن جا نالا مٽجي ويا يا زمين دوز ٿي ويا.

راءِ گهراڻي جو تخت گاهہ الور:

تخت گاهہ الور جي نالي تي جيڪڏهن نظر رکبي تہ مختلف وقتن ۾ مختلف سياحن ۽ جاگرافي دانن هن کي پنهنجي پنهنجي لهجي ۾ سڏيو آهي، جنهن ڪري هن کي ڪڏهن "الروم" ڪڏهن "رور" جو نالو ڏنو ويو. جنرل اليگزينڊر ڪننگهام "رور پورا"، (رورانگرا) جي نالي سان سڏبو آهي. مرحوم رحيم داد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" ۾ لکيو آهي تہ "هن شهر جو هندي نالو "اروڙ" آهي ڇاڪاڻ جو هتي جا راجائون اروڙنسي خاندان مان هئا.

روهڙي کان ستن ميلن جي مفاصلي تي مهراڻ جي الهندي ڪپ تي ڪنهن زماني ۾ هن وسندڙ ۽ وسيع شهر هو. هن جي تعريف: تاريخ معصومي ۾ هن ريت ڪئي ويئي آهي". "الور مهراڻ ندي جي ڪناري تي هڪ نهايت وڏو شهر هو جنهن ۾ بلند عمارتون، مضبوط محلاتون، ميوه دار وڻن سان ڀريل باغ ۽ تمدن ۽ شهريت جو اهو سڀ سامان موجود هو جنهن ۾ مقيم خواه مسافر ڪي خواهش تي سگهي ٿي".

هن شهر کي چوطرف عالم پناهه ڏنل هئي. سندس پر وارين ٽڪرين ۾ سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هيون. شهر جي وچ ۾ ٻڌ جو مشهور مندر هو.

راءِ گهراڻو:

ايوڌيا جي سورج ونسي خاندان جي راجائن يارهن سئو ورهيه ق- م الور تي حڪومت قائم ڪئي، تنهن کان پوءِ چندر ونسي راجائن دکن کان وٺي گجرات، سنڌ، بلوچستان، زالبلستان ۽ ڪابل تائين حڪومتون قائم ڪيون. هستنا پور(هي شهر دهلي کان اتر اولهه طرف جمنا ڪناري کان سٺ ميلن جي مفاصلي تي هو) کان وٺي الهندي هندستان تائين جن راجائن حڪومتون ڪيون، انهن ۾ "يادو" خاندان سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن جو لقب "راءِ" هو. هن حڪومت جو پايو وجهندڙ "سمابا" هو جيڪو دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي "جام بوتي" جو وڏو پٽ هو. هي سلطنت "سنڌ سمه" نالي سڏي ويندي هئي. جنهن جون حدون زابلستان کان هيملند تائين هيون. هي خاندان حڪمراني ڪرڻ کان سواءِ مذهبي پيشوا به هئا. راءِ گهراڻي جي ڪل پنجن گهراڻن حڪومت ڪئي، سندن عرصه حڪمراني سن 450ع کان سن 662ع تائين هو. راجائن جا نالا هينيان هئا:

راءِ ديواجي، (2) راءِ سهارس پهريون، (3) راءِ سهاسي پهريون،(4) راءِ سهارس ثاني،(5) راءِ سهاسي ثاني.

هي راجائون ٻڌ ڌرم جا پوڄاري هئا، سندن حڪومت جون حدون، اتر ۾ ڪشمير، قنڌار هيلمند تائين، اُلهندي ۾ ڪرمان جي وادي نور منشور تائين. ذڪڻ ۾ سورت ۽ اوير چتوڙ ڳڙهه تائين پکڙيل هئي. هن حڪومت اندر

اُچ، ماٿيلو سوارآءِ، مائو سيوستان، نيرون ڪوٽ، الور، برهمڻ آباد مشهور قلعا هئا.

راءِ سهارس ثاني پنهنجي حڪمراني جي دور ۾ پنهنجي ملڪ کي چئن حصن ۾ ورهائي هر هڪ حصو هڪ حاڪم جي سنڀال هيٺ رکيو جنهن کي "ملڪ" جو لقب ڏنل هو. الور کي پنهنجو تخت گاهہ بڻائي نيڪو ڪاري ۽ انصاف سان حڪومت هلائي.

هن گهراڻي جي ايران جي ساساني ڪسرائن سان سياسي چڪتاڻ هئي. راءِ سهارس ثاني جي ڏينهن ۾ "نيمروز" (جيڪو سيستان جو علائقو هو) جي ايران جي عامل مڪران تي ڪاهہ ڪري اتان جي ماڻهن کي ڦري لٽي موٽي ويو. راءِ سهارس هي خبر ٻڌي وڏو لشڪر تيار ڪري ڪيچ ۽ مڪران جي حد وٽ پهتو ۽ نيمروز جي بادشاهہ کي للڪاريائين. جيڪو پڻ وڏو لشڪر تيار ڪري پهتو. ٻنهي وچ ۾ دوبدو لڙائي ٿي. راءِ سهارس وڙهندي مارجي ويو. سندس سپاهي تڙي پکڙي ويا. نيمروز جو بادشاهہ ڦرلٽ ڪري موٽي ويو.

سنڌ جا اهي تڙيل پکڙيل سپاهي آخر الور پهتا ۽ متفق ٿي راءِ سهاسي ثاني کي تخت تي ويهاريائون.

راءِ سهاسي انهن قاعدن جو خيال رکيو جيڪي سندس پيءُ مقرر ڪيا هئا، يعني عدل، انصاف، احسان، بردباري، نهٺائي، سياست ۽ زبردستي دستور العمل بنائي انهن مان هر هڪ وصف کي پنهنجي جاءِ تي عمل ۾ آڻيندو رهيو. هن جي دور ۾ ٻڌ ڌرم جيڪو هن حڪومت جو مذهب هو ڪجهہ ڪمزور پوڻ لڳو ۽ ان جا پوئلڳ فرقن ۾ ورهائجي ويا هئا. هوڏانهن برهمڻ پنهنجي مذهب کي وڌائڻ ۽ ٻڌ وارن جي مخالفت ۾ سڄي هندستان ۾ رڌل هئا. سنڌ جي حڪومت جي گهڻن ئي ڪاتن تي برهمڻ مامور ٿيل هئا.

راءِ سهاسي کي هڪ وزير "رام" تي ڏاڍو اعتماد هو جنهن حڪومت جو هر ڪم اهڙي تہ ڏاهپ سان هلايو هو جو راءِ سهاسي دلجاءِ سان پنهنجي حرمسراءِ ۾ رهيو پيو هوندو هو. حڪومت جو جيڪڏهن ڪوبہ ضروري ڪم هوندو هو يا سرحد جي اميرن طرفان ڪي ضروري خط ايندا هئا تہ رام وزير حرمسراءِ ۾ وڃي ڪيس پهچائيندو هو.

تاريخ معصومي مطابق تہ هڪ ڏينهن رام وزير مجلس ۾ ويٺو هو جتي برهمڻ ۽ هوشيار ماڻهو ويٺا هئا تہ"چچ" نالي هڪ خوبصورت ۽ نهايت فصيح ۽ بليغ نوجوان اچي حاضر ٿيو. مجلس ۾ موجود ماڻهو هنجي زبان جي رواني ۽ فصاحت کان متاثر ٿيا. هن کان سندس نالو پڇيائون، هن پنهنجو نالو "چچ" ٻڌايو جيڪو برهمڻ سيلاج جو پٽ هو.

چچ، رام جي صحبت ۾ رهڻ لڳو جنهن کيس مالي ڪمن ۾ داخل ڪري پنهنجو نائب بڻايو. هي حساب جو علم، سنڌي ۽ هندي ٻولين ۽ اکر چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. هن کي چار ملڪي ويد برزبان ياد هوندا هئا ۽ مالي ڪم صحيح طريقي تي هلائڻ لڳو سندس بخت زور هو. رام وزير جو وڃي رڳو نالو بچيو. حڪومت جو سڄو ڪاروبار چچ هلائڻ لڳو. ان وچ ۾ رام بيماري سبب وڃي بستري تي پيتو. هڪ ڏينهن راءِ سهاسي پنهنجي حرمسراءِ ۾ هڪ جشن ۾ مشغول هو. ان وقت ديبل جي سرحد کان ڪي ضروري خط پهتا، جن جو جواب موڪلڻ ضروري هو. دربان اهي خط محل اندر پهچايا. بادشاهہ جشن جي خوشي ۽ عيش ۾ مشغول هو ۽ ان مجلس مان نڪرڻ کيس ڏکيو لڳو. جنهن ڪري هن حڪم ڪيو تہ تخت جي آڏو پردو ڏئي چچ کي اندر موڪليو وڃي. سندس راڻي شويا ديوي(سوهن ديوي) چيو تہ هو برهمڻ آهي سو ڪانئس ايترو پردو ڇا جو هن کي اندر سڏڻ گهرجي.

چچ تخت جي سامهون حاضر ٿي سلام ۽ تعريف ڪري جيڪي خط هئاسي پڙهي ان جي جواب جو مضمون لکي اهڙي سهڻي انداز سان پيش ڪيو جو راءِ سهاسي خوش ٿي هن کي هڪ قيمتي سروپاءِ انعام طور ڏني. راڻي سوهن ديوي هن برهمڻ منشي جي حسن ۽ جمال ۽ جادو بياني کي ڏسي مٿس موهت ٿي پئي. راز و نياز جون ڳالهيون وڃي، شادي ڪرڻ جي وعدي تائين پهتيون. هي راز عام ماڻهن جي زبان تائين بہ پهتو. ماڻهن هي حقيقت راءِ سهاسي تائين بہ پهچائي. جنهن چيو تہ چچ ايماندار ۽ برهمڻ ماڻهو آهي. هن کان اهڙو ڪم نہ ٿيندو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ راءِ سهاسي بيمار ٿي پيو حڪيم طبيب علاج ڪري ٿڪجي پيا. پر فائدو نظر نہ آيو. مٿانس بيهوشي طاري ٿي ويئي. راڻي سوهن ديوي ان ڳالهہ جو فائدو ورتو. چچ سان ملي ٻڳت ڪري دربانن کي

چيائين تہ راءِ سهاسي جو حڪم آهي تہ سڀاڻي عام دربار آهي، جنهن ڪري عام ۽ خاص ماڻهو اچي حاضر ٿين. صبح جو راڻي جي حڪم موجب تخت جو ديوان خانہ عام ۾ رکيو ويو. جنهن وقت عام ۽ خاص ماڻهو حاضر ٿيا تہ راڻي جي حڪم موجب دربانن ٻاهر نڪري چيو تہ راءِ فرمائي ٿو تہ مان ڪمزوري سبب ٻاهر نڪري نہ ٿو سگهان. مان پنهنجو موت قريب ٿو ڀانيان تنهن ڪري چچ کي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ٿو ڪريان. دربانن راءِ جي مهر چچ جي حوالي ڪري کيس تخت تي ويهاريو. هي حالت ڏسي ماڻهو خاموش ٿي ويا.

راءِ سهاسي سڪرات ۾ هو. راڻيءَ چچ کي گهرائي چيو تہ راءِ سهاسي کي جيئن تہ ڪو پٽ ناهي تنهن ڪري سندس سرڪش مائٽ ضرور ملڪ ۽ ملڪيت جي وارث هئڻ جي دعوي ڪندا، تنهن ڪري انهن جو علاج هئڻ گهرجي. هنن ٻنهي پنجاهہ زنجير گهرائي حرمسراءِ جي هڪ ڪوٺي ۾ رکيا ۽ راءِ سهاسي جي مائٽن کي چيائون تہ راءِ توهان کي ملڪ جي وصيت بابت گهرايو آهي. هڪ هڪ ٿي اندر وڃي. انهن مان جيڪو بہ اندر ٿي ويو تنهن کي ڪوٺي ۾ بند ڪري زنجيرن سان جڪڙيندا ويا. جڏهن سڀ ٻڌجي ويا، تڏهن راءِ جي مسڪين ۽ تنگ دست مائٽن کي گهرائي چيو تہ توهان جي دشمنن کي قيد ڪيو اٿم. توهان مان هر هڪ انهن مان هڪڙي هڪڙي کي قتل ڪري سندن مال تي وڃي قبضو ڪري، اهڙي طرح سان راڻي ان جنجال مان آزاد ٿي. راءِ ساهہ ڏنو.

جنهن جو لاش راڻي ساڙائي، چچ کي تخت تي ويهاريو. سندس حڪم موجب تاج چچ جي مٿي تي رکيو ويو. اهو واقعو سن 632ع ۾ رونما ٿيو.

چچ تخت تي ويهڻ شرط عام و خاص ماڻهن جي سخا لاءِ خزاني جا دروازا کولي ڇڏيا. سپاهين جو پگهار وڌايو ۽ ڍل گهٽائڻ جو اعلان ڪيو. هن راڻي سوهن ديوي سان پنهنجي دستور موجب شادي ڪئي.

چچ جنهن حرفت ۽ چالاڪي سان تخت هٿ ڪيو سا ٻڌي راءِ گهراڻي جي مائٽن تي بجلي ٿي ڪري، چتوڙ جو راڻو مهورت انتقام وٺڻ لاءِ وڏو لشڪر تيار ڪري الور ڏانهن روانو ٿيو. هو جڏهن جيسلمير جي پسگردائي ۾ پهتو تڏهن چچ کي خط لکيائين تہ تون "برهمڻ" آهين.

حڪومت جو ڪاروبار توڪان هلي نہ سگهندو ۽ لڙائي جي مهم ڪي تون پڇي نہ سگهندين، تنهن ڪري بهتر اٿئي تہ پاسو ڪري وڃ. پاڻ ڪي ۽ ماڻهن ڪي موت جي منهن ۾ نہ اڇلاءِ. چچ هي خط راڻي وٽ ڪٽي ويو. راڻي کيس جواب ڏنو تہ "جنگ جي رٿن ڪي مرد چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهن، جيڪڏهن تون ڊڄين ٿو تہ پنهنجا ڪپڙا مون ڪي ڏي ۽ منهنجا ڪپڙا تون پهر تہ مان وڃان ٿي دشمنن سان پڄان. چچ شرمنده ٿي ويو. راڻي چيس تہ بيشمار خزانا ۽ پوريل مال تنهنجي هٿ چڙهيا آهن. ماڻهن ڪي گهڻو سون عطا ڪر، جيئن هو تنهنجا خواهان ٿين. تنهنجي جهنڊي هيٺان جمع ٿين.

هن ٻيهر خزاني جي منهن کولي عام ماڻهن ۽ سپاهين ڪي پنهنجو ڪري لشڪر تيار ڪري راڻي مهورت سان جنگ جوٽي ۽ کيس ماري مڃايو. راڻي مهورت جو لشڪر شڪست کائي ڀڳو. چچ ڪامياب ٿي الور پهتو شهر جي سيني ماڻهن شهر ۽ بازارين ڪي سينگاري هن جو استقبال ڪيو. انهي سال پنهنجي وزير ٻڌيمن ڪي حڪومت جي ڪاروبار متعلق ضروري هدايتون ڏيئي اتر واري حصي جي دوري ڪرڻ لاءِ نڪتو.

پنجاب تي راءِ سهاسي جا مائٽ حڪومت ڪندا هئا، جن ڪي چچ هڪ ٻئي پٺيان ماري مڃايو. ان ڪان پوءِ هي ڏکڻ الهندي طرف ڪاهي ويو ۽ سيني ڪي پنهنجي قبضي ۾ آندو. هن اٽڪل چاليهہ سال وڏي شانَ شوڪت ۽ دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. راءِ گهراڻي جي خاتمي سان برهمڻ خاندان جي حڪومت جو دور سنڌ ۾ شروع ٿيو. راڻي سوهن ديوي مان هن ڪي ٻہ پٽ ڌهر، ڏهر سين ۽ هڪ ڌيءَ ٻائي نالي پيدا ٿيا.

("سرتيون" جولائي 1999ع)

حُر تحريڪ

سنڌ جي سرزمين جي تعليم ۽ تربيت ڪيئي دودا جوڌا ۽ سرويچ سردار پيدا ڪيا، جن ڪڏهن بہ ڌارين جي غلامي قبول نہ ڪئي. انهن سورهين سچارن وڏي واڪ حق جو هوڪو هنيو ۽ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي آجپي لاءِ هر غاصب سان ٽڪر کاڌو، بکون ڪاٽيون ڏک ۽ ڏولاوا ڏٺا، اهل اولاد جون دربدريون سٺيون، ڪال ڪوٺڙين جون سزائون ڀوڳيون، ذهني ۽ جسماني اذيتن کي برداشت ڪيو، گوليون کاڌيون ۽ ڦاهي جي ڦندن جي مرڪي مُرڪي چڙهيا. جيسين جيئرا هئا مقابلا ڪيائون ۽ جڏهن سوريءَ سڏ ٿيو تڏهن سر ڏئي سرها ٿيا ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ سونهري ورق جو اضافو ڪندي، پنهنجي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ويا.

1843ع ۾ انگريز سرڪار دوکي ۽ دولاب سان سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري، هتان جي رهواسين تي غلاميءَ جا زنجير ايتري قدر تہ مضبوط ڪري ڇڏيا، جو ڪيئي همت وارا انسان هڄي ويا!

سنڌ جي جڏهن ميرن جو آخري دور هو ان وقت هندستان جي سيني پاڱن ۽ علائقن تي سڏي پا اڻ سڏي انگريزن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. هينئر کين اهو فڪر هو تہ ڪيئن بہ ڪري سنڌ تي قبضو ڪجي.

پنجاب ۾ سکن جي حڪومت هئي، جنهن جو حڪمران رنجيت سنگهہ انگريزن سان سٽن سٽڻ ۾ پٽ هو ۽ سنڌ تي قبضي ڪرڻ جا گهاٽ گهڙيندو رهيو.

ان دور ۾ پير صاحب پاڳارو سيد صبغت الله شاهہ (اول) متوفي 5 – رمضان 1246 هہ(1) کي انگريزن ۽ سکن جي خلاف ڏاڍو جوش ۽ جذبو هو. اهو بزرگ ڏسي رهيو هو تہ هاڻي پنهنجي وطن سنڌ جو خير ڪونهي، ان ڪري پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي تنظيم شروع ڪيائين. جڏهن سکن

جي حڪومت سنڌ جي سرحدن ڏانهن ڦهلجڻ لڳي، تہ پير صاحب جهاد جو پڪو پہ ڪيو. پاڻ جيڪو بہ وعظ ڪندا هئا، ان ۾ جهاد جون پلايون ۽ فضيلتون اوس بيان ڪندا هئا. لاڙ جا جيڪي مريد وعظ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهندا هئا، انهن کي جهاد لاءِ لکيل دعوت نامو موڪليندا هئا.(2).

پير صاحب پاڳاري ۽ سندس خاندان انگريز حاڪمن جي جابرانہ حڪومت خلاف هميشہ سينو ساهيو. مسلمانن جي عزت ۽ عظمت لاءِ قربانيون ڏنيون ۽ آزاديءَ جي عظيم مقصد ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ائين هڪ عظيم تحريڪ کي جنم ڏنو جيڪا اڳتي هلي حُرُ تحريڪ جي نالي سان مشهور ٿي.

حر معنيٰ آزاديءَ جي حق جي راهہ ۾ وڙهڻ وارو ماڻهو. تاريخ اسلام ۾ هي نالو قرباني ۽ وفاداريءَ جي صفتن سان مشهور آهي. اصل ۾ هي لقب امام حسين عليہ السلام هڪ ماڻهوءَ کي ڏنو هو جو يزيد جي لشڪر ۾ هو ليڪن امام حسين رضہ جي حق تي هجڻ ڪري ڦري امام حسين رضہ جي طرف اچي، يزيد جي خلاف لڙڻ لڳو ۽ پاءِ ۽ پٽن سميت شهيد ٿي ويو.(3).

تاريخ سنڌ ۾ حُر تحريڪ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ان کان اڳ هن خاندان جو پس منظر:

هن خاندان جو ڏاڏو سيد محمد راشد شاهہ اصل لڪياري ساداتن مان هو. سندس اولاد جون مکيہ بہ شاخون ٿيون:-1- پاڳارو (صاحب تاج) 2- جهنڊي وارو (صاحب علم). پاڳاري وارا خيرپور رياست ۾ پير جي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳا ۽ جهنڊي وارا سعيد آباد جي پر ۾ هالا نوان ۾ رهڻ لڳا(4).

هن خاندان ڪيترائي عالم، شاعر ۽ سياستدان پيدا ڪيا. حُر تحريڪ جو بنياد حضرتِ صبغت الله (اول) وڌو جڏهن مشهور مجاهد سيد احمد بريلوي 1824ع / 1239هہ ۾ سنڌ ۾ آيو(5). ان وقت پنجاب جي سک حڪومت اتان جي مسلمانن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي هئي. شاهہ ولي الله جي فرزند شاهہ عبدالعزيز "شمس الهند" ۽ سندس ٻن مريدن، سيد احمد بريلوي ۽ شاهہ اسماعيل شهيد سکن خلاف جهاد جو اعلان ڪيو ۽ مسلمانن کي مدد جي اپيل ڪئي. انهيءَ ئي سلسلي ۾ سيد احمد بريلوي ۽ شاهہ

اسماعيل شهيد سنڌ ۾ آيا. 24 جون 1826ع / 1241هـ ۾ هي پير صبغت الله شاهہ جي ڳوٺ پهتا.(6).

پير صاحب انگريز حاڪمن ۽ ڌارئي سامراج لاءِ ڌڪار رکندڙ شخص هو. هي سيد احمد بريلوي ۽ شاهہ اسماعيل شهيد جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. کين رسد جو سامان ۽ مجاهدن جا دستا مدد طور ڏنائين(7). انهن ئي مجاهدن کي حُر يعني "آزاد" سڏيو ويو(8). سيد صاحب پنهنجو اهل عيال پير صاحب پاڳاري جي حويليءَ ۾ مهمان جي حيثيت ۾ ڇڏيو جن کي پير صاحب نهايت عزت احترام ۽ حفاظت سان رکيو(9). سيد احمد بولان – لڪ رستي ياغستان (آزاف قبائل) پهتو. 23 جون 1830ع/ 1245هـ ۾ هنن مجاهدن سکن کان پشاور فتح ڪيو پر پوءِ "انگريزن جي سازش سان سرحد جي مولوين ۽ پٺاڻ سردارن، سيد احمد شهيد تي وهابيت جو الزام لڳايو ۽ مسلمانن جي مختلف گروهن ۾ انتشار پيدا ٿيو جنهن ڪري مجاهدن کي شڪست ملي(10) ۽ سيد احمد شهيد پنهنجي جانثارن سميت 10 مئي 1831ع 24 ذوالقعد 1246هـ تي شهيد ٿي ويو (11). سيد احمد شهيد جي شهادت پير صاحب تي گهرو اثر ڇڏيو. هن مسلمانن جي ناموس قائم رکڻ لاءِ هڪ جماعت ٺاهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ذات ۽ فرقي جو مسلمان (12) شامل ٿي سگهيو ٿي پر ان شرط سان تہ هن جو جماعت جي مکيہ اصولن ۾ ايمان هجي ۽ هو انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار هجي.

جماعت جا هيٺيان چار اصول هئا:

1. فرق (جدا ۽ رازدار گروهہ).
2. ترڪ (تحريڪ جي رستي ۾ سڀ لاڳاپا لاهڻ)
3. غزا (حق جي راهہ ۾ لڙڻ).
4. اطاعت امير (ليڊر جي تابعداري)(13).

سيد احمد شهيد پنهنجيءَ مهم ۾ جهاد ڪندي شهيد ٿي ويو. جلد ئي انگريزن سنڌ تي مڪمل طور قبضو ڪري ورتو. انگريز سرڪار پير سائين پاڳاري جي خاندان کي خاص طور تي اک ۾ رکيو.(14).

پير صاحب پنهنجي پاليسي بدلائي، مسلمانن جي مذهبي ۽ علمي ترقيءَ لاءِ طاقت صرف ڪرڻ شروع ڪئي(15). پر انقلابين جو جيڪو

گروهہ پيدا ٿي چڪو هو تنهن جي لاءِ حالتن بدلجڻ ڪري ڪو طريقہ عمل نہ رهي ۽ پير صاحب جي گوشہ نشيني ڪري هو لائحہ عمل ۾ آزاد رهيا. تنهنڪري منجهانئن ڪي اهڙيون ڳالهيون ظاهر ٿيڻ لڳيون، جو سرڪار کي مٿن ۽ پير صاحب تي سخت نظر رکڻي پيئي، نتيجو اهو نڪتو جو پير صاحب سرڪاري اجازت کانسواءِ ٻاهر نڪري نہ سگهندو هو(16) ان ڪري پير صاحب، سندس جماعت ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ اها ڇڪتاڻ هلندي رهي.

پير پاڳارو جناب حزب الله شاهہ (1258 ـ1308) جي وقت ۾ وري حُرن توڙي عام جماعت جو رُخ ڦري انگريزن جي خلاف ٿيو ۽ اهو نفرت جو جذبو آخرڪار ٻي حُر تحريڪ 1896ع ۾ نمايان ٿيون(17). جڏهن بچو بادشاهہ ۽ پير و وزير ٿرپارڪر ضلعي جي ڪجهہ حصن تي پنهنجي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو. انگريز سرڪار هن تحريڪ کي بغاوت قرار ڏيئي، دٻاءَ لاءِ منظم طور تي ڪارروايون شروع ڪيون. هن تحريڪ ۾ اٽڪل ٻارنهن مجاهد شامل هئا، جن مان ڪن جا نالا هي آهن:

بچو خاصخيلي، جنهن جو لقب بچو بادشاهہ هو پيرو وساڻ عرف پيرو وزير، گلو موچي، ٽڳيو چانگ، پلو ڳاهي، خميسو وساڻ، ختلو قاضي، قلان ڪاسائي(18).

انگريز سرڪار هن تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ ۽ دٻائڻ کان پوءِ بہ اهڙا سخت طريقا استعمال ڪيا جن انگريزي حڪومت ۽ ان جي آفيسرن ۽ مددگارن جي برخلاف حُرن جي دلين ۾ نفرت جي باهہ ڀڙڪائي ڇڏي، انگريز سرڪار هنن تي ڏاڍ ۽ جبر ڪري هيٺيان طريقا ۽ قانون لاڳو ڪيا:

1. ڏوهيءَ يا ٻي ڏوهين جي ڳوٺن کي ساڙڻ.
2. چوپائي مال ۽ ماڻهن کي بندوق جو نشانو بڻائڻ.
3. عورتن جي بي حرمتي ڪرڻ.
4. بنا عدالتي فيصلي جي سندن زمينون ۽ ملڪيتون ضبط ڪرڻ.
5. گڏيل ڏنڊ ۽ ڇٽيون ڳوٺن مٿان وجهڻ، جن ۾ ڪيئي ڳوٺ، مڪاني دشمنيءَ جو شڪار ٿيا.

6. خاص ٽربيونل ۾ مارشل لا ڪورٽون برپا ڪري انهن جي ذريعي سون ماڻهن کي موت يا قيد جون ڳريون سزائون ڏيڻ.
7. جماعت جي ماڻهن کي بنا عدالتي فيصلي جي لوڙهه (Concentration Camps) ۾ سيٽلمينٽن(Settlement) ۾ رکڻ.
8. هنن مان ڪيترن کي صوبي کان ٻاهر جلاوطن ڪري جيلن يا خاص ڪئمپن ۾ رکڻ.
9. ڪيترن کي قومي ڏوهاري ٺهرائي، وقت بوقت، پوليس ٿاڻي تي حاضريون ڏيارڻ ۾ سندن نقل و حرڪت لاءِ حدون مقرر ڪرڻ جن کان ٻاهر هو گذر سفر لاءِ به وڃي نه ٿي سگهيا.
10. ڪمائيندڙ مردن کي سندن زالن ۽ اولاد کان جدا ڪرڻ بعد پوئين کي گذر معاش جي انتظام ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي ڏيڻ.
11. مڪاني پوليس عملدارن ۾ انهن جي پُٽيلن جي خبرن تي وقت بوقت هنن سان سختيءَ جو ورتاءُ اختيار ڪرڻ(19).

انهن قانونن ڪجهه وقت لاءِ حُرن کي بي وس ڪري ڇڏيو. ظلم جي ان چڪيءَ ۾ هو اٽڪل چاليهه سال پيسبا رهيا. سندن حالت جانورن کان به بدتر هئي. ڏينهن جو وقت پنهنجي گذر لاءِ ڪمائيندا هئا، ته رات جو پوليس وارن جي گهوڙن جو گاهه آڻڻ، طنبيلا صاف ڪرڻ، کين ڪاٺيون پاڻي موجود ڪري ڏيڻ ۾ صرف ڪندا هئا (20)

ظلم جي اها باهه ٻرندي رهي تان جو شمس العلماءِ شاهه مردان عرف ڪوٽ ڏاٽي (1279 _1340هه) انگريزن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انگريز حڪومت 1914ع واري مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هن جي وفاداريءَ کي آزمائڻ لاءِ ماڻهو گهريا. پير صاحب هنن کي پنج سئو ماڻهو ڏيڻا ڪيا ۽ ٻي مالي مدد به ڪئي. تڏهن وڃي حڪومت هنن لاءِ ڪجهه نرم رويو اختيار ڪري لوڙهن جو خاتمو ڪيو(21) پر انگريزن وري به هنن جي گاديءَ تي ڪرڙي نظر رکي. هوڏانهن پير صاحب پاڳاري توڙي سندس جماعت به انگريزن جي ڏاڍيءَ حڪومت کي اندروني نفرت سان پئي ڏٺو. جن هنن تي ايڏا ظلم ڪيا هئا.

پير صاحب پاڳاري جي خاندان کي انگريزن خلاف نفرت ورثي ۾ ملندي رهي. سيد صبغت الله شاهه ٻئين جي ولادت 13 صفر 1327هه ۾ ٿي. سندس والد شمس العلماءِ شاهه مردان شاهه جي وفات بعد 7 ربيع الاول 1339هه ۾ ٻارنهن ورهين جي ننڍي وهيءَ ۾ هن جي پيرپاڳاري جي حيثيت ۾ دستاربندي ٿي(22).

ننڍي هوندي کان ئي سيد صبغت الله شاهه جي شخصيت ۾ هڪ خاص انفراديت هئي. "هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو جنهن کي خارجي ضابطن کان نفرت هئي، هو پنهنجو پاڻ سوچيندڙ هو انهيءَ ڪري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڇاتائين ۽ ٻين جي صلاح کي جيئن جو تيئن مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ذاتي طور هو هڪ جرئتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ هو ۽ سندس شخصيت ۽ ڪردار جو روح، خود اعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل هو"(23)

پير صاحب جي ننڍيءَ عمر ۾ تخت ذٽيءَ ٿيڻ جو گهڻن ئي فائدو ٻئي چاهيو. انگريز حڪومت جي ڇاڙتن جي ڪوشش هئي ته هنن کي ڊيڄاري، ڌمڪائي ڪيس اهڙي دڳ لائجي، جيئن هو انگريزن جو وفادار ٿي رهي. ٻئي طرف سندس ويجهن عزيزن ۽ دربار جي جهونن خدمتگارن جي اها خواهش هئي، ته پير صاحب کي پنهنجي مرضيءَ سان اٿارين ويهارين. پر پير صاحب پنهنجيءَ تقدير ۾ اعليٰ وصفون ۽ خوبيون ڪٽي آيو هو. "سورهيه بادشاهه قول جو پڪو هو. سندس ارادا هماليا جبل وانگر مضبوط هئا. سندس اصول هو ته قربانيءَ جو سبق ٻين کي به ڏجي، پر پاڻ به ان تي عمل ڪجي"(24).

پير صاحب جي لاغرض طبيعت ۽ محڪم ارادن سندس ڪيترن عزيزن، انگريز ۽ ان جي ڇاڙتن کي فڪر ۾ وجهي ڇڏيو هن خلاف انگريزن سان گڏ سندس ڪجهه مٽ به ٻٽ ٿي ويا. هن تي سخت نظر رکي ويئي. انگريز سرڪار هن جي خلاف قدم کڻڻ لاءِ وجهه تاڙيندي رهي. ظالم ۽ سامراجي حڪومتن جي هڪ خاص ڪيڏ اها به هوندي آهي، ته ڀهريون حملو قانون جي آڌار تي ڪنديون آهن. انگريز به پير صاحب تي قانوني حملو ڪري ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو. سندس ئي عزيزن مان ڪوڙا فريادي ۽ شاهد پيدا ڪرائي (25) سندس ڳوٺ "پير جي ڳوٺ" تي پوليس کان ڇاپو

هٿاڻي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ هن جي مٿان مختلف ڪيس مڙهي سکر ۾ ڪيس هلايو ويو(26).

پير صاحب طرفان محمد علي جناح وڪالت ڪئي، جيڪو بمبئي کان سکر ايندو هو. بلوچ صاحب لکي ٿو تہ "جناح صاحب کي راز طور ٻڌايو ويو هو تہ حڪومت ڪنهن بہ حالت ۾ پير صاحب کي نہ ڇڏيندي، انهيءَ ڪري هو سندس وڪالت نہ ڪري پر جناح صاحب نہ مڙيو ڪورٽ ۾ آيو مگر جج طرفان ٿيندڙ زيادتين تي احتجاج ڪري ورتل في پير صاحب کي واپس ڪري هليو ويو". حڪومت هٺ تو ڪيا ڪيس ثابت ڪري 28 آگسٽ 1930ع تي پير صاحب کي اٺن سالن جي سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر موڪلي ڇڏيو. "انهي سزا واري عرصي ۾ پير صاحب کي هندستان جي مختلف جيلن ۾ رکيو ويو جتي جيلن جي زندگيءَ جون تڪليفون، آفيسرن جي نامناسب روش ۽ سياسي انقلابين جي ملاقاتين هن جي زندگيءَ تي گهڻو اثر ڇڏيو"(27). جيل ۾ پير صاحب پنهنجن وڏن جي تعليمات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. رتناگري جيل ۾ جناب محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جي ملفوضات جو خاص طرح گهرو مطالعو ڪيائين. تنهن کانسواءِ پاڻ هندستان جي سياست کي پڻ پوريءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪيترن ئي ڪانگريسي ليڊرن سان گڏجاڻيون ڪيائين ۽ مختلف سياسي جماعتن جي ورڪرن سان پڻ تبادلہ خيالات ٿيندا رهيا(28).

پير صاحب پاڳاري جو خاندان سنڌ جي رهواسين لاءِ هڪ اعليٰ ۽ عزت وارو مقام رکندڙ هو. پير صاحب جي گرفتاريءَ ۽ جيل ۾ وڃڻ ڪري سنڌ واسين جي دلين کي سخت صدمو رسيو. ان وقت جي اخبار "الوحيد" ۾ هيٺيون خاطو ڇپيو.

"پير صاحب پاڳارو اعليٰ خاندان مان آهي، جنهن تي قدرتي عجيب قسم جو مقدمو هلڻ سببان لکها مخلوقن جي دلين کي زخم رسيا آهن. تنهنڪري زخميل دلين ۽ ملڪ جي وفائي ۽ اعليٰ خاندان سيد قوم ۽ اسلامي سجاده جي مدنظر سرڪار نامدار کي فقيراڻي سفارش آهي تہ پاڳاره پير موجوده گادي نشين کي جلد آزاد فرمائي"(29).

ساڳيءَ اخبار ۾ 6 اپريل 1933ع تي پير صاحب جي آزاديءَ لاءِ مريدن ۽ غير مريدن طرفان ٺهراءَ پاس ٿيڻ جي خبر ڇپي.

پير صاحب اٺ سال جيل جي سزا ڪاٽي سنڌ ۾ پهتو. پير صاحب جي دل تي انگريزن جي خراب روش گهرو اثر ڇڏيو. هو هن وقت انگريزن جو سخت دشمن ۽ پنهنجي قوم جو پرجهلو هو. سندس قول هو "ظلم خلاف ڪنڌ نه کڻڻ ۽ سر جهڪائڻ ظلم جو ساٿ ڏيڻ برابر آهي."

"سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد هن پهريائين مريدن جي اصلاح ۽ تربيت ڏانهن ڌيان ڏنو. ڪين حڪم ڏنائين ته مرد نشو نه ڪن ۽ عورتن عاج جون چوڙيون نه پائين. حڪم تي عمل شروع ٿي ويو. مواليين تماڪ پيئڻ ڇڏي ڏنو ڏنبا ڪوندا پيچي ۽ ساڙي ڇڏيا، عورتن چوڙيون ڀڃي ڇڏيون. جلدئي پير صاحب سانگهڙ پرسان "گڙنگ" ۾ جوڙايل بنگلي ۾ رهڻ لڳو. هت پير صاحب هڪ غازين جي جماعت ٺاهڻ شروع ڪئي. مريدن کي حڪم ٿيو ته جيڪي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين سي پنهنجا نالا لکرائين. غازين جون لسٽون تيار ٿي پير صاحب وٽ پهتيون. پير صاحب پنهنجي سر غازين جو معائنو ڪيو غازين جا ٽولا پير صاحب وٽ پهچندا رهيا (30) پير صاحب کين همٿائيندو رهيو ۽ هو پير صاحب جي هر حڪم کي حرف آخر سمجهي هيئين سان هنڊائيندا رهيا. اندروني طور جماعت جي اصلاح ٿيندي ويئي ۽ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا ويا.

پير صاحب جماعت کي حڪم ڏنو ته ڪو به ماڻهو ولائتي ڪپڙو نه پائي ۽ پنهنجي ملڪ جو اٽيل ڪپڙو پائي(*) هندو مسلمان پاڻ ۾ فساد نه ڪن(31) کين گئوڪوس کان حتي الامڪان پرهيز جو پڻ حڪم ڏنو هو (32) مٿئين حڪم ۾ وڏي دورانديشي نظر ٿي اچي. پير صاحب جو جهيڙو صرف غاصب قوم سان هو. جنهن اچي نندي ڪنڊ تي قبضو ڪيو هو ۽ سندس سياسي لاڙو ڪانگريس طرف ٿو نظر اچي; ڇاڪاڻ ته پير صاحب پنهنجي جماعت کي جيڪي حڪم ڏنا هئا تن ۾ اهي به خاص احڪام هئا. ته مرد نشو نه ڪن، ولائتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي، هندو مسلم اتحاد قائم رکيو وڃي. ڪانگريس پنهنجي آزاديءَ واري هلچل ۾ اهي سڀ تحريڪون اڳ ۾ ئي هلايون هيون.

سائين جي ايم سيد لکي ٿو تہ "اسان جي طرفان پير صاحب کي جڏهن مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو ويو تہ شدت سان انڪار ڪيائين، چيائين تہ "هيءَ انگريزن جي غلامن جي جماعت آهي، ان ۾ مان هرگز شامل نہ ٿيندس"(33).

ڏيپلائي صاحب لکي ٿو تہ "مسلم ليگ جي سربراهہ جي حيثيت سان سائين جي ايم سيد جن پير صاحب سان مليا ۽ کين مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پيشڪش ڪئي. پير صاحب سائين جي ايم سيد کي چيو تہ "جيڪا جماعت سڀ ڪجهہ انگريزن جي مشورن سان ڪري، جنهن ۾ سمورا سر، خان بهادر، وڏيرا ۽ سيٺيون هجن، اُها جماعت آزاديءَ جي دعوي ڪيئن ڪري رهي آهي." سائينءَ ڪيئي دليل ڏنا پر پير صاحب چيو تہ "وڙهڻ لاءِ اوهين هوندئو ۽ فتح وقت واڳون انهن جي هٿ ۾ هونديون جي انگريزن جا ازلي غلام هوندا، اوهان کي ڪير مان مک وانگر ڪڍي ڦٽو ڪندا، اوهين پيا ڏکن ڏوراپن وارا ڪتاب ڪڍندا"(34).

غازي تحريڪ جون رپورٽون سرڪار ۽ سياسي جماعتن تائين پهچنديون رهيون. انگريزن جي بيدار مغز حڪومت کي اڳ ۾ ئي اون هئي، مگر ولائتي ڪپڙي پائڻ خلاف نڪتل حڪمن بعد حڪومت جي سڄي مشينري تحرڪ ۾ اچي ويئي(25). سڀ کان پهريائين هڪ سي آءِ ڊي جو آفيسر پير صاحب وٽ پهتو ۽ کيس چيائين تہ "سرڪار کي توهان جو اهو طريقو پسند نہ آهي جنهن متعلق اسان کي خبر پيئي آهي تہ توهان جو پروگرام آهي سرڪاري آفيسرن کي مارائي امن امان ۾ خلل وجهڻ." پير صاحب وراڻيو "امن امان ۾ خلل وجهڻ جا اسين خواهان نہ آهيون. باقي اسان سان ڪو چيڙ ڪندو تہ اهنسا جون ٻڪريون اسين بہ نہ آهيون. رهيو سوال غازي تحريڪ جي اجراءِ جو تہ اسين ڪنهن جي بہ پسند يا ناپسند سان ٻڌل نہ آهيون، جڏهن تہ انگريز ست سمنڊ پار ڪري اسان جي ملڪ ۾ من مانيون ڪري رهيا آهن، اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ جيئن مناسب لڳندو ڪنداسون"(63).

غازين جي پرتيءَ جي خبر ٻڌي، سنڌ جا هندو سياستدان بہ پريشان ٿي ويا ۽ هڪ وفد جي صورت ۾ جنهن ۾ ڪانگريس جا برک ليڊر ڊاڪٽر،

چوئٿرام سندس ڀاءُ شامداس، پروفيسر گهنشام، مسٽر سڌوا، سيٺ سيتلداس شامل هئا. پير صاحب سان سندس گڙنگ جي بنگلي تي ملڻ آيا ۽ کانئن سندس پروگرام معلوم ڪيائون.

پير صاحب غازين متعلق پروگرام ٻڌائيندي چيو ته "غازين کي فقط تيار رهڻ جو حڪم ڏنل آهي. وڌيڪ سمورا پروگرام جنگ جي حالتن تي منحصر آهن. هڪ امڪان آهي ته انگريز بري طرح هارائي ڀڄندا. ملڪ ۾ افراتفري هوندي، ان وقت اسان جا غازي ملڪ ۾ امن امان قائم رکندا. ٻيو امڪان اهو آهي ته انگريز هارائيندا ته ڪونه، پر ڪمزور اهڙا ٿيندا جو هن ملڪ کي لاچار ٿي آزادي ڏيندا. مگر ڪنهن نه ڪنهن حيلي سمورو پاور پاڻ وٽ رکندا. ان وقت به اسان جي جماعت پوري زور شور سان هنن کان پاور کسڻ لاءِ اٿندي، ٽيون امڪان اهو آهي ته انگريز ويڃڻ وقت هندو ۽ مسلمانن کي ويڙهائي، منجهن سخت خونريزي ڪرائيندا ته جيئن پاڻ سلامتيءَ سان نڪري وڃن. ان وقت به اسان جي جماعت انهيءَ خونريزيءَ کان سنڌ کي بچائڻ لاءِ هر طرح جون قربانيون ڏيندي(37).

ڪنهن به نموني جي آل انڊيا سياسي جماعت جي پيشڪش کي ٺڪرائيندي پير صاحب چيو "هر ڪنهن جي ڪم ڪرڻ جو طريقو پنهنجو هوندو آهي. اسان کي انهن جماعتن جي ڪيترين ڳالهين ۽ طريق عمل سان اختلاف آهي" آخر ۾ جڏهن هندو ليڊرن ڪيس چيو ته اسان جا هندو سيٺيون اوهان کان هراسان آهن ته پير صاحب کين ٻڌايو ته "نه فقط هندو پر مسلمان سيٺيون ۽ زميندار به ، مگر سڀ نه بلڪ جيڪي بدڪار آهن، ٺڳ آهن، عوام کي ڦريندڙ آهن. بيشڪ اسان جي جماعت عوام تان ظلم لاهڻ جي ڪوشش ڪندي"(38).

پير صاحب وٽ هينئر مجاهدن جو هڪ وڏو تعداد موجود هو انهن مجاهدن کي پير صاحب جو آزاديءَ جو درس ڏنو ۽ کين انگريز سامراج جي هر چال کان واقف ڪيو. کين سمجهايو ته "وطن يا ڪفن" پر غلامي نه کپي. غازي تحريڪ انگريز حڪمرانن ۽ سنڌ جي ڪيترن سياستدانن کي نه پئي آئڙي، سندن ڪوشش هئي ته ڪنهن به صورت ۾ هن تحريڪ کان نابود ڪجي.

ملڪ ۾ ان وقت مسجد منزل گاهہ وارو مسئلو شروع ٿي چڪو هو. هندن ۽ مسلمانن ۾ ڇڪتاڻ وڌي ويئي هئي. سرڪاري آفيسرن هڪ سازش تيار ڪرائي جنهن تحت پير صاحب جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هندن تي حملي لاءِ تياريون ڪرايون ويون. اها خبر پير صاحب کي پهچي ويئي. پير صاحب غازين کي حڪم موڪليو تہ هندن جي حفاظت ڪئي وڃي. پير صاحب جي غازين پنهنجي طاقت جو اهڙو مظاهرو ڪيو جو حملي آور حملي جي همت ئي نہ ڪري سگهيا. هندن ان سارهہ جوڳي ڪارنامي جو اطلاع سکر جي ڪليڪٽر کي ڏنو ۽ اهڙيون تارون متي حڪومت کي موڪليون(39) حڪومت جي اها اسڪيم جنهن ۾ پير صاحب جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هندن تي حملو ڪري ڏوهہ غازين تي هڻي،سندن وجودکي خطرناڪ ثابت ڪري، غازين جي پرتيءَ تي پابندي لڳائڻي هئي، سا في الحال ناڪامياب ٿي(40)

حڪومت طرفان هڪ ٻي حڪمت عملي سوچي ويئي، سکر جو ڪليڪٽر جيڪو پارسي هو ۽ گجراتي سندس مادري زبان هئي(41) تنهن پير صاحب کي پيغام موڪليو تہ هندن جي جان بچائي ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ توهان جيڪو ڪارنامو ڪيو آهي، ان کان خوش ٿي سرڪار توهان لاءِ هڪ تلوار ۽ بندوق انعام طور مقرر ڪئي آهي ۽ پڻ خطاب ڏيڻ جي سفارش منظور ڪئي آهي (42). انگريز سرڪار جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش هئي تہ پير صاحب کي پنهنجيءَ دوستيءَ جي دائري ۾ آڻي، سندس انقلابي لاڙي کي روڪيو وڃي. پير صاحب ڪليڪٽر کي جواب موڪليو تہ "هٿيار اسان وٽ موجود آهن ۽ "پير پاڳارو" جو خانداني خطاب اسان لاءِ ڪافي آهي"(43). پير صاحب جو اهو جواب ٻڌي ڪليڪٽر چيو تہ "پير صاحب جن وڏي غلطي ٿا ڪن، حڪومت سندن انڪار کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندي"

انگريزن سرڪار جڏهن پنهنجو هر حربو ناڪام ڏٺو تہ پوءِ پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ تي لهي آئي. حڪومت طرفان پوليس آفيسرن معرفت، پير صاحب جي مڙني برجستن مريدن خلاف ڪاغذي ڪاروايون شروع ڪيون ويون، پير صاحب بہ هر انديشي کان واقف هو. هن سانگهڙ لڳ گڙنگ واري

بنگلي کي پنهنجو مرڪز بڻايو. پير صاحب برجستن ماڻهن کي سپاهيانه زندگي جي تربيت ڏني ۽ کين پوريءَ طرح آزمايو.

انگريزن خلاف سچي جماعت ۾ عام طرح ۽ غازين ۾ بين چونڊ اڳواڻن ۾ خاص طرح هڪ نفرت جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو. ٻئي طرف انگريز حڪومت پير صاحب کي ذهني طور پنهنجو باغي تسليم ڪري چڪي هئي ۽ کنهن به صورت ۾ فوراً ٽڪر جي صورت پيدا ڪري، پير صاحب کي گرفت هيٺ آڻڻ ٿي چاهيو. جنهن ڪري هنن هيٺيان طريقا اختيار ڪيا:

1. هر قسم جي ڏوهه کي بنا جانچ جي حُرن ڏانهن منسوب ڪري خاص خاص برجستن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ ٺاهيا ويا.
2. ننڍين وڏن حُرن لاءِ حد جي پوليس ٿاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون. اها حاضري ڪن جي لاءِ هفتي ۾ هڪ دفعو ڪن لاءِ هفتي ۾ ٽي دفعا ته ڪن لاءِ هفتي ۾ روزانه مقرر ڪئي وئي.
3. پير صاحب جي گڙنگ واري بنگلي تي چوڪسي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو (44).

حڪومت جي مٿين طريقن مان خبر پوي ٿي ته پير صاحب جي حُرن کي جسماني، ذهني ۽ معاشي طور پريشان ۽ بدحال رکيو ويجي.

حڪومت طرفان حُرن تي ٻي مصيبت اها رکي وئي جو آسي پاسي جي هر چوري ۽ ڌاڙي جو الزام حُرن تي لڳائي کين جيل ۾ بند ڪيو پئي ويو. ان وقت ۾ جوڌپور ۽ جيسلمير مان عام ڌاڙيل سرحد ٽپي ٿرپارڪر جي ماڻهن کي لٽي ويندا هئا(54). پر الزام حُرن تي مڙهيو ويندو هو.

حُرن جي ٿاڻن تي حاضريءَ تي پير صاحب انگريز حڪومت وٽ سخت احتجاج ڪيو ۽ چيو ته جيڪو شخص ڏهه ميل پنڌ ڪري ٿاڻي تي پهچندو، اهو پنهنجي ٻار ٻچي لاءِ ڪهڙي وقت پورهيو ڪندو؟ سندس ٻچن جي پرورش ڪيئن ٿي سگهندي!

اهڙي مضبوط دليل کي ٻڌڻ جي باوجود به پوليس ابتو قدم کنيو ۽ جن جي حاضري هفتي ۾ هڪ يا ٻه دفعا هئي انهن جي پڻ روزانو حاضري مقرر ڪئي وئي.

سنڌ اسيمبلي جي اٺتيهين نومبر 1940ع واري اجلاس ۾ تعلقي سانگهڙ جي رهواسين جي روزانو ٿاڻي تي حاضري متعلق، سندن ٻارن ٻچن جي مستقبل متعلق ۽ سندن ڏوهن متعلق ڪجهه بحث مباحثو هليو (46). پر وريو ڪي ڪين.

پير صاحب حڪومت جي ضد ۾ ناانصافي کان تنگ ٿي جماعت جي ڪجهه چونڊ ماڻهن کي چيو ته اوهين روپوش ٿي وڃو ۽ حاضري لاءِ ٿاڻن تي هرگز نه وڃو. اُهي چونڊ فقير روپوش ٿي ويا. حڪومت طرفان پير صاحب تي زور رکيو ويو ته ماڻهو پيدا ڪيا وڃن. پير صاحب کين چيو ته سرڪار پاڻ وٽ اُهي ماڻهو ڳولهي هٿ ڪري. انگريز سرڪار طرفان، هن معاملي متعلق، مقرر سرڪاري ڪامورا، پير صاحب ۽ سندس فقيرن خلاف هر قسم جون رپورٽون حڪومت کي موڪليندا رهيا (47). پوليس طرفان حُرن کي Notified criminal tribes ظاهر ڪيو ويو (48).

ان ريت پير صاحب ۽ سندس مريدن خلاف ڪيئي رپورٽون حڪومت کي موڪليون ويون. آخر 1941ع ۾ پير صاحب کي گڙنگ بنگلي تان نظربنديءَ جي حالت ۾ ڪراچي آندو ويو (49). ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير سر غلام حسين پير صاحب کي چيو ته "موجوده سرگرميون جنهن ۾ غازين جي پرتي آهي، حڪومت کي سخت ناگوار ٿيون گذرن. جنهن ڪري اندروني سنڌ ۾ امن امان جو خطرو آهي، تنهنڪري توهان کي ڪراچي ۾ رهڻو پوندو." پير صاحب وراڻيو ته "ڇا مسلم ليگ پنهنجو نيشنل گارڊ نه ٺاهيو آهي؟ ڇا ڪانگريس پنهنجا والنٽيئر جٿا نه ٺاهيا آهن؟ ڇا راشٽريه شيوڪ سنگهه وارن پنهنجا دل نه ٺاهيا آهن؟ ڇا انهن سڀني جو مقصد وطن جي آزادي نه آهي؟ اگر صرف مون ئي جرم ڪيو آهي ته مونکي زباني نه تحريري حڪم ڏيو ته ئي صورت ۾ مان مهمان رهڻ جو پابند نه آهيان."

تحريري حڪم ڪيس نه مليو ٻن، ٽن ڏينهن کان پوءِ پير صاحب پنهنجي ڪراچيءَ واري بنگلي کان ڪار ذريعي سانگهڙ پهتو. ڪيس يقين هو ته معاملو ان حد تائين پهچي چڪو آهي جو ڪنهن به وقت اوچتي گرفتاري ٿيندي . گڙنگ پهچي غازين کي خاص، هدايتون ڏنائون ته "اگر معاملو بگڙجي وڃي ته توهان باقاعده منظم ٿي اسان جي ڏنل هدايتن مطابق

ڪارروائي ڪجو ۽ پنهنجي جدوجهد تيز ڪري ڇڏجو“ (50) پنهنجي ماڻهن کي اهڙي قسم جون هدايتون ڏيئي پير جي ڳوٺ پهتا. اتي خاص ماڻهن سان ملاقات ڪري، صبح سوير درگاهه شريف جي رستي ڪيٽيءَ (51) لاءِ روانا ٿيا تہ شهر کان اڌ ميل جي مفاصلي تي مسلح پوليس جون پنج ٽرڪون ۽ گهوڙي سوار پوليس جنهن جي قيادت ٽرپارڪر جا ڊپٽي ڪليڪٽر، بہ سپرنٽينڊنٽ پوليس ۽ خيرپور رياست جو وڏو وزير سيد اعجاز علي ڪري رهيا هئا ۽ ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ بيٺا هئا. پير صاحب کي گورنر جو لکيل حڪم پيش ڪيو ويو جنهن ۾ لکيل هو تہ ”توهان ڪراچي جي حد ۾ اچي رهو“ (52). پير صاحب کي ڪراچيءَ آندو ويو. ڇئن ڏينهن کان پوءِ ڪيس ڊفينس آف انڊيا ايڪٽ هيٺ گرفتار ڪري لاهور ميل ذريعي، لاهور آندو ويو جتان ڪيس هندستان موڪليو ويو. ان دوران ڪيس جبلپور، سيوني ۽ ناگپور جي جيلن ۾ رکيو ويو(53).

پير صاحب خلاف بغاوت جي مقدمي جو مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

پير پاڳاره سيد صبغت الله شاهہ پنهنجي قوم کي جماعت بندي، اتحاد، طاقت، غاصب کان نفرت ۽ آزاديءَ جي نعمت جو سبق ڏنو. هن وٽ هڪ وڏو تعداد مجاهدن جو هو ۽ بي انداز هٿيار هئا. سندس قول هو تہ ”آزادي ڪڏهن بہ خيرات ۾ نہ ٿي ملي پر آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻي ٿي پوي“ هن جي غازين ۾ آزادي ۽ قرباني ڏيڻ جو مادو هو. پير صاحب متعلق ڪتابن ۾ جيڪو مواد ملي ٿو يا ماڻهن جي زباني جيڪا معلومات حاصل ٿئي ٿي، انهيءَ مان اها ڳالهہ پڻ ظاهر ٿئي ٿي تہ پير صاحب جي انگريز سرڪار سان ڪا سڌي جنگ ڪانہ ٿي هئي، پر سندس تيارين مان اندازو ٿئي ٿو تہ هو انگريزن سان سڌي ويڙهہ ڪرڻ لاءِ تيار هو ۽ ان سلسلي ۾ اجا وڌيڪ تياري ڪرڻ ۾ مشغول هو. سندس ذهن ۾ ڪو وڏو پلان هو. ان پلان کي عملي جامو پهرائڻ کان اڳ ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

پير صاحب جي گرفتاريءَ جي خبر جڏهن سرويچ حُرن تائين پهتي، تہ هنن باقاعده منظم طريقي سان انگريز حڪومت خلاف گوريلا جنگ شروع ڪئي، جنهن ٿئين حُر تحريڪ جي صورت ۾ جنم ورتو ان تحريڪ سڄي انگريز حڪومت کي لوڏي ڇڏيو. سرڪار حُر تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ

20 مارچ 1942ع تي سنڌ اسيمبلي ۾ حُر ايڪٽ پاس ڪرايو(54). جنهن کي 10 اپريل 1942ع تي گورنر منظور ڪيو. حُر ايڪٽ تحت، سيني حُرن کي دهشتگرد، ڏاڙيل ۽ ڏوهاري قرار ڏنو ويو. حڪم ڪڍيو ويو ته حُرن جون جائدادون ۽ ملڪيتون تباهه ۽ ضبط ڪيون وڃن ۽ کين ڏسندي ئي گولي هنئي وڃي. آرڊر ملندي پوليس ۽ مليٽريءَ ظلم جي باهه ٻاري ڏني. حُر ته ڇا پر حُرن جي اوڙي پاڙي کي به نه ڇڏيائون. سکر ۽ ڪيٽيءَ جي وچ ۾ ڳوٺ "مياڻ" ۾ رهندڙ پرامن مهاڻن جي ڳوٺ تي اوچتو انگريز ملٽري، جن جو تعداد ٽي سئو کن هو انڌاڌنڌ فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ باهه ٻاريندڙ ننڍيا بم اڇلايا. معصوم ڳوٺاڻا پناهه پناهه ۽ رحم رحم ڪندا پچندا رهيا، پر ملٽري وارن انسانيت جون حدون اورانگهيندا رهيا. گولين جا وسڪارا ڪندا رهيا ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ لڳا. اوچتو پنيان غازي مجاهد، جيڪي رندن جي ڳوٺ ۾ رهيل هئا، ملٽريءَ تي اچي ڪڙڪيا. غازين جو تعداد چاليهه هو جن ۾ ڪيترئيون عورتون به شامل هيون. غازين پوپان پرپور حملو ڪيو ۽ اٽڪل سئو کن ملٽريءَ وارا ماري وڌائون. ڪيترا زخمي ڪيائون. باقي اٽاهه بارود ۽ هٿيار ڇڏي ڀڄي ويا.(55).

انگريز ملٽريءَ طرفان حُرن، مريدن ۽ اڻ لاڳاپيل ماڻهن تي حملا ڪيا ويا. کين تباهه ۽ ذليل ڪرڻ جو ڪم وسيع پئماني تي جاري ٿي ويو. هينئر حُرن "تنگ آمد به جنگ آمد" واري پاليسي اختيار ڪئي. هنن گوريلا ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون ۽ پنهنجو مرڪز ٻيلي کي ٺاهيو جيڪو سانگهڙ جي ويجهو هو.

17 مئي 1942ع رات جو ٻارهين وڳي حُرن، اڏيرو لعل ۽ ٽنڊو آدم جي وچ تي پليجاڻي ويجهو لاهور ميل کي ڪيرايو جنهن ۾ خان بهادر الله بخش سومرو مسٽر نهچلداس ۽ سر غلام حسين جو پٽ منور حسين سوار هئا، پر حيدرآباد اسٽيشن تي مسٽر الله بخش سومريءَ کي ڪو گهرو دوست، جنهن کي حُرن جي ٿيندڙ ڪارروائيءَ جي ڪُڙڪ پئجي ويئي هئي، خاموشيءَ سان ويٽنگ روم جي پوئين دروازي کان وٺي ويو. هن حادثي ۾ 32 مسافر مري ويا ۽ اٽڪل100 ڇٽا زخمي ٿيا. مريلن ۾ سر غلام حسين جو پٽ منور حسين به شامل هو. هندستان ۾ گاڏي ڪيرائڻ جو اهو پهريون واقعو هو (56). جنهن

ڪري انگريز سرڪار ۾ ٿرٿلو پئجي ويو ۽ سنڌ ۾ رات جو ريلون هلائڻ بند ڪيون ويون.

پهرين جون 1942ع ۾ سنڌ ۾ مارشل لا Martial Law نافذ ڪيو ويو (57). هن ۾ اپر سنڌ جو سربراهه ميجر جنرل رچرڊسن کي مقرر ڪيو ويو. هن فورس جا ٻه برگيڊ هئا:(1) حيدرآباد برگيڊ (2) ڪوهاٽ برگيڊ. ڪوهاٽ برگيڊ جو هيڊڪوارٽر سانگهڙ ۾ رکيو ويو. حيدرآباد برگيڊ جو ڪمانڊ برگيڊيئر ليگ لميٽيڊ هو. مسٽر ايچ ٽي لئمبرڪ کي مارشل لا ڪمشنر مقررر ڪيو ويو ۽ مسٽر نيگ کي پوليس ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. تنهن ڪانسواءِ هيٺيان فوجي آفيسر مقرر ڪيا ويا. جنرل اعظم خان (ان وقت جو ميجر) جنرل اختر ملڪ (ان وقت جو ڪئپٽن) ميجر جنرل وصال احمد (ان وقت جو ڪيپٽن سراغ رسائي)، جنرل محسن عباس(ڪيپٽن) جنرل شرن سنگهه (ميجر)، رٽائرڊ ايئر مارشل اصغر خان (ان وقت جو هوائي پائلٽ) شنڪر سنگهه آڏواڻي ۽ حيدرآباد جيل جو سپرنٽينڊنٽ مسٽر لانگ مين شامل هئا (58).

مارشل لا تحت ڪين هيٺيون فورس مليل هو:

- هوائي فوجون: 12 اسڪواڊرن، 24 جهاز 150 ماڻهن جو عملو، هيڊڪوارٽر سکر.
- پيدل فوج :Infantry 3 ڊويزنون، 60 هزار سپاهي، هيڊڪوارٽر حيدرآباد ۽ سکر.
- موٽر ٽرانسپورٽ سيڪشن M. T. Section اسڪواڊرن 600 لاريون، هيڊڪوارٽر شهدادپور ۽ ڪيٽي.
- اُٺ ۽ گهوڙي سوار: 8 اسڪواڊرن، 2400 ماڻهن جو عملو، هيڊڪوارٽر جمڙائو ۽ هٿونگو (59).

مارشل لا هيٺ سيني ايراضين سان فوجي قانون لاڳو ڪيو ويو. هر هڪ تعلقي ۾ وڏ ۾ وڏ چار ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻه فوجي عدالتون مقرر ٿيل هيون. هر هڪ ڪورٽ ۾ چار فوجي آفيسر "جج" مقرر ڪيا ويا هئا، جن ۾ ٽي ليفٽيننٽ جي عهدي کان وٺي، ميجر جي عهدي وارا آفيسر هئا. هڪ ڪرنل يا ليفٽيننٽ ڪرنل چيف جج جي حيثيت ۾ انهن مٿان مقرر ٿيل هئا (60).

انگريز سرڪار مليٽريءَ جي مدد سان بربريت جو طوفان ٻاري ڏنو. حُرن جا سينا گولين سان پرڻ ڪري ڇڏيائون. حُرن لاءِ خاص جيل (لوڙها) Concentration Camps قائم ڪيا ويا. اهي لوڙها جوهي، نوابشاهه، جهول، سنجهورو، ڪپرو، سانگهڙ، پتورو، ميرپور خاص، جهڏو، ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ قائم ڪيا ويا. جتي حُرن کي ٻڪرين ۽ رڍن وانگر واڙي رکيو ويو. صرف ڪپري جي لوڙهي ۾ اڍائي هزار حُر قيد هئا. جتي سوين ٻار، عورتون ۽ پوڙها مرد بُک ۽ اُڃ وگهي مري ويا. پير صاحب جي مريدن کي ڪورٽ مارشل ڪري مارشل لا تحت سزائون ڏنيون ويون. لاتعداد مردن کي هڪ ئي ڏينهن تي ڦاسيءَ جي سزا ڏيئي، ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. مجاهد نعرا هڻندا وجي ڦاسيءَ تي چڙهندا هئا. سندن جذبهء ايثار کي ڏسي انگريزن کي ڏنديون آڱريون اچي وينديون هيون.

انگريز سرڪار جون فوجون سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويون. پوليس جي ٻه ٻيگهي مچي وئي. جيڪو ٻه سکيو ستابو ماڻهو پئي ڏٺائون، تنهن کي مارشل لا جو ڍپ ڏيئي پئي ڦريائون. اشرافن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي جيل تي اماڻيائون.

عورتن سان پڻ شرمناڪ سلوڪ روا رکيو ويو. ظلم کي منهن ڏيڻ لاءِ غازين منظم طريقي کي اختيار ڪيو. ڪيترين عورتون پڻ ظلم خلاف ميدان ۾ لٿيون ۽ مختلف روپن ۾ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويون. انهي سلسلي ۾ هنن مختلف ٽريننگ پڻ ورتي. ڪي نرسون ٿيون، ڪي شهسوار ڪي بندوق باز ڪي ڳاٽيون ته ڪي مخبر. اهڙي طرح هو سڄي ايريا ۾ پکڙجي ويون. انهن عورتن ۾ هيٺيان نالا قابل ذڪر آهن. بصران خاصخيلي، زهران، عاقلان، فريدان، ڀان، هوندل، مائي مرڪان، مائي مريم، نوري رند، مرادان خاصخيلي، جادئو لهارڻ، سون ٻائي، لال، زينب، راڻي سعدان وغيره. انهن مان ڪيترين عورتن انگريزي مليٽريءَ تي گوليون هلايون. زخمين لاءِ ويس متائي دور دراز کان دوائون آڻينديون هيون. پنهنجن گهر وارن کي غازين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ همٿائينديون هيون. آفيسرن جي مخبري ڪنديون هيون ۽ غازين کي ان کان آگاهه ڪنديون هيون (61).

حُرن انگريزن جي هر نڪاٽي تي حملو ڪيو. پوءِ اهي گهر هئا، آفيسون هيون يا گاڏيون هيون.

حُرن سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن کي سول نافرماني ڪرڻ لاءِ پنهنجي خفيہ پريس مان نوٽيس موڪليو تہ آئيندي ڏِل سرڪار کي ڏيڻ بدران حُر غازين کي پهچائي وڃي. زميندارن جا وائيسر بتال تي ويا.

سي آءِ ڊي وارن ڪيترين پريسن تي ڇاپا هنيا. ڪيترن هندن تي چوڪسي رکيائون. هوڏانهن تپيدارن روز قرجڻ جي دانهن ڪئي. سرڪار حڪم ڪڍيو تہ مارشل لا ايراضي ۾ ڪوبہ تپيدار ڏِل اگاڙڻ نہ وڃي، بلڪ زميندار پاڻ ئي اچي تعلقي آفيس ۾ ڏِل پيئاري، نتيجي طور ڪيترا زميندار بہ ڏِلون پيئارڻ لڳا، ٻيءَ صورت ۾ رستي ۾ ئي ڦرجڻ لڳا!

خيرپور رياست جو ڪماني پوليس، سيد غلام رسول شاهہ خيرپور ۾ رهندڙ حُرن ۽ عام امن پسند شهرين سان ظلم ٻاري ڇڏيو هو. متانئن اوچتو حملو ڪرائي سڀ رهاڪو قيد ڪندو هو. هٿ آيل مجبور عورتن سان انسانيت سوز ظلم ڪندو هو ۽ اعلان ڪندو هو تہ حُرن ۾ هجي ڪا همت تہ اچي منهنجو نالو وٺن. حُرن طرفان پروگرام رٿيو ويو. ڳوٺ ڪنواري ۾ جتي هن لاءِ هٿيارن سان ليس پهريدار بيٺل هئا ۽ مشين گنون فٽ ٿيل هيون. حُرن وڃي ڪيس سوگهو ڪيو. غلام رسول شاهہ کين گهٽو ئي ليلايو پر حُرن هن کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو. غلام رسول شاهہ جي قتل ٿيڻ سان جيئن حُرن خوشيون ڪيون، تيئن سڄي سنڌ جي عوام مسرت جا نعرا هنيا (62). انهيءَ قتل ۾ حُرن جا مک اڳواڻ ڦوٽو چانگہ جڙيو خاصخيلي، علي شير ۽ ٻيا هئا. (63).

انسپيڪٽر محسن شاهہ جنهن پڻ حُرن ۽ عام شهرين لاءِ رڻ ٻاري ڏنو هو. تنهن کي بہ ڪپري ويندڙ لاريءَ مان لاهي ماريو ويو. ڪانئس تقاوي وارا پيسا جيڪي هو ڪپري ڪنيو پئي ويو ڪسيا ويا. ان لاريءَ ۾ سوار ڇڻن زميندارن کان جيڪي ڏِل ڏيڻ پئي ويا، پئسا وصول ڪري کين سانگهڙ سرڪار جون ڇپيل رسيدون ڏنيون ويون (64).

حُرن کي مڪمل طور تباهہ ڪرڻ لاءِ سرڪار پاران سندن خاص مرڪز مکي ٻيلي تي ڀرپور حملو ڪيو ويو. ٻيلي جي ٻاهر اٽڪل ڇهہ پلاٽون فرنٽيئر ڪنسٽيبلري، هڪ سئو پنجاب پوليس، سکر جي رزرو

پوليس جو وڏو تعداد ۽ ٻين ضلعن مان مسلح پوليس گهرائي ٻيهاري ويئي(65). انگريز سرڪار کي هن تنظيم کي برباد ڪرڻو هو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ طرف سکر کان سانگهڙ تائين، ٻئي طرف سعيد آباد کان کڏڙي تائين، ٽئين طرف هٿونگي کان شهدادپور تائين ۽ چوٿين طرف جيسلمير کان چوٽيارين تائين جنگ جو نظارو پسڻ ۾ ٿي آيو(66).

مکي ٻيلي تي حملي لاءِ ڀهريائين يونائيٽڊ اسٽيٽ آف آمريڪا جي ايئر فورس جي ٽرانسپورٽ هوائي جهازن مان فوٽو ڪڍيا ويا (67) هر مهيني مليٽريءَ جو تعداد وڌايو ويو. مکي ٻيلي تي بمباري ڪئي ويئي، جنهن ڏاڍي تباهي مچائي. انهن بمن ۾ آتشگير مادو به هو جنهن جي ڪري ۽ ڦاٽڻ سان چوڌاري باهه لڳي ويندي هئي ۽ وڻ ٽڻ سڙي ناس ٿي ويا. ڊيپلائي صاحب لکي ٿو: "جيئن ته حُرن جو وڏو تعداد مکي ٻيلي ۾ رهندو هو انهيءَ ڪري هنن جو سڄو بارود سڙي ويو." اهو طريقو هنن ڪيترن ڳوٺن سان رکيو. ڪيئي سئو ملٽري وارا اوچتو ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ تي حملو ڪري ماڻهن کي گولين سان ۽ ڳوٺن کي بمن سان اُڏائي ڇڏيندا هئا.

حُرن کي ۽ سندن ڳوٺن کي تباهه ڪرڻ سان گڏوگڏ انگريز مليٽري، پير صاحب جي سموري ملڪيت کي تباهه ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي.

22– آگسٽ 1942ع تي پير جي ڳوٺ ۾ ڪوٽ ڪيرائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو (68). ڪوٽ جي ٻاهرين پٽ، جيڪا چاليهه فوٽ ڊگهي ۽ ويهه فوٽ ويڪري هئي، منجهس اندر ڪيئي گهر، بنگلا، درگاهه ۽ مسجد هئي. مسجد ۽ درگاهه کان سواءِ هر شيءِ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. ڪوٽ مان حاصل ڪيل، اناج حيدرآباد موڪليو ويو. جاين مان نڪتل ڪاٺ ۽ شهتير (C.R.E) ڏانهن موڪليا ويا(69).

سڄي هندستان جون اکيون ان وقت سنڌ ڏانهن کتل هيون، جن جي رهواسين پنهنجي ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائيندي، سڄي سنڌ کي رت سان ريٽو ڪري ڇڏيو هو.

بلوچ صاحب لکي ٿو ته."ان وقت سنڌ ۾ مارشل لا آفيسرن جي رعب تاب ذريعي اهڙو ته هيبتناڪ ماحول پيدا ڪيو ويو هو جو پير صاحب جن جي حمايت ۾ ڪن ٿورن کي حق جي ڪلمي چوڻ جي توفيق ٿي. ان وقت

مسلم ليگ پوري طاقت ۾ هئي. جڏهن عليگڙهه مسلم يونيورسٽي مان ڪي شاگرد ان وقت وفد وٺي دهليءَ ۾ مرحوم لياقت علي خان سان وڃي مليا، تڏهن هن چيو، "اسان کي پير صاحب پاڳاري لاءِ پوري همدردي آهي پر سنڌ جي مسلم ليگي ليڊرن ۾ جرائت ڪانهي، جو پير صاحب جي حمايت ۾ ڪو هٿ ڏگهيرين ۽ اسان کي مداخلت جو موقعو ڏين(70)

پير صاحب جي گڙنگ واري بنگلي کي بہ بمن سان اڏايو ويو. بمن هڻڻ کان اڳ ۾ بنگلن ۽ خاص ڪري گڙنگ واري بنگلي کي لٽيو ويو ان مان حاصل ڪيل ملڪيت ڪجهہ سرڪار وٽ جمع ڪئي ويئي ۽ ڪجهہ پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون. سرڪاري انگ اکرن مطابق هڪ وڏو تعداد سون ۽ چاندي جي زيورن ۽ ڪجهہ سڪا جنهن جي قيمت اٽڪل 2 لک هئي، پنجن لکن جا نوٽ، چوئيتاليهہ رائيفلون ۽ چوڏهن مختلف قسمن جا روالور، اهو سڀ سامان ايمپريل بئنڪ حيدرآباد ۾ جمع ڪرايو ويو. (71)

پير صاحب پاڳاري لٽيل ملڪيت جو انگ هڪ ارب روپيا ٻڌايو هو(72).

14 - جنوري 1943ع تي پير سائين پاڳاري کي هوائي جهاز ۾ حيدرآباد آندو ويو. جهاز "ٻولهاڙي" ايئرو ڊرم تي لٿو جيڪو حيدرآباد کان تيرهن ميل پري هو جتان کيس ڪار رستي سينٽرل جيل آندو ويو. جيئن پير صاحب تي "حُر بغاوت" ۾ مارشل لا تحت ڪيس هلايو وڃي (73).

سينٽرل جيل ۾ سخت اپاءَ رکيا ويا. اڳ ۾ قيد ٿيل حُرن کي ٻين شهرن جي جيلن ڏانهن موڪليو ويو. پوليس ۽ فوج جو وڏو تعداد جيل اندر ۽ ٻاهر ويهاريو ويو. پير صاحب کي ملٽري ٽربيونل آڏو ويهاريو ويو. ڪيس سرڪاري وڪيل ڏنو ويو. اهو ڪيس ڇويهہ ڏينهن هليو (74) مقدمي دوران پير صاحب کي جهڪائڻ لاءِ حڪومت طرفان ڪي ماڻهو موڪليا ويا، تہ جيڪڏهن پير صاحب معافي وٺي، تہ حڪومت سنڌس معافيءَ تي غور ڪندي (75). پر پير صاحب هن خيال جو هو تہ "ستن سمنڊن کان نازل ٿيل سامراجي، جن اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو آهي ۽ بغير ڪنهن سبب جي گرفتار ڪري غازين، مريدن، غير مريدن جو قتل عام ڪيو ڪوٽن تي حملا ڪري هر شيءَ لُٽي، بمباري ڪري تباهہ ڪئي، گهر لٽيا ۽ ملڪيتون لٽيون، تن کان ڪهڙي معافي: امام حسين رضہ بہ تہ حق لاءِ وڙهندي شهيد ٿي ويو پر

بيعت ڪانہ ڪئي "سر داد نہ داد دست دردست يزيد." ڪيس هليو ٽربيونل آخر هيٺيون فيصلو ٻڌايو:

'Pir Sabghatullah shah was found guilty of Obetment to wage war against the king Emperor conspiracy to wage war against the king. Emperor and Preparation to wage war against the king Emperor. He was Sentence to death' (76)

20 – مارچ 1943ع تي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ هن عظيم انسان جنهن جو قول هو تہ"هي سر ڪٽجي تہ سگهي ٿو پر جهڪي نہ ٿو سگهي" کي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو:

سوريءَ مٿي سيڻ، ڪهڙي ليکي سزا؟
جيڏ لڳا نيڻ، تي سُوريائي سيج ٿي.

پير صاحب جي شهادت بعد، خاص خاص مريدن کي گهرائي سندن آخري ديدار ڪرايو ويو. مريدن کي پير صاحب جي شهادت جو يقين نہ آيو. هنن ائين پئي سمجهيو تہ ڪيس سئي هٽي بيهوش ڪيو ويو آهي. سندن گمان اڄان بہ يقين ۾ بدلجندو رهيو جڏهن پير صاحب جي دفن ٿيڻ واري جڳهہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي ويئي.

پير صاحب جي گادي سرڪاري طور تي منسوخ ڪئي ويئي. سندس ٻن فرزندن، پير مردان شاهہ ۽ پير نادر علي شاهہ کي لنڊن موڪليو ويو.

ملڪ مان مئي 1943ع ۾ مارشل لا کنيو ويو، پر "حُر ايڪٽ" جاري رهيو. حُرن جي زمينن تي قبضا ڪيا ويا. حُرن جي ٻارن کي حُر اسڪول جي نالي هڪ اهڙي قيد خاني ۾ بند ڪيو ويو جتي انهن سان هر قسم جا ظلم ۽ تعديون ڪيون وينديون هيون. پوليس کي جتي وٽندو هو مردن توڙي عورتن کي "حُر" قرار ڏئي جيل ۾ وجهي ستيندا هئا. گرفتار ٿيل ماڻهن ۾ ڪيئي هزار عورتن جو تعداد شامل هو.

نيٺ انهن ظلمن جي بہ پُڄاڻي ٿي. انگريز جن سڄي دنيا کي پنهنجي ميراث پئي سمجهيو 14 آگسٽ 1947ع تي سنڌ کي پاڪستان جو صوبو بڻائي روانا ٿيا. سنڌ جي ڪن ماڻهن حُر ايڪٽ جي خاتمي ۽ پير صاحب جي گاديءَ جي بحاليءَ لاءِ سنڌ سرڪار تي زور رکيو. 1951ع ۾ سنڌ جي گورنر شيخ دين محمد جي ڪوشش سان حُر ڪئمپن جو خاتمو آندو ويو ۽

درگاهہ تي لڳايل پابنديون ختم ڪري گاديءَ کي بحال ڪيو ويو. 4 فيبروري 1952ع تي موجوده پير صاحب پاڳاري جي دستاربندي ڪئي وئي. جماعت جي طرفان هن کي ستون پاڳارو تسليم ڪيو ويو ۽ سندس حڪم تي حُر تحريڪ کي ختم ڪيو ويو.

"حر تحريڪ" آزاديءَ جو عظيم باب آهي. هيءَ تحريڪ سنڌ ۾ سنڌين طرفان ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ۽ غاصب جي خلاف هلائي وئي. هن تحريڪ جي سربراهن کي نہ تلوار جي ضرورت هئي، نہ بندوق جي ۽ نہ ڪنهن خطاب جي. هن تحريڪ ۾ حصو وٺندڙن بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي ڪم ڪيو ۽ قربانيءَ جو هڪ اهڙو مثال پيش ڪيو جنهن کي تاريخ ۾ سونهري لفظن سان ياد ڪيو ويندو. ان تحريڪ کي خالص سنڌين جي تحريڪ بہ سڏي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هندستان جي ڪنهن بہ سياسي يا سماجي جماعت حصو نہ ورتو هو جيتوڻيڪ گڏيل هندستان ۾ جڏهن بہ انگريزن خلاف ڪا تحريڪ هلائي ويئي، تہ سنڌ جي مسلمانن ان ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پنهنجي جان ۽ مال جي قرباني ڏني. ديس ڇڏي پرديس جون دربدريون سٺيون ۽ ان تحريڪ کي ڪامياب بڻايو. اڪيلي سر جڏهن هتان جا ماڻهو انگريزن خلاف اُٿيا، تڏهن بہ بهادريءَ سان منهن ڏنائون.

حوالا:

1. منشي عطا محمد: نوائي معارڪ، فارسي، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي/ حيدرآباد، 1959ع ص 876.
2. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي : وطن جي آزادي ۽ پاڪستان بڻائڻ ۾ سنڌ جو ياڳو مقالو مهراڻ قائد اعظم نمبر جلد 25 نمبر 3، 1976ع ص 147.
3. جي ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، اسلاميہ پريس حيدرآباد، 1950ع ص 133.
4. ايضاً ص 136.
5. منشي عطا محمد : نوائي معارڪ، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد 1959ع ص 877.

6. مولانا غلام رسول مهر: سيد احمد شهيد شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، حيدرآباد، ڪراچي 1968ع ص 305.
7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني رحه مقالو مهراڻ سوانح نمبر 3،4، 1957 ص 251.
8. ايضاً.
9. منشي عطا محمد: نوائي معارڪ، 1959 ص 874.
10. غلام رسول مهر: سيد احمد شهيد، 1968ع ص 800.
11. منشي عطا محمد: نوائي معارڪ، 1959ع ص 878.
12. جي ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد ص 133.
13. ايضاً ص 134.
14. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ :مقالو مهراڻ سوانح نمبر 3،4، 1957ع ص 251
15. جي ايم سيد سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، 1950ع ص 137.
16. ايضاً.
17. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقالو مهراڻ سوانح نمبر 3،4، 1957، ص 252.
18. تبسم چوڌري: تذڪره پيران پاڳاره، ڪنگري پرنٽرس حيدرآباد، 1975ع ص 157.
19. جي ايم سيد ; نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، 1950 ص 138 ـ 139.
20. ايضاً. ص 139.
21. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 3،4، 1957ع 252.
22. ايضاً.
23. ايضاً.
24. رسول بخش پليجو: هلال ميگزين، 31 مارچ 1988ع.
25. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 3،4، 1957ع ص 253.
26. H. T. Lambrick: The Terrorist London, Emest Benn United 1972- P,31.
27. جي ايم سيد: سنڌ لاءِ جدوجهد، 1950 ص 140.
28. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلو: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957 ـ 3،4ع ص 253
29. الوحيد، 11 مارچ 1933ع.

30. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957 ص 253.
(※) هي اهو دور هو جڏهن ڪانگريس طرفان انگريز حڪومت خلاف مختلف تحريڪون جنم وٺي چڪيون هيون، جهڙوڪ اسهڪار(قطع تعلقات) سو ديشي(جنهن تحت ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جو بائيڪاٽ ڪري، چرخي جو اُٽيل ڪاڌيءَ جو ڪپڙو پائڻ هو)، ستياگره، پورن آزادگي، انڊيا خالي quit India ڪيو وغيره.
31. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع ص 254.
32. جي ايم سيد : نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ص 140.
33. ايضاً.
34. محمد عثمان ڏيپلائي : سانگهڙ مدينہ مارڪيٽ حيدرآباد 1985ع ص 101.
35. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلو : مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع ص 254.
36. محمد عثمان ڏيپلائي : سانگهڙ، ص 99.
37. ايضاً 111.
38. ايضاً 109.
39. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مقالو :مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع ص 255
40. ايضاً.
41. ايضاً.
42. ايضاً، ص 256.
43. ايضاً.
44. ايضاً.
45. Sind Legislative Assembly debates Table of Contents. 9th. Dec.1940.
46. See: Sind Legislative official paper 29th. Nov. 1940.
47. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957 ص 257.
48. Sind Police, Instruction Book Govt. Press Karachi. P- 124.
49. ڊاڪٽر نبي بخش بلو: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع ص 257.
50. روزنامہ "جنگ" ڪراچي، حصوصي نمبر، 20 مارچ 1988ع.
51. ڪيٽي (بيٺاري) ديهہ ڪنگري ڪان ڪجهہ مفاصلي تي آهي.

52. روزنامہ "جنگ" ڪراچي، خصوصي ايڊيشن، 20 مارچ 1988ع.

53. ايضاً

54. See, Sind Legislative Assembly, Official paper, Vol –Xv1 No – 14 Friday20th 1942.

55. محمد عثمان ڏيپلائي: سانگھڙ، ص 121 – 122.

56. ريل ڪيرائڻ لاءِ بندن جو فش پليٽون ڪڍيون ويون هيون، روزانہ "جنگ" ڪراچي، 20 مارچ 1988ع.

57. See, Martial Law Reports on Operations Upper Sind force, Sind Martial law Area June 1942- May 1943, P-3.

58. روزنامہ "جنگ" ڪراچي، 20 مارچ 1988ع.

59. وليداد ولي: سنڌ ۾ مارشل لا وقت چشم ديد واقعات، مقالو مهراڻ، 1، 2، 1958ع ص 145.

60. ايضاً.

61. محمد عثمان ڏيپلائي: سانگھڙ، 1985ع ص 562.

62. ايضاً ص 562.

63. ڊاڪٽر لائق زرداري تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو مورو 1984ع ص 237 (ڊاڪٽر صاحب جو راجا ڪرم الاهي رٽائرڊ پوليس سپرنٽينڊنٽ کان ورتل انٽرويو).

64. اهي رسيدون غازي مجاهدن پنهنجي مخفي پريس مان ڇپايون هيون.

65. See, Martial Law Reports on Operations Upper Sind force, Sind Martial Law Area June 1942- May 1943, P-3.

66. وليداد ولي: مقالو مهراڻ، 1، 2، 1958ع، ص 147.

67. See, Martial Law Reports, P-4.

68. Ibid.

69. Ibid –P- 12.

70. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : مقالو، مهراڻ سوانح نمبر 1957ع ص 259.

71. Martial – Law Reports, P-14.

72. محمد عثمان ڏيپلائي: سانگھڙ، ص 593.

73. Martial – Law Reports, P-12

74. Ibid.

75. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع ص 259.

76. Martial – Law Reports, P-12.

("مهراڻ" 1992)

حاجي عبدالله هارون
سنڌ جو هڪ قومي ڪارڪن

ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هند ۾ آزادي جي جيڪا جدوجهد هلي آهي ان کي تاريخ ۾ هڪ خاص حيثيت حاصل ٿي آهي. ان آزادي جي تحريڪ ۾ ڪيترين نامون شخصيتن جصو ورتو آهي جن ۾ سيٺ عبدالله هارون کي هڪ خاص مقام حاصل آهي، جيڪو پنهنجي ذات ۾ هڪ "ادارو" هو. حاجي عبدالله هارون جا وڏا شاهبندر علائقي جا رهاڪو هئا. جيڪي ڪڇ جي لوهاڻا هندن مان مسلمان ٿيل ميمڻ هئا. هن جو والد سن 1857ع ۾ واپار جي خيال کان ڪراچي لڏي اچي ويٺو. هي اهو زمانو هو جڏهن انگريزن پنهنجي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ سان سڄي هندوستان سان گڏ سنڌ تي به قبضو ڪيو هو ۽ هن جو الحاق بمبئي سان ڪري ڇڏيو هو. 1858ع واري جنگ ناڪام ٿي چڪي هئي، ڪئين ماڻهو قتل ٿي چڪا هئا ۽ ڪيئي سزائون ڪاٽي رهيا هئا. ڪراچي جيڪو سنڌ جو وڏو شهر ۽ اهم بندگاهه رهيو آهي اتي مختلف قومون اچي آباد ٿيون. بمبئي مان مختلف قومون اچي آباد ٿيون. بمبئي مان به ڪيئي تاجر لڏي اچي هت ويٺا هئا.

عبدالله هارون سن 1872ع ۾ ڄائو اڃان هو ڇهن سالن جو هو ته سندس والد جو نتقال ٿي ويو ان وقت سندس والده جنهن جو نالو حنيفه بائي هو ارڙهن سالن جي هئي. هيءَ خاتون نهايت خوددار سلقبه مند. سمجهدار ۽ همت واري هئي. هن مسڪيني حال ۾ پنهنجي ڪمسن پٽ جي پرورش نهايت خوش اسلوبي ۽ جرئت سان ڪئي. پهريائين کيس هڪ گجراتي اسڪول ۾ داخل ڪيو جتي هي به چار درجا پڙهي سکهيو ۽ گهر جي غربت دور ڪرڻ لاءِ محنت مزدوري شروع ڪئي. هن سائيڪلن جي مرمت کان ڇهي جي ڦيري تائين مزدوري ڪئي. هن جي محنت، سچائي ۽ سندس والده

جي دعائن رنگ لاتو. جلدئي هن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري ڏنو. 1909ع ۾ هن نيپيئر روڊ تي واپار لاءِ ڪوٺي ورتي. 1910ع ۾ رنڇوڙ لائين ۾ جايون خريد ڪيائين ۽ 1911ع ۾ وڪٽوريا روڊ تي پنهنجي رهائش لاءِ بنگلو خريد ڪيو ۽ هڪ خوشحالي واري زندگي بسر ڪرڻ لڳو. عبدالله هارون هڪ مثالي واپاري هو. هن جي واپار جو بنياد ايمانداري ۽ ڪفايت شعاري، غريبن جي مدد ۽ زڪوات جي پوري ادائيگي تي هو. هن جي سياسي زندگي 1910ع کان شروع ٿئي ٿي پر سماجي سڌارڪ ۾ هن 1910ع کان دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ ڪيترين ئي اهم شخصيتن جهڙوڪ سر آغا خان، مير ايوب خان، مسٽر جمشيد مهتا، سيٺ هر چند راءِ وشنداس ۽ مسٽر غلام علي ڇاڳلا سان ورڪنگ رليشنشپ رکي.

ويهين صدي جو اهو دور خاص ڪري هن جو پهريون اڌ نه صرف هندوستان پر سڄي دنيا ۾ هڪ اهڙي قيرقار آندي ۽ هڪ اهڙو انقلاب آندو جو دنيا جي تاريخ ۾ اڳ ڪونه ٿيو هو. دنيا وارن به عالگير جنگيون ڏٺيون ۽ دنيا جي گولي تي ڪيئي تاريخ ساز شخصيتون ابريون. عبدالله هارون به ان دور جي اهم شخصيت آهي جنهن هندوستان ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ اهم ڪردارا ادا ڪيو آهي.

سائين جي ايم سيد سنڌ جو اهو مفڪر آهي جنهن سنڌ جي اوڻهين ۽ ويهين صدي جي تاريخ هتان جي شخصيتن جي زندگي ۽ ڪردار جي روپ ۾ ڏني آهي. هڪ هنڌ لکيو اٿس ته "سنڌ ۾ سياستدانن جا به قسم آهن هڪڙا عوامي تحريڪن ۽ جماعتن ۾ حصو وٺندڙ ۽ ٻيا پارليامينٽري سياستدان پهرين قسم جي سياستدانن ۾ غلام محمد ڀرڳڙي، حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وغيره شمار ڪري سگهجن ٿا.

محترم عبدالله هارون جي زندگي ۽ ڪردار تي جيڪڏهن نظر ڪبي ته هن ان وقت جي هر تحريڪ ۾ ڀوءِ ڪٽي اها ريشمي. رومال تحريڪ هئي، خلافت تحريڪ هئي، سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرائڻ واري تحريڪ هئي يا پاڪستان ٺاهڻ جي تحريڪ هئي ان ۾ هڪ جامع ڪردار ادا ڪيو آهي نه صرف ذاتي پر هر قسم جي مالي امداد به ڪئي آهي. هن جي سماجي ۽ سياسي سرگرمين جو دائرو ٻاهرين دنيا تائين به رهيو آهي طرابلس جي

مسلمانن جي مدد لاءِ نہ صرف هن پنهنجا پنجاهہ هزار چنديءَ ۾ ڏنا پر ٻين بہ صاحب ثروت ماڻهن کان چندو جمع ڪري موڪليو. سنڌ جي مسلمانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيئي اهم تجويزون ڏنيون ۽ انهن تجويزن مان ڪيتريون هن پاڻ پوريون ڪيون مثلاً دارالعلوم ۽ يتيم خانو کوليائين، سندس ڪوشش سان جناح ڪورٽس ٺهي، مختلف اخبارن جهڙوڪ هفتيوار مسلم وائس، الوحيد، سنڌ ايڊوڪيٽ ۽ اخبار نصرت جي نہ صرف مالي ساهتا ڪئي پر هنن کي جاري ڪرڻ ۾ بہ ڪردار ادا ڪيو.

عبدالله هارون 1913ع کان 1917ع تائين ۽ 1921ع کان 1934ع تائين ڪراچي ميونسپالٽي جو ڪائونسلر چونڊيو ويو اهڙن عهدن تي ايترو وقت قائم رهڻ ۽ بار بار چونڊجڻ مان هن جي عوام سان محبت ۽ خدمت نظر اچي ٿي. ترڪي خلافت جي بقا لاءِ جڏهن هندوستان ۾ خلافت تحريڪ هلي تہ سنڌ جي رهواسين بہ ان ۾ حصو ورتو آهي. عبدالله هارون سن 1919ع ۾ سنڌ خلافت تحريڪ جو صدر ٿيو ۽ هن تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هر قسم جي مدد ڪئي. 1927ع ۾ مرڪزي ليجسليٽو اسيمبلي ۾ سنڌ طرفان حاجي صاحب چونڊجي ويو جتي هو 1942ع تائين رهندو آيو. بنيادي طرح هي غيرفرقيوار نظريو رکندڙ اڳواڻ هو ۽ هڪ مختلف رهنما هو. شروعات ۾ هي ڪانگريس ۾ رهيو هن سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرائڻ واري جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ 1930ع کان 1935ع تائين سنڌ ي مسلمانن طرفان سنڌ جي مالي حالت بابت جانچ ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل ڪاميٽي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. 1931ع ۾ سرڪار طرفان سنڌ جي مالي حالت ڏسڻ لاءِ قائم ٿيل ڪاميٽي جو ميمبر ڪنيو ويو.

سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرائڻ کان پوءِ هتان جي سياسي اڳواڻن اها ڪوشش ڪئي تہ هڪ اهڙي "سياسي پارٽي" ٺاهي وڃي جنهن جو آل انڊيا اختلافي مسئلن سان ڪوبہ واسطو نہ هجي. هندوستان ۾ ان وقت بہ سياسي پارٽيون ڀرپور نموني سان اپريل هيون هڪ آل انڊيا ڪانگريس ۽ ٻي آل انڊيا مسلم ليگ سنڌ جي سياستدانن صوبي جي ترقي ۽ تعمير لاءِ هڪ غير فرقيوار سياسي جماعت "سنڌ اتحاد پارٽي" جي نالي سان ٺاهي جنهن جو پهريون اجلاس 31 آڪٽوبر 1931ع تي منعقد ٿيو ان اجلاس ۾ سر غلام

حسين جو ٻين ميمبرن سان اختلاف ٿي پيو جنهن هڪ جدا پارٽي "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" جي نالي سان ٺاهي.

سنڌ جي آزادي واري جدوجهد دوران سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن جا ڪجهه اختلاقات نظر اچن ٿا. شروع ۾ هتان جا هندو اڳواڻ ان جدوجهد جي حمايت ۾ هئا پر ڪجهه اهڙا مذهبي واقعا رونما ٿيا ۽ ڪجهه حسد واري لهر هلي جو هنن سخت مخالفت ڪئي. هن عمل مسلمانن جي دلين تي شڪ شبها وڌا. سنڌ جي آزادي کان پوءِ هتان جي غير فرقيوار مسلمان اڳواڻن صوبي جي بهتري خاطر هندو اڳواڻن سان گڏجي "اتحاد پارٽي" قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. عبدالله هارون سنڌ جي ٻين سياستدانن سان گڏجي هن کي ڪامياب بنائڻ جو ذمو کنيو. پهريائين ان جو ليڊر رهيو پوءِ ڊپٽي ليڊر تي ڪم ڪرڻ لڳو. اڳتي هلي سر شاهنواز ڀٽو جي بمبئي وڃڻ کان پوءِ ان جو پريزيڊنٽ رهندو آيو.

سنڌ ۾ پهرين قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن ۾ "سنڌ اتحاد" پارٽي ٻين جماعتن جي مقابلي ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي پر ان جي ٺاهيندڙن کي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. سيٺ عبدالله هارون ۽ سر شاهنواز خان ڀٽو چونڊن ۾ شڪست کاڌي. ڀٽو صاحب بمبئي هليو ويو پر سيٺ صاحب پارٽي جون واڳون بدستور سنڀاليون. اسيمبلي ۾ اتحاد پارٽي جي ميجارٽي هوندي به ان وقت جي گورنر جمهوري اصولن کي ڦٽو ڪري سر غلام حسين هدايت الله کي وزارت ٺاهڻ جي دعوت ڏني جنهن کي اسيمبلي ۾ صرف ٽن ميمبرن جي حمايت حاصل هئي. هندو ميمبرن جي اڪثريت اسيمبلي اندر پنجاهه سيڪڙو جايون وٺي سر غلام حسين جي وزارت ۾ شامل ٿي، تنهن هوندي به اتحاد پارٽي سنڌ جي ڪجهه ڪانگريسي ليڊرن سان گڏجي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هندو، مسلم اتحاد جو پرچار ڪيو. جلد ئي سر غلام حسين جي وزارت ڊهي ۽ خانبهادر الله بخش سومرو کي وزارت ٺاهڻ جو موقعو مليو جيڪو اسيمبلي ۾ اتحاد پارٽي جو اڳواڻ ۽ مخالف ڌر جو ليڊر هيو. هن 23 مرچ 1938ع ۾ ڪانگريس ۽ آزاد هندو ميمبرن جي تعاون سان وزارت ٺاهي. جلد ئي ڏلن وڌائڻ جي سوال تي اتحاد پارٽي ٽٽي پئي ۽ حاجي صاحب ان پارٽي کان الڳ ٿيو.

حاجي عبدالله هارون ڪانگريس جي ميمبرن جي قول ۽ فعل ۾ تفاوت ڏٺو. بنيادي طرح هي هڪ مخلص قومي ڪارڪن هو ۽ هندو مسلم اتحاد جو سخت حامي هو. هن جو ڪاروبار گهڻو ڪري هندو هلائيندا هئا ۽ اتحاد پارٽي جو بنياد به هن صوبي جي هر رهواسي جي هڪجهڙي خدمت ڪرڻ لاءِ وڌو جنهن جو اثر اهو به ٿيو جو ڪجهه مسلمانن اڳواڻن هن خلاف پروپيگينڊه ڪئي ۽ هن چونڊن ۾ شڪست کاڌي. هينئر هن کي يقين ٿي ويو ته ڪانگريس جي سنڌ اندر پاليسي مسلمان عوام جي خلاف ۽ هندو طبقي مفاد ۾ آهي. هن جو ردعمل شروع ٿيو هن فيصلو ڪيو ته سنڌ ۾ مسلم ليگ کي آڻجي. هن قائداعظم محمد علي جناح سان رابطو ڪيو ۽ پنهنجن ساٿين سان گڏجي سنڌ ۾ مسلم ليگ جي تشهير شروع ڪئي. ان کان اڳ ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ کي ڪابه حيثيت حاصل نه هئي ۽ نه ئي هوءَ هت پنهنجي جماعت جو ڪو رهنما ادارو قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي هئي. هن جلد ئي قائداعظم جي صدارت ۾ ڪراچي ۾ هڪ اجلاس منعقد ڪيو جنهن ۾ هندوستان جي برک مسلم ليگي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. انهيءَ اجلاس ۾ جيڪي ٺهراءُ پاس ڪرايا ويا انهن کي پاڪستان جو ٺهراءُ چئجي ته بجا آهي. ان ٺهرائن ۾ برطانوي هندوستان جي ورهاست ۽ هندو ۽ مسلمانن قومن جي سياسي خودمختياري جو مطالبو ڪيو ويو. ڪانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ سيٺ صاحب 17 نومبر 1938ع ۾ پاس ٿيل ٺهرائن جا نقل سر سلطان محمد آغا خان ڏانهن اماڻيا ۽ کيس لکيو ته مسلم ليگي حلقا هندن جي غلبي ۽ استحصال کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ نهايت سنجيدگي سان مسلم رياستن ۽ صوبن جي هڪ وفاق (فيڊريشن) متعلق سوچي رهيا آهن. آغا خان پنهنجي جواب مورخه 20 ڊسمبر 1938ع تي کيس عام راءِ کي هموار ڪرڻ متعلق لکيو.

حاجي عبدالله هارون پنهنجن دوستن ۽ ورڪرن سان تقرير توڙي تحرير ذريعي عام راءِ کي هموار ڪرڻ شروع ڪيو. سن 39-1938ع ۾ هن پنهنجي خرچ تي مختلف صوبن ۾ راءِ عام پيدا ڪرڻ جي مقصد سان مسلمان نمائندن جا خير سگالي وفد روانا ڪيا ۽ 1938ع واري اجلاس ۾ پاس ٿيل ٺهرائن جون ڪاپيون ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ورهائڻ ۽ مسلمانن

لاءِ جدا ملڪ جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي جنهن جو چيئرمين پڻ پاڻ ٿيو ۽ خرچ جو ذمو به پاڻ کنيائين. ان ڪميٽي جي سب ڪميٽي جنهن جو نالو فارين اينڊ ان لينڊ پبلسٽي ڪاميٽي هو ان جي حوالي اهو ڪم ٿيو ته هڪ اهڙي مڪمل اسڪيم ۽ رپورٽ تيار ڪجي جنهن ذريعي هڪ طرف آل انڊيا مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي ۽ ٻئي طرف انگريز سرڪار ۽ دنيا کي قائل ڪري سگهجي ته تقسيم برصغير هڪ قابل عمل رٿ آهي.

فيبروري 1940ع حاجي عبدالله هارون آل انڊيا مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ اڳيان انٽرم رپورٽ پيش ڪئي جنهن ۾ ظاهر ڪيائين ته هاڻي مسلم ليگ کي مسلمانن لاءِ جدا ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ مطالبو پيش ڪرڻ گهرجي. مارچ 1940ع لاهور ۾ منعقد مسلم ليگ جي سالانه اجلاس ۾ مسلمانن لاءِ جدا ملڪ جو قرارداد پاس ڪيو ويو جنهن کي پهريائين قرارداد لاهور ۽ پوءِ قرارداد پاڪستان سڏيو ويو ۽ ان کان پوءِ تحريڪ پاڪستان زور شور سان شروع ٿي.

سن 1941ع ۾ سنڌ ۾ مير بنده علي جي وزارت جي شڪست کان پوءِ حاجي صاحب سنڌ جي مشهور سياستدانن جهڙوڪ سائين جي ايم سيد، علي محمد شاهه راشدي، شيخ عبدالمجيد ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي ۽ ٻين سان گڏجي سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪيو ۽ ٿوري وقت ۾ مسلم ليگ جو آواز سنڌ جي گهر گهر ۾ گونجڻ لڳو. حاجي عبدالله هارون هينئر مسلم ليگ جو اهم رڪن ۽ سنڌ جو قومي ڪارڪن ٿي ويو. ڪيس هر هنڌان مختلف فنڪشن ۽ جلسن جي صدارت لاءِ دعوتون ملڻ لڳيون.

27 اپريل 1942ع تي سنڌ جي ماڻهن کي اها اندوهناڪ خبر پهتي ته حاجي صاحب اوچتو حرڪت قلب بند ٿيڻ ڪري انتقال ڪري ويو. هي هڪ وڏو خال هو پر حاجي صاحب ان وقت تائين سنڌ ۾ مسلم ليگ کي مضبوط بنيادن تي بيهاري چڪو هو. سندس مرڪزي اسيمبلي ۾ خالي ٿيل جاءِ تي سندس فرزند يوسف هارون بنا مخالفت جي چونڊجي ويو. هن جي پوکيل سلي جو ثمر "پاڪستان" سندس وفات جي پنجين سال دنيا جي گولي تي وجود ۾ آيو.

(عبرت مئگزين، آگسٽ 1999)

تحريڪ پاڪستان ۾
سنڌ جي عورتن جو حصو

برصغير پاڪ ۽ هند ۾ 1857ع کان 1941ع تائين وارو دور سياسي ڇڪتاڻ جو رهيو آهي. 1857ع جي جنگ آزادي کان پوءِ هندستان ۾ مسلمان نه صرف سياسي ميدان ۾ پوئتي ڌڪجي ويا بلڪ سماجي، معاشرتي، تمدني ۽ معاشي ميدان ۾ به انهن کي پسمانده بنائڻ جون سازشون شروع ڪيون ويون ۽ هر هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو جو هو هر سطح تي پوئتي ٿين لڳا. جلد ئي ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيو پهريائين هندوستا جي سيني رهواسين انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳڌجي ڪوشش ڪئي پر اڳتي هلي مسلمان ڳواڻن مسلم ليگ جي نالي هڪ سياسي جماعت قائم ڪئي ۽ ان جي پليٽفارم تان مسلمانن لاءِ جدا ملڪ جي گهر ڪئي.

سنڌ جنهن کي انگريزن مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ 1843ع ۾ پنهنجي قبضي هيٺ آندو ۽ 1847ع ۾ هن کي بمبئي انتظام هيٺ آندو تنهن جي هر رهواسين هڪ وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ کان پوءِ هن کي پهرئين اپريل 1936ع ۾ آزاد ڪرائي صوبائي حيثيت ڏياري، جيڪو مسلمانن جي اڪثريت وارو صوبو هو. جلد ئي سنڌ جي سياستدانن هندوستان جي مسلمان اڳواڻن سان گڏجي جدا ملڪ حاصل ڪرڻ واري تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي انهن کي تحريڪ پاڪستان جو نالو ڏنو ويو.

قائداعظم محمد علي جناح سنڌ جو ڄائو هو جيڪو ان وقت ان تحريڪ جو اڳواڻ هو هن ۾ ليڊرشپ جون خوبيون هيون. سنڌ جي رهاڪن جي توجهه جو مرڪز هو. آڪٽوبر 1938ع سنڌ مسلم ليگي سياستدانن قائد اعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو

اجلاس سڏايو ۽ مسلم ليگ کي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو. هن اجلاس ۾ هڪ قرارداد پاس ڪري آل انڊيا مسلم وومن شپ ڪميٽي جي تنظيم ڪئي ويئي جنهنجي صدر بيگم محمد علي جوهر هئي. سنڌ ۾ قائم ڪيل آل انڊيا مسلم ليگ وومن سب ڪميٽي جي سرپرست بيگم نصرت عبدالله هارون مقرر ٿي. بيگم نصرت عبدالله سنڌ جي سياست ۽ سماجي بهبود ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن پهريائين خلافت تحريڪ ۾ سنڌ سطح تي پنهنجي سياست جي ابتدا ڪئي جنهن کان پوءِ هن آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ سڄي هندوستان ۾ عورتن جي سياسي سجاڳي لاءِ جاکوڙ ۾ لڳي ويئي. هن نہ صرف پنهنجي پارٽي جي تنظيم سازي ڪئي پر ان جي مالي امداد پڻ ڪئي. مسلمان عورتن جي هر مفاد ۾ دلچسپي رکي ۽ ان جي بهتري لاءِ ڪم ڪيو. هن ڪيترين اسپتالن، يتيم خانن ۽ مذهبي ادارن کي قائم ڪرڻ ۾ مالي مدد ڪئي. بمبئي ونگ جي سرپرست محترمہ فاطمہ جناح مقرر ڪئي ويئي جيڪا پڻ سنڌ جي ڄائي هئي. در حقيقت قائداعظم عورتن جي سياست ۾ شموليت پنهنجي گهر کان ئي شروع ڪئي جيئن عام عورت ۽ مرد ان ڳالهہ جي اهميت کي سمجهن تہ ملڪي ترقي ۾ عورتن جو حصو بہ اهميت جو حامل آهي ۽ عورت شعوري سجاڳي کي اجاگر ڪري سگهي ٿي. اهو ئي سبب هو جو محترمہ فاطمہ جناح بي پناهہ خلوص ۽ اعتماد سان تحريڪ پاڪستان ۾ حصو ورتو. جنهن بہ صوبي ۾ مسلم ليگ جو اجلا منعقد ٿيندو هو تہ ان سان عورتن جو بہ اجتماع ٿيندو هو. محترمہ فاطمہ جناح انهن جلسن کي خطاب ڪندي هئي ۽ عورتن کي تحريڪ پاڪستان ۾ حصو وٺڻ جي تلقين ڪندي هئي.

سنڌ ۾ نامز ٿيل بيگم نصرت عبدالله مسلم ليگ ۽ پاڪستان ٺهڻ لاءِ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو جلد ئي هن کي آل انڊيا وومن شپ ڪميٽي تي صدر مقرر ڪيو ويو. هن ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان سڄي هندوستان جو دورو ڪيو. بمبئي ۾ هڪ ليڊيز ڪلب "نصرت ڪلب" جي نالي سان ٺاهي جتي مسلمان عورتن جي گڏجاڻي ڪندي هئي ۽ کين آزادي جي اهميت کان واقف ڪندي هئي. سنڌ ۾ بيگم انور حسين هدايت الله ۽ بيگم جي الانا آزادي جي تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتو. آهي خواتين مسلم

ليگ وومن ونگ جون سرگرم ڪارڪن هيون ۽ پنهنجي سب ڪميٽي جو هڪ وڏو جلسو ڪراچي جي گانڌي گارڊن ۾ منعقد ڪيو. ان موقعي تي بيگم انور حسين هدايت الله هڪ جوشيلي تقرير پڙ ڪئي. هن جي جوش ۽ جذبي جو اهو نتيجو نڪتو جو چوويهين ڊسمبر 1944ع ڪراچي ۾ خواتين مسلم ليگ جي جلسي ۾ سنڌ جي پنج هزار عورتن شرڪت ڪئي. هن اجلاس ۾ نيشنل گارڊ جي پڻ تشڪيل ڪئي ويئي جنهن جو معائنو خود قائداعظم ڪيو. انهن خواتين سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ جلسا منعقد ڪيا. حيدرآباد ۾ هڪ جلسو بيگم انور حسين هدايت الله جي صدارت ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن جي چيئرپرسن استقباليہ بيگم غلام رسول پرڳڙي هئي ۽ آرگنائيزنگ سيڪريٽري بيگم طاهره اعجاز حسين آغا هئي. بيگم طاهره آغا 1918ع حيدرآباد ۾ پيدا ٿي ۽ لاهور مان تعليم حاصل ڪئي. هن جي شادي لاڙڪاڻي جي معروف وڪيل اعجاز حسين آغا سان ٿي. هن جو والد محمد اسحاق سنڌ صوبائي سروس ۾ آفيسر هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ٿيو ۽ ڪراچي مان ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. هن جي والده مولوي ضياءُ الدين جي ڌيءُ هئي جيڪو هڪ پوليس آفيسر هو. هن جو ڀاءُ خالد ايم اسحاق ملڪ جو معروف قانوندان رهيو آهي.

تحريڪ پاڪستان دوران سنڌ جي عورتن جا جيڪي بہ ميڙ يا جلسا ٿيندا هئا اهي نظم ۽ نسق ۽ ترتيب سان هلايا ويندا هئا. پهريائين قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي ويندي هئي، ان کان پوءِ آزادي جو ترانو پڙهيو ويندو هو ۽ بعد ۾ واري سان تقرير لاءِ عورتن کي اسٽيج تي گهرايو ويندو هو. تقرير جي فن ۾ بيگم واجد علي انصاري ماهر هوندي هئي هن جو انداز پر اثر هوندو هو ۽ عورتن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪندي هئي، اهو ئي سبب آهي جو حيدرآباد جي مدرسة البنات ۾ منعقد عورتن جي جلسي ۾ سنڌ جي هزارين عورتن شرڪت ڪئي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو تہ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهنداسون.

سنڌ ۾ تحريڪ آزادي ۾ جن عورتن حصو ورتو انهن ۾ بيگم مخدوم محمد عمر ۽ بيگم شعبان ميراڻي جو نالو قابل ذڪر آهي. بيگم مخدوم

عمر قومي تراني پڙهڻ ۾ ماهر هوندي هئي هر جلسي جي شروعات ۾ قومي رانو پڙهي عورتن ۾ آزاديءَ جي اهميت جو احساس پيدا ڪندي هئي. بيگم شعبان ميراڻي جلسي ۾ مختلف قرارداد پيش ڪري ان جي تائيد حاصل ڪندي هئي. سنڌ جي خواتين جي منعقد جلسن جون ڪجهه قرارداد هيٺ ڏجن ٿيون جن مان هنن جي سياسي پختگي جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

تعليم بالغان شروع ڪئي وڃي، خريداري مسلمان دوڪاندارن کان ڪئي وڃي، نوجوانن کي تجارت لاءِ آماده ڪيو وڃي. غريب حرن جي مدد جو بندوبست ڪيو وڃي، حرن جي لوڙهن کي آباد ۽ بستين ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ حرن جي عورتن کي آزاد ڪيو وڃي، ان کان علاوه بيت المال جي قيام ۽ شريعت بل جو پڻ مطالبو ڪيو ويندو هو.

سنڌ جي انهن عورتن تحريڪ پاڪستان کي سنڌ سطح تي ڪاميابي سان هلايو پر جڏهن لاهور ۾ پهرين فيبروري 1947ع ۾ خضر حيات حڪومت جي خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ هلي ته اتان جي عورتن سان گڏ سنڌ جي عورتن بہ ڀرپور حصو ورتو سنڌ مان عورتن جو هڪ احتجاجي جلوس بيگم صغريٰ جي قيادت ۾ لاهور پهتو ۽ پنجاب جي عورتن جو ساٿ ڏنو. ان کان علاوه سنڌ مسلم ليگ وومين ڪميٽي بلوچستان ۾ تنظيمي طور تي تحريڪ آزادي ۽ تحريڪ پاڪستان لاءِ ڪم ڪيو. سنڌ مان نڪرندڙ اخبارن خاص ڪري الوحيد سنڌ جي عورتن جي آزادي واري جدوجهد کي نمايان طور اهميت ڏني. هنن جي هر جلسي جي ڪارڪردگي ۽ عمل تي تعريفي ايڊيٽوريل لکيا ۽ هنن جي همت افزائي ڪئي. سنڌ جي عورتن جي ان جدوجهد، جلسن، جلوسن سڀني سنڌ جي گهر گهر ۾ آزادي جي تحريڪ ۽ اهميت کي متعارف ڪرايو.

(عبرت مئگزين، آگسٽ 1999)

بيبي اُمِ ايمن

ابن هشام مطابق تہ هن کي عبدالله بن وهب کان، ان کي عبدالله بن لهيعہ کان ۽ ان کي غفره جي موليٰ عمر کان روايت پهتي تہ حضور پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو:

الله الله في اهل الذمة اهل المدرة السودآءِ
السحم الجعاد فان لهم نسباً و صهراً.
(مدره جي ڪارن گهنگهريالن وارن جي (ذمي)
حبشين جي متعلق الله کان ڊڄو ڇاڪاڻ تہ هنن سان(منهنجو) نسب جو بہ رشتو آهي ۽ ساهراڻو بہ).

غفره جي موليٰ عمر ٻڌايو تہ اهو نسب ائين آهي جو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي والده انهي حبشي خاندان مان هئي ۽ ساهرا انهي ڪري جو ان خاندان جي هڪ خاتون رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تصرف ۾ آئي هئي. ابن الهيعہ مطابق تہ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي والده، اُم العرب نالي هڪ بستي ۾ ڄائي هئي، جيڪا مصر جي قديم شهر "الفرما" جي ويجهو واقع هئي.

ابن اسحاق مطابق "محمد بن مسلم بن عبيدالله بن شهاب زهري کان، ان کي عبدالرحمان بن عبدالله بن ڪعب بن مالڪ انصاري سلميٰ کان روايت بيان ڪئي تہ حضور پاڪ صلعم جن فرمايو تہ:

اذا افتحتم مصرنا ستوموا باءَ هلها خيراً
فان لهم ذمةً و رحماً

(جڏهن توهان مصر فتح ڪيو تہ اتان جي رهاڪن سان نيڪي جو ورتاءُ ڪرڻ جي وصيعت ياد رکجو. ڇاڪاڻ تہ انهن جي هڪ قسم جي ذميواري ۽ انهن سان قرب آهي).

اڳتي اهو مورخ ٻڌائي ٿو تہ: هن محمد بن مسلم ڪان ان قرب متعلق دريافت ڪيو جنهن جو ذڪر رسول خدا ﷺ جن فرمايو. تہ هن ٻڌايو تہ: اسماعيل عليہ السلام جي والده حاجره ان خاندان مان هئي.

ان قرب ۽ محبت جو سلسلو روان دوان رهيو آقائي نبي سرور دو جهان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ولادت باسعادت جڏهن هن ڪره ارض تي ٿي تہ اها رات هڪ اهڙي نوراني رات هئي، جتي تاريڪي جو ڪو نانءُ نشان نہ هو. آسمان جا ستارا زمين ڏانهن جهڪي ويا. شهابي ستارو ٽٽو ۽ چؤطرف نور پکڙجي ويو. بيبي آمنہ ڏٺو تہ هڪ ٻار جي ولادت ٿي آهي جيڪو پنهنجن ٻنهي هٿن سان زمين جو سهارو وٺي پنهنجي مٿي کي آسمان طرف بلند ڪندي پنهنجي ماءُ کي ڏسي رهيو هو.

هن عظيم انسان کي پنهنجي مرحوم والد جي ميراث ۾ پنج اُٺ، رڍن ۽ ٻڪرين جو هڪ ننڍڙو ڌڻ ۽ هڪ حبشي غلام عورت ملي. اها حبشي عورت حضور پاڪ ﷺ جن جي ولادت باسعادت وقت موجود هئي ۽ جيئن ئي هن کي حضور اقدس جن جي ديدار جي سعادت حاصل ٿي تہ هن جي دل ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي لاءِ بيحد محبت ۽ بي پناهہ لڳاءُ پيدا ٿي ويو. حضور صلعم جن هن حبشي عورت جي اکين جا تارا ٿي پيا. هنن جي وجود ان حبشي عورت کي مايوسي ۽ نااميدي جي دلدل کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اها حبشي غلام عورت حضرت اُم ايمن هئي، جنهن حضور پاڪ صلعم جن کي پنهنجي آغوش ۾ کنيو ۽ نهايت شفقت ۽ خلوص سان سندن پرورش ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي سڄي زندگي پاڻ سڳورن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

عرب جي رواج موجب جڏهن دائي حليمہ سعديہ حضور صلعم جن کي پالڻ لاءِ پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ لاءِ آئي تہ هن کي اها جدائي ڏاڍي ڏکي لڳي پر هن غلام عورت اها جدائي نهايت صبر ۽ ضبط سان برداشت ڪئي. آخر هن جي انتظار جا ڏينهن گذريا ۽ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن عربستان جي صحرا کان واپس مڪي معظمہ پهتا. بيبي آمنہ سان گڏ

حضرت اُمہ ايمن پيهر حضور اقدس جي پرورش، محبت ۽ شفقت سان ڪرڻ لڳي.

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي عمر مبارڪ جڏهن ڇهہ سال هئي تہ سندن والده هنن کي يثرب (مدينہ) وٺي ويئي. يثرب ۾ نہ صرف حضور صلعم جن جا ناناڻا رهندا هئا، پر سندن والد حضرت عبدالله بن عبدالمطلب مدفون هئا، جنهن جو انتقال شام ڏانهن سفر دوران واپسي وقت هتي ٿيو هو. حضور پاڪ صلعم جن سان حضرت اُم ايمن بہ گڏ هئي، ڇاڪاڻ تہ اها سندن لاءِ آيا مثل هئي. ڪجهہ ڏينهن يثرب ۾ رهڻ کان پوءِ بيبي آمنہ مڪي جي لاءِ رواني ٿي پر ٿورو اڳتي مقام ابواءِ تي بيبي آمنہ سخت بيمار ٿي پيئي ۽ انتقال ڪيائين. حضرت اُمِ ايمن کيس اتي ئي دفن ڪيو ۽ حضور سائين جن کي دلاسو ۽ پيار ڏيندي کين واپس مڪي معظمہ وٺي آئي. رسول خدا صلعم جن پنهنجي ڏاڏي جي سرپرستي ۾ رهڻ لڳا پر گهر جي سنڀال ۽ سندن پرورش اُمِ ايمن ڪرڻ لڳي. سندن والده جي جڳهہ هن کي نصيب ٿي ۽ هيءَ ڏاڍي چاهہ ۽ محبت سان سندن پرورش ڪرڻ لڳي. حضور صلعم جن جي ننڍپڻ کان وٺي جواني تائين اُمِ ايمن خدمتن ڪندي رهي. جڏهن پاڻ سڳورن بيبي خديجہ خويلد سان شادي ڪئي تہ هن باوقار خادمہ کي آزاد ڪيائون.

حضرت اُمِ ايمن يثرب جي هڪ شخص سان جيڪو مڪي ۾ رهندو هو شادي ڪئي ۽ پوءِ ان سان گڏ يثرب هلي ويئي. کيس هڪ فرزند بہ ٿيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس مڙس جو انتقال ٿي ويو ۽ هيءَ پنهنجو پٽ کڻي واپس مڪي معظم پهتي ۽ حضور صلعم جن سان رهڻ لڳي. رسول خدا جن کي الله تعاليٰ جي طرفان نبوت جو تاج پهرايو ويو ۽ هنن جي مٿان پٿڪيل قوم جي رهبري جو ذمو رکيو ويو. هنن جي اڳيان ڪيئي مسئلا ۽ تڪليفون هونديون هيون پر حضور ﷺ جن پنهنجي هن پرورش ڪندڙ ۽ محبت ڏيندڙ آيا کي فراموش نہ ڪيو. پاڻ اڪثر اصحابہ سڳورن اڳيان فرمائيندا هئا تہ اُمِ ايمن منهنجي خاندان جي يادگار آهي. نبوت عطا ٿيڻ کان پوءِ حضور صلعم جن کي سندن قوم ۽ خاندان جي طرفان سخت تڪليفون

ڏنيون ويون. هن جي اڳيان جڏهن حضور صلعم جن اسلام جي دعوت رکي ته هن سچي دل سان ان کي قبول ڪيو ۽ ايمان آندائين.

حضور سائين جن جي هميشه اها ڪوشش هوندي هئي ته اُمِ ايمن کي بهتر زندگي گذارڻ جون نعمتون حاصل هجن. پاڻ سڳورن هن کي "جنتي خاتون" ڪري سڏيو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو ۽ فرمايو ته: "جنهن کي اهو پسند هجي ته هو جنتي خاتون سان نڪاح ڪري ته ان کي گهرجي ته اُمِ ايمن سان نڪاح ڪري" اها حديث جڏهن حضور پاڪ صلعم جن جي آزاد ٿيل غلام زيد بن حارث، ٻڌي ته هن يڪدم اُمِ ايمن سان نڪاح ڪيو.

زيد بن حارث متعلق اسلامي تاريخ ۾ هن طرح لکيو ويو آهي ته هڪ دفعو حضرت خديجة الڪبريٰ پنهنجي ڀائٽي حڪيم ابن احزام ابن خويلد سان ملڻ ويئي. واپس آئي ته هن سان گڏ هڪ ڇوڪرو گڏ هو. حضور صلعم جن بيبي خديجه کان ان ڇوڪري متعلق پڇيو جنهن کيس ٻڌايو ته هي عڪاظ جي بازار ۾ فروخت ٿيڻ آيو هو جنهن کي پيسا ڏيئي خريد ڪيو ويو آهي. بيبي صاحبه وڌيڪ فرمايو ته اهو به ٻڌايو ويو ته هي ڇوڪر امير گهر جو آهي جنهن کي رهزنن اغوا ڪري بازار ۾ وڪڻي ڇڏيو هو. رسول خدا جن فرمايو: "خدا جو قسم مون کي هن ٻار جي چهري تي عزت ۽ شرافت جا آثار نظر اچي رهيا آهن". پاڻ سڳورن بيبي خديجه کان اهو ڇوڪرو گهريو ۽ ان وقت کيس آزاد ڪري پنهنجو پٽ بڻايو.

حضور صلعم جن حضرت زيد بن حارث کان سندس نسب متعلق پڇيو جنهن کين ٻڌايو ته هن جي والد جو نالو حارث، شرجيل ابن ڪعب آهي. حضور صلعم جن هن جي والد ڏانهن اطلاع ڪرايو. ڪجهه وقت کان پوءِ حضرت زيد جو والد ۽ چاچو کيس وٺڻ لاءِ پهتا. حضور صلعم جن جيئن ته هن سان محبت ڪندا هئا. تنهن ڪري هنن اهو فيصلو حضرت زيد بن حارث تي ڇڏيو ته هو پنهنجي والد سان وڃڻ چاهي ٿو يا حضور صلعم جن سان رهڻ ٿو چاهي. ان وقت حيرت جي انتها ٿي ويئي جڏهن حضرت زيد بن حارث پنهنجي والد سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ حضور صلعم جن سان گڏ رهڻ جو اقرار ڪيو. هن جي والد کيس چيو ته ڇا تون غلامي جي زندگي کي ترجيح ڏين ٿو؟ حضور صلعم جن هڪدم حضرت زيد بن حارث

جو هٿ پڪڙيو ۽ قريش جي مجموعي ۾ آيا ۽ فرمايائون: "توهان سڀ شاهد رهجو ته هي منهنجو پٽ آهي". حضور پاڪ ﷺ جن جا اهي الفاظ ٻڌي حضرت زيد جو والد مطمئن ٿيو ۽ واپس هليو ويو. اهڙي طرح حضرت زيد بن حارث حضور سائين جن سان گڏ رهيو.

نبوت عطا ٿيڻ کان پوءِ جڏهن قريشن جا ظلم وڌي ويا ته رسول پاڪ ﷺ جن کي هجرت جو اشارو مليو. الله تعاليٰ جي رضا مطابق پاڻ سڳورن مڪي معظم کان مديني شريف هجرت فرمائي. حضرت اُمِ ايمن حضور صلعم جن کان بغير مڪي ۾ رهي، ته اها جدائي هن لاءِ ڏاڍي ڏکي ٿي پئي. هوءَ ڏسي رهي هئي ته ڪيترا مسلمان هجرت ڪري وڃي رهيا آهن، پوءِ هن به مڪي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو. هن جي دل ايمان جي جذبي ۽ رسول خدا صلعم جن جي محبت سان سرشار هئي، ان ڪري سفر جي تڪليف صبر ۽ استقلال سان برداشت ڪندي، مديني ڏانهن سفر جاري رکيائين. رستي تي موسم تمام گرم ٿيندي ويئي. تپش جي ڪري زمين سڙڻ لڳي ۽ فضا ۾ ڄڻ باهه جا گولا ڪرڻ لڳا. پر بيبي اُمِ ايمن پنهنجي فرزند سان گڏ هلندي رهي. هلندي هلندي آخر هيءَ ڪمزور عورت اڃ جي شدت کان ڪري پيئي. اوچتو آسمان مان پاڻيءَ جو هڪ ڏول هڪ سفيد رسي سان گڏ هن جي اڳيان اچي لٿو. هن اهو شيرين پاڻي پيٽ ڀري پيتو ۽ اهڙيءَ طرح سرور ڪائنات صلعم جن جو اهو قول، جنهن مطابق پاڻ سڳورن اُمِ ايمن کي جنتي خاتون ڪري سڏيو هو سچ ثابت ٿيو.

حضرت اُمِ ايمن جڏهن مديني پاڪ پهتي ته سرور ڪائنات جن هن جو استقبال ڪيو ڇو ته حضور صلعم جن ڪيترن ئي ڏينهن کان هن جي انتظار ۾ هئا. ان بعد بيبي اُمِ ايمن مديني ۾ پرامن زندگي گذارڻ لڳي.

حضرت اُمِ ايمن مسلمانن سان گڏ ڪيترين جنگين ۾ پڻ حصو ورتو احد جي جنگ ۾ جڏهن مسلمانن ڪٿيل جنگ هارائي ته ڪيترائي مسلمان شهيد ۽ زخمي ٿي پيا. حضرت اُمِ ايمن پاڻي ڪٿي زخمي مجاهدن کي پياريندي رهي.

جنگ خيبر ۾ هيءَ پنهنجي پٽ سان گڏ شامل هئي. مجاهدن سان هر طرح جي غمخواري ڪندي رهي ۽ نهايت خلوص سان هنن جي خدمت

ڪندي رهي. پر ان جنگ ۾ هن جي ور کي شهادت نصيب ٿي ۽ هڪ نئين آزمائش هن لاءِ شروع ٿي. هن صابر عورت نهايت صبر سان ان غم کي برداشت ڪيو. حضرت اسامہ بن زيد، سان سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏاڍو پيارو هو. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي آخري وقت ۾ هن کي مسلمانن جو سپهہ سالار مقرر ڪيو حالانڪہ ان وقت حضرت اسامہ بن زيد جي عمر اڃا ڪافي ننڍي هئي.

حضور اڪرم ﷺ جن جڏهن سخت بيمار ٿيا تہ اُمِ ايمن ڏاڍي پريشان رهندي هئي. حضور صلعم جن جڏهن رحلت فرمائي تہ اُمِ ايمن ڪيترا ڏينهن روئندي رهي. ماڻهن جڏهن هن کان ان بابت پڇيو تہ هن فرمايو تہ: مون کي خبر هئي تہ عنقريب رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن رحلت فرمائيندا پر مان ان لاءِ روئان ٿي تہ هنن جي وفات کان پوءِ الله جو وحي ۽ ان جي پيغام جو سلسلو آسمان کان منقطع ٿي ويو.

بيبي اُمِ ايمن حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ جي دور خلافت ۾ بہ زندهہ هئي. جڏهن حضرت عمر فاروق رضہ جو انتقال ٿيو تہ بہ هي مسلسل روئندي رهي. هن کان جڏهن ايتري روئڻ جو سبب پڇيو ويو تہ هن چيو: رئان ان ڪري ٿي جو هاڻي "هينئر اسلام وڏيڪ ڪمزور ٿي ويو". بيبي اُمِ ايمن حضرت عثمان غني رضہ جي خلافت دوران انتقال فرمايو ۽ هن جو پاڪيزه روح سرور ڪونين رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي جوار رحمت ۾ پهتو.

حضرت اُمِ ايمن جي خدمتن جو هڪ وڏو مقام آهي. حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جي جمڻ کان وني رحلت تائين، هن جو حضور صلعم جن سان محبت ۽ صحبت جو رشتو رهيو. هيءَ سچي دل سان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ڪندي رهي. دور اسلامَ ۾ هن جي زبردست محنت ۽ خدمت هن جي فاني شخصيت کي غير فاني شخصيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. رسول خدا صلعم جن هن کي اما ۽ اُمِ ايمن ڪري سڏيو. الله تعاليٰ هن کي پنهنجي رحمت ۾ رکي.

("نئين زندگي" جون 2000)

پير حسام الدين راشدي
هڪ مثبت تاريخدان

انسان جڏهن کان وجود ۾ آيو ان وقت کان هن جي ڪوشش شروع ٿي تہ هو اردگرد جي ماحول تي قابض ٿئي. تهذيب جي آمد کان انسان پنهنجي ماضي ڏانهن نگاهہ وڌي ۽ انساني جدوجهد جي ڇڙوڇڙ ٿيل آثارن کي يڪجا ڪري هڪ داستان تيار ڪيو. ان ڪوشش ۾ سڀ کان مشڪل ڪم اهو هو تہ ماضيءَ جو هڪ وڏو حصو اوندهہ ۾ لڪل هو ۽ جدوجهد ڪرڻ جي باوجود ڪجهہ آثار اهڙيا جن جي وچ ۾ وري هڪ طويل خلا آهي.

قديم زماني جي تاريخ جهڙوڪ، موئن جو دڙو هڙاپا جو زمانو پٿرن ۽ ڏاتو وارو دور وغيره، ان کان علاوه بابل ۽ مصري تهذيب واري دور متعلق ڪو تحريري رڪارڊ ڪونهي پر ان زماني جون تاريخون تحرير ٿي چڪيون آهن. جيتوڻيڪ ان زماني ۾ ڪنهن دُستاويز جو وجود نہ هو پر مؤرخن پنهنجي مشاهدي، تجزيئي، اندازي ۽ آثارن جي بنياد تي اهي تاريخون مرتب ڪيون آهن.

تاريخ جي باري ۾ اهو چيو وڃي ٿو تہ هي علم سيني فني توڙي سائنسي علمن ۾ قديم ترين علم آهي. ان سلسلي ۾ چيو وڃي ٿو تہ زباني تاريخ ايتري ئي قديم آهي جيتري تقرير ۽ تحريري تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري خود تحرير. ابتدا کان اڄ تائين تاريخ ارتقا جا سوين روپ اختيار ڪيا آهن. قصي کان حقيقت ڪهاڻي کان سائنس، حقيقت کان فلسفو ۽ آرٽ کان وجدان جي حد تائين پهچڻ لاءِ هن کي هڪ طويل سفر ڪرڻو پيو. ان طويل سفر جي تجربن تاريخ کي ان مقام تائين پهچايو آهي جو اڄ تاريخ علمن جي شهہ رڳ هئڻ جي حيثيت رکي ٿي.

پير حسام الدين راشدي جي شخصيت هڪ محقق، مؤرخ ۽ بلند پايي جي عالم جي حيثيت سان نہ صرف سنڌ پر برصغير پاڪ و هند لاءِ باعث فخر آهي. ڪين تاريخ لکڻ جو فن، تاريخ، جي اهميت ۽ وسعت حاصل هئي. سندن هر تحقيقي ڪم تاريخ جي اصولن مطابق ٺيل آهي. ويهين صدي جو هي عظيم مؤرخ، سنڌ جي تاريخ کي جديد ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ عظيم جدوجهد ڪئي آهي. پير صاحب پنهنجي انفرادي عالمانہ خدمتن جي ڪري پنهنجي همعصر عالمن ۽ مؤرخن ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي، جنهن مان سنڌ جي تاريخ پروڙي سگهجي ٿي. سندن هر مقالي ۾ سنڌ واسين لاءِ پيغام آهي تہ هو سنڌ جي صحيح ۽ حقيقت واري تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ صحيح سلقيو اصول ۽ قائده استعمال ڪن.

تاريخ نويسي جا جيڪي مڃيل اصول آهن جن جي روشني ۾ تاريخي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي، سي اهي Documents آهن، جن ۾ اهو مواد شامل هوندو آهي، جيڪو تاريخ نويسي جي سلسلي ۾ خام مال جي حيثيت رکي ٿو. جنهن کي Source of Material بہ چئي سگهجي ٿو. انهن دستاويزي ماخذن جون بہ شاخون آهن:

سرڪاري دستاويز (Official Documents)

غير سرڪاري دستاويز(Non-official Documents)

سرڪاري دستاويزات ۾ هڪ طرف اهو مسودو شامل آهي جيڪو رياست جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ سرڪاري آفيسر يا حڪمران پنهنجي قلم سان لکندا هئا جن ۾ مختلف معاهدات، چارٽر ۽ گرانٽ وغيره شامل هجي ۽ ٻئي طرف ذاتي نوعيت جو مواد جيڪو حڪمران يا، انهن جا آفيسر، وقت جي حاڪم جي تعريف ڪارناما، اخلاق ۽ اعلان وغيره هوندا هئا شامل آهن. جنهن لاءِ اهو ممڪن سمجهيو وڃي ٿو تہ ممڪن آهي اصل حالات ۽ معلومات لڪل هجن.

غير سرڪاري دوستاويزات ۾ اهو مواد اچي ٿو جنهن جو تعلق يا تہ ڪنهن نجي فرد سان هجي يا ڪنهن حڪمران يا حڪومتي عهديدار، نجي حيثيت ۾ جاري ڪيو هجي ان غير سرڪاري دستاويز ات کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. رسمي غير سرڪاري دستاويز
2. غير رسمي غير سرڪاري دستاويز

رسمي غير سرڪاري دستاويزات ۾ اهي مسوده اچن ٿا جيڪي ذاتي حيثيت ۾ تحرير ٿيل هجن. ان سلسلي ۾ وصيتناما، اقرارناما ۽ حساب ڪتاب شامل آهي. اهڙا دستاويز مؤرخ لاءِ اهميت جي حامل آهن ڇاڪاڻ ته هو ان مان تاريخ ۽ مقام جو صحيح تعين ڪري ٿو ۽ انفرادي اجتماعي لحاظ کان واقعن جو ذڪر ملي ٿو.

غير رسمي غير سرڪاري دستاويزات ۾ ان قسم جو مواد ملي ٿو جنهن ۾ لکڻ وارو يا ته خود واقعن جو مشاهدو ڪري لکندو آهي يا اها معلومات ڪن ٻين ذريعن وسيلي حاصل ڪندو آهي، انهن ذريعن ۾ روزنامچہ، سوانح عمري، آتم ڪهاڻي، سفرناما، ڊائريون، يادداشتون، تذڪره ۽ خط وغيره شامل آهن. ان قسم جي مواد ۾ لکندڙ پنهنجي ذاتي حيثيت کي ڇڏي ڪن اصولن ۽ ضابطن تحت لکندو آهي، جنهن مان ان جا خيالات، نظريات، محبت ۽ اخلاق ظاهر ٿيندو آهي.

پير حسام الدين راشدي تاريخ نويسي جي مٿئين پختن اصولن تي عمل ڪيو آهي. هن جي تاريخي، تحقيقي تصنيفن، تاليفن ۽ ادبي مقالن کي وڏو مقام حاصل ٿيو آهي، انهي جاکوڙ ۾ سنڌ جي قديم دور جي عوامي زندگي جون حالتون سندن سماجي، معاشرتي ۽ معاشي پهلوئن تي روشني وڌي آهي. سندن تصنيفون سنڌ جي ثقافت، عالمن، شاعرن ۽ مشاهيرن جي تذڪرن ۽ حالات زندگي سان تعلق رکن ٿيون.

پير صاحب سنڌ جي تاريخ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ناياب ڪتابن، قلمي نسخن، قبرستانن جي ڪتبن کي پڙهڻ، منتشر ٿيل تاريخي مواد کي گڏ ڪري پنهنجي وسيع مطالعي جي بنياد تي سنڌ جي رهواسين کي تاريخي احوال ڏنو آهي.

سنڌ جو مردم خيز خطو هر دور ۾ علم و ادب جو گهوارو رهيو آهي جتي سدائين عالم فاضل، اديب و شاعر، مؤرخ ۽ محقق پيدا ٿيا آهن جن مختلف دورن ۾ مختلف تاريخ ۽ تذڪره تصنيف ڪيا آهن. سنڌ ۾ عرب دور حڪومت کان اڳ ۾ جيڪو تاريخي مواد ملي ٿو اهو هڪ روايتي انداز

۾ آهي ۽ ڪوبہ مستند تواريخي ڪتاب مرتب ٿيل نہ آهي. سنہ 1400ع ۾ سنڌ جو تاريخي مواد عربي ۾ ملي ٿو. سنہ 1500ع کان 1800ع تائين سنڌ ۾ فارسي ٻولي جو عروج نظر اچي ٿو. غزنوي ۽ دهلي جي سلطانن، سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جو تاريخي مواد فارسي ۾ لکيل ملي ٿو. سنڌ ۾ جڏهن تحقيقي ۽ تنقيدي اصولن تي تاريخ ايڊٽ ڪرڻ جي فن جو آغاز ٿيو تہ تاريخ معصومي، تحفتہ الڪرام، چچنامو بيگلارنامو ارغون نامو ترخان نامو تاريخ طاهري ڪي سنڌ جي مؤرخن نئين جديد اصولن تحت عروج تي پهچايو جنهن ۾ پير حسام الدين راشدي جو نالو بہ شامل آهي.

پير حسام الدين راشدي جيڪي بہ ڪتاب لکيا آهن ۽ ايڊٽ ڪيا آهن، انهن ۾ سندن مقدمہ نگاري، علمي حاشين، تصيح، سبب سندن وسيع علمي مطالعي جي خبر پوي ٿي. ڪين فارسي زبان تي نہ. صرف عبور حاصل هو پر عشق هُئن. پنهنجي هڪ انٽرويو م چيو اٿائون تہ "فارسي زبان لاءِ ان ڪري وڌيڪ زور ڏيندس تہ فارسي ۾ ذهني مواد يا سنڌ بابت مواد گهڻو ملي ٿو. جيڪڏهن اوهان ڪي فارسي نہ ايندي تہ ذهني طرح سان اوهان جنهن عشق جي تلاش ۾ آهيو ان لاءِ توهان ڪي مواد نہ ملندو." اهو ئي سبب آهي جو پير صاحب پنهنجي زندگي جو هڪ وڏو حصو سنڌ متعلق فارسي ماخذن جي اشاعت طرف ڏنو جنهن ۾ هينيان ڪتاب قابل ذڪر آهن:

مثنوي چنيسر نامہ 1956ع، مثنوي مظهر الاثار 1957ع، مقالاة الشعرا 1957ع، تڪملہ مقالاة الشعرا 1958ع، مثنويات و قصائد قانع 1961ع، تاريخ مظهر شاهجاني 1962ع، هشب بهشت 1963ع، منشور الوصيت 1964ع، ترخان نامہ 1964ع، حديقة الاوليا 1967ع، روضة السلاطين 1968ع، جواهر العجائب 1968ع، ديوان فخري 1968ع، تحفة الڪرام 1971ع، سندن تعارف سان ڪجھ ٻيا ڪتاب بہ ڇپرا ٿيا، جيڪي هيٺيان آهن.

تحفتہ الطاهرين 1956ع، مثنويات هير و رانجها 1957ع، ديوان عطا 1957ع، برهانپور ڪي سنڌي اولياءَ 1957ع، تاريخ ڪلهوڙا 1958ع، تاريخ تازه نواءِ معارڪ 1959ع، ڪليات مائل 1959ع، ديوان محسن 1963ع، ديوان صنعت 1968ع.

تاريخ نويسيءَ ۾ تذڪره نويسي ۽ سوانح نگاري هڪ قابل قبول اصول آهي. تذڪره امير خاني 1961ع، مير معصوم بکري 1979ع سنڌ جي تاريخ تي اهم ڪتاب آهن. هنن تذڪرن کي مرتب ڪرڻ وقت راشدي صاحب جيڪي به ماخذ ڪتب آندا آهن سي اڪثر مستند آهن. مختلف طريقن واري تحقيق ڪري ڪيترن ئي واقعن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪئي اٿائون ۽ جاگرافي حالتن تي به روشني وڌي اٿائون. تاريخ معصومي ۾ پير صاحب سنڌ جي سياسي حالتن سان گڏ اُن وقت جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو به تفصيل ڏنو آهي. مڪلي نامہ 1967ع، تذڪره مشاهير سنڌ 1974ع، هو ڏوتي هو ڏينهن 1977ع لکي سنڌ واسين تي وڏو احسان ڪيو آهي.

"ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" جنهن ۾ پير صاحب جا ڪجهه مقالا، تقريرون، خط ۽ انٽرويو وغيره ڏنل آهن. تنهن کي بار بار پڙهڻ ڪانوءِ به ڪتاب چڏي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هر مضمون پنهنجي جاءِ تي اهم ۽ Informative آهي، جنهن ۾ نہ صرف سنڌ جي تاريخ متعلق مواد ملي ٿو پر فن تاريخ جا اصول بيان ڪيا اٿائون ۽ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ لکڻ جا جيڪي اُصول هئڻ کپن. اهي کولي سمجهايا اٿائون.

راشدي صاحب جي ڏنل انٽرويوز ۾ جيڪو به اسان کي مواد ملي ٿو اهو خود هڪ پيغام، درس ۽ تاريخ آهي. هڪ انٽرويو جنهن جو عنوان "اروڙ جي مٽي جو سڳنڌ" آهي، جيڪو پير صاحب کان ناصر مورائي ڪيو هو ان ۾ سنڌ جي قديم تاريخ جي ٽٽل تسلسل بابت ٻڌائين ٿا تہ "هن وقت تائين جيڪا بہ تاريخ لکي وئي، انهن ۾ ڪوبہ خيال يا ڪو موڙ ڪونهي. انهن مان عام حالتن جي خبر ڪانہ ٿي پوي، هي فقط وڏن ماڻهن، عالمن، بزرگن ۽ شاعرن جون تاريخون آهن. عام ماڻهن جي ڪهڙي حالت هئي؟ انتظام ڪهڙو هو؟ اٿي ويٺي ڪهڙي هئي؟ سنڌ تي آيل ڌارين حڪومتن هتي ماڻهن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا؟ فاتح مفتوح سان ڪيئن هليا؟" پير صاحب وڌيڪ ٻڌائين ٿا تہ "دهليءَ جي مغلن وارو دور سنڌ ۾ ساراهيو ويو آهي پر "مظهر شاهجهاني" هڪ اهڙي تاريخ آهي، جنهن ۾ مغلن جي گورنرن جون بي انصافيون ظاهر ٿيل آهن، جن ۾ هنن جون زيادتيون ۽ ڪوتاهيون

ٻڌايون ويون آهن.“ سندن خيال آهي تہ تاريخ کي مذهبي فريضو سمجهي نہ پڙهجي پر هن کي سائنسي انداز سان پڙهڻ ۽ پرکڻ گهرجي. صحيح تاريخ نہ هئڻ جي ڪري ذهن صاف نہ ٿيندو ۽ اسان جي تاريخ نئين زماني سان هلي نہ سگهندي، ان ڪري ضروري آهي تہ تاريخون نئين سر پڙهجن، نئين سر تدوين ڪرڻ گهرجي ۽ جتي جتي تسلسل ٽٽي پيو آهي. اُن کي ڳنڍڻ گهرجي. جنهن لاءِ اسان وٽ تمام گهڻو مواد موجود آهي. فقط اسان کي ڪوشش وٺڻ گهرجي، پئسو گهرجي ۽ پنهنجن ادارن کي فعال ڪرڻ گهرجي.

(عبرت مئگزين، جولائي 2001)

خطابت نبوي ﷺ

الله تبارڪ و تعاليٰ جڏهن بہ پنهنجي ڪنهن بندي کي نبوت جو درجو عطا ڪيو تہ انهن ۾ ڪيئي خوبيون بہ عطا ڪيون جن ۾ تقرير يا خطابت جو عنصر بہ موجود آهي. سيد الانبياءَ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي بارگاهہ الاهي مان اها ڪامل وصف عطا ٿيل هئي پاڻ سڳورن فرمايو:

اَنَا اَفصَح العَرَب بُعثتُ لَجَوامعِ الكِلَم

”مان فصيح عرب آهيان ۽ جامع ڪلمات حاصل ڪري مبعوث ٿيو آهيان.“

عربستان جي ماڻهن ۾ هونئن بہ اها خوبي هئي جو هنن کي فصاحت و بلاغت تي عبور حاصل هو پر انهن ۾ بہ قبيلا اهڙا هئا جن ۾ اها وصف ڏاڍي نمايان هئي اِهي هئا ”قريش“ ۽ ”بنو هوازن“. حضور پاڪ جن خود قريش قبيلي مان هئا ۽ سندن پرورش بنو هوازن قبيلي ۾ ٿي هئي. (1)

حضور ﷺ جن جي طرز جو طريقو

حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن نهايت سادي طريقي سان خطبو ڏيندا هئا. پاڻ جڏهن پنهنجي حجري مان نڪرندا هئا تہ سندن هٿ ۾ صرف هڪ عصا هوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪمان کي ٽيڪ لڳائي خطبو ڏيندا هئا. سندن خطبي ڏيڻ جو ڪو وقت مقرر نہ هوندو هو (سواءِ جمعي ۽ عيد جي) ڇاڪاڻ تہ انهن جو وقت مقرر هوندو هو. باقي حالات جي مطابق پاڻ سڳورا جتي بہ هوندا هئا پوءِ ڪٿي اٺ هجي، زمين هجي يا منبر، خطاب فرمائيندا هئا. جنهن جاءِ تي جيڪو موقعو پيش ايندو هو ان مطابق خطبو ڏيندا هئا. سندن خطبو عموماً سوال جي صورت ۾ فرمائيندا هئا. غزوه

حنين ۾ پاڻ سڳورن انصارن کي جيڪو خطبو ڏنو هو اهو شروع کان آخر تائين سوال ۽ جواب تي هو.

سندن خطبن جي اها خاصيت هوندي هئي جو بيان سان گڏ سندن جسم مبارڪ ۽ هٿ بہ لرزش ۾ اچي ويندا هئا. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ آواز بلند ٿي ويندو هو. ائين معلوم ٿيندو هو ڄڻ فوج کي جهاد لاءِ پيا تيار ڪن (ـ) جوش ۾ سندن جسم مبارڪ بہ هلندو هو(3). هٿن ۽ ٻانهن جي لڏڻ سان سندن پٺن مبارڪ مان آواز نڪرندو هو ڪڏهن مٺيون بند ڪندا هئا، ڪڏهن مٺيون کوليندا هئا. حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن الله جي رسول ۽ پيغمبر هئڻ سان گڏ مسلمانن جي قائم ٿيل رياست جا اڳواڻ هئا. ان سان گڏ قوم جا معمار ۽ مدبر هئا. سندن مختلف موقع محل تي مختلف حيثيت هوندي هئي. سندن گفتگو دل کي وڻندڙ ۽ سمجهائيندڙ هوندي هئي. حضور صلعم جن هڪ هڪ فقره کي جدا ڪري ۽ ترسي ڳالهائيندا هئا جنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻ چاهيندا هئا تہ اها بار بار فرمائيندا هئا. حالت گفتگو ۾ اڪثر نگاهہ آسمان طرف ڪندا هئا ۽ بلند آواز ڪندا هئا. پاڻ سڳورا بحيثيت داعي دين جيڪو خطبو ڏيندا هئا ان ۾ نهايت جوش ۽ ولولو هوندو هو ۽ سندن حيثيت هڪ ڪمانڊر جهڙي هوندي هئي هڪ آيت نازل ٿي:

وَاَنْذِرْ عَشِيرَ تَکَ اَلاَقرَبِين.

(پنهنجي ڦريبن کي ڊيڄار.)

پاڻ سڳورن سيني قريشن کي جمع ڪري خطبو ڏيڻ چاهيو ۽ صفا تي چڙهي کين پڪاريو "ياصباحاه" هي اهو لفظ هو جو عربن ۾ ان وقت استعمال ڪيو ويندو هو جڏهن صبح جي وقت ڪو قبيلو ڪنهن تي اوچتو حملو ڪندو هو. ڪيئي ماڻهو اهو لفظ ٻڌي حيران ٿي ويا ۽ سندن اردگرد جمع ٿي ويا. تڏهن پاڻ سڳورن فرمايو: اي قريشيو جيڪڏهن مان توهان کي اهو چوان تہ هن پهاڙي وٽان هڪ لشڪر نڪري رهيو آهي تہ ڇا توهان يقين ڪندا؟ سيني گڏجي جواب ڏنو "بيشڪ". ان کان بعد فرمايائون، مان توهان کي هڪ اهڙي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو جيڪو توهان جي سامهون

آهي. ڪجهه مومنن ڪانسواءِ باقي ماڻهن جنهن ۾ ابولهب به شامل هو ٽٽوليون ڪندا واپس هليا ويا (4). پر ان مان سندن خطبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

غزوه حنين جي موقع تي هٿ آيل مالِ غنيمت مان حضور صلعم جن انصارن کي ڪجهه به نه ڏنو ۽ ٻين ۾ ورهائي ڇڏيو اها ڳالهه انصارن جي ڪجهه نوجوانن کي ناگوار لڳي حضور پاڪ جن کي جڏهن اها خبر پئي ته هڪدم کين خطبو ڏيئي فرمايو: "اي گروه انصار ڇا توهان گمراهه نه هئا ۽ الله تعاليٰ مون کي توهان جي هدايت لاءِ موڪليو ڇا توهان ڇڙوڇڙ ٿيلن کي الله تعاليٰ منهنجي معرفت جمع ڪيو ۽ توهان کي محتاج مان غني ڪيو"؟ انصار هر جملي تي چوندا رهيا خدا ۽ ان جو رسول بيشڪ امين آهن. پاڻ فرمايائون ائين چو نٿا چئو ته "اي محمد توهان ان حالت ۾ آيا هئا جڏهن ماڻهن توهان کي ڇڏي ڏنو اسان توهان جي مدد ڪئي. ان وقت ٻيو ڪو به توهان جو مددگار نه هو. توهان کي گهر مان ڪڍيو ويو اسان پنهنجا گهر توهان کي ڏنا ۽ توهانجي غمخواري ڪئي". ان ڪانپوءِ وري هيئنئن فرمايائون: "ڇا توهان اهو پسند ڪندا ته ماڻهو اٺ ۽ ٻڪريون پاڻ سان گڏ وٺي وڃن ۽ توهان پنهنجي گهرن ۾ پيغمبر خدا کي وٺي وڃو؟ خدا جو قسم توهان جيڪي پاڻ سان وٺي وڃو ٿا اهو ٻين ماڻهن کان بهتر آهي". اهو ٻڌي انصارن پڪاريو "رضينا" (5) معنيٰ اسين سڀ راضي آهيون.

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن جي فتح مڪي جي موقعي تي ڪيل تقرير ۾ هڪ فلسفو ۽ تاريخ رکيل آهي حديثن جي ڪيترين مستند ڪتابن ۾ ان جي هڪ هڪ فقري جو ذڪر ٿيل آهي. مڪو جنهن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو گهر آهي اهو هڪ حرمت وارو ۽ مقدس شهر آهي. اهل عرب لاءِ اهو هڪ دارالامان هو. ان جو تقدس برقرار رکڻ لاءِ حضور جن پنهنجي دشمنن جي گهرن کي به معافي جو گهر ڪري ڪونيو. جيڪڏهن ائين نه ڪن ٿا ته هميشه لاءِ ان جو احترام متجي وڃي ها جنهن ڪري حضور جن ان طرف پنهنجو زور ڏنو ۽ فرمايائون:

"الله تعاليٰ جنهن ڏينهن زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو ان ڏينهن مڪي کي حرمت وارو شهر قرار ڏنو جيڪو قيامت تائين رهندو اهو نه مون

ڪان اڳ ۾ ڪنهن جي لاءِ حلال ٿيو ۽ نہ مون ڪان بعد ڪنهن تي حلال ٿيندو."

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو سڀني ڪان اعليٰ ترين خطبو حجۃالوداع واري موقعي تي آهي، هي خطبو احڪامات جو هڪ مجموعو آهي ۽ ان سان گڏ هڪ وصيت پڻ آهي.

اسلام ڪان اڳ ۾ ڪيئي پيغمبر آيا انهن کي جيڪي بہ الله تعاليٰ طرفان هدايتون ملنديون هيون اهي ماڻهن تائين پهچائيندا هئا پر وقت سان گڏماڻهو اهي هدايتون وساري ڇڏيندا هئا. الله تبارڪ و تعاليٰ حضور صلعم جن جي ذريعي پوري امت لاءِ "قرآن پاڪ" عطا ڪيو. جنهن جي ذميواري خود باري تعاليٰ تي آهي. حجتہ الوداع جي موقعي تي مسلمانن کي خطاب ڪندي فرمايو: "مان توهان لاءِ اها شيءِ ڇڏي ٿو وڃان جو جيڪڏهن توهان ان کي مضبوطي سان جهليو تہ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندا" اهو آهي ڪتاب الله (قرآن شريف). (6)

ان موقعي تي چند اصولي احڪامن جو اعلان فرمايائون خدا تعاليٰ هر حق دار وارث کي ان جو حق ڏنو. هينئر ڪنهن کي بہ وارث جي حق ۾ وصيت جائز ناهي. فرمايائون جيڪو ڇوڪرو پنهنجي پيءُ ڪان علاوه ڪنهن ٻئي جي نسب ٿيڻ جي دعويٰ ڪري ان تي خدا جي لعنت آهي. عورتن کي پنهنجي مڙس جي مال مان ان جي اجازت بغير ڪجهہ ڪڍڻ جائز ناهي. قرض ادا ڪيو وڃي، عطيہ واپس ڪيا وڃڻ، ضامن، تاوان جو ذمہ دار آهي. اهو فرمائي وري سوال پڇيائون، توهان ڪان الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان منهنجي باري ۾ پڇيو ويندو توهان ڪهڙو جواب ڏيندا؟ (7). اصحابن عرض ڪيو اسين چونداسين تہ اوهان خدا جو پيغام پهچايو ۽ پنهنجو فرض ادا ڪيو. پاڻ سڳورن آسمان طرف آڱر مٿي ڪري ٽي دفعا فرمايو اللهم آشهد (اي الله شاهد رهجان) عين انهي وقت الله تعاليٰ طرفان هڪ آيت نازل ٿي: اڄ مون توهان جي دين کي مڪمل ڪيو ۽ پنهنجون نعمتون پوريون ڪيون. توهان لاءِ دين اسلام منتخب ڪيو. خطبي ڪان علاوه حجتہ الوداع جي ڪيترن موقعن تي پاڻ سڳورن ڪيئي فرمان جاري ڪري قيامت تائين حج جي ارڪانن کي قائم رکيو. ميدان عرفات ڪان مزدلفہ

ڏانهن هلندي ماڻهن جي هجوم ۾ جڏهن ڪجهه اضطراب پيدا ٿيو ته فرمايائون.

اَلسکينَتہ يا ايهَا النّاسُ. اَسکينَتہ يا ايهَاالنّاسُ
"اي اَنسانو سڪون سان. اي اَنسانو سڪون سان" (8)

وادي محسر کان جمروت وٽ جڏهن پٿرين هڻڻ جو سلسلو هليو ته فرمايائون.

"مذهب ۾ غل ۽ مبالَغي کان بچو ڇاڪاڻ ته توهان کان پهريائين قومون انهي ڪري برباد ٿيون".

ان سان گڏ اهو به فرمايو ته حج جي موقعي تي اها نوبت نه اچي".

حضور جن جڏهن واپس منيٰ پهتا ته هڪ عجيب روح پرور نظارو هو فرائض نبوت جو ٿيويهه سالن جو نتيجو هنن جي سامهون هو. تقريباً هڪ لک مسلمانن جو مجموعو حضور پاڪ جن جي ساڄي، کابي اڳيان ۽ پٺيان هو ۽ الله جي حمد و ثنا ڪندو پئي هليو. حضور جن جنهن اٺ (ماده) تي ويٺا هئا ان جي مهار حضرت بلال رضہ جي هٿ ۾ هئي. سندن پٺيان حضرت اسامہ بن زيد رضہ سندن مٿان ڪپڙي جي پلو سان ڇانءُ ڏيندو پئي هليو. هر طرف الله جي وحدانيت ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ جي ايمان جو اعتراف ٿي رهيو هو. ختم نبوت جي مهر لڳي رهي هئي. هڪ نئين شريعت هڪ نظام ۽ هڪ نئين عالم جي شروعات هئي پر عرب جا باشنده صدين کان ان شيءِ کان نا آشنا هئا. انهن جي دلين جو زنگ لاهڻ لاءِ حضور پاڪ جن هنن کي بار بار هدايت پئي ڪئي. سندن خطابت جو طريقو وڏيڪ فصيح ۽ بليغ هو. ماڻهن کي مخاطب ٿيندي پڇيائون توهان کي معلوم آهي ته اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي ماڻهن عرض ڪيو خدا ۽ ان جي رسول کي وڌيڪ علم آهي؟ پاڻ سڳورا خاموش ٿي ويا ۽ سوچ ۾ پئجي ويا. ماڻهو سمجهڻ لڳا شايد پاڻ سڳورا ان ڏينهن جو ڪو نالو رکي رهيا آهن. ڪجهه دير کانپوءِ فرمايائون ڇا اڄ قرباني جو ڏينهن ناهي؟ ماڻهن جواب ڏنو بيشڪ. وري فرمايو: هي ڪهڙو مهينو آهي؟ ماڻهن ساڳيو جواب ڏنو. ڪجهه دير ترسي فرمايو: ڇا هي ذوالحج جو مهينو آهي؟ وري پڇيو هي ڪهڙو شهر آهي؟ ڪين ساڳيو جواب

ڏنائون. پاڻ ڪجھ دير خاموش رهي فرمايو! ڇاهي "بلدتہ الحرام" ناهي؟ ماڻهن چيو بيشڪ حضور جن کي جڏهن اها پڪ ٿي تہ مسلمانن جي دلين ۾ اچوڪي ڏينهن، مهيني ۽ شهر جي اهميت جو اعتراف ٿي چڪو آهي تہ فرمايائون:

"توهانجو خون توهان جو مال ۽ توهان جي عزت (تاقيامت) هڪٻئي لاءِ ائين محترم آهي، جيئن هي ڏينهن، هي مهينو ۽ هي شهر محترم آهي. ان کانپوءِ بلند آواز ۾ فرمايو: ها! مون کان پوءِ گمراهہ نہ ٿي وڃجو جو هڪ ٻئي جا ڪنڌ لاهيو. توهان کي الله جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي ۽ توهان جي اعمالن جي باز پرس ڪئي ويندي. ڪيترن اشتعال انگيز موقعن تي حضورپاڪ جن جا چند جملا معاملي کي رفع دفع ڪري ڪاوڙ کي محبت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. مديني جي اوس ۽ خزرج قبيلي جون سالن کان عداوتون محبت ۾ تبديل ٿي ويون. حضرت ابو هريره رضہ ۽ ابو سعيد رضہ کان مروي آهي تہ هڪ دفعي پاڻ سڳورا خطبو ڏيئي رهيا هئا تہ سندن زبان مبارڪ مان هي لفظ نڪتا "وَالَّذِي نَفسِي بِيَدِه" "قسم آهي ان ذات جو جنهن جي دست قدرت ۾ منهنجي جان آهي" اهي جملا ٽي دفعا دهرائي ڪجھ دَير تائين جهڪي ويهي رهيا. ماڻهن تي اهڙو اثر ٿيو جو جيڪو جتي هو مٿو جهڪائي روئڻ لڳو. (9) حضرت انس رضہ ٻڌائين ٿا تہ هڪ دفعي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و سلم جن اهڙو تہ موثر خطبو ڏنو جنهن ۾ اهو فرمايائون اي انسانو جيڪو مان ڄاڻان ٿو اگر اهو توهان ڄاڻو ها تہ توهين کلو گهٽ ها ۽ روئو وڌيڪ ها. اهو ٻڌي مجموعي ۾ موجود ماڻهن جي حالت عجيب ٿي وئي ۽ منهن تي ڪپڙو ڏئي بي اختيار روئڻ لڳا. (10) پاڻ سڳورن جيڪي بہ خطبا ڏنا آهن اُهي معنيٰ خيز ۽ پر اثر آهن. سندن خطبي ۾ اهڙو تاثير هوندو هو جو ماڻهن تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جو پٿر دل ماڻهن جون دليون بہ موم جهڙيون نرم ٿي ونديون هيون. تاريخ اسلام ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن.

حوالا

1. علامہ شبلي نعماني: سيرت النبي، نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد 1979ع ص: 235
2. صحيح مسلم جلد اول ص: 319
3. ابن ماجہ
4. بخاري شريف جلد 2 ص: 43
5. صحيح بخاري
6. حديث شريف
7. حديث شريف
8. صحيح بخاري
9. حديث شريف
10. حديث شريف

(نئين زندگي، فيبروري ـ مارچ 2002)

يوسف ميرڪ

تعارف

تاريخ مظهر شاهجهاني، جنهن جو مئولف "يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم نمڪين" آهي، فارسي زبان ۾ لکيل آهي. سنڌ جي مشهور مؤرخ پير حسام الدين راشدي مطابق "مظهر شاهجهاني" جا ٻه نسخا مليا آهن. پهريون جيڪو مئولف جي ملڪيت هو جنهن کي پنجاب يونيورسٽيءَ، پروفيسر سراج الدين آزار جي پوين کان خريد ڪيو هو. ان کان اڳ ۾ اهو نسخو ڊاڪٽر ناظم (1). راشدي صاحب جي بيحد اصرار تي ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ ڏنو هو. راشدي صاحب جي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي سوين روپيا خرچ ڪري هڪ ڏينهن ۾ ان قلمي نسخي جا فوٽو ڪڍيا ۽ پير حسام الدين راشدي جي حوالي ڪيو جنهن کي ڪتابي صورت ڏني ويئي. پير صاحب مطابق ٻيو نسخو ٻه پنجاب يونيورسٽي جي خطي ذخيري ۾ موجود آهي، جيڪو يقينن پهرين نسخي جو نقل آهي. سنڌ يونيورسٽي جو جڳ مشهور اداري سنڌالاجي ۾ فارسي زبان ۾ ڪتاب "مظهر شاهجهاني" نالي موجود آهي.

هن ڪتاب جو تعارف هن ريت ڏنل آهي:

تاليف، يوسف ميرڪ امير ابواالقاسم نمڪين بکهري بتصيع و مقدمہ و حواشي، سيد حسام الدين راشي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڪراچي، سکر، سنڌ. نشر ڪرده سيد محمد شاهہ ايمہ اي، بي- ٽي دبير انجمن ادبي سنڌي حيدرآباد سنڌ پاڪستان. طبع اول 1962. طبع شد سبعي احمد. اي – جيوا جي دار "آگي قدمہ پرنٽري" سائوٿ نيپيئر روڊ، ڪراچي، پاڪستان.

ڪتاب جي فهرست هيٺين عنوانن تي ٻڌل آهي:

مقدمہ فهرست مصادر، غلط نامہ اضافہ درباره، قوج علي و مخدوم محمد جعفر بوبڪاني. چهارم عڪس از متن ڪتاب حاضر. گوشواره واقعات مهم تاريخي 36 – 544/ هجري. نسب نامہ مئولف ڪتاب نسب نامہ پدري و مادري نورجهان بيگم و شرح آن.

مظهر شاهجهاني تي سنڌ جي جن بہ دانشورن تحقيق ڪئي آهي، تن جي مطابق هي ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جنهن ڪي مئولف "قسم اول" ۽ "قسم ثاني" جا نالا ڏنا آهن. "قسم اول" يعني پهرئين حصي ۾ هن حڪمراني ڪرڻ وارن اصولن جهڙوڪ:رموز جهانباني، امور حڪمراني، ملڪي ۽ سياسي انتظام جو بيان ڪيو آهي ۽ دليلن ۽ مثالن سان سنڌ جي تاريخي حقائق پيش ڪيا آهن.

"قسم ثاني" يعني حصو ٻيون ۾ يوسف ميرڪ سنڌ ۾ پنهنجي والد ۽ خاندان واري دور ۾ (مغل دور) سنڌ جي تاريخ جو سياسي، انتظامي، اقتصادي، معاشرتي، جاگرافيائي، سماجي ۽ قبائلي حالات ۽ واقعات جو اکين ڏٺو تفصيل ڏنو آهي، جيڪو ڇهن بابن تي مشتمل آهي. جيڪو تفصيل وار بکر، سبي، ٺٽو ۽ سيوهڻ متعلق آهي.

هي ڪتاب جڏهن سنڌي ادبي بورڊ فارسي مان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرايو تہ سنڌ جي مؤرخن هن تي تاريخي تحقيق ڪئي آهي ۽ هن کي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. محترم ايمہ ايچ پنهور مطابق تہ"مظهر شاهجهاني" سنڌ جي سترهين صدي واري شروعاتي دور جو ڇٽڪ هڪ گزيٽيئر آهي. جنهن ۾ انتظامي سرڪاري پرڳڻا، شهر، ڳوٺ، رستا، سنڌ جا قبيلا، فصلن جا قسم، محصول، عوام ۽ حڪومت جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا وغيره بيان ڪيل آهن (2). ازانسواءِ سنڌ ۾ حڪومت ڪندڙ قومن جي غير انساني طاقت جو مقامي ماڻهن جي مال ۽ جان جي ضايع ٿيڻ جي استعمال جو بيان ٿيل آهي.

محترم ايم ايچ پنهور"مظهر شاهجهاني" مطابق سنڌ جي جاگرافي ماڳن تي وڏي محنت ڪري ان کي صحيح ترتيب ڏني آهي. سنڌ جي

انتظامي يونٽ سان گڏ شهرن ۾ ڳوٺن جي نالن جي جاگرافيائي ڏسٽي پيش ڪئي اٿس، جيڪو هڪ وڏو ۾ اهم ڪم آهي.

سترهين صديءَ ۾ سنڌ جي انتظامي يونٽ بکر ۾ دريا جي ساڄي ۾ کاٻي ڪپ تي اٺن پرڳڻن جي موجودگي ٻڌائي ويئي آهي. جتوئي پرڳڻو چانڊڪو پرڳڻو ٺڪر پرڳڻو ماٿيلو پرڳڻو اروڙ پرڳڻو فتح پور پرڳڻو ڪاڪڙي پرڳڻو ۽ درٻيلو پرڳڻو. انهن پرڳڻن جي هر ڳوٺ ۾ واهڻ جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ انهن ۾ رهندڙ اهم قبيلن جتوئي، ڪورائي، مهر، لاکيار ڏاريجا، سميجا، ٻڪيجا (ٻگهيا) سانگي، ابڙا، منگيئجا، سهتا، راڄپر، ٻهڻ جو بيان ڪيو آهي. انهن قبيلن کان سواءِ ڪڇ جابلو قبيلا جهڙوڪ مگسي، لاشاري، دردشت، ديناري، رند، ڊومڪي ۽ ٻڙدي قبيلن کي ٻه ظاهر ڪيو ويو آهي. ٺٽو سرڪار جا چار پرڳڻا ظاهر ڪيا ويا آهن. ساڄي ڪپ تي نصرپور پرڳڻو ۽ نيرون ڪوٽ پرڳڻو کاٻي ڪپ تي ٺٽو پرڳڻو ۽ چاچڪان پرڳڻو انهن پرڳڻن ۾ سميجا قوم جون مختلف ذاتيون ڪڇ بلوچ قبيلا، چاڪر هالا جا قبيلا ۽ ميدانن جا رهاڪو پليجا ۽ ناريجا وغيره رهندا هئا. سيوهڻ سرڪار جا نو پرڳڻا ٻڌايا ويا آهن: ساڄي ڪپ تي باغبان پرڳڻو ڳاها پرڳڻو نيرون جو قلعو پرڳڻو ڳاها پرڳڻو بوبڪ پرڳڻو سيوهڻ حويلي پرڳڻو ۽ سن پرڳڻو اڇي پئي ويا. کاٻي ڪپ تي جوڻيجن جو پرڳڻو خطو پرڳڻو لاڪاٺ پرڳڻو ڏيکاريا ويا آهن. انهن سيني سرڪار جي پرڳڻن ۾ ڳوٺن، ڍنڍن ۾ شڪار گاهن جو ذڪر ٿيل آهي. مشهور قبيلا، ملڪ، پنهور، ابڙا، سميجا، جوڻيجا، ٻگهيا، ٿيٻا، ڪوريجا ۽ شيخ ٻڌايا ويا آهن.

انهيءَ دور ۾ سبيءَ کي ٻه پرڳڻي جي حيثيت حاصل هئي، جيڪو سنڌ جو حصو هوندو هو ۽ بکر سرڪار جي انتظام هيٺ هو ۽ مٿس گورنر مقرر ڪيو ويندو هو. هن ۾ هاڙوڪا سبي ۽ ڪڇي ضلعا شامل هئا. سبيءَ جو پرڳڻو سمن جي دور حڪومت تائين سنڌ جو حصو هو. ارغون حملہ آورن ٻہ انهن کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو پر پناڻن جي هڪ قبيلي(پني) ان کي هٿ ڪيو. جنهن کي مير ابوالقاسم نمڪين سن 1013 هجري ۾ فتح ڪيو. اڳتي هلي نادر شاهہ سبي تي قبضو ڪيو ۽ قلات جي خان کي تحفي طور ڏنو.

١

خانداني پس منظر:

مظهر شاهجاني جو مصنف يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم "نمڪين" جي خاندان جو تفصيلي احوال ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ناهي. "تحفتہ الڪرام" جو صاحب لکي ٿو تہ "مير قاسم خان "نمڪين" هروي بن ملا مير سبز واري، ملا مير، سندس والد امام موسيٰ رضا جي (مشهد شريف) درگاهہ جو متولي هو. اوزبڪن جي فسادن وارن ڏينهن ۾ هرات جي پسگردائيءَ واري ڳوٺ بيجڪ مان لڏي قنڌار جي آسپاس وڃي رهيو جتي سندس انتقال ٿي ويو. سندس پٽ مير قاسم لاهور ۾ اڪبر بادشاهہ جي نوڪري اختيار ڪري "چهار هزارويءَ" جو عهدو هٿ ڪري، اقتدار وارو امير ليکجڻ ۾ آيو. هن جي جاگير واري هنڌ بهيره ۽ خوشاب ۾ لوڻ جون کاڻيون موجود هيون، جنهن جي واپار ۾ مير قاسم کي محصول مان ڪافي آمدني ٿيندي هئي" (3).

هن جي قابليت جيئن تہ ڪمال تي هئي ۽ بادشاهہ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ۽ اُن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪندو هو. جنهن ڪري هن لوڻ جي هڪ پليٽ ۽ پيالو خاص طور تي ٺهرائي بادشاهہ جي خدمت ۾ موڪليو جنهن ۾ اهو اشارو سمايل هو تہ هو بادشاهہ جو نمڪ حلال آهي ۽ رهندو. بادشاهہ کي سندس اها ادا ڏاڍي پسند آئي ۽ کيس "نمڪين" جو لقب عطا ڪيائين، جيڪو اڳتي هلي هن جو تخلص بڻجي ويو.

سنڌ جي ارغون حڪمران مرزا شاهہ حسن ولد مرزا شاهہ بيگ ارغون 962 هجري مطابق 1554ع ۾ بي اولاد ئي وفات ڪئي. ان کان اڳ ۾ هن جي بيماريءَ بي اولادي ۽ پيداپڻ جي ڪري سلطان محمود خان ڪوڪلتاش ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جيڪي وڏا نامور ۽ طاقتور امير هئا، تن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائي حڪومت ڪرڻ جو معاهدو ڪيو جنهن موجب لکي کان مٿي ماٿيلي ۽ اوباڙو تائين وارو علائقو صوبو بکر بڻيو ۽ لکي کان هيٺ وارو علائقو سمنڊ جي ڪناري تائين صوبو ٺٽو مرزا عيسيٰ خان ترخان جي هٿ ۾ رهيو ۽ سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو.

اڪبر بادشاھہ جيئن تہ هندوستان جو هڪ ڪامياب بادشاھہ ٿي نروار ٿيو تنهن صوبي سنڌ جي جاگرافيائي حالات، سندس دولت ۽ عظمت کي ڏسي ان کي فتح ڪرڻ جا حيلا هلايا. هن بکر جي حڪمران سلطان محمود تي ڪيئي ڪاهون ڪرايون. پر هن وڏي جوانمردي سان مقابلو ڪيو. پر مغلن هنن تي قيامت قائم ڪري ڏني. مجبوراً سلطان محمود پنهنجي سڪيلڏي ڌيءَ اڪبر بادشاھہ کي نڪاح ۾ ڏيڻ ۽ بکر جو صوبو حوالي ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي ۽ کيس دربار مان ايلچي موڪلڻ جي گهر ڪئي. هن سن 982 هجري تاريخ 8 صفر تي وفات ڪئي ۽ بکر اڪبر بادشاھہ جي سلطنت ۾ شامل ٿيو. هيئنئر سندس نظر صوبي ٺٽي تي هئي، جتي مرزا جاني بيگ وڏي جاه ۽ جلال سان حڪومت ڪري رهيو هو.

هي اهو دور هو جنهن ۾ سنڌ جي مقامي قبيلن، جنهن ۾ سميجا وغيره شامل هئا، جن جي دلين ۾ ارغونن ۽ ترخانن لاءِ ڌڪار پيدا ٿي چڪي هئي، اهي طاقتور قبيلا مغلن جي تسلط کي پنهنجي آزادي تي ڪاپاري ڌڪ سمجهڻ لڳا ۽ هنن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ظاهري طور تہ ڪڏهن اندروني طور پنهنجي هلچل کي جاري رکندا آيا.

ان مهم تي اڪبر بادشاھہ خان خانان کي لاهور مان روانو ڪيو ۽ بکر جو صوبو کيس اخراجات لاءِ بطور جاگير جي ڏنو. اهو فرمان شوال 998 هجري کان ڪجهہ ڏينهن اڳ نڪتو (4). آئين اڪبر مطابق جن بہ اميرن ۽ سپاهين سنڌ جي فتح ۾ حصو ورتو هو انهن سڀني کي انعامن، جاگيرن، منصبن ۽ صوبي دارين جي صورت ۾ نوازيو ويو (5). مظهر شهجهاني مطابق تہ سکر جو علائقو جيڪو اڳ ۾ خان خانان جي حوالي هو سو سندس والد کي جاگير طور ڏنو ويو . ان حوالي سان هن خاندان جي سنڌ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو ثبوت ملي ٿو. اڳتي هلي مير قاسم نمڪين، مير معصوم بکري، سيد بهاءُ الدين بخاري ۽ بختيار بيگ سان گڏ سبي جو قلعو فتح ڪيو جيڪو بکر جي ماتحت هوندو هو ليڪن گهٽي وقت کان وٺي، ان تي پنيءَ جا پٺاڻ قبضو ڪيو ويٺا هئا (6). اها فتح بحيثيت حاڪم بکر جي مير نمڪين جي نالي منسوب ٿي ۽ ٻيا امير فقط امدادي طور ساڻس گڏ هئا. فتح بعد مير نمڪين اتان جي باشندن تي اجارو ۽ ڍلُ وغيره مقرر ڪئي،

جيڪا مظهر شاهجهاني جي تصنيف واري سال (1044 هجري) تائين وصول ٿيندي آئي ۽ بکر مان هر سال ان جي وصوليءَ لاءِ ڪاردار موڪليا ويندا هئا (7). مير نمڪين تي هندوستان جو بادشاهہ راضي هو.

سيوهڻ جو صوبو مغل جاگيردارن، شيخ موسيٰ گيلاني ۽ قره بيگ جي دور ۾ بدانتظامي، بک، خون خرابي جي ڪري زبون حالت ۾ ٿي ويو هو. بادشاهہ مير ابوالقاسم کي سندس انتظامي صلاحيتن جي ڪري بکر مان ڦيرائي سيوهڻ جو صوبہ دار ڪيو جنهن هتان جو انتظام بهتر رکڻ لاءِ هر قسم جو حيلو هلايو. بادشاهہ جي حڪم موجب جڏهن مير ابوالقاسم ٺٽي جي مستقل صوبيدار مرزا غازي بيگ کي دربار ۾ پهچايو تہ مير صاحب کي دربار ۾ پهچڻ شرط قنڌار جي صوبہ داري عنايت ڪئي ۽ ساڳئي وقت بکر، سيوي ۽ سيوهڻ بہ پگهار طور سندس جاگير ۾ ڏنائين (8).

ميرڪ يوسف مطابق تہ انهي حڪم تي اجا عمل ئي ڪونہ ٿيو هو تہ بادشاهہ بيماري سبب 13 جمادي الثاني 1014هجري (25 آڪٽوبر 1605ع) ۾ انتقال ڪيو ۽ جهانگير تخت نشين ٿيو جنهن اڳيون حڪم رد ڪري نئون فرمان جاري ڪيو جنهن موجب توختہ بيگ کي سردار خان جو لقب ڏيئي ڪابل مان قنڌار رکيو ۽ سبي، بکر ۽ سيوهڻ بہ سندس حوالي ڪيا ويا، مير ابوالقاسم کي جلال آباد جي مهم تي مقرر ڪيو ويو(9). اڳتي هلي مير صاحب 1016 هجري باجور ۾ قلعہ دار مقرر ٿيو جتان کيس بدلي ڪري سيوهڻ موڪليو ويو. اٽڪل ڏهہ مهينا سيوهڻ ۾ رهڻ کان پوءِ شوال 1016 هجري رجب، 1017 هجري مير نمڪين کي مغل سلطنت طرفان حڪم مليو تہ ميرزا غازيءَ سان ڪمڪ طور قنڌار گڏيو وڃي. مير نمڪين پنهنجي پٽ ابوالبقا کي نائب طور سيوهڻ تي مقرر ڪيو. يوسف ميرڪ مطابق تہ سندس والد هڪ سال تائين قنڌار ۾ رهيو جنهن کان پوءِ ميرزا غازي کان موڪل وٺي (شايد طبيعت جي ناساز هئڻ سبب) وطن واپس پئي آيو تہ رستي ۾ وفات ڪيائين. سندس وصيت موجب کيس بکر پرسان ستين جي ٿان جي مٿان واري ٽڪري(صفئہ صفا) تي دفن ڪيو ويو. اهو ستين جو ٿان ۽ اها ٽڪري مون بہ والدين ۽ پائرن ڀينرن سان گڏ ڪئين دفعا ڏٺي آهي.

مير ابوالقاسم جيئن تہ پنهنجي سرڪاري عهديداريءَ سبب گهڻو ڪري سنڌ ۾ رهيو. ڪيس اڪبر دربار مان سنڌ ۾ جاگيرون عطا ٿيل هيون، تنهن ڪريٰ هن پنهنجي خاندان جي مستقل رهائش لاءِ فيصلو ڪيو. بکر جي آبهوا ۽ قدرتي نظارا هن کي پسند هئا، ان ڪري هن اتي ڪيئي جايون جوڙايون ۽ جيستائين جيئرو هو، تيستائين هن جو سڄي خاندان جو وطن بکر رهيو. هن جي وفات کانپوءِ جڏهن سندس وڏو پٽ مير ابوالبقا امير خان مغل سلطنت طرفان ٺٽي جو نواب مقرر ٿيو تہ ان خاندان جو هڪ حصو بکر مان لڏي اچي ٺٽي ۾ قلعي جي سامهون رهائش پذير ٿيو. اڳتي هلي اهو پاڙو "امير خاني" محلو مشهور ٿيو جنهن جي پرسان ٺٽي جي جامع مسجد جوڙي ويئي. بکر ۾ هن خاندان جا باقي جيڪي ماڻهو هئا، اهي مير ابوالقاسم جي نسبت سان "قاسم خاني" سڏجڻ لڳا ۽ جيڪي ٺٽي ۾ رهيا، سي "امير خاني" سادات مشهور ٿيا.

هن خاندان جا ڪي مشاهير سيوهڻ ۾ بہ رهيا، جيئن يوسف ميرڪ "مظهر شاهجهاني" جو مئولف زندگي جو ڪو حصو سيوهڻ ۾ رهيو. هي خاندان اٽڪل اڍائي صدين تائين يعني اڪبر بادشاهہ جي دور کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين مسلسل عروج ۾ رهيو. هن خاندان جا ڪيئي فرد وقت جي سرڪار ۾ وڏن عهدن تي فائز هئا ۽ اميراڻي مان مرتبي سان زندگي بسر ڪيائون(10).

مير نمڪين جي سيوهڻ ۾ عملداري جو دور (ٻہ پيرا) ڇهن سالن تائين مشتمل آهي. پاڻ وقت جي عالمن ۽ فاضلن کي مان ڏيندو هو. انهن جي لاءِ روزگار جي وسيلن جو بندوبست پڻ ڪندو هو. هتان جي ڪيترن عالمن فاضلن کي اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ پنهنجي پاران وظيفا ڏيئي پاڻ سان ميران صدر جهان جي خدمت ۾ وٺي ويو ۽ پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجي لياقت موجب شاهي پروانا ۽ راهہ خرچ ڏياري وري سيوهڻ پهچايائين(11).

مغل بادشاهہ جهانگير کي جڏهن مير نمڪين جي وفات جو اطلاع مليو تہ هن ان وقت جي سيوهڻ جي مقرر ٿيل عملدار مير ابوالبقا، جيڪو مير نمڪين جو وڏو پٽ هو، تنهن جي شراڪت ۾ شمشير اوزبڪ کي پنهنجي غلام زادن سان گڏ سيوهڻ تي مامور ڪيو جيڪا ڳالهہ مير ابوالبقا

کي پسند ڪانہ آئي ۽ هي پنهنجي ٻارن ٻچن سان گڏ وچي هندستان جي گاديءَ واري شهر آگره ۾ بادشاهہ وٽ پهتو. بادشاهہ سيوهڻ جو سمورو علائقو شمشير خان اوزبڪ جي جاگير ۾ ڏيئي چڪو هو. پر اباڙو گنجابو ۽ لانگاهن جي ربڙي ابوالبقا جي حوالي ڪيائين ۽ شاهي فرمان موجب اتي جا مڙيئي قبيلا هن مطيع ٿي ويا (12).

پير حسام الدين راشدي مطابق جڏهن مير ابوالبقا سيوهڻ مان موڪلائي شاهي درٻار ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ هندوستان روانو ٿيو تڏهن يوسف ميرڪ سرڪاري منصب ترڪ ڪري جزوي روزگار تي قانع رهيو ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪيائين. مختصر واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ يوسف ميرڪ 1016 هجري کان 1038 هجري تائين سيوهڻ ۾ رهيو. هن جي ملڪ جي سياسي ۽ انتظامي معاملن تي نظر گهري هئي. ڇاڪاڻ تہ هن جي والد ۽ وڏي ڀاءُ کي سنڌ حڪومت ۾ وڏا عهدا هئا ۽ کين وڏيون جاگيرون مليل هيون. هن سنڌ جي عوام کي محڪوم ۽ ٻاهرين طاقتور حڪمران کي حاڪم تصور ڪيو آهي. بقول مترجم نياز همايوني جي:"مئولف تاريخ نگار جي حيثيت ۾ جنهن لاءِ غير جانبداريءَ واري خصوصيت لازمي ليکي وڃي ٿي، مغل شاهيءَ جي ڪارندن هٿان سنڌين تي نازل مصيبتن جو احوال اهڙي انداز سان پيش ڪيو آهي، جو هر عبارت پڙهڻ کان پوءِ ائين پيو محسوس ٿئي جڻ سنڌي مظلوم نہ پر وڏا ظالم هئا." (13).

شمشير خان لاءِ لکي ٿو تہ: "هن وٽ ست سئو اهڙا اوزبڪ هئا، جن مان سئو کن سگهارن جوانن کي هميشہ جڙائو پٽڪا مٿي تي ٻڌل هوندا هئا. سندن چيلهہ سوني خنجر ۽ ترار سان ٻڌل هوندي هئي. هر هڪ وٽ عراقي ۽ ترڪي گهوڙا هوندا هئا. باقي ٻين وٽ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ گهوڙا (عراقي ۽ ترڪي) هئا. سندن تلوارن جا منيا چانديءَ جا ٺهيل هئا. هن هر هنڌ مضبوط ٿاڻا قائم ڪري سرحدون سوگهيون ڪيون. سندن سپاهہ کي ڏسي سميچ، انڙن توڙي ٻين وڳوڙين ڪا بہ سرڪشي نہ ٿي ڪئي ۽ جيئن تيئن وقت پئي گذاريائون" (14). شمشير خان ملڪي معاملن ۾ هن کان صلاح مشورو وٺندو هوءِ ان تي عمل پڻ ڪندو هو.

ٺٽي جي صوبي دار تاج خان جي وفات کان پوءِ جڏهن اتان جي صوبيداري شمشير خان کي ڏني ويئي ته مير ابوالبقا کي مرزا دوست محمد جي شرڪت ۾ سيوهڻ جي جاگير تي مقرر ڪيو ويو. مئولف سنڌ جي مقامي ماڻهن جي ڏارين جاگيردارن لاءِ ڪنهن به قسم جي چرپر يا حق کي سرڪشي ۽ نافرماني تسليم ڪيو آهي. سندن ملڪيت، مال ۽ زرخيز زمين جي اناج تي حڪومتي عملدارن جو حق سمجهيو ويو آهي، اهي ڏاڍايون ۽ اره زورائيون احمد بيگ خان جي عملدارن ۾ انتها تي وڃي پهتيون، جنهن جو اعتراف مئولف يوسف ميرڪ ڪيو ۽ "مظهر شاهجهاني" جهڙي ضخيم تخليق کي جنم مليو.

مرزا احمد بيگ خان، اعتماد الدوله مير غياث جو پوٽو ۽ ملڪه نورجهان جو ڀائيٽو هو جنهن کي شاهجهان بادشاهه 1037 هجري ۾ سيوهڻ جو عملدار مقرر ڪري موڪليو هو. ذاتي طور تي هو نااهل ۽ سست مزاج هو جنهن حڪومت جي ڪاروبار کي سنڀالڻ بدران حرمسراءِ کي ترجيح ڏني ۽ حڪومت جي واڳ پنهنجي ظالم ياءُ مرزا يوسف کي ڏنائين، جنهن لاءِ مظهر شاهجهاني جو مئولف لکي ٿو ته هي ايڏو سفاڪ هو جنهن پنهنجي قهر، ڪلور ۽ ظلم و ستم سان سڄي صوبي جي ستياناس ڪري ڇڏي ۽ ماڻهن ۾ چئوطرف واويلا مچي ويئي. سيوهڻ جي سڄي سرڪار جي ماڻهن کي بيعزتو ڪرڻ، ماڻهن جي ذاتي مال جنهن ۾ مختلف پالتو جانور هوندا هئا، تن کي سرڪاري طور ڏنڀ هڻائي ڦٻائڻ هن جي قانون ۾ هو. ملڪ جي چورن چڪارن ۽ ڌاڙيلن کي سرڪاري سرپرستي ڏيئي، ملڪ ۾ چوريون ڪرائيندو هو ۽ ڌاڙا هڻائي لٽ جو سمورو سامان پنهنجي مال خزاني ۾ داخل ڪرائيندو هو. چغلخورن جو هن هڪ وڏو گروهه تيار ڪيو هو جن جو نالو هن "حقيقت دان" رکيو هو، جن جو ڪم اهو هو ته هو ڏينهن رات جاسوسي ڪري شريفن، غريبن ۽ بيگناهن تي چغليون هڻي عام دربار ۾ سندن پٽڪا لهرائي کين خوار خراب ڪندا هئا (15).

مئولف انهن دردناڪ حالتن ۽ افسوسناڪ واقعن جي بيان ۾ لکي ٿو ته:

چو خواهد ڪه ويران ڪند عالمي
نهد ملڪ در پنجه ظالمي

(يعني خدا جڏهن ڪنهن ملڪ کي ويران ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان جي واڳ ظالم جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي ٿو.)

انهن ظلمن، ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ جو اهو عالم هو جو مرڪزي حڪومت جي ديوان خاص تائين داد رسي لاءِ پهچڻ تہ نهيو پر انهن مظلومن ۽ ستم رسيدن کي مرزا احمد بيگ جي ايوان تائين پنهنجن ڏکن ۽ تڪليفن پهچائڻ جي بہ قوت ڪا نہ هئي. مئولف (يوسف ميرڪ) جيئن تہ وڏي ڪردار ۽ جرات جو مالڪ هو، تنهن حرم نشين حاڪم (احمد بيگ) کي وجي چيو:

تو ابنِ خلق الله وا بدست برادر خود داده خراب
وضايع ساختي! چون متوجہ بہ آن جهان شوي
خالق علي الاطلاق از تو خواهد تحقيق ڪرد

(يعني تو خدا جي خلق کي پنهنجي خونخوار ڀاءُ جي حوالي ڪري ان جو جهڳو جهڻ ڪري ڇڏيو آهي، خدا قيامت ڏينهن تو کان ضرور ان بابت پڇاڻو ڪندو.)

وقت جي حڪمران جا ظلم سنڌ تي بدستور قائم رهيا. يوسف ميرڪ سنڌ ملڪ جي رهواسين جا درد ڪتاب جي صورت ۾ لکي شاهي دربار ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ان سلسلي ۾ هي سيوهڻ مان نڪري بکر آيو جتان ملتان پنهنجي ڀاءُ ابوالبقا وٽ پهتو جيڪو ان وقت مرزا ابوالحسن آصف خان جي پاران نائب مقرر ٿيل هو(16). پر جلد ئي ابوالبقا کي ٺٽي جي نائبي جو حڪم مليو ۽ هي بہ پنهنجي ڀاءُ سان ٺٽي پهتو ۽ هندوستان وڃڻ جو ارادو ڪيائين ۽ پنهنجي ڪتاب کي ترتيب ڏيندو رهيو. هي ڪتاب مغل سلطنت طرفان مقرر سنڌ جي ظالم حاڪم جي ظالماڻي سياسي ۽ انتظامي صورتحال جي نقاب ڪشائي ڪري ٿو. ازانسواءِ هن مغل حاڪمن جي ذاتي مشغلن ۽ اهليت متعلق بہ صحيح صورت پيش ڪئي آهي، جنهن متعلق مئولف اقرار ڪري ٿو تہ هي ضعيف بندو ۽ خدا جي رحمت جو طلبگار يوسف ميرڪ پٽ ابوالقاسم نمڪين حسيني هروي چوي ٿو تہ سنڌ جي حالتن کي هن آيت جي اقتضا موجب پيش ڪندس.

لاتکتموا الشهادت و من يکتمها فانہ آثم قلبہ و الله بما تعملون عليهم

(يعني توهان پنهنجي گواهي کي نہ لڪايو ۽ جنهن بہ پنهنجي گواهي کي مخفي رکيو تنهن جي دل گنهگار آهي. توهان جيڪي ڪريو ٿا، خدا ان جي ڄاڻ رکي ٿو.)

تحقيق دوران محترم حسام الدين راشدي جن لکن ٿا تہ :هي ڪتاب 1039 هجري کان پوءِ لکڻ شروع ٿيو ۽ 19 محرم 1044 هجري تي ٽيپهريءَ مهل لکجي پورو ٿيو. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ جيئن تہ مظهر شاهجهاني ۾ سنڌ جي ارغون ۽ ترخان جو تاريخي دور، هتان جي جاگرافي، قومن قبيلن جو احوال، رسم ۽ رواج ۽ حڪومتي انتظام جو جيڪو تفصيلي احوال ڏنل آهي ۽ ان کان علاوه سنڌ جي سرڪار جي مختلف پرڳڻن، شڪار گاهن ۽ ڍنڍن جو ذڪر وغيره ٿيل آهي تہ هيءَ تاريخ ان وقت کان وٺي مئولف جي طرف کان لکي ويئي آهي. جڏهن هو سنڌ ۾ آيو آهي. ائين ٿو لڳي جيئن روزمره جي ڊائري لکيل هجي. حڪومت ڪرڻ جا اصول ۽ ڪامياب حڪمراني جا رموز ڏنل آهن. سنڌ جي سيوهڻ واري علائقي ۾ جڏهن اتان جي مغل حڪمران احمد بيگ جا ظلم انتها تي پهتا تہ هن ان جا ظلم ۽ ماڻهن جي درد ۽ تڪليف کي لکي اهو نسخو 19 محرم 1043هجري ۾ تيار ڪيو. تحقيق دوران اهو بہ اندازو لڳايو ويو آهي تہ اهو ڪتاب پهرين محرم 1043 ۾ لکيو ويو ۽ 19 محرم 1044 هجري ۾ ختم ڪيو ويو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪتاب گهٽي وقت کان لکيو ويو هجيءِ آخري ڏينهن ۾ ان جي تدوين ٿي هجي. اها بہ خبر ڪا نہ ٿي پوي تہ شاهجهان بادشاهہ تائين اهو پهتو يا نہ؟ چاڪاڻ تہ هي ڪتاب احمد بيگ جي ظلمن جو داستان هو جيڪو ملڪ نورجهان جو ڀائيٽو ۽ شاهجهان بادشاهہ جي ملڪ ”ممتاز محل“ جو سوٽ هو. هن خاندان جا مغل بادشاهن سان وڏا تعلقات هئا ۽ اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ هي ڪتاب نہ تہ مشهوري حاصل ڪري سگهيو ۽ نہ ئي ان جا نقل تيار ٿي سگهيا ۽ نہ ئي ان جو ڪٿي ذڪر اچي سگهيو. مئولف جڏهن اهو مسودو پنهنجي ڀائٽي مير ضياءُ الدين يوسف کي ڏنو هو تہ ان تاليف کي اٺ سال گذري چڪا هئا. هي ڪتاب مؤلف جي خاندان ۾ ئي رهيو جنهن جو صرف هڪ نقل ٿيو ۽ خاندان جي ڪنهن نہ ڪنهن فرد جي ملڪيت ۾ رهيو(17).

مظهر شاهجهاني کي پڙهندي مئولف جي علم و فضل، فارسي زبان ته ٿي عربي ٻولي جي مطالعي جي وسعت، شاعري ۽ نثر نگاريءَ ۾ عظيم ڄاڻ جي خبر پوي ٿي. مئولف جو مطالعو نهايت وسيع ۽ گهرو نظر اڇي ٿو هي روشن دماغ ۽ ذهين اهل قلم هو. سندس فهم توڙي فراست جي ڪاحد نه هئي. حڪمرانيءَ ۽ ملڪداريءَ جي معاملن سان گڏ حاڪم جي فرائض ۽ رعيت جي حقن کان پوريءَ طرح باخبر هو(18).

علمي و ادبي خدمات:

مير ابوالقاسم نمڪين: مير ابو القاسم هڪ علم دوست شخص هو ۽ هو نظم خواه نثر ۾ استاد هو انشا ۽ خط ۾ کيس ڪمال حاصل هو. سندس فارسي ديوان "منشئات النمڪين" جو پير حسام الدين راشدي جن کي انڊيا آفيس جي فارسي مخطوطات جي فهرست ڏسندي پتو پيو جنهن متعلق تذڪره امير خاني ۾ لکيو آهي ته اهو نسخو اصل مصنف جي ذاتي نسخي تان نقل ٿيل آهي، جيڪو نمڪين 23 شعبان 1006 هجري (44 سال اڪبري) 31 مارچ 1598ع ۾ ختم ڪري پنهنجي ولي نعمت اڪبر بادشاهه جي نالي تي معنون ڪيو اهو ڪتاب ائين بابن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي. مير صاحب اها تصنيف انتقال کان ٻارهن سال اڳ لکي هئي. انڊيا آفيس وارو نسخو تصنيف کان ڇهه سال پوءِ ۽ مير صاحب جي انتقال کان ڇهه سال اڳ نقل ڪيو ويو آهي(19).

ميرڪ يوسف:

هي جيئن ته اميراڻو اولاد هو سندس تربيت اعليٰ ٿيل هئي. فارسي ۽ عربيءَ جو جيد عالم هو. سندس مطالعو ۽ معلومات وسيع هئي، سنڌ ۾ آباد ٿيڻ کان پوءِ هتان جي تاريخ، جاگرافيائي حالات، سماجي ۽ معاشي حالات کان علاوه سنڌ جي مختلف قبيلن لاءِ عميق ڄاڻ رکندڙ هو. سندس فارسي ۾ لکيل مظهر شاهجهاني سنڌ جي تاريخ جو اهڙو مواد پيش ڪيو آهي، جو ٻين ڪنهن به تاريخ ۾ ان جو ميسر ٿيڻ ناممڪن هو.

مير ابوالمڪارم:

تخلص شهود ولد مير ابوالبقا. پيءُ جي نوابي هوندي فقيريءَ رستو اختيار ڪري ڪاملن جو درجو حاصل ڪيائين. حضرت سيلمان عليہ السلام ۽ بلقيس جي قصي بابت سندس ڪار آمد مثنوي "پريخان سليمان" مشهور ۽ يادگار آهي. ظاهري علمن جو پڻ جامع هو(20). سندس ٻي مثنوي "بديع الجمال و سيف الملوڪ" جو ڪجھہ متفرقہ ڪلام سنڌ جي ڪيترن بياضن ۾ هلي ٿو جنهن مان اندازو لڳايو وڃي ٿو تہ ديوان ضرور مرتب ٿيو هوندو(21).

مير امين الدين خان حسين:

هي صاحب مير ابوالمڪارم شهود جو وڏو پٽ هو ۽ 1114 هجري — 1702ع ۾ ٺٽي جو نواب مقرر ٿيو(22). اهو عالمگير بادشاھہ جو آخري دور هو ۽ صرف سال کن حڪومت ۾ رهيو.

هي هڪ صاحب ڪمال ۽ جيد عالم هو. وٽس عظيم الشان ڪتبخانو هو جنهن ۾ هو سڄو ڏينهن مطالعو ڪندو هو. اهل علم سان علمي مجلسون ۽ ادبي مذاڪرا ڪندو رهندو هو ڪيس تصنيف و تاليف جو شوق هوندو هو. سنڌ ۾ فارسي ادب تي تحقيق دوران هتان جي مؤرخين کي مير امين الدين خان جي ٻن تصنيفات جي موجودگي جي خبر پئي، 1 ـ "رشحات الفتون، " 2 -- "معلومات الافاق." "رشحات الفنون" ۾ چوڏهن عالمن تي بحث ڪيو اٿس ۽ انهن جي تاريخ تي پڻ بحث ڪيو اٿائين. ان کان علاوه مغل بادشاهن جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس(23).

سندس ٻي تصنيف متعلق اها خبر پوي ٿي تہ اها جاگرافي تي آهي. هن ڪتاب جي موجودگي جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. البت برٽش ميوزم ۾ سر اليٽ جي فائل ۾ ٻن جڳهن تي ڪتاب جي فهرست ۽ ڪجھہ اقتباسات جي موجودگي آهي(24)

مير عبدالڪريم خان سنڌي:

هي مير ابوالبقا جو ٽيو نمبر پٽ هو. ٻن پيڙهين کان سنڌ ۾ رهندي مؤرخن مير عبدالڪريم کي سنڌي جي نسبت سان ياد ڪيو آهي(25) عالمگير جي زماني ۾ اعليٰ عهدن تي پهتو. هن ۾ غير معمولي صلاحيتون هيون. جنهن عالمگير جهڙي سنجيده طبيعت ۽ خشڪ مزاج شهنشاهه جي دل هن لاءِ موهي ڇڏي هئي. امير وزير ۽ ٻيا سرڪرده سردار بادشاهه جو قرب ڏسي، مير صاحب جو ڏاڍو احترام ۽ محبت ڪندا هئا. هي به سڀني سان سهڻو سلوڪ ڪندو هو ۽ چڱائي ڪندو هو. خاندان جا شهزادا جڏهن هن سان ملندا هئا ته سندن نگاهون ادب مان هيٺ جهڪيل هونديون هيون.(26).

"مقالات الشعراءَ" ۾ هن کي شاعر جي جڳهه ڏني ويئي آهي. سندس لقب ملتفت خان هو. مير علي شير قانع مقالات الشعراءِ ۾ سندس ڪجهه شعر ڏنا آهن.

مير سيد اشرف خان:

هي مير عبدالڪريم جو فرزند هو."رقائم ڪرائم" نالي "خطن جو هڪ مجموعو" جنهن جا ٻه نسخا برٽش ميوزم انڊيا آفيس ۾ چار نسخا بوڊين لائبرري ۾ ۽ هڪ نسخي جي موجودگي جو ذڪر پير صاحب تذڪره امير خاني جي صفحي 184 تي ڪيو آهي. انهيءَ مجموعي ۾ اورنگزيب عالمگير جا سندس والد عبدالڪريم سنڌي ڏانهن لکيل خط ۽ ڪن شهزادن ۽ اميرن ڏانهن لکيل خط موجود آهن.

مير محمد گدا:

هي صاحب مير امين الدين خان جو ٻيو فرزند هو. اصل نالو قلب خان هو. مقالات الشعراءَ ۾ هن جا ڪجهه شعر ڏنل آهن.

مير محمد عطا هن کي ظاهر ڪيو: هي مير اميرالدين جو ٽيون فرزند مشهور عالم فاضل، شاعر ۽ صاحب ڪمال بزرگ هو. تصوف ڏانهن به مائل

هو. شعر و سخن سان ذوق هئس ۽ "عطا" تخلص هئس. مقالات الشعراءَ جي مصنف چند شعر نموني طور ڏنا آهن(27).

مير رضي الدين فدائي:

هي صاحب مير ابوالمڪارم شهود جو پيو پٽ هو. صاحب ديوان شاعر هو. شعر ۾ وقت جو عالم ٿي گذريو آهي. "فدائي" تخلص هوندو هئس. ديوان جو صاحب هو. تحفته الڪرام موجب سندس شعر مان زماني جي دماغ کي ظاهري خواه باطني عمالينن جي خوشبوءِ اچي ٿي(28).

مير حيدر الدين ابو تراب "ڪامل":

هي صاحب مير رضي الدين فدائي جو اڪيلو فرزند ۽ پنهنجي دور جو بلند پايہ اديب ۽ نالي وارو شاعر هو. "ڪامل" سندس تخلص هو. تحفته الڪرام جي صاحب مطابق تہ هن (مير علي شير قانع) شاعري جي مشق هن استاد ڪامل وٽ ڪئي(29). هن پنهنجي ڪلام جا ڏهہ ضخيم جلد تيار ڪيا، جن کي محمد پناهہ "رجا" جي حوالي ڪيو هئائين، جيئن انهن کي مرتب ڪري. پر سنڌ جي مؤرخن کي ڪافي ڳولها ڪان پوءِ بہ ڪوبہ ديوان ملي نہ سگهيو.

مظهر شاهجهاني جي مئولف جي خاندان، حڪومت ۽ اميري سان گڏ سنڌ ۾ فارسي ادب، تاريخ، شاعري ۽ تصوف وغيره سان گڏ ديني علم کي وڏو فروغ عطا ڪيو آهي. سندن سدا حيات اهڃاڻ جن ۾ فارسي ديوان شامل آهن، سنڌ جي علمي ورثي ۾ مليا. جن تي هتان جي اڪابرين وڏي تحقيق ڪئي ۽ ترجما ڪري سنڌ جي تاريخ تي وڏو احسان ڪيو آهي. ان کان علاوه هن خاندان سنڌ جي عمارت سازي جي ترقي ۾ بہ هڪ نمايان خدمت سرانجام ڏني. ٺٽي جي جامع مسجد مير ابوالبقا جي دور ۾ جڙي راس ٿي. بکر ۾ "صفہ صفا" جهڙي عظيم عمارت تيار ڪرايائون. اهي سڀ خوبيون هن خاندان جي حسن ذوق جون شاهديون آهن.

حوالا:

1. ڊاڪٽر محمد ناظم گرديزي جي تصنيف "زين الاخبار" کي شايع ڪيو ۽ محمود غزنوي جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ پهريون مستند ۽ تحقيقي ڪتاب لکيو هو. آثار قديمه ۾ نوڪري هيس. سنڌس وفات 24 مئي 1955ع (1 شوال 1374 هجري) اڳارو عيدالفطر واري ڏينهن منجهند جو هڪ وڳي ٿي. مدفن ڪراچي. پير حسام الدين راشدي بتصيع و حواشي تاريخ مظهر شاهجهاني. مترجم نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ 1979.
2. مترجم نياز همايوني، ايم – ايچ پنهور مظاهر شاهجهاني – سنڌي ادبي بورڊ 1979.
3. مترجم: مخدوم امير احمد، تحفته الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ، 1976ع، 319.
4. پير حسام الدين راشدي، تذڪره امير خان سنڌي بورڊ ڪراچي حيدرآباد 1961، ص 19.
5. ايضاً بحواله اڪبر نامه
6. پير حسام الدين راشدي، بحواله ماثر الامرا، سب تاريخ، اڪبر نامه
7. ايضاً ص 24
8. تذڪره امير خاني ص 23
9. تذڪره امير خاني ص 42
10. پير حسام الدين راشدي، مظهر شاهجهاني ص _17
11. مترجم نياز همايوني، تاريخ مظهر شاهجهاني ص209_210
12. مترجم: نياز همايوني، تاريخ مظهر شاهجهاني، ص 209_210
13. ايضاً —ص 6
14. مترجم: نياز همايوني، مظهر شاهجهاني، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979، ص 21
15. پير حسام الدين راشدي، تذڪره امير خاني ص 146
16. مظهر شهجهاني، ص 39

17. مظهر شاهجهاني ص 45ـ 46
18. مظهر شاهجهاني، ص 22ـ 23
19. پير حسام الدين راشدي تذڪره امير خاني ص 66
20. تحفته الڪرام ص 514
21. تذڪره امير خاني ص 188
22. خداداد خان، لب تاريخ سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1989، ص 123
23. تذڪره امير خاني ص 200، 201 ۽ 203
24. ايضاً
25. تذڪره امير خاني بحواله بحواله ماثر الامراءَ ص 1/303
26. تذڪره امير خاني 177 بحواله ماثر الامراءَ ص 1/307
27. تذڪره امير خاني بحواله مقالات الشعراءَ ص 166
28. تحفته الڪرام ص 515
29. ايضاً

("سنڌي ادب"، سنڌيالوجي 2003)

مادر ملت محترمہ فاطمہ جناح

(1893 _ 1967)

حڪومت پاڪستان سال 2003ع کي "مادر ملت" جو سال قرار ڏنو آهي ۽ اهو سڄو سال محترمہ فاطمہ جناح جي زندگيءَ ۽ سندس خدمات لاءِ مختلف تقريبات ۽ پروگرام ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي.

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ قائداعظم محمد علي جناح جي اڳواڻي ۾ پاڪستان تحريڪ جي جدوجهد ۾ سندس ڀيڻ فاطمہ جناح جو ساٿ سندس هر قدم تي موجود نظر اچي ٿو. هوءَ هن جي مشير، ساٿي، صلاحڪار ۽ سچي دوست هئي. جناح صاحب هن سان سياسي ۽ انتظامي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. هن تي پورو اعتماد ۽ ڀروسو ڪندو هو.

محترمہ فاطمہ جناح جنهن قائد اعظم جي خدمت نہ صرف ڀيڻ پر ماءُ جي حيثيت ۾ ڪئي، اُها هن کان عمر ۾ سترهن سال ننڍي هئي ۽ پنهنجن ستن ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ پڻ ننڍي هئي. هن جو والد پونجا وڏو واپاري هو ۽ هُن بزنس جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. سندس واپار وڏي ترقي ڪئي ۽ کيس گهڻو اولاد بہ پيدا ٿيو. فاطمہ اڃا ننڍي هئي تہ سندس والده مٺي ٻائي انتقال ڪري ويئي. جلد ئي سندس والد جو بہ 1901ع ۾ انتقال ٿي ويو. قائداعظم محمد علي جناح پياءُ هئڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي ڀيڻ تي شفقت ۽ محبت جو هٿ رکيو هن جي تعليم تي خاص توجهہ ڏني. قائداعظم ان وقت ۾ برطانيا مان پنهنجي تعليم مڪمل ڪري هڪ قانون دان جي حيثيت ۾ هندستان ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. هن فاطمہ جناح کي 1902ع ۾ باندره ڪانونيٽ ۾ بورڊر طور داخل ڪرايو اتان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن کنڊالا هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي جيڪا ان وقت ۾ هڪ اعليٰ ڊگري هوندي هئي ۽ شاگرد پنهنجي

سبجيڪٽ ۾ ماهر ٿي نڪرندا هئا. فاطمه جناح سينيئر ڪيمبرج جي امتحان ڪان پوءِ 1919ع ۾ ڪلڪتي ۾ "ڊاڪٽر احمد ڊينٽل ڪاليج" ۾ داخلا ورتي. ان وقت ۾ ڪنهن خواجه ڇوڪريءَ جو ڪانونيٽ ۾ داخلا يا ڪنهن پيشه ورانه سرگرمي ۾ شامل ٿيڻ روايتي قدرن جي خلاف ورزي سمجهيو ويندو هو. پر هن جي همت افزائي هن جي عظيم ڀاءُ پئي ڪئي، جنهن ڪري هن جو حوصلو بلند هو. جناح هن کي بمبئي ۾ هڪ ڊينٽل ڪلينڪ کولي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن ۾ هن 1923ع کان ڊينٽل ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجهه سالن کان پوءِ 1929ع ۾ قائد اعظم جي گهر واري رتن ٻائي جو انتقال ٿي ويو. محترمه فاطمه کي جيئن ته پنهنجي ڀاءُ سان بيحد محبت ۽ هن لاءِ گهڻي عزت هئي، تنهن پنهنجي ڀاءُ جي خدمت ۽ سندس دلجوئي خاطر پنهنجي ڪيريئر جي پرواه نه ڪندي پنهنجو ڪلينڪ بند ڪري هميشه لاءِ پاڻ کي پنهنجي ڀاءُ جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ سندس گهر ۾ اچي رهي ۽ گهر جو سمورو انتظام سنڀالي ورتو اهو ساٿ قائداعظم جي وفات، يارهين سيپٽمبر 1948ع تائين برقرار رهيو. محترمه فاطمه جناح پنهنجي ڀاءُ سان 46 سال گڏ رهي. پويان اوڻيهه سال هن لاءِ ڏاڍا اهم ۽ تاريخي هئا، جيڪي قائداعظم جي خرابي صحت سان گڏ، تمام گهڻا مصروف، اهم ۽ ٿڪائڻ وارا سال هئا. ان وقت هو آهستي آهستي گڏيل هندستان جي ڏهه ڪروڙ مسلمانن جي قوم ۾ هڪ عظيم ۽ مڃيل قائد جي حيثيت ۾ منظرعام تي آيو.

ڪانگريس جڏهن اهو نعرو هنيو ته هندستان ۾ صرف ٻه طاقتون آهن، هڪ برطانوي سامراج ۽ ٻيو هندو، جنهن جي نمائندگي ڪانگريس ڪري رهي آهي ته قائداعظم ان دعوي کي غلط قرار ڏيندي فرمايو ته ٽين طاقت مسلم ليگ آهي جيڪا هندستان جي مسلمانن جي واحد ترجمان آهي. هن مسلمانن جي جدا قومي تشخص ۽ وطن لاءِ ڏکي ۽ صبر آزما جدوجهد جي شروعات ڪئي ته جيئن هندستان جي ٻن قومن جي وچ ۾ اقتدار جي ورهاست جي لاءِ هڪ معقول ۽ منصفانه رستو ڳولهجي.

محترمه فاطمه پنهنجي ڀاءُ سان پنهنجي سياسي مشاهدي جو آغاز لکنئو ۾ مسلم ليگ جي سالانه اجلاس سان ڪيو جيڪو قائداعظم محمد

علي جناح جي زير صدارت 1937ع ۾ منعقد ٿيو. هوءَ آزادي جي تحريڪ جي ڪٺن ۽ نازڪ مرحلن ۾ پنهنجي ڀاءُ جي مددگار رهي ۽ سندس تيمارداري ڪندي رهي.

قائداعظم محمد علي جناح نائين آگسٽ 1947ع تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ سندس مان ۾ ڏنل آجياڻي جي موقعي تي پنهنجي ڀيڻ جي ڪيل خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ چيو ته "مس جناح مون لاءِ مدد ۽ حوصلي وڌائڻ جو هڪ لاڳيتو ذريعو رهي آهي. انهن ڏينهن ۾ جڏهن مون کي يقين هو ته برطانوي سرڪار مون کي نظر بند ڪندي، جڏهن انقلاب منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي گذري رهيو هو، منهنجي ڀيڻ ئي همت ٻڌائي ۽ اميد افزا ڳالهيون ڪيون. منهنجي تندرستي جو هن هميشه خيال پئي رکيو آهي."

قائداعظم آزادي جي تحريڪ ۾ خواتين جي شموليت کي وڏي اهميت ڏني. سندس خيال هو ته خواتين رياست ۽ خاندان جو ستون آهين. انهيءَ سلسلي ۾ قائداعظم آل انڊيا مسلم ليگ وومن شپ ڪميٽي جي تنظيم سازي ڪئي، جنهن جون برانچون سڄي هندستان ۽ سنڌ ۾ به کوليون ويون. محترمه فاطمه بمبئي ونگ جي سرپرست مقرر ڪئي ويئي. درحقيقت قائداعظم عورتن جي سياست ۾ شموليت پنهنجي گهر کان ئي شروع ڪئي، جيئن عام ماڻهو ان ڳالهه جي اهميت کي سمجهي سگهي ته ملڪي ترقي ۾ عورتن جي شموليت وڏي اهميت رکي ٿي. محترمه فاطمه جناح مسلم خواتين جي تعليمي، سياسي ۽ معاشرتي ترقي لاءِ ڏاڍو ڪم ڪيو جنهن صوبي ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ٿيندو هو اتي هيءَ جلسن ۾ خطاب ڪندي هئي ۽ عورتن کي تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي تلقين ڪندي هئي. کيس پنهنجي نصب العين جي صداقت ۾ پختو يقين هوندو هو.

سندس عزم ۽ حوصلي جي ڪري مسلم خواتين ۾ آزادي جو جذبو پيدا ٿيو ۽ انهن مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي آزادي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو. انهيءَ سلسلي ۾ قائداعظم مسلم ڪنوينشن، جيڪو سترهين اپريل 1946ع ۾ منعقد ٿيو فرمايو: خوشي جي ڳالهه آهي ته مسلم خواتين ۾

۾ انقلابي تبديلي اچي رهي آهي. دنيا ۾ ڪا ۾ قوم ان وقت تائين ترقي نہ ٿي ڪري سگهي، جيستائين ان قوم جون عورتون ۾ مردن سان گڏوگڏ وڃن.

سنڌ ۾ قائم ڪيل آل انڊيا مسلم ليگ وومين شپ جي سرپرست بيگم نصرت عبدالله هارون هئي، جنهن خواتين ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ ملڪ جي آزادي جو شعور ڏيڻ لاءِ سڄي هندستان جو دورو ڪيو. سنڌ ۾ خواتين جو هڪ طبقو پيدا ڪيو ۽ کين سياسي شعور ڏنو. مسلمان عورتن جي هر مفاد ۾ دلچسپي رکندي هنن جي بهتري لاءِ ڪم ڪيو. هن ڪيترين اسپتالن، يتيم خانن ۽ مذهبي ادارن جي مالي ساهتا ڪئي.

اهڙين تبديلين جي موقعي تي قائد فرمايو: قوم جي تعمير ۽ ان جي استحڪام جي عظيم ڪم ۾ خواتين کي تمام اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. اُهي نئين نسل، جيڪو ملڪ لاءِ ڪرنگهي جي حيثيت رکي ٿو ان جي ڪردار جون بنيادي معمار آهن. مون کي خبر آهي تہ پاڪستان حاصل ڪرڻ واري ڏکي جدوجهد ۾ مسلمان خواتين پنهنجي مردن سان گڏ پختگي سان ڪم ڪيو. پاڪستان جي تعمير واري جدوجهد ۾ ائين نہ چوڻ گهرجي تہ پاڪستان جون خواتين پنهنجو فرض سرانجام ڏيڻ ۾ پوئتي رهيون يا ناڪام ويون(82 مارچ 1948ع ڍاڪا)

وقت بوقت سنڌ ۾ ٿيندڙ آزادي جي جلسن ۾ محترمہ فاطمہ کي مدعو ڪيو ويندو هو. محترمہ پنهنجي ڀاءُ جو دست بازو هئي، جنهن نہ صرف هن جي سياسي ميدان ۾ مدد ڪئي، پر پنهنجي بيمار ليڊر ڀاءُ جي خدمت هميشہ خنده پيشاني سان ڪئي. فاطمہ جناح جو لکيل ڪتاب My Brother جنهن جو سنڌي ترجمو شيخ عزيز ڪيو آهي، ان جي پهرين باب "قوم يتيم ٿي ويئي" کي پڙهندي خبر پوي ٿي تہ قائداعظم گهڻي محنت ۽ گهٽ آرام سبب 1934ع کان بيمار هو. انهيءَ سلسلي ۾ محترمہ لکي ٿي تہ: "قدرت کيس غير معمولي جرئت ۽ قابليت سان نوازيو هو. ذڪ جي ڳالهہ اها هئي تہ هيءُ هيٺو جسم، صحت جي خرابي جو ماريل هو. جيڪو بي پناهہ ذڪاين کي ساڻ کڻي، زندگي جو جوکم ۽ ٽڏي ڪوسي کي سهي نہ ٿي سگهيو پر تڏهن بہ قدرت کيس سموريو. مشڪلاتن تي حاوي ٿيڻ ۽ پنهنجي عوام کي منزل مقصود جي طرف رهنمائي ڪرڻ جي اٽل ارادي سان نوازيو هو. سندس

زندگي جي آخري ڏهن سالن ۾ جڏهن هو پوڙهائپ جي صبح ۾ داخل ٿي چڪو هو تہ سندس بيماري ۾ اچان اضافو ٿي ويو جنهن ڪان دهلجي جڏهن بہ مون کيس ايتري گهٽي دير ڪم نہ ڪرڻ ۽ ٿوري ويرم لاءِ پنهنجن طوفاني دورن ڪي، جن ۾ هو هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هليو ويندو هو ترڪ ڪرڻ جي منٿ ڪئي تہ مون کي اهو جواب ڏيندو ٿي رهيو: "ڇا تون ڪڏهن ڪنهن اهڙي جرنيل کي اهڙي وقت موڪل تي ويندي ڏٺو جڏهن هن جي فوج پنهنجو وجود باقي رکڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ لڙندي هئي." سندس اهو حوصلو ۽ عزم محترمہ کي لاجواب ڪري ڇڏيندو هو. هن جي تيمارداري لاءِ هي هميشہ هن سان پاڇي وانگر رهڻ لڳي.

فيبروري 1937ع جڏهن گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت سڄي هندستان ۾ عام چونڊون ٿي رهيون هيون، جنهن ۾ مسلم ليگ پهريون ڀيرو پنهنجا اميدوار بيهاريا پر مسلم ليگ جو پيغام نہ ئي عام مسلمانن تائين پهتو هو ۽ نہ ليگ پوريءَ طرح سان منظم ٿي هئي. محترمہ فاطمہ هر هنڌ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ شهرن توڙي واهڻن ۾ ليگ جو پيغام پهچائڻ لاءِ دورا ڪيا. محترمہ فاطمہ مطابق تہ مون کي اهو ڏسي تقويت ملندي هئي تہ مسلمان غفلت جي ننڊ مان جاڳي رهيا آهن. سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ جلسن ۾ ايندڙ ماڻهن جي تعداد ۾ لاڳيتو واڌارو ٿيڻ لڳو. جڏهن هو ان زبردست طاقت جو ذڪر ڪندو هو جيڪا مسلمانن جي هٿ ۾ هئي، جيڪا هنن جي ٻڌي ۽ ايڪي جي ڪري مستقبل ۾ سياسي سڌارن جي ڪنهن بہ اسڪيم جي جوڙجڪ ۾ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري سگهندي، تڏهن فضا عوام جي تاڙين جي گونج ۾ ڪجھ دير تائين گونجندي رهندي هئي. سندس خطاب، جوش ۽ جذبي ۾ گجندو هو. قائد فرمائيندو هو: "هر شخص هن حقيقت کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ مسلم ليگ جي وڌندڙ مقبوليت کي ڊانوانڊول ڪرڻ جون سموريون ڪوششون نيٺ ناڪام ٿينديون. مسلمان اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ دنيا جي ڪابہ طاقت سندن ڪاميابي جي اٽل ارادي کي دٻائي نہ ٿي سگهي. قائداعظم جڏهن پنهنجي تقرير ختم ڪندو هو تہ ماڻهن جو عظيم الشان اجتماع اپ ڏاريندڙ نعرا بلند ڪندو هو. محمد علي جناح زنده باد، زنده باد.

23 مارچ 1940ع ۾ قائداعظم جي صدارت هيٺ جڏهن قرارداد پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ قائداعظم پاڪستان جي مطالبي کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات سخت محنت ۽ جفاڪشي ڪئي ۽ اهو مطالبو سڄي خطي جي مسلمانن جو آواز بنجي ويو. پر قائد جي صحت ڪرندي رهي سندس وزن ۾ سگهہ گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ فاطمہ پريشان رهڻ لڳي. انهيءَ سياسي سفر جي ڊوڙ ۾ هڪ خدمتگار جي حيثيت ۾ هوءَ هن جي محافظ هئي.

محترمہ فاطمہ جناح لکي ٿي تہ: "لاڳيتا دورا ۽ سفر ڪڏهن بہ نہ ڪٽندڙ سلسلو مٿان ڪئين ڪلاڪن جو ڊگهو ڪم، نت نيون پريشانيون، اِهو ثمر ۽ اجورو اُهو آهي جيڪو ڪنهن رهنما Leader کي جدوجهد جي ڏينهن ۾ ملي ٿو. مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ پنهنجن ذميدارين ۽ فرضن کان سواءِ کيس مرڪزي مجلس قانون ساز ۾ مسلم ليگ جي اڳواڻ جي ذميوارين جو بار بہ ڪلهن تي هو. 1940ع جي ڳالهہ آهي جيتوڻيڪ قائد ڪيترن ڏينهن کان بخار ۾ مبتلا هو پر سندس بيماري اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سفر ڪرڻ جي اٽل ارادي ۾ رڪاوٽ ڪانہ بڻي. هميشہ وانگر محترمہ هن سان گڏ هئي. فاطمہ جناح موجب "اسان اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بمبئي کان دهلي روانا ٿياسين. رات جو وقت هو قائد پنهنجي برٿ تي سنل هو. ٽرين تيزي سان پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهي هئي. اوچتو قائد کان هڪ تڪليف واري زوردار چيخ نڪتي، ڄڻ تہ ڪنهن تتل سيخ سندس جسم ۾ وڌي هجي. آئون گهبرائجي اٿيس کيس سور جي جڳهہ تي مالش ڪئي ۽ جيئن ئي ريل اسٽيشن تي بيٺي تہ ريلوي گارڊ کي گهرائي کيس گرم پاڻي جي بوتل جو انتظام ڪرڻ لاءِ چيو جيڪا مون نيپڪن ۾ ويڙهي سندس جسم جي متاثر ٿيل حصي تي آهستي آهستي رکي، جنهن سان سور جي شدت ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچي وئي."

اسيمبلي ۾ خطاب ڪرڻ وقت بہ محترمہ خاص مسلمانن جي گيلري ۾ ويٺي هئي، سندس چوڻ آهي تہ منهنجون اکيون مٿس ڄميل هيون، مون کيس تقرير ڪرڻ لاءِ پنهنجي جاءِ تان اٿندو ڏٺو. انهي وقت منهنجي دل کي عجيب سوالن ۽ انديشن وڪوڙي ورتو تہ جيڪڏهن هن پنهنجي سموري

سگهه گڏ ڪري بہ ورتي، تہ ڇا ڪجهہ منٽن ڪان وڌيڪ هو ڳالهائي سگهندو. پر هن پنهنجي تقرير جي شروعات اهڙي گجندڙ آواز ۾ ڪئي جنهن مان نہ تہ سندس ٽڪ جو پتو ٿي پيو ۽ نہ وري بيماري جو. پوءِ جيئن جيئن هو دليل ڏيندو اڳتي وڌندو ٿي ويو ٽڪ ۽ هيڻائي جا سمورا آثار ختم ٿيندا پئي ويا ۽ پاڻ جلد ئي پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي ويو. هن مسلمان هند جي تذليل لاءِ ٿيندڙ ڳجهي ۽ مڪار پروپيگنڊه ڪي ننديندي، حڪومت کي انهيءَ سلسلي ۾ ڏوهاري ٺهرائيندي چيو : "انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ پروپيگنڊا جي سببان توهان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. پر گهڻيون شيون اهڙيون بہ آهن جيڪي خوف ۽ ڌمڪاءُ پڪيڙي بہ اوهان حاصل ڪري نٿا سگهو." وغيره وغيره. اٽڪل قائد هڪ ڪلاڪ تائين تقرير ڪئي.

محترمہ جو اهو حال هو جو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ جلسن ۾ قائد سان گڏ هوندي هئي ۽ فيملي ڊاڪٽر وانگر هر لمحي هن جي صحت متعلق اُڻ رکندي هئي.

مسلمان هند قائداعظم کي جڏهن سندس بي پناهہ محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي کيس قائداعظم جو لقب ڏنو تہ هن کي ان ذميداري جو احساس اڃان شديد ٿي ويو جيڪا گڏيل هندستان جي مسلمانن جي ڇوٽڪاري لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ پنهنجي ڪردار جي اعتبار کان کيس ادا ڪرڻي هئي. محترمہ فاطمہ لکي ٿي تہ:

"آئون هميشہ ساڻس گڏ رهندي هيس. سندس جسم تي شاندار لباس هوندو هو پر سندس چهري تي ڪمزوري ۽ ٿڪ ظاهر هوندو هو. اسان پنهنجي ڪار ۾ مسلمانن جي ڪنهن نہ ڪنهن عظيم اجتماع کي خطاب ڪرڻ لاءِ ويندي سڄي واٽ ماٺ رهندا هئاسون. هن خاموشي جو مقصد سوچ ويچار ڪونہ هوندو هو پر هيءَ ماٺ توانائي جي هر قڙي ۽ ذري کي محفوظ رکڻ لاءِ هوندي هئي. جڏهن هو پنهنجي مداحن جي قطارن ۾ داخل ٿيندو هو تہ سندس چهري تي سنجيدگي ڇانيل رهندي هئي هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ ماڻهن کي سلام ڪندو هو ۽ نعرن جا جواب ڏيندو هو. تقرير ڪرڻ وقت هو ماڻهن جي اجتماع تي نظر وجهندو هو جيڪي هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ زمين تي ويٺا هوندا هئا. اوڏي مهل سندس آواز اڀرندو هو.

هو اهڙي لهجي ۾ انداز ۾ خطاب ڪندو هو جنهن ۾ بيماري ۾ هيٺائي جو ذرو به شڪ ڪونه هوندو هو.“ محترمه لکي ٿي:

”جيتوڻيڪ انهيءَ موقعي تي صحت جي خرابي جي باوجود هن جنهن ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو جنهن تي مان بيحد فخر محسوس ڪري رهي هيس پر ساڳئي وقت پنهنجي دل تي سندس صحت لاءِ خوف ۾ ڳڻتي جي پوائنٽن پاڇن کان به ڪنبي رهي هيس“.

14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان دنيا جي گولي تي مسلمانن جو ملڪ ٿي اڀريو جنهن لاءِ خطي جي مسلمانن قائداعظم جي اڳواڻي ۾ عظيم تحريڪ هلائي، حاصل ڪيو.

قائداعظم جڏهن ڪراچي پهتو ته به سندس ڀيڻ محترمه فاطمه جناح به گڏ هئي. اها قائد جي به پنهنجي ڀيڻ لاءِ شفقت ۽ محبت هئي. دنيا جي سياسي نقشي تي ابرندڙ نئين ملڪ کي نهايت بيشمار مسئلن سان منهن ڏيڻو هو ملڪ جي سربراهه جي حيثيت ۾ پاڪستان جي مستقبل جي ٻيڙي کي سلامتي سان ڪناري تي لڳائڻ جي ذميداري قائد جي ڪلهن تي هئي، پاڪستان جي آئين جي تياري ۽ جوڙجڪ جو مرحلو ڪشمير جو مسئلو مٿان وري هندستان مان مسلسل ايندڙ ڦريل ۽ لٽيل مهاجر مسلمانن جي آبادڪاري قائد جي ذهني پريشاني جو باعث هئا. پر نه ته سندس جوش جهڪو ٿيو ۽ نه وري پنهنجي ماڻهن جي لاءِ وڌ ۾ وڌ خدمت ڪرڻ جي جذبي ۾ ڪا گهٽتائي آئي. سندس ڳاٽ اوچو هو. هو انهن مسئلن ۽ چئلينجن سان جرئت مندانه انداز ۾ منهن ڏيڻ ۽ انهن جو پوري طرح حل ڳولهڻ گهرندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هو بحث مباحثو ڪندو هو ۽ هر وقت موضوعن تي ڳالهائيندو هو. مختلف فورمز تي حوصلامند تقريرون ڪندو هو. محترمه لکي ٿي ته:”قائد پنهنجي صحت کي بنهه نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. سندس کنگهه ۽ لاڳيتي حرارت منهنجي لاءِ مستقل پريشاني جو ڪارڻ هئي.“

محترمه جي مسلسل زور ۽ ايلاز منٿن تي قائد ترتيبوار ڦڦڙن جي ڊاڪٽر ڪرنل رحمان کان پنهنجو چيڪ اپ ڪرايو ۽ پوءِ جڏهن هو ڪوئيٽا ۽ زيارت ۾ ويا ته ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش هنن جو تفصيلي چيڪ اپ ڪيو. محترمه فاطمه هن جي خدمت ڪندي هئي. ڊاڪٽرن قائد

ڪي ٻڌايو تہ اوهان جا جيڪي ٽيسٽ ڪيا ويا آهن. انهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اوهان جا ڦڦڙ تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. ڊاڪٽرن ڪيس آرام ۽ سٺي خوراڪ کائڻ جو مشورو ڏنو ۽ اهو بہ چيو تہ. جيڪڏهن اوهان جي جسماني نظام علاج کي چڱي طرح قبول ڪري ورتو تہ اوهان جلدي بلڪل تندرست ٿي ويندا.

قائد پنهنجي ڀيڻ لاءِ پريشان ٿيڻ لڳو. هن ڊاڪٽر کان سوال ڪيو: "ڇا توهان مس جناح کي هن باري ۾ خبر ڏني آهي؟"

ڊاڪٽر هاڪار ڪئي.

"منهنجو خيال آهي تہ اوهان ڪيس ٻڌائي غلطي ڪئي آهي. هوءَ بهرحال هڪ عورت آهي." قائد چيو.

انهيءَ گهڙي محترمہ فاطمہ ڪمري ۾ داخل ٿي ڊاڪٽر جي وڃڻ کانپوءِ محترمہ محسوس ڪيو تہ قائد جي چهري تي پيلاڻ پکڙجي رهي هئي ۽ ڪمزوري ۾ پسجي رهيو هو. هن اڏول انسان پنهنجي ڀيڻ کي مرڪندي چيو: "فاطي (قائداعظم هن کي پيار ۾ فاطي ڪري سڏيندو هو) تو ٺيڪ چيو هو مون کي اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن کان گهڻو اڳ مشورو ڪرڻ گهرجي ها. پر مون کي ان تي ڪو افسوس ڪونهي. انسان صرف جدوجهد ڪري سگهي ٿو. تقدير جي زبان هميشہ گونگي ٿيندي آهي. جيستائين منهنجي جان ۾ ساهہ آهي، آئون پنهنجي مورچي تي ڄميو بيٺو هوندس. تون ڄاڻين ٿي تہ منهنجو سدائين اهوئي اصول رهيو آهي، ٻين جو مشورو ڪڏهن بہ اکيون ٻوٽي قبول نہ ڪريو مون هميشہ پنهنجي مرضي مطابق عمل ڪيو آهي. ڏکن ۽ سخت مرحلن گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي.

باني پاڪستان جي ڀيڻ ڏينهن رات پنهنجي ڀاءُ جي خدمت ۾ جنبي ويئي. سندس روح زخمي ٿي چڪو هو. محترمہ لکي ٿي تہ جيتوڻيڪ ڪنهن ماڻهو کي قائد سان ملاقات جي اجازت ڪانہ هئي. پر جڏهن واشنگٽن مان اسان جو سفير مسٽر حسن اصفهاني جيڪو ورهين کان قائد جي ويجهن ساٿين ۽ پروسي جوڳن رفيقن مان هو هو اسان سان ملڻ لاءِ زيارت آيو هو جڏهن پنهنجي رهنما سان ملاقات ڪري هيٺ لٿو تہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. سندس قائد جيڪو ڪيترن ئي معرڪن ۾ سرخرو ٿيڻ وارو

۽ آهني عزم ۽ ارادي وارو شخص ائين ئي بيوسي ۽ لاچاري سان بستري تي پيو هجي ۽ تمام جهيڻي انداز ۾ جيئري رهڻ جي جدوجهد ڪري رهيو هجي. هن ڊاڪٽر الاهي بخش کي چيو ته جيڪڏهن گهرج هجي ته هو آمريڪا مان طبي ماهر ۽ دوائون خوشيءَ سان موڪلي سگهي ٿو.

محترمه فاطمه هن وقت تائين اڪيلي سر ڀاءُ جي ڀرگهور ۽ تيمارداري ڪندي رهي، پر وسوسن ۽ انديشن هن جي ڏکن ۾ اضافو آڻي ڇڏيو. ڪمزور نحيف جسم جي مالڪ جي ننڊ اڏري ويئي. ٿڪ ۽ پريشانين هن کي اجان هيٺو ڪري ڇڏيو. هينئر ڊاڪٽرن فيصلو ڪيو ته مس جناح جي مدد لاءِ رات جو قائد جي سار سنڀال لاءِ هڪ نرس رکي وڃي. قائداعظم انهي موقعي تي چيو :"ڪيتري وقت کان منهنجي ڀيڻ ڏينهن رات منهنجي سيرانديءَ کان وينئي آهي. شايد هوءَ هاڻي ٿڪي پيئي هوندي، ها اوهان رات جي لاءِ هڪ نرس مقرر ڪري سگهو ٿا."

اهڙي ريت سول اسپتال ڪوئيٽا جي هڪ هوشيار مستعد نرس سسٽر فلپس ڊنهم کي زيارت ۾ قائداعظم جي تيمارداري ۽ فاطمه جناح جي مدد لاءِ مقرر ڪيو ويو.

پاڪستان جي پهرين سالگره يعني 14 آگسٽ 1948ع تي قائد پاڪستان قوم لاءِ پنهنجو پيغام تيار ڪيو. سندس ڀيڻ فاطمه ساڻس انهن خيالن ۾ گڏ هئي. جنهن ۾ هن فرمايو:

"ياد رکو ته پاڪستان جو قائم ٿيڻ هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جو دنيا جي تاريخ ۾ ٻيو ڪو نظير ڪونهي. مون کي پنهنجي عوام تي پورو ڀروسو آهي."

قائد کي 13 آگسٽ تي ڪوئيٽا آندو ويو ڇاڪاڻ ته زيارت جهڙي بلند علائقي ۾ رهڻ جي ڪري قائد جون ٻڪيون ۽ دل متاثر ٿي رهي هئي. ڪوئيٽا وڃڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح لاءِ محترمه هميشه وانگر هڪ نئون نڪور سوٽ ڪڍيو. هي سوٽ هن پهرين ڪڏهن ڪونه پهريو هو. سوٽ سان ٺهڪندڙ ٽاءِ ۽ ڪوٽ جي مٿئين کيسي ۾ رومال رکيو. کيس چمڪندڙ پمپ جوتو پنهنجن هٿن سان پارايو. اها هڪ حقيقت آهي ته قائداعظم هميشه بهترين ڊريس ۾ رهندو هو.

قائد کي هڪ اسٽريچر تي آندو ويو. هڪ وڏي گاڏي جي پوئين سيٽ تي کيس ليٽيل حالت ۾ ويهاريو ويو. فاطمہ جناح هن سان گڏ هن جو سهارو بڻيل ويٺي هئي. ڪوئيٽا ۾ ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ قائد چيو تہ آئون هتي بهتر محسوس ڪري رهيو آهيان. زيارت ۾ تہ ساهہ کڻن بہ ڏکيو هو. قائد هت وري ملڪ متعلق سوچڻ لڳو ۽ پنهنجا فائيل وغيره ڏسڻ لڳو.

محترمہ فاطمہ مطابق تہ آگسٽ مهيني جي پڇاڙي ۾ قائداعظم تي اوچتو مايوسي جو غلبو تي ويو هڪ ڏينهن مهنجي اکين ۾ گهوريندي چيائين:

"فاطي! هاڻي مون کي جيئرو رهڻ سان ڪا دلچسپي ڪانهي. جيترو جلد هتان هليو وڃان, اوترو ئي چڱو آهي." اهي لفظ ٻڌي محترمہ جي هنياءَ ۾ ڄڻ مهري لڳي ويئي پر هن صبر ۽ ضبط کان ڪم ورتو ۽ چيو:

"جن (محترمہ هن کي پيار ۾ جن سڏيندي هئي) تون جلد ئي ٺيڪ ٿي ويندين. ڊاڪٽرن کي پوري اميد آهي."

محترمہ فاطمہ باني پاڪستان جي همت افزائي ڪندي رهي ۽ کيس آٿت ڏيندي رهي. محترمہ فاطمہ کي جڏهن ڊاڪٽرن اهو ٻڌايو تہ قائد کي هيمرج ٿي پيو آهي ۽ هينئر کيس ڪو معجزو ئي بچائي سگهي ٿو تہ هن هڪدم مختلف ڊاڪٽر گهرايا. ڊاڪٽرن جي بورڊ اهو فيصلو ڪيو تہ ڪوئيٽا جي مٿانهين هن جي ڪمزور دل لاءِ مناسب ناهي, تنهن ڪري هن کي يڪدم ڪراچي منتقل ڪيو وڃي.

اهو سيپٽمبر جو مهينو هو. محترمہ فاطمہ وري پنهنجي دل تي پٿر رکي پنهنجي شديد بيمار ڀاءُ کي حوصلو ڏيندي کيس ڪراچي منتقل ٿيڻ جو ٻڌايو جنهن تي قائد خوشي جو اظهار ڪيو ۽ ڪمزور آواز ۾ فرمايو:

"ها مون کي ڪراچي وٺي هلو آئون اتي ئي ڄائو هوس, آئون اتي ئي دفن ٿيڻ چاهيان ٿو."

گورنر جنرل جي وائڪنگ جهاز ۾ يارهين سيپٽمبر 1948ع ٻنپهرن جو ٻين بجي محترمہ فاطمہ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ سوار ٿي. هوءَ قائد کي آڪسيجن ماسڪ بہ ڏيندي رهي. محترمہ فاطمہ جناح صاحب سان گڏ

ڪئي سفر ڪيا هئا پر هن سفر متعلق هوءَ لکي ٿي تہ:"مون پنهنجي سموري حياتي ۾ اهڙو تڪليف وارو سفر ڪڏهن نہ ڪيو هو."

ڪراچي جي مارپپور هوائي اڏي تي گورنر جو ملٽري سيڪريٽري ڪرنل جيوفري نالز استقبال لاءِ موجود هو. قائد کي هڪ فوجي ايمبولينس ۾ اسٽريچر تي ليٽايو ويو. محترمہ فاطمہ هن سان گڏ ويٺي هئي. ڪارون، بسون ۽ ٽرڪون هارن وڄائيندي پنهنجي منزل جي طرف وڌنديون رهيون پر هڪ ايمبولينس ۾ هڪ تمام قيمتي زندگي، هر ڪچندڙ ساهہ سان ٿڙو ٿڙو ٿي ختم ٿي رهي هئي." اهو وقت نهايت ڏکيو ۽ دردناڪ هو. آخر خدا خدا ڪري ڪين گورنر هائوس پهچايو.

هاڻي هيءَ پنهنجي ڀاءُ ۽ ايشيا جي عظيم ليڊر سان اڪيلي ويٺي هئي، جيڪو گهري ننڊ ۾ ستو پيو هو. هن ڀاءُ کي چيو: "آه جن! ڪاش ڊاڪٽر منهنجو سمورو رت ڪڍي توکي ڏيئي چڏين تہ جيئن تون جيئرو رهين. ڪاش! خدا منهنجي حياتي جا سمورا سال توکي ڏيئي ڇڏي تہ جيئن تون قوم جي رهنمائي ڪندو رهين تہ آئون خدا جي ڪيتري نہ شڪر گذار ٿيان. پر موت برحق آهي، ان ئي ڏينهن قائداعظم جو انتقال ٿي ويو. محترمہ فاطمہ کي اها دل ڏاريندڙ خبر ڊاڪٽر الاهي بخش روئيندي ٻڌائي. محترمہ فاطمہ تي سڪتو طاري ٿي ويو. هن جون اکيون خشڪ ٿي ويون، لڙڪن جا چشما سڪي ويس. سندس آواز خاموشي جي پاتال ۾ ٻڏي ويو.

قائداعظم جي وفات کانپوءِ هن جي زندگي جو هڪ ڏکيو ۽ تلخ دور شروع ٿيو. جيتوڻيڪ هيءَ پنهنجي قوم ۾ هردلعزيز هئي، ڪيس قائداعظم سان محبت، ملڪ جي آزادي ۾ حصو ۽ قائد جي تيمارداري ڪري قوم هن کي "خاتون پاڪستان" ۽ مادر ملت جو خطاب ڏنو ۽ ايتري عزت ۽ محبت ڪئي جيڪا هن کان اڳ ۾ ڪنهن کي بہ حاصل نہ ٿي هئي، باشعور خاتون هئڻ جي حيثيت ۾ هن پنهنجي عظيم ڀاءُ جي سوانح حيات لکڻ ۽ کيس تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ مسٽر جي الانا سان گڏ ڪم شروع ڪيو جيڪو ٽن بابن تي مشتمل هو ۽ اها تصديق ٿي آهي تہ اهو ڪم اڌ ۾ رهيل آهي. اهو مسوده فاطمہ جناح جي انتقال کان پوءِ سندس رهائش گاهہ "موهتہ پئليس" مان قائد اعظم جي دستاويزن مان سرڪار کي مليو جنهن لاءِ

سمجهيو وڃي ٿو تہ اهو مسوده (64- 1963ع)واري عرصي ۾ لکي ويو. سرورق جي مٿان لکيل آهي تہ هي مسودو فاطمہ جناح، جي الانا جي مدد سان مڪمل ڪيو.

بنيادي طرح هيءَ دلير، حق گو ۽ جمهوريت پسند هئي، جنهن جي آبياري قائداعظم محمد علي جناح جي شفقت ۽ رهنمائي ۾ ٿي هئي. قائد جي ڏنل تعليم جي ڪري هن جي قول و فعل ۾ ڪو تضاد نہ هو. فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي دور حڪومت ۾ ڪجهہ وقت لاءِ هوءَ سياسي زندگي کان جدا ٿي ويئي. پر 1964ع ۾ هوءَ جرئت ۽ همت جي علامت بڻجي صدارتي اليڪشن لاءِ سياست جي ميدان ۾ لٿي. ان وقت هوءَ دنيا جي پهرين خاتون هئي جيڪا اها اليڪشن لڙي رهي هئي. هن سڄي ملڪ جو جنهن ۾ مشرقي پاڪستان ۽ مغربي پاڪستان شامل هو طوفاني دورو ڪيو. وڏن وڏن جلسن کي خطاب ڪيو. ماڻهن کي جمهوريت جي فائدن کان واقف ڪيو.

انهن چونڊن ۾ هارائڻ کان پوءِ هن سياسي طور تي گوشہ نشيني اختيار ڪئي. نائين جولائي 1967ع ۾ صبح جو ڪراچي شهر ۾ اها خبر باهہ وانگر پکڙجي ويئي تہ محترمہ فاطمہ ابدي ننڊ سمهي چڪي آهي.

هي هنڌ پيڻيون هاڻ ساڙيان سڀ ڏيهين ري
ڪل شيءِ برجع الىٰ اصلہ ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ
پري پنهنجي پاڻ پسان ملڪ ملير جو.
(سر مارئي)

سڄو شهر، تعليمي ادارا ۽ آفيسون بند ٿي ويون، سڄي پاڪستان ۾ تعزيت شروع ٿي ويئي.

انا لله وانا اليہ راجعون

کيس قائد اعظم جي مقبري پرسان دفن ڪيو ويو. محترمہ فاطمہ جناح همت ۽ استقلال جي علامت هئي. هوءَ اصول پرست، ديانتدار ۽ باوقار خاتون هئي. هن پنهنجي عمل سان اها ڳالهہ واضح ڪئي تہ جيستائين عورت جو تعاون ناهي تيستائين قوم اڳتي وڌي نہ ٿي سگهي. هن ڏکئي وقت ۾ ۽ ناموافق حالتن ۾ صبر ۽ همت کان ڪم ورتو. سندس سڄي زندگي

مسلسل جدوجهد ۾ رهي. ڪيترن ئي سماجي ۽ فلاحي ادارن جي سرپرست هئي. آل پاڪستان وومين ايسوسيئيشن APWA جو بنياد هن وڌو ۽ ان جي سرپرست پڻ رهي. ڪيس ڪنهن بہ ملڪيت يا دولت جي طمع ڪانہ هئي، وفات ڪان پوءِ بہ پاڪستاني قوم ۾ هر دلعزيز رهي، ڪيس الاٽ ٿيل موهٽہ محل ۽ ان ۾ جيڪا بہ ملڪيت وغيره هئي، حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتي ۽ ان کي سرڪاري ملڪيت قرار ڏنو. پاڪستان جو عوام هن جي نالي سان ڪيئي ادارا منسوب ڪري پنهنجي عزت افزائي سمجهندو آهي.

مددي ڪتاب:

1. مترجم شيخ عزيز "منهنجو پياءُ"، قائداعظم اڪيڊمي ڪراچي.
2. طالب الهاشمي، تاريخ الاسلام کي چار سئو باڪمال خواتين، محترمہ فاطمہ جناح، مادر ملت.
3. راقم جون لکيل ۽ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تان نشر ٿيل بہ تقريرون:
   (1) تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي خواتين جو حصو.
   (2) قائداعظم هڪ عظيم رهنما.

("نئين زندگي" آگسٽ سيپٽمبر 2003")

تاريخ جو هڪ وساريل ورق
سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ

هندستان ۾ جڏهن ٻه وڏيون سياسي جماعتون ڪانگريس ۽ مسلم ليگ هڪ پاسي گڏيل هندستان ۽ ٻئي پاسي ٻه قومي نظريي جي بنياد تيَ هندستان جي ورهاڱي جي سرگرمين ۾ رڌل هيون تڏهن متين ٻنهي وڏين پارٽين جي مقابلي ۾ هڪ ٽيون موقف به پيش ڪيو ويو هو. جنهن تي ٻنهي وڏين پارٽين هڪ ٻئي سان هنگامه آرائيءَ ۽ گوڙ گهمسان جي ڪري ڌيان ئي ڪونه ڏريو ۽ اهو موقف تاريخ جي ورقن ۾ ئيچجي وسارجي ويو.

هڪ موقف هو ڪانگريس جو ته "سمورا هندستاني هڪ قوم آهن ۽ سمورو هندستان هڪ ملڪ آهي" ۽ ٻيو موقف هو مسلم ليگ جو ته هندستان ۾ ٻه قومون رهن ٿيون هڪ مسلمان ۽ ٻيا غير مسلم ان ڪري هندستان کي مسلم ۽ غير مسلم حصن ۾ ورهايو وڃي. ٽيون موقف هو ته نه هندستاني هڪ قوم آهن نه ئي مسلم ۽ غير مسلم نالي ٻه قومون. بلڪ هندستان گهڻين قومن تي مشتمل هڪ خطو آهي، ان ڪري نه هندستان کي هڪ ملڪ ناهڻ عقلمندي ٿيندو ۽ نه ئي مسلم ۽ غير مسلم پاڱن ۾ ورهائڻ عقلمندي وارو عمل ٿيندو. هن ٽئين موقف سان تعلق رکندڙ سنڌ جون ٽي عظيم شخصيتون هيون هڪ مولانا عبيدالله سنڌي، ٻيو شهيد الله بخش سومرو ٽيون شهيد صبغت الله شاهه.

مولانا عبيدالله سنڌي:

"خطبات و مقالات مولانا سنڌي" ۾ "ايڪ تاريخي سياسي منشور" جي عنوان هيٺ مولانا سنڌيءَ جو اهو سياسي منشور ڇاپيو ويو آهي،

جيڪو مولانا سنڌيءَ ترڪيءَ ۾ ويهي ترتيب ڏنو ان جي تعارف ۾ مولانا سنڌي لکن ٿا:

"هندو مسلم اختلاف کي ختم ڪرڻ جون ڪيترائي پيرا ڪوششون ٿيون آهن. پر انهن مان ڪابہ ڪارگر ثابت نہ ٿي سگهي آهي. ڇاڪاڻ تہ مسئلي جي اصليت ۽ ماهيت تي غور نہ ڪيو ويو. جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ نہ رڳو مٿين ٻن فرقن جو پاڻ ۾ اختلاف آهي. پر هر هڪ فرقي منجهہ قومي ۽ معاشرتي تقسيم بہ موجود آهي. مسلمانن ۾ قومي سوال موجود آهي جيڪڏهن پنجابيءَ ۽ سنڌيءَ. هندستاني ۽ پٺاڻ، ڪشميري ۽ بلوچيءَ جو سوال موجود آهي تہ هندن ۾ بنگاليءَ ۽ بهاري، مدراسيءَ ۽ مرهٽيءَ. گجراتي ۽ مارواڙي جو مسئئلو لڏو ٿو وڃي. انهن قومي اختلافن کي مذهبي اڪائي بہ نہ ٿي مٽائي سگهي..... ان ڪري صرف مذهبي بنياد تي سمورن هندستاني مسئلن خاص طور تي هندو مسلم اختلافن کي حل ڪرڻ جي ڪابہ راهہ نہ ٿي ڪڍي سگهجي. ان ڪري اسان پنهنجي پروگرام ۾ مذهب کي انهن مسئلن جي حل ڪرڻ جو بنياد نہ ٿا قرار ڏيون. بلڪ قومي ۽ طبقاتي ورڇ ۽ اقتصاديات ۽ سياسي اصولن تي انهن مشڪلاتن جو حل پيش ڪريون ٿا. جنهن هيٺ مذهبي اختلاف بہ معقوليت سان ختم ٿي سگهن ٿا. اسان هندستان کي اهڙن ملڪن ۾ تقسيم ڪريون ٿا. جتي هڪ قوم آباد هجي جنهن جي زبان ۽ معاشرت ۾ هڪ جهڙائي ايندي هجي. ان ورهاست ڪان پوءِ هر هڪ مذهب لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ ۾ اڪثريت حاصل ٿيڻ جي گنجائش آهي.

مولانا سنڌي پنهنجي منشور جي هڪ مشق هيٺ لکن ٿا. "سرووراجيہ هنڊ کي مها پارت سرووراجيہ پارٽي اهڙن ملڪن ۾ تقسيم ڪندي جتي هڪ قوم آباد آهي. جيڪا هڪ زبان ڳالهائي ٿي جنهن ۾ معاشرت ۾ عام طور هڪجهڙائي ليندي هجي. انهن ملڪن مان هر هڪ ملڪ "سروارجي" ملڪ سڏيو.

(الف) هڪ شروعاتي تجويز جي طور تي مها پارت سرووراجيہ پارٽي هن يعني(ذڪرڻ اولهہ حصي) تي ڏهن سرووراجي ملڪن ۾ ورهائي ٿي.

(1) پارت جنهن جي زبان هندستاني (اردو) آهي. ان ۾ دوابو ڳ، گنگا، جمنا، لکنو شامل آهن. ان جا مرڪزي شهر دهلي ۽ آگرو آهن.
(2) اتر اوير پنجاب جنهن جو مرڪزي شهر "امرت سر" آهي ۽ زبان پنجابي آهي.
(3) ڏکڻ اولهه پنجاب جنهن جي زبان پوٺوهاري پنجابي آهي مرڪزي شهر راولپنڊي آهي.
(4) اتر اولهه پنجاب، جنهن ۾ رياست بهاولپور داخل آهي. ان جو مرڪزي شهر ملتان آهي ۽ زبان ملتاني پنجابي آهي. لاهور ٺهي جمهوريتن جي نظام کان ٻاهر آهي.
(5) ڪشمير جنهن جي زبان ڪشميري آهي ۽ مرڪزي شهر سرينگر آهي.
(6) پشتانيه (يعني صوبو سرحد ڏکڻ اولهه) جنهن جي زبان پشتو ۽ مرڪزي شهر پشاور آهي.
(7) بلوچستان جنهن جي زبان بلوچي ۽ مرڪزي شهر ڪوئيٽا، قلات آهي.
(8) گجرات جنهن جي زبان گجراتي ۽ مرڪزي شهر احمد آباد آهي.
(9) . راجپوتانه، ان جي زبان هندوستاني (هندي) ۽ مرڪزي شهر اجمير آهي.

مولانا سنڌي پنهنجي هن منشور مطابق جيڪو سنڌ بابت لائحه عمل رکندو هو تنهن جي وضاحت پاڻ پنهنجي هڪ خطبي ۾ فرمايائون. جيڪو حيدرآباد ۾ جمعيته طلبه عربيه جي نوجوان شاگردن کي 17 اپريل 1944ع ۾ سنڌي زبان ۾ ڏنائون. پاڻ فرمائين ٿا: "اسان سنڌ ۾ سنڌين جي مستقل حڪومت چاهيون ٿا. اسان ان سلسلي ۾ ڪوبه مذهبي سوال پيدا ٿيڻ نه ڏيناسين. اسان سنڌ جي سرزمين کي هڪ مستقل ملڪ مڃون ٿا ۽ اسان هن براعظم جي ٻين ملڪن سان فيڊريشن جي ذريعي شريڪ ٿينداسين. اسان سڄي هندستان کي هڪ ملڪ فرض ڪري ان تي وحداني (يونيٽري)

طرز حڪومت جي قيام جي سختيءَ سان انڪار ڪريون ٿا. جيڪڏهن هندستان کي هڪ ملڪ نہ سمجهيو وڃي ۽ هن براعظم جو هر ملڪ پنهنجيءَ جاءِ تي آزاد هجي تہ ان طرح هندو مسلم سوال بہ حل ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ اسان برطانيہ سان بہ سمجهوتو ڪري سگهون ٿا.... اسان سنڌ ۾ اهڙي پارٽي بہ تشڪيل ڏئي چڪا آهيون، انهيءَ پارٽيءَ وٽ قوم مان مراد اهو سياسي تصور آهي جنهن تي اڄ يورپ جي سياست بہ مچي رهي آهي. وحدت زبان ۽ تمدن ۽ معاشرت جو هڪ هجڻ، اهو بنياد آهي قوم جي ان سياسي تصور جو. ان بنياد تي اسان سنڌين کي هڪ مستقل قوم ميڃون ٿا ۽ ان طرح پنجابي، پشتو ڪشميري، گجراتي، مرهٽي ۽ هندستاني ڳالهائيندڙن تي مستقل قومن جو درجو ڏيون ٿا..... اسان هن جا تہ حامي آهيون تہ "سنڌ سنڌين جي آهي" پر اسان جو هيءَ اصول تڏهن قابل عمل ٿي سگهي ٿو. جڏهن مٿين سمورن علائقن کي اسان جي اصول تي هڪ انٽرنيشنل نظام جي تابع ڪيو وڃي. سو ان خيال کان اسان پنهنجي پارٽيءَ جو نالو جمنا فريدا سنڌ ساگر پارٽي رکيو آهي، اسان جي سنڌ ساگر پارٽي حڪومت ڪري چاڪاڻ تہ اسان وٽ صرف اهائي پارٽي صحيح معنيٰ ۾ انهن علائقن ۾ هڪ اهڙو انٽرنيشنل نظام قائم ڪري سگهي ٿي جنهن ۾ هر قوم آزاد ۽ هر هڪ ملڪ پنهنجيءَ جڳهہ تي مستقل هوندو. هيءَ آهي مختصر لفظن ۾ اسان جو نصب العين ۽ ان لاءِ ئي اسان سياسي جدوجهد ڪري رهيا آهيون..

شهيد الله بخش سومرو :

الله بخش سومرو هندستان جي ورهاڱي جو ڪليءَ طرح مخالف هو ۽ سندس خواهش هئي تہ سنڌ ۾ اختيار ۽ مالڪيءَ جا حق سنڌين جي هٿ ۾ هئڻ گهرجن ۽ ان ئي خواهش جي بنياد تي پاڻ ان موقف جو اعلان ڪيو هئائين تہ انگريزن جيئن آزاد حيثيت ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو هو تيئن اها هاڻي سنڌين جي حوالي ڪري وڃن. سنڌ جي خودمختياريءَ بابت سندس فڪرمنديءَ جو سندس انگ گفتگوءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو جيڪا

پاڻ سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "سنڌ ڳالهائي ٿي" ۾ آندو آهي. سندس لفظ هيءَ آهن:

"ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻئي آل انديا جماعتون آهن، جي سنڌ جي حالات ۽ حقيقتن کان بي خبر آهن. انهن ۾ شموليت سنڌ جي جداگانه هستيءَ لاءِ نقصانڪار آهي، سنڌين جدوجهد ڪري سنڌ کي بمبئيءَ علائقي کان جدا ڪيو آهي. وري ڪوبه اهڙو قدم نه کڻڻ گهرجين، جيڪو ان جي خودمختياريءَ کي ختم ڪري."

خودمختياريءَ واري سوال تي سائين جي ايم سيد کيس لاهور ۾ پاس ڪيل صوبن جي خودمختياريءَ واري ٺهراءُ جو حوالو ڏنو ته الله بخش سومري کيس جواب ڏنو.

"تون خيال دنيا ۾ رهين ٿو ان ڪري عملي سياست جي دستورن کان واقف نه آهين سياسي عمليءَ ۾ واعدن،ٺهرائن ۽ اصولن کي ڪو پڇي ئي ڪونه. تاريخ پڙهي ڏسندين ته خود مذهبن جا احڪام ۽ حڪومتن جا عهدناما به طاقت، حقيقتن، شخصي ۽ طبقاتي مفاد جي ضرورتن ۽ مڪاني حالات جي گهرجن ۽ تقاضائن پٺاندڙ اڪثر قربان ڪيا ويا آهن. سنا سنا ۽ جذباتي نعرا رڳو عوام کي ٻڌائڻ لاءِ آهن. سياست ۾ هميشه ڏاڍي جي لٺ جو اثر رهيو آهي."

تون(جي ايم سيد) هينئر سمجهين ٿو ته پاڪستان قائم ٿيڻ سان سنڌ جي سيني مشڪلاتن، مصيبتن ۽ خرابين جو حل حاصل ٿي ويندو اهو تنهنجو خيال غلط ۽ ملڪي حقيقتن کان پري آهي، اڳتي هلي توکي معلوم ٿيندو ته اسان جي مصيبتن جي شروعات پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿيندي. ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي 1930ع واري آل انڊيا مسلم ليگ جي الهه آباد واري خطبي صدارت کي غور سان پڙهندين ته توکي معلوم ٿيندو ته ان موجب سنڌ جي آزادي ختم ڪري ان کي پنجاب جي تابع بڻائڻو هو. هن وقت توکي هندو عالم جي دماغ ۽ هندو سيٺئي جي لٺ مار حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي پر اڳتي هلي توتي پنجابي سول سرونٽ سرلجرر ۽ يوپيءَ جي دماغ جو مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ پتو پوندو ته ملڪ جو ورهاڱو مفيد هو يا مضر."

ان طرح شهيد الله بخش سومرو مسلم ليگ يا ڪانگريس مان ڪنهن هڪ جماعت جي موقف جي حمايت ڪرڻ بجاءِ سنڌ جي خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ جو حامي رهيو پر ڪيس پنهنجي هن موقف تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ميسر نہ ٿي سگهيو جو زندگيءَ ساڻس ساٿ نہ ڏنو ۽ ڪيس قتل ٿي شهادت جو جام پيڻو پيو.

سورهيہ بادشاهہ شهيد صبغت الله شاهہ:

پير صاحب جي وڏڙن ڪان وٺي وطن لاءِ جيڪي سندن سرفروشيون رهيون آهن، سي ڪنهن تعارف جون محتاج ناهن. پاڳاري خاندان جون سنڌ جي آجپي ۽ آزاديءَ لاءِ خدمتون سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن بابت آهن. سيد احمد شهيد ۽ شاهہ اسماعيل شهيد جي سکن خلاف ويڙهاند ۾ تڏهوڪي پير صاحب پاڳاري طرفان پنهنجي مريدن کي شامل ڪرڻ کي مذهبي سرفروشيءَ جي نظر سان ڏٺو ويجي ٿو پر حقيقت اها آهي تہ شاهہ اسماعيل ۽ سيد احمد جا مقصد هڪ پاسي پر پير پاڳاري جو ان مان اهم مقصد اهو هو تہ سنڌ جي آزاديءَ ۽ قومي خودمختياريءَ ۽ سکيءَ سرزمين ۾ پنجاب جا سک حاڪم جيڪي ميريون نظريون وجهيو ويٺا آهن. انهن کي ڪو سبق سيکاريو وڃي ۽ سنڌ جي پاڙيسري دشمن کي ڪمزور ڪري سنڌ جي آزاديءَ کي يقيني بنايو وڃي.

برصغير ۾ جڏهن گڏيل هندستان جي قيام ۽ تحريڪ پاڪستان لاءِ سرگرميون ٿيون هيون تن ڏينهن ۾ سورهيہ بادشاهہ انگريزن خلاف گوريلا ويڙهہ ۾ مصروف هو. پاڻ نہ ڪانگريس ۾ شامل ٿيا نہ ئي مسلم ليگ جي حمايت فرمايائون. جيتوڻيڪ سندن ڪن پاليسين مان اهو تاثر ملي ٿو تہ پاڻ ڪانگريس سان ليگ جي پيٺ ۾ وڏيڪ ويجها هئا. پر تڏهن بہ صاف نموني سندن حمايت ڪنهن بہ وڏي جماعت سان ظاهر نہ ٿي ٿئي.

پاڻ سائين جي ايم سيد کي اختلاف ڪيو هئائون، جڏهن سيد کين مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي، جنهن جو تفصيل سنڌ جي مشهور ليکڪ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ پنهنجي تاريخي ناول "سانگهڙ" ۾ ڏنو آهي ۽ ان ئي گفتگوءَ جو حوالو سائينءَ جي ايم سيد

پاڻ پنهنجي هڪ مضمون ۾ پڙ ڏنو آهي. ان کان پوءِ سائين جي ايم سيد پنهنجي مضمون ۾ اڳتي لکيو آهي ته : "نئين سنڌ لاءِ سندس ذهن ۾ ڪو خاڪو هو ته به اهو هن اسان تي ظاهر نه ڪيو هو ۽ نه وري وقت هن کي ايترو عرصو زنده ڇڏيو جو هو اڳتي هلي ظاهر ڪري سگهي ها. پوءِ به اسان جي نظر ۾ هن سنڌ تي ڪنهن به قسم جي ڌارين جي بالادستي پسند نه تي ڪئي."

سائين جي هن چوڻ موجب پير صاحب مسلم ليگ توڙي ڪانگريس ٻنهي مان ڪنهن هڪ ۾ شامل ته نه ٿيو پر پنهنجو منصوبو سندن آڏو ڪهڙو هين. تنهن جي به ڪا وضاحت ڪانه ٿي ٿئي پر سندن گوريلا ويڙهه واري منصوبابندي به ڪا پارٽي راند ڪونه هئي. هڪ تحقيق نگار آڏو اهو هڪ وڏو دليل آهي ۽ سندن ڪنهن الڳ مقصد رکڻ جي چٽي نشاني آهي.

هڪ اهڙو سرفروش اڳواڻ، جيڪو عظيم سامراجي قوت کي للڪاري بيٺو هجي ۽ پنهنجي پويان هڪ عظيم گوريلا ويڙهاند جي رٿابندي رکندو هجي. دشمن آڏو پنهنجي سڄي قوت ۽ سموري جماعت سميت سر ڌڙ جي بازي لڳائي ويٺو هجي ۽ ان جو مقصد معلوم ڪجي ته ان جي وضاحت نه ملي ته ڇا اهو چئبو ته ان جو ڪو مقصد ڪونه هو.

ليگ ۽ ڪانگريس وٽ به رٿون هيون هيءَ عظيم اڳواڻ انهن ٻنهي رٿن جي ڪليو ڪلايو مخالف هو. جنهن مان اهو امڪان ته ٿيو ختم ته هيءَ اڳواڻ ڪو پاڪستان يا گڏيل هندستان لاءِ وڙهي رهيو هو. صاف ظاهر آهي ته ان کان پوءِ بيو ڪهڙو موقف بچي ٿو جنهن لاءِ هيءَ عظيم رهبر سراڏيءَ تي رکي بيٺو هو. اهو سمجهڻ ڪو ڏکيو ناهي ان جو سڌو سادو ۽ شڪ کان پاڪ جواب اهو آهي ته سورهيه بادشاهه جو مقصد پنهنجي وطن سنڌ جي خودمختياري ۽ مڪمل آزادي هو. هن سنڌ کي ائين ئي آزاد ڏسڻ تي گهريو جيئن اها صدين کان آزاد رهي هئي، هن گهريو پئي ته سنڌ تي صرف سنڌين جي ئي حڪمراني هجي. هن ڌرتيءَ جا رهواسي ئي هن ڌرتيءَ جا مالڪ هجن.

سنڌ جي آزاديءَ جي هيءَ تحريڪ سنڌ جي تمام وڏن ماڻهن پنهنجي هٿ ۾ ڪنئي پر بدقسمتي چئبي سنڌي قوم جي، جو نه مولانا عبيدالله سنڌي

پنهنجي ان مقصد لاءِ قائم ڪيل پارٽيءَ جو ڪم اڳتي وڌائي سگهيو. جو زندگيءَ ساٿس ساٿ نہ ڏنو ۽ پاڻ 1944ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ نہ ئي الهہ بخش سومرو ان مقصد لاءِ ڪجهہ ڪري سگهيو. جو ڪيس بہ مسلم ليگ قيادت جي سازشن هيٺ 1943ع ۾ شهيد ڪيو ويو. اهڙي طرح سورهيہ بادشاهہ کي بہ حر بغاوت جي ڏوهہ ۾ 1943ع ڌاري شهادت جو جام پيئاريو ويو ۽ پاڻ پنهنجي گوريلا ويڙهاند کي تڪميل تي پهچائي نہ سگهيو ۽ ان طرح سنڌ جي آزاديءَ جو خواب اڌورو رهجي ويو.

("سنڌ سماچار" جولائي 2003)

مرزا قليچ بيگ: هڪ اعليٰ ڪردار

"سچ چوڻ" تمام وڏي ڳالهه آهي، خاص ڪري پنهنجي بابت حقيقت بيانيءَ کان ڪم وٺڻ هڪ وڏو ڪارنامو آهي. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجي خاندان متعلق پنهنجي سوانحعمري "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ جيڪو احوال نهايت سچائيءَ سان بيان ڪيو آهي، تنهن کي پڙهڻ سان مرزا صاحب لاءِ دل ۾ احترام جي جذبن ۾ واڌرو اچي ٿو ۽ سندس عظمت جو اعتراف وڏي انوکو ٿئي ٿو.

مرزا صاحب جو والد مرزا فريدون بيگ، سنڌ جي فرمانروا مير ڪرم علي خان ٽالپر جي محل ۾ اولاد جي حيثيت ۾ دنيا جهان جي سمورين آسائشن جي وچ ۾ پَليو ۽ وڏو ٿيو. سندس ساٿي مرزا خسرو بيگ، جو عمر ۾ کانئس چند سال وڏو هو پڻ ساڳيءَ طرح سنڌ جي امير جي محلاتن ۾ ساڳئي ئي پيار ۽ وقار سان پَليو. ظاهر آهي ته سنڌ جي دارالحڪومت حيدرآباد جي قلعي اندر وقت جي حاڪم جي محل ۾ اُنهن کي سموريون دنيوي راحتون ميسر هيون. پر سَيرن جي مٽان بدقسمتيءَ سان ڏولاون جا ڏينهن به ڏکوئيندڙ هوندا آهن!

جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن اُنهن نه صرف سفاڪيءَ سان اميرن جي محلن کي لُٽيو پر سمورن حاڪمن کي گڏ ڪري ڪلڪتي جي ڏورانهين هنڌ جلاوطن به ڪيو ۽ ٽالپرن جي ديرن کي نهايت تڪليف واري حالت ۾ بنهه خالي هٿين قلعو ۽ محل ماڙيون ڇڏڻيون پيون. جڏهن خود بادشاهن ۽ راڻين سان اها ويڌن ٿي، ته اُنهن سان لاڳاپيل معتمد اميرن ۽ دربار جي مصاحبن سان ڪهڙو نه ناحق ٿيو هوندو. ان پس منظر ۾ ٽالپري دربار سان وابسته سنڌ جي ٻن نامور امير خاندانن- مرزا خسرو بيگ ۽ مرزا فريدون بيگ- کي به ڏکين ڏينهن سان مُنهن ڏيڻو پيو پر گهڻو ڪجهه لُٽجي

وچڻ کان پوءِ بہ اُهي نهايت همت ۽ حوصلي، صبر ۽ جرئت سان وري پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ جتن ڪري رهيا هئا. اهڙي صبر آزما آزمائش دوران، مرزا صاحب جي خاندان جنهن سليقہ مندي ۽ سگهڙپائي، سُچيتائي ۽ سيبتائيءَ سان ڏکين ڏينهن کي قابو ۾ آندو سچ تہ اهو سندن ئي خوبين جو خاصو آهي. ٻئي طرف اسان جي شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي اعليٰ اخلاق ۽ سچ گوئيءَ کي تہ ڏسو تہ پنهنجي والد ۽ ناني تي آيل ڏکئي وقت کي بيان ڪرڻ کان ڪا بہ هٻڪ محسوس ڪانہ ڪئي اٿس. پنهنجي آتم ڪهاڻي "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ مرزا صاحب جن پاڻ پنهنجي اوئلي دؤر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"ميرن جي صاحبيءَ ۾ هو ٻيئي حيدرآباد جي ڪوٽ جي اندر رهندا هئا، جتي مير صاحب ۽ سندن ديرا هئا. صاحبيءَ ڦِٽڻ وقت، يعني 1843ع ۾ اسان جن مائٽن کي وري تڪليف شروع ٿي. ميرن سان گڏ، پهرين ناني مرحوم کي بہ قيدر ڪري ڪلڪتي ٿي نيائون. پر پوءِ ميرن جي ديرن جي سنڀال لاءِ هُن کي هتي ڇڏي ڏيڻ ضروري ٿين. جڏهن حيدرآباد جو ڪوٽ انگريز سرڪار هٿ ڪيو، تڏهن اسان جا مائٽ، يعني بابو نانو ۽ سندن ڪٽنب، سائينداد جي ٽنڊي ۾ ويجي وينا. اُنهيءَ ياج ۾ اسان جي توڙي ٻين ڪوٽ ۾ رهڻ وارن جي گهڻي دولت زيان ٿي. ڪجهہ سامان اندران ڪڍي ٻاهر اڇلائڻ ۾ ۽ ڪجهہ ٻين وٽ امانت رکڻ ۾، ۽ ڪجهہ زمين اندر پورڻ ۾.

سائينداد جي ٽنڊي ۾ ڪچن گهرن ۾ ويجي رهيا، جن کي هڪڙي ڏينهن اوچتو اچي باهہ لڳي، جا ٽي ڏينهن برابر پئي ٻري. ڏاڍيءَ مشڪلات سان ماڻهن جان بچائي. ڪيترو قيمتي مال، ڪپڙا، جواهر ۽ موتي سَڙي چٽ ٿي ويا. سڙيل موتي ڇڄن جا ڇڄ نڪتا، جن سان پوءِ اسين ٻار راند پيا ڪندا هئاسين. باهہ کان پوءِ مير ڪرم عليٰ خان جا ديرا ۽ ساڻن گڏ بابو ۽ نانو بہ لڏي اچي مير محمود جي ٽنڊي ۾ قليليءَ جي ڪناري تي، يعني آغا جي ٽنڊي ۽ يوسف جي ٽنڊي جي وچ تي اچي وينا. ۽ پوءِ اُتان نوڙهي جي ٽنڊي ۾ نواب محمد خان نوڙهي جي جاگير ۾ اچي وينا."

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي، ڏکين حالتن کي مرزا صاحب جي خاندان نهايت هو شمندي ۽ سليقہ شعاريءَ سان مُنهن ڏنو تنهن جو نقشو مرزا صاحب هِنن لفظن ۾ چٽيو آهي:

"مٿي چيو ويو آهي تہ بابي ۽ امان وٽ گھڻي دولت نہ هئي. بابي جي وفات کان پوءِ امان ۽ اسان جي وڏي ڀيڻ ۽ اسان جون ٻہ ٻانهيون، يعني دائي گُلچمن، جا حبشياڻي هئي، ۽ دائي زعفران، جا شيدياڻي هئي، سي گھر جي ڪم ڪار ۾ رهنديون هيون. امان ۽ ادي سُئيءَ ۽ زريءَ جو ڪم چڱو ڪنديون هيون؛ ۽ انهيءَ مان چڱي موچاري پيدائش ٿيندي هُين. اهڙي پورهئي ڪرڻ کي عيب نہ ڄاڻنديون هيون. پنهنجن هٿن سان چرخو بہ ڪتينديون هيون. ڪپهہ جي ڦُٽين تاڻڻ جو آرتڙيون بہ هلائينديون هيون؛ بلڪ ڪڏهن ڪڏهن جنڊ بہ پيهنديون هيون، ۽ ماني بہ رڌينديون هيون. ٿوريءَ پيدائش جي ڪري بابو ۽ امان، جيتري ڪفايت ۽ قناعت تي سگھندي هئي، اوتري ڪندا هئا. بابو پنهنجن هٿن سان ٻارن جي لاءِ ٽوپيون جوڙيندو هو ۽ پنهنجي لاءِ بعضي پاڻ ڪپڙا بہ سبندو هو. ڪفايت ۽ قناعت جي ڪري، اسان جيساديءَ هلت تي، ڪي ٻاڙيوارا ۽ عزيز کلندا ۽ ٺوڪون بہ ڪندا هئا، تہ بہ اسان مان ڪو اُنهيءَ تي ڌيان نہ ڏيندو هو. گھڻن کي تہ حيرت لڳندي هئي تہ ڪيئن هي اندر توڙي ٻاهر عزت آبروءَ سان پيا گذارين. اندر ٻاهر جي لاءِ نوڪر بہ رکن؛ صاف ڪپڙا بہ ڪن؛ ٻار بہ اسڪول ۾ موڪلين، بلڪ بمبئيءَ تائين بہ اُنهن کي موڪلين؛ ۽ شاديءَ مراديءَ وقت دستوري پئسو پنجڙ بہ ڏين وٺن، ۽ اُٽن ويهن!"

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو والد فريدون بيگ (اصل نالو "سدني") پڙهيل ڳڙهيل، شاعر ۽ مطالعي جو شوقين هوندو هو ۽ ساڳيءَ طرح سندس نانو مرزا خسرو بيگ بہ عالم ۽ فاضل ۽ شاعر هو. سندن وڏا جارجيا (روس) جي امير گهراڻي مان هئا، جي ايران ۽ گرجستان جي وچ ۾ هڪ جنگ (1797ع) دوران مارجي ويا ۽ فاتح ڌُر ايران، اُن زماني جي دستور موجب وڏي تعداد ۾ جنگي قيدين کي آڻي ايران پهچايو تہ اُنهن قافلن ۾اهي

ڀيڻي نينگر بہ شامل هئا، جي اُن وقت صغير سن هئا. اها صورتحال مرزا صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هيئن بيان ڪئي آهي:

”... نانو تهران ۾ رهيو ۽ بابو ڀيرين تبريز ۾ هو ۽ پوءِ اصفهان ۾ آيو. جن ڏينهن، سنڌ جي گاديءَ تي مير ڪرم علي خان ٽالپر هو تن ڏينهين هُو ٻيئي سنڌ ۾ آيا. ڀيرين نانو آيو جو مير صاحب جي وڪيل جي هٿان، ايران جي شاهه ۽ وزير جي معرفت تحفو تي مير صاحب وٽ آيو جنهن هن کي پنهنجو پُٽيلو يا گود جو پُٽ ڪيو جو کيس ٻيو اولاد ڪو نہ هو. نانو سن 18.5ع ۾ حيدرآباد ۾ آيو تڏهن سندس عمر 10 ورهيہ هئي ۽ بابو اُنهيءَ کان پوءِ پرو ٻئي وڪيل سان آيو جڏهن سندس عمر ڏهہ ورهيہ مس هئي. مير صاحبن، هنن کي پالي وڏو ڪيو ۽ گهڻو مانُ ڏيندو هون. ناني وڏو درجو پاتو....“

شمس العلماء جي بزرگن، ٽالپر حاڪمن جو مسلڪ اثناعشري اختيار ڪيو پريارن ۽ اصحابن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. تصوف ڏي جهڪاءُ هوندو هون. فريدون بيگ ڀيرين تُرڪي ٻولي ڳالهائيندو هو جيئن سندس سهرو خسرو بيگ ڳالهائيندو هو. بعد ۾ ايران ۾ فارسي سکيا هئا. سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي سکيا. مرزا خسرو بيگ پنهنجي نياڻي مرزا فريدون بيگ سان پرڻائي ۽ هي خاندان حيدرآباد جي ڪوٽ ۾ عزت آبرو سان رهڻ لڳا.

جڏهن انگريزن جي ملڪ گير حوص افغانستان کي تاڙڻ لڳي، تڏهن سنڌ جي سرسبز زمين ۽ دولت، سندن نگاهن کي هرڪايو. آخر عقابي اکين واري انگريز جنرل، سرچارلس نيپئر 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ حيدرآباد جي قلعي تي بيدرديءَ سان هلان ڪئي. مرزا صاحب جي ڪٽنبن کي بہ ٻين اميرن ۽ مصاحبن سان گڏ ڏاڍي تڪليف آئي.

مرزا صاحب جو هڪ ڀاءُ مرزا غلام رضا بيگ حيدرآباد جي ڪوٽ ۾ سن 1842ع ۾ ڄائو هو. باقي سڀ ڀائر ۽ ڀينرو ٽنڊي نوڙهي ۾ پيدا ٿيا. سواءِ مرزا صادق علي بيگ جي، جيڪو 1840ع ۾ سائينداد جي ٽنڊي ۾ ڄائو هو.

مرزا قليچ بيگ سن. 127 هجري محرم مهيني جي 4 تاريخ مطابق 1853ع ۾ ٽنڊي نوڙهي ۾ ڄائو. سندس ناني هن جو نالو ”قليچ خان“ رکيو

جيڪو اڳتي هلي "قليچ بيگ" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن جا والدين جيئن تہ ڏاڍا محنتي ۽ هڪ اعليٰ دؤر ۾ ماحول جا تربيت يافتہ هئا، جنهن ڪري هنن پنهنجي خاندان جي عزت، ناموس ۽ وقار جو ڏاڍو خيال رکيو. سندس والد فريدون بيگ کي انگريز سرڪار پنهنجي حڪومت ۾ نوڪري ڪرڻ جي آڇ بہ ڪئي، پر هن اِنڪار ڪيو.

اُنهيءَ زماني ۾ مسلمان خاندان نہ صرف انگريزي تعليم پر سنڌي تعليم کان بہ پري ڀڄندا هئا، پر هنن دوَرانديش بزرگن پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري، جيڪي اڳتي هلي اعليٰ عهدن تي پهتا. مرزا صاحب جي ناني ۽ والد جي دوستي جي دائري ۾ انگري عملدار ۽ هندو ديوان بہ شامل هئا، جن جي صحبت ۽ مشوري سان هنن پنهنجي اولاد کي وڏن تعليمي ادارن تائين پهچايو. مسٽر گولڊ سمٿ، جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر هئڻ سان گڏ تعليم کاتو بہ سنڀاليندو هو. اُن کان علاوه راس بورن، فلپ صاحب، تروٽ صاحب، جيڪي وڏا آفيسر هئا، اُنهن سان هنن جي دوستي هئي، جن جي صلاح سان مرزا صاحب جا بہ وڏا ڀائر انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪيا ويا، ۽ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ بمبئي جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ويا. اُنهيءَ دؤر ۾ پنهنجي اولاد کي بمبئيءَ جي وڏن تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪلڻ مان خبر پوي ٿي تہ هي خاندان شروع کان وٺي ڪيترو نہ باشعور ۽ آسودو هو.

مرزا قليچ بيگ ڀريائين حيدرآباد جي سنڌي ۽ پوءِ انگريزي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. سندس پالنا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان ٿي. مائٽ سندس هر انگل پورو ڪندا هئا. مرزا صاحب کي گهر ۾ جيڪو تعليمي ماحول مليو تنهن جو قُل گهر جي هر فرد کي مليو. سندس وڏو ڀاءُ مرزا غلام رضا بيگ پهرين پرشن ٽيچر هو ۽ اڳتي هلي ڊيپوٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. ٻيو ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ پهرين شڪارپور جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿيو ۽ پوءِ اُهو بہ ڊيپوٽي ايجوڪيشنل آفيسر ٿي رهيو. سندس ٽيون ڀاءُ جيڪو کانئس ننڍو هو، اُهو بہ پهرين پرشن ٽيچر ٿيو ۽ پوءِ ڊيپوٽي انسپيڪٽر ٿيو. اُن کان ننڍو ڀاءُ مرزا جعفر قلي بيگ ڊاڪٽر ٿيو جنهن بمبئيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ لنڊن مان بہ اعليٰ

ڊگريون حاصل ڪيون ۽ ڪراچي ۾ اچي اسپتال کولي. هڪ ڀاءُ مرزا نجف قلي بيگ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ اوور سيئر ٿيو ۽ اُنهيءَ کان ننڍو ڀيريائين پنهنجي ڊاڪٽر ڀاءُ مرزا جعفر علي بيگ جو اسسٽنٽ هو ۽ پوءِ ميهڙ جو جيلر ٿيندي پوليس ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو. سندن ڀن ڀينرن مان وڏي ڀيڻ زيب النساء فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هوشيار هئي. هوءَ شاعره بہ هئي ۽ سندس تخلص "مخفي" هو. مرزا صاحب جو هڪ مامو خانبهادر مرزا علي محمد بيگ ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو ۽ ٻيو مامو مرزا محمد رحيم بيگ مختيارڪار ٿي رهيو. ان طرح هڪ مامو مرزا علي نواز بيگ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو. ايڏي وڏي تعليمي ۽ ادبي پس منظر رکندڙ خاندان جو هونهار نوجوان، مرزا صاحب، پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ بہ بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو. هن کي هُت بہ اُهو ئي ماحول مليو جيڪو کيس گهر ۾ مليو هو يعني شعرو شاعري ۽ ادبي ذوق واريون محفلون. مرزا صاحب ننڍي هوندي گهر ۾ شاعري بہ ڪندو هو ۽ شعرن جي تربيت پنهنجي والد کان وٺندو هو ۽ بمبئيءَ ۾ هن کي ڪاليج جو هڪ فيلو مسٽر واڊيا، جيڪو شعر جو چاٽو هوندو هو هن کي شعر جا قانون سيکاريندو هو ۽ سندس انگريزي شعرن جي اصلاح بہ ڪندو هو. پنهنجي هڪ نهايت لائق استاد استاد، مسٽر حيرت مرزا، جي صحبت ۾ رهندي هڪ ڪلارڪ وانگر اُن جي خانگي يا سرڪاري لکپڙهہ جو اُڪلاءُ بہ ڪندو هو ۽ وٽس جيڪي ڪتاب راءِ لاءِ ايندا هئا، تہ هو مرزا صاحب کي چڪاسڻ لاءِ ڏيندو هو. حيرت مرزا جي صحبت ۾ مرزا صاحب ترڪي ٻولي سکيو ۽ اڳتي هلي سنسڪرت ۽ گجراتي ٻولين بہ سکيو ۽ مرهٽي زبان جي بہ ڄاڻ حاصل ڪيائين. فارسي ٻولي جيئن تہ سندس گهر جي ٻولي هئي، جنهن ڪري کيس اُن تي وڏي دسترس حاصل هئي ۽ ڪاليج جي پيپر ۾ گهڻيون مارڪون کڻي پاس ٿيندو هو جنهن ڪري هن کي اُنهيءَ ڪاليج ۾ فيلوشپ ملي ۽ هو اُتي پارسي پڙهائڻ لڳو. هن کي پڙهائيءَ لاءِ سنڌ حڪومت طرفان ويهہ روپيا درماه اسڪالر شپ ملندي هئي. اُتي ڪاليج ۾ اعليٰ نمبرن ۾ پاس ٿيڻ جي ڪري ويهن روپين جي هڪ ٻي اسڪالر شپ بہ ملڻ لڳي، ۽ ڪجهہ پئسا خانگي طور ٽيوشن پڙهائيندي کيس ملڻ لڳا ۽

ان طرح سان سندس گذر سفر چڱي نموني سان رهيو. بمبئيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ واپس وريو ۽ ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ رهيو. مطالعي لاءِ فريئر هال لائبري ۽ گاڏي کاتي واري هاءِ اسڪول جي ويجهو موجود جنرل لائبرري ۾ ويندو هو. سندس انگريزي شاعري انگريزي اخبار "سنڌ نويز" ۾ ۽ فارسي شاعري، فارسي اخبار "مفرح القلوب" ۾ ڇپجڻ لڳي. ڪاليجي دوستن ۾ مرز صاحب سنڌ جي ڪجهه شاگردن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ مسٽر ڪائوسجي. مسٽر رستمجي پٽيل، ها سارام منگهوملاڻي، مسٽر ٽيڪچند واسواڻي ۽ ٻيا شامل آهن. بمبئيءَ واري زماني ۾ آغا خان وڏي ۽ سندس خاندان سان واقفيت ٿيس ۽ سندس ننڍو پٽ آغا اڪبر، مرزا صاحب جو دوست ۽ همعصر هو. سنڌ ۾ بہ هن جي معزز ماڻهن حسن علي آفندي، ڏيارام گدومل، اڌارام ۽ ڏيارام ڄيٺمل سان صحبت رهي. نوڪري خاطر ڀهريائين پنهنجن ڀائرن وانگر ڪراچيءَ جي هڪ هاءِ اسڪول ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ مئجسٽريٽي جو امتحان ڏنائين ۽ سيني اميدوارن ۾ هي هڪ ڄڻو اُن امتحان ۾ پاس ٿيو ۽ مختيار ڪاريءَ جو ڪم سکڻ لاءِ شڪارپور ضلعي جي ڪڪڙ تعلقي جو هيڊمنشي ٿي ويو. جلد ئي کيس ميهڙ جي ٽرڙي محبت تعلقي جو مختيارڪار مقرر ڪيو ويو ۽ سندس عملي زندگي جو هڪ ٻيو دؤر شروع ٿيو.

مرزا صاحب سنڌ جي ننڍين وڏن واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهيو. سندس لباس انگريزن وارو هوندو هو. نوڪريءَ جا فرض اعليٰ نموني ۽ ايمانداريءَ سان نباهيائين. سند لکڻ پڙهڻ جي شوق ۽ ڪتابن ڇپجڻ جي عزت سندس شخصيت کي اُڀاريو ۽ سُتت ئي نهايت هاڪارو ۽ هردلعزيز ٿيڻ لڳو. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهڻ دوران تمام گهڻي تعداد ۾ ڪافيون ۽ غزل ناهيائين، جن کي ڳائڻ لاءِ اوائلي دؤر ۾ بہ ڇوڪرا بہ رکيائين. جيڪي سندس لکيل غزل ۽ ڪافيون پيا ڳائيندا هئا.

جيڪڏهن ڪا عورت سگهڙ ۽ سليقہ مند آهي تہ نہ صرف هڪ ڪٽنب سڌري ٿو پر اُن جا اثرات پوري معاشري تي پڻ پون ٿا. اُنهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي هن پنهنجي گهر واريءَ جي مدد سان بہ ڪتاب "زينت" ۽ "صحت النساءِ" لکيا. جن ۾ گهر جي سڌاري ۾ عورت جو

ڪردار ۽ عورت ۽ ٻارن جي صحت متعلق ذڪر ڪيل آهي. ايمانداريءَ سان نوڪري، جڄهي اولاد جي پرورش ۽ سندن تعليم و تربيت سان گڏ هن عظيم انسان 457 ڪتاب لکيا، جيڪو علمي دنيا لاءِ هڪ رڪارڊ آهي. مرزا قليچ بيگ جي ايڏي وسيع علمي خدمت هن جي شخصيت، ڪي هڪ مثالي ڪردار ۽ قابل صد احترام بڻايو آهي. هن جي لکڻ جو مقصد هڪ طرف سنڌي زبان جي خدمت ڪرڻ هو تہ ٻئي طرف سماج سُڌار لاءِ هن ادب کي هڪ وڏي قوت سمجهيو. اسڪولن، ڪاليجن ۽ مڪتبن جي نصاف مطابق مختلف ڪتاب لکي سنڌ جي ماڻهن کي علمي شعور ڏنو. سنڌي قوم کي سنڌ جي تاريخ کان آگاهي ڏيڻ خاطر مرزا صاحب اُن وقت جي لکيل فارسي زبان ۾ سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب سنڌي ۽ انگريزي ۾ ترجمو ڪري تاريخ جي وڏي خدمت ڪئي. اُن ڪانسواءِ هن فلسفي، تصوف ۽ سائنس جي موضوعن تي بہ بهترين ڪتاب لکيا. ٻار جيئن تہ آئينده جا معمار آهن، تن کي مرزا صاحب ڪونہ وساريو. اُنهن ۾ پڙهڻ جو چاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ دلچسپ ڪتاب لکيائين ۽ ٻارن لاءِ شاعري بہ ڪيائين.

مرزا قليچ بيگ جي تاريخي ۽ مثالي خدمتن جي حوالي سان سنڌ طرفان مٿس نسل در نسل سلام رهندو.

(ٽِماهي"مهراڻ" قليچ نمبر 2003)

شاھ جي دور ۾ سنڌ جي سياسي ۽ علمي حالت

تعارف:

سنڌ جي تھذيب جو عظيم شاعر، فطرت ۽ سماج جو نقاش ۽ ترجمان انسانيت جو علمبردار، صاحب شريعت، رھبر طريقت، محب وطن حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي خانداني لحاظ کان ھڪ اھڙي گھراڻي جو فرد ھو، جنھن ۾ علم معرفت ۽ تصوف ورثي طور ھلندو آيو ٿي. ساڳيءَ ريت سندن ناناڻي پاسي کان ولين ۽ درويشن جو خاندان ھو، جنھنڪري ھي بزرگ ڄمندي ئي ڄام ھو (1). سندس والد شاھ حبيب خدا وارو مرد ھو. سندس وفات مان "الموت جسر يوصل الحبيب الي لقاء الحبيب" (موت ھڪ پُل آھي، جا دوست کي دوست جي ملاقات ڏانھن رسائي ٿي). (2) سان ظاھر ڪيو ويو آھي.

ھن پنھنجي پٽ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي آخوند نورمحمد ڀٽيءَ جي مشھور مڪتب ۾ ابتدائي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ويھاريو. شاھ ڀٽائي ڄائي ڄم کان اندر جي سوجھري وارو فطرتي شاعر ھو. مڪاني مولوي ۽ فقير سندس علمي ۽ روحاني اڄ کي سيراب نہ ڪري سگھيا، تڏھن ھي فقيري ويس ڪري، سنڌ جي سير تي نڪتو. جھنگ، جھر، بر، ٿر، درياھ ۽ جبل ڏوري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ گھميو. ڪيس ملڪ جي ھر طبقي جي ماڻھن سان ملڻ جو موقعو مليو. سندن جذبن، حالتن، روايتن، تاريخي ورثي، اٿڻي ويھڻيءَ، رسم و رواج، ۽ علمي حالتن کان واقف ٿيو.

شاھ جي وقت ۾ ننڍي کنڊ ۽ سنڌ جون سياسي حالتون:

سنڌ ۾ شاھ صاحب جي ولادت وارو اھو زمانو ھو جڏھن مغل شھنشاھيت زوال طرف وڌي رھي ھئي ۽ سنڌ جو ھڪ مڪاني قبيلو

ڪلهوڙا، بلند اقباليءَ ڏانهن اسهندو پئي ويو. سنڌ جي تاريخ مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي تہ ڪلهوڙا هتان جا مقامي باشندا هئا، جن جي وڏن جو سلسلو پيري مريديءَ کان شروع ٿيو. سندن وڏو ميان آدم شاهہ گهراڻي جو مورث اعليٰ هو. ميان آدم شاهہ وڏو بزرگ ۽ خدا ترس انسان هو ۽ اڪثر ماڻهن سندس مريد هئا (3).

هُو لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي ڏوڪريءَ جي هتڙي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪري مهدوي فرقي جي تبليغ ڪرڻ لڳو. ملتان جي سهروردي مشائخن سان سندس دوستانہ رستو هو. انهن ڏينهن ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان ٺٽي ڏانهن مرزا جاني بيگ سان جنگ ڪرڻ پئي ويو ۽ ڏس ملڻ تي ميان آدم شاهہ کانَ دعا گهرڻ آيو (4). ان موقعي تي مرزا خان خانان، چانڊڪي جي زرخيز زمين هن جي حوالي ڪئي، جنهنڪري آدم شاهہ ۽ سندن مريدن جو نالو وڌڻ لڳو. وقت جا حاڪم هوئڻ بہ مهدوي تحريڪ کان خوفزده هئا. نيٺ ڪن پاڙيسري زميندارن جي شڪايت تي بکر جي حاڪم آدم شاهہ کي گرفتار ڪري ملتان موڪليو جتي هن کي شهيد ڪيو ويو (5). سندس وصيت مطابق مريدن کيس سکر جي هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو جيڪا "آدم شاهہ جي ٽڪري" سڏائجي ٿي. سندس پوين زميندارِي، پيري ۽ مريديءَ جي ڪري ڏاڍو نالو ڪڍيو. هنن پنهنجا ڪيئي ڳوٺ ٻڌايا، بکر ۽ ٺٽي جا مغليہ نواب ۽ هنن جا حامي زميندا ۽ عامل ڪلهوڙن کي وڏيون تڪليفيون ڏيندا رهيا، پر هنن سنڌ جي ڪيترن ئي پرڳڻن تي قبضو ڪري ورتو.

هندستان جون حالتون هينئر گردش ۾ هيون. اورنگزيب سان مرهٽن جي مسلسل جنگين ۽ شيواجيءَ جي ڪاميابين ڪري مغل سلطنت ڪمزور ٿي وئي هئي ۽ ڪيئي مفتوح علائقا ڏار ٿيڻ لڳا. سن 1707ع ۾ اورنگزيب عالمگير جي وفات تي ۽ مغل سلطنت زوال ڏانهن تڪڙو وڌڻ لڳي. عالمگير کان پوءِ سندس فرزند بهادر شاهہ پهريون 65 ورهين جي ڄمار ۾ تخت تي وينو پنجن سالن کان پوءِ 1712ع ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کان پوءِ شهزادو معزالدين "جهاندار شاهہ" جي لقب سان تخت تي وينو. جيڪو هڪ بدناموس شخص ثابت ٿيو ۽ يارهن مهينن کان پوءِ کيس تخت تان لاٿو

ويو. هينئر مغل سلطنت جو سڄو ڪاروبار ڪجھ سيدن جي هٿن ۾ رهيو. جن جا نالا اميرالامراءِ سيد حسين، قطب الملڪ ۽ سيد عبدالله هئا. تاريخ ۾ هنن کي "بادشاهہ ساز" وزير سڏيو ويو آهي. هو جنهن کي چاهيندا هئا، تخت تي ويهاريندا هئا ۽ لاهيندا هئا. 1713ع ۾ اميرن فرخ سير کي تخت تي ويهاريو. ڪجھ وقت کان پوءِ هن کي انڌو ڪري ماريو ويو. ڪائنس پوءِ مغل شهزادن مان رفيع الدرجات کي نالي طور ٽاڪيو ويو. ٽن مهينن ۾ هو مري ويو ۽ پوءِ هن جي ڀاءُ رفيع الدولہ کي تخت تي ويهاريو. هن جي دؤر ۾ سلطنت جي هڪ وزير آصف جاهہ نظام الملڪ ۽ مرهٽن، دکن جو سمورو علائقو پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. جوڌپور ۽ جئپور جي راڻن خودمختياري اختيار ڪئي. اَئوڌيا جو نواب سعادت علي خان بہ پاڻ کي آزاد سمجهڻ لڳو. گنگا جي اترئين حصي ۾ روهيلا روهيل کنڊ جهڙي زرخيز صوبي تي قبضو ڪري ويٺا. 1937ع ۾ پيشيور باجيراءِ نظام کي شڪست ڏئي قبضو ڪيو. اهڙين حالتن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي حالت بہ ابتر ٿي وئي. بهادر شاهہ اول جي وقت ۾ پنجاب جي عيسيٰ خان منج دو آبہ جلندر جي زميندار بغاوت ڪئي.

هن ويڄهڙائيءَ جي زميندارن ۽ قافلن کي لٽڻ ڦرڻ شروع ڪيو ۽ سرڪاري علمدارن کي ڀڄائي ڪڍيو (6). لاهور جو هڪ زميندار مير مار حسن ابدال کان راويءَ تائين خودمختيار حاڪم ٿيو. سيالڪوٽ ضلعي جي سبزڪوٽ جو زميندار نورنگ، علائقي تي قبضو ڪري حاڪم بڻجي ويو. (7).

شاهہ جي وقت ۾ سنڌ

سياسي ڦيرقار جو ملڪي سماج تي وڏو اثر پوندو آهي. سورهين صديءَ جي شروعات ۾ ارغونن جي حملي وقت سنڌ جو مقامي حڪمران گهراڻو يعني سما خاندان خانہ جنگيءَ ۾ رڌل هو. ڄام نندي جي قائم ڪيل اعليٰ اصولن تي هلندڙ ملڪ سنڌ کي سندس نااهل پٽ ڄام فيروزالدين، ڄام صلاح الدين سان جهيڙي جوٽڻ کان پوءِ سنڌ جي بهادر فرزند درياخان کي دربار مان ڪڍي، سندس جاءِ تي مير ڪيبڪ ارغون کي جاگيرون ۽ خلعتون ڏئي، سنڌ سان ٺڳي ڪئي. جنهنڪري هتان جا رهواسي پاڻ کي

غلاميءَ کان بچائي نہ سگھيا. سنڌ کي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. سندس زرخيز زمينن جي آمدنيءَ کي لٽيو ويو. 1591ع ۾ جڏهن سنڌ کي سڌيءَ طرح مغل شهنشاهيت ۾ داخل ڪيو ويو تہ سنڌ ج ماڻهن تي نازل ظلم جي انتها ٿي وئي. شاهجهان جي دؤر ۾ سنڌ جي سيوهڻ سرڪار جون واڳون ان وقت جي نواب احمد بيگ جي سفاڪ ۽ بي رحم ياءِ مرزا يوسف جي حوالي هيون جنهن جي ظالم ۽ بيرحميءَ جو داستان مرزا يوسف ميرڪ تاريخ مظهر شاهجهانيءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي ۽ محترم سراج الحق ميمڻ "پڙاڏو سو ئي سڏ" (ناول) ۾ جيڪا ڏارين جي سفاڪي بيان ڪئي آهي، ان کي پڙهڻ سان اها حيرانگي ٿئي ٿي تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم پنهنجي بقا لاءِ ڪيڏي نہ جاکوڙ ڪئي هوندي. جڏهن سندن ذهني ۽ جسماني صلاحيتون ۽ تهذيبي زندگيءَ جو ساهہ دشمنن جي چنبي ۾ ڦاٿل ۽ ٻوساٽيل هو. سنڌ کي "سرڪارين" ۾ ورهائي هر قبيلي ۾ اندروني جهيڙي ۽ ويڙهہ کي اپاريو ويو هو. انهيءَ دؤر ۾ ميان نصير محمد جي پٽ ميان دين محمد ڪلهوڙي، اورنگزيب جي پٽ معزالدين جي نوابن سان ڪيترن ئي هنڌن تي سخت مقابلو ڪيو (8). پر آخر مغلن هن کي دوکي سان گرفتار ڪري ملتان ۾ ڦيچلائي ماريو. اهو واقعو 1700ع جو آهي. سنڌ جا صوفي بزرگ ۽ عالم ان عظيم تحريڪ جا اکئين ڏٺا شاهد آهن. جنهن ۾ سنڌ جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ شامل آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن استقلال جو جهنڊو کنيو. ميان يار محمد هڪ هٿ ۾ ڏنڊو ٻئي هٿ ۾ تلوار کڻي سنڌ جا پرڳڻا مغلن کان آزاد ڪرائيندو ويو. تان جو 1711ع ۾ مغل نوابن هن کي ڀرياڻين سڀني ۽ ڀاڍر جو انتظام ۽ ان کان پوءِ بکر ۽ سيوهڻ جا سڀ علائقا حوالي ڪري کيس "خدايارخان" جو لقب ڏنو.

ان وقت شاهہ صاحب جي ڦوه جواني يعني ٻاويهہ سال عمر هئي. ان وقت سنڌ جو سماج مغل حڪمرانن جي سفاڪ نوابن جي دل ڏاريندڙ حرڪتن سان، اشرافن جي ذلتن جي داستانن سان ۽ تباهہ معشيت سان وڪوڙيل هو. سنڌ جي تباهيءَ کي ڏيڻ مان ڪيڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ اجتماعي شعور اُڀري رهيو هو. سنڌ جي بقا، سنڌ جي ماڻهن جي بقا ۽ ڌارين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي رهواسين ۾ قومي شعور اڀري رهيو هو

جنهن کي شاهہ لطيف اُپاري رهيو هو. سندس شاعري ان وقت جي حالتن ۾ پيدا ٿيل قومي شعور جي ترجمان آهي، ڇاڪاڻ تہ هر دؤر جي تاريخ وقت جي ماڻهن جي فڪري ۽ علمي ڏاهپ جو وچور هوندي آهي، جنهن مان ان دؤر جي رهواسين جي شعور جي گهرائي ۽ سماجي قدرن جي خبر پوندي آهي. 1718ع ۾ جهوڪ شريف جو قومي سانحو جنهن ۾ صوفي شاهہ عنايت جي شهادت ٿي، وقت جي ڪيترن بزرگن کي هن واقعي ڏاڍو ڏکائي ڇڏيو ۽ اُن وقت حڪمران قبيلي ڪلهوڙا خاندان جي خلاف هتان جي عوام ۾ نفرت پکيڙي ڇڏي. محترم ابراهيم جويو ان متعلق لکي ٿو تہ 1707 کان 1717 تائين ڏهن سالن ۾ ٽي نواب آيا ۽ ويا. انهن جون محلاتي سازشون ۽ خانہ جنگيون، سڄي ملڪ ۾ ڏڪار بدامني ۽ ان سان گڏ سيوي، بکر ۽ سيوهڻ جو مغل قبضي مان اڳي ئي نڪري وڃڻ، اهڙين حالتن ۾ سنڌ کي مغل سلطنت جي ڪرندڙ عمارت ڪرندي ڪرندي بہ سنڌ جي ٻن آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ مرڪزن (ڪلهوڙن ۽ شاهہ عنايت شهيد) کي پاڻ ۾ ٽڪرائي ويا (9).

شاهہ عنايت جي شهادت وقت شاهہ لطيف ڪوٽڙيءَ ۾ هو. يقيناً شاهہ صاحب کي ان شهادت جو صدمو پهتو هوندو. جهوڪ جا فقير هاڻي هن وٽ اچڻ لڳا. ان وقت مارئيءَ جو داستان سنڌ ۾ فقير عام ڳائيندا هئا. هينئر شاهہ سُر مارئيءَ کي بيتن ۽ واين جي صورت ۾ آڻي، وڏي سوز ۽ فراق سان ڳائڻ لڳو:

هتين هتڪڙول، هنئڙي پيم هن جا،
سانگي ساريم سومرا، ڏاڻي پاسي ڏول،
ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نہ ڪوٽ وهڻ جا!

ماڻهو هن جا بيت ۽ وايون ٻڌي حيران ٿي ويا. سندس فقير اهو داستان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ کڻي پهچي ويا. سنڌي عورتون منهن مٿو پٽي رستي تي نڪري آيون ۽ وار کولي زنجيرون پائي مارئيءَ جيان اوسارا ڪرڻ لڳيون. سنڌ ۾ جتي ڪٿي باهہ ٻري وئي. هندو مسلمان سڀ ويڇا وساري پنهنجي وطن لاءِ هڪ ٿي ويا. (10)

ننڍو ڪنڊ افراتفريءَ ۽ انڌيرنگريءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. سنڌ ته مرڪز کان گهڻو پري هئي. نئي جا مغل نواب جيڪي ٽن يا پنج هزاري رتبي جا هئا، بيوس ٿي پيا. ڪلهوڙن جي فوجي قوت سنڌن ٽالپر سپاهين جي ڪري مضبوط ٿي چڪي هئي. مغل سرڪار پنهنجي رضامنديءَ سان سن 1736ع ۾ بکر سيوهڻ ۽ ٺٽي جا پرڳڻا ميان نورمحمد جي حوالي ڪيا.

شاهه صاحب ان سڄي صورتحال جو شاهد آهي. سندس حساس طبيعت سنڌ جي جاڪوڙي عوام لاءِ محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي. شاهه لطيف هينئر پنهنجو گهڻو وقت سفر ۽ مشاهدي ۾ گذاريندو هو. ڪلهوڙا سنڌ جي آزاديءَ جا اڳواڻ هئا. شاهه صاحب پنهنجي انيتاليهه سالهه عمر ۾ متحده سنڌ جو ٻن صدين جو پراڻو خواب عمل ۾ ايندي ڏٺو پر جلد ئي يعني ٻن سالن جي اندر نادر شاهه سڄي هندستان کي تاراج ڪري ڪانئن طائوسي تخت ڦري سنڌونديءَ جي الهندي ڪناري وارا ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ رکيا. ميان نورمحمد ساليانو ويهه لک رپيا ايراني فاتح کي ڍل ڏيڻ منظور ڪيا (11). نادرشاهه جي قتل کان پوءِ احمد شاهه ابداليءَ ڍل وٺڻ شروع ڪئي. شاهه صاحب سنڌ جي ان ڏکائيندڙ دؤر ۾ ئي وفات ڪئي. سندس دعاگو ڪلهوڙي حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ آزاد سنڌ تي ديدبي سان حڪومت ڪئي.

شاهه ڀٽائي ۽ ميان نورمحمد ڪلهوڙو:

مولانا دين محمد وفائي هڪ هنڌ لکي ٿو "ڪلهوڙن پنهنجن مريدن جي جماعتن سان گڏ طاقت گڏ ڪري، حڪومت قائم ڪري ورتي هئي، انهيءَ ڪري ڪلهوڙا خاندان کي هميشه پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن به پير ۽ فقير جي طاقت ۾ اچڻ کان ڊپ رهندو هو. (12) اها هڪ حقيقت آهي شاهه جي تاريخي دؤر کان اڳ ۾ يعني اسلامي دؤر جي آمد کان سنڌ ۾ عربستان ۽ مسلمان ملڪن جا ڪيئي برگزيده، ڪشف ۽ ڪرامت جا صاحب بزرگ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. ان قسم جي بزرگن جو گهڻو تعداد سيدن جو هو. خود شاهه صاحب جي وڏن جو لاڳاپو به هرات جي سيد خاندان سان هو(12). ارغونن ۽ ترخانن ته سياسي طور تي ڪيئي برگزيده شخصيتون سنڌ ۾ اچي

آباد ڪرايو. سنڌ ۾ سيد خاندان کي جيڪا عزت ملي، اها گھڻو ڪري حاڪم طبقي جي سرپرستيءَ جي ڪري ۽ ڪيترا وري پنهنجي عبادت، رياضت، علم و حڪمت ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاق جي ڪري هڪ اعليٰ حيثيت جا مالڪ هئا.

ان دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، الهامي علم، رياضت، عبادت، شعرگوئيءَ ۽ خدائي جمال پسڻ ۾ محو هوندو هو. سندس سمورو توجهه باطني علم، رياضت ۽ خدمت خلق ڏانهن هو. سندس پاڪدامني ۽ ٻاجهاري طبيعت جي ڪري خلق خدا هن ڏانهن ڇڪجي آئي. سندس ايڏي عزت ڏسي، ڪيترن جي دلين ۾ حسد پيدا ٿيو ۽ ساڳي ڪار ڪلهوڙا حڪمران ميان نورمحمد سان بہ ٿي.

شاهه ڀٽائي پنهنجي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مقبرو جوڙائڻ شروع ڪيو انهيءَ سلسلي ۾ ڪاشيءَ جون سرون وٺڻ لاءِ هو ملتان ويو. موٽندي جڏهن هو خدا آباد کان لانگهائو ٿيو تہ ماڻهن جو هڪ وڏ تعداد هن جي قدمبوسہ ءَ لاءِ اچي گڏ ٿيو چاڪاڻ تہ شاهه صاحب جي بزرگيءَ سنڌ جي ماڻهن ۾ هن لاءِ عزت ۽ محبت پيدا ڪئي هئي. مؤرخن ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي.

چون ٿا تہ ميان نورمحمد ڪلهوڙي هڪ معجون جي دبلي نذراني طور ڏياري موڪليس. شاهه صاحب جو اندر جيئن تہ الاهي تجليءَ سان اجريل هو. تنهن دبليءَ ۾ موجود معجون جو اثر پروڙي ورتو ۽ فقيرن کي حڪم ڏنو تہ معجون درياهہ ۾ اڇلايو وڃي. پاڻيءَ ۾ ان وقت ئي مئل مڇيون ترندي نظر آيون، ڇاڪاڻ تہ معجون ۾ زهر مليل هو.

ميان نورمحمد هڪ دفعو شاهه لطيف جو امتحان وٺڻ لاءِ حرم سراءِ جي مرداني ڪمري ۾ ويهاري، پاڻ ڪيڏانهن ٻاهر نڪري ويو. سندس بندوبست ٺيل هو تہ ڪجهہ حسينائون پنهنجين ادائن سان هن کي ڇڪڻ لاءِ ريجهائين، پر شاهه صاحب حرم ۾ داخل ٿيڻ شرط ئي مراقبي ۾ ويهي رهيو دنيا کان بي خبر ياد الاهيءَ ۾ اهو مشغول ٿي ويو. جو ميان نور محمد بہ حيران ٿي ويو(13). هن شاهه صاحب جو ڌيان انهن حسينائن ڏانهن ڇڪايو تہ شاهه صاحب وراڻيو:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن ناه مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

ميان نور محمد شاهہ صاحب کي ڪيئي دفعا آزمايو پر اڳتي هلي هن جو معتقد ٿي ويو انهن ڏينهن ۾ گلان نالي هڪ نوجوان خوبصورت ڳائڻيءَ شاهہ صاحب کي دعا لاءِ عرض ڪيو. شاهہ کيس دعا ڪئي تہ تنهنجي پيٽان بادشاهہ ڄمندو ۽ سنڌ جي بادشاهہ سان تنهنجي شادي ٿيندي. چون ٿا انهيءَ رات ميان نورمحمد، گلان سان نڪاح ڪري کيس پنهنجين راڄ راڻين ۾ شامل ڪيو جنهن مان کيس ميان غلام شاهہ ڄائو جيڪو ڪلهوڙن جو هڪ مشهور بادشاهہ ٿي گذريو آهي.

شاهہ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي حالت:

ٻارهين صدي هجريءَ جو زمانو اسلامي ملڪن ۾ هڪ زبردست مردم خيز زمانو ٿي گذريو آهي. هڪ طرف اسلامي بادشاهتن جو زوال ظاهر ٿي رهيو هو تہ ٻئي طرف هر هڪ اسلامي ملڪ ۾ هزارن جي تعداد ۾ عالم عارف ۽ شاعر پيدا ٿي رهيا هئا. هندستان يا ترڪيءَ کي ڇڏي نقط سنڌ تي نظر ڪجي ٿي تہ ان وقت جڏهن سنڌي زبان زنده ۽ جاويد بڻجي وئي هئي تہ هت سون جي تعداد ۾ صاحب ڪمال بزرگ موجود هئا. (14) ٻارهين صدي هجريءَ جي پهرئين حصي ۾ سنڌي رسم الخط جي ايجاد جو سهرو بہ هڪ ديني عالم مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ تي آهي، جنهن سنڌي زبان جي رسم الخط ٺاهي ۽ 1700ع ۾ ديني مسائل لاءِ سنڌي زبان ۾ هڪ ڪتاب "مقدمة الصلواة" لکيو (15).

سما دؤر حڪومت ۾ ڪيئي اهم شخصيتون ايران ۽ وچ ايشيا کان هجرت ڪري سنڌ جي عظيم علائقي ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيون. ڪلهوڙا دؤر ۾ ٺٽو علم و عرفان جو هڪ مرڪز هو جنهن جي حيثيت بغداد ۽ دمشق کان گهٽ ڪانہ هئي (16). سيد حسام الدين راشدي ان دؤر متعلق لکي ٿو تہ: هڪ ئي وقت سوين مدرسا علم آموزيءَ لاءِ آباد هئا. هرهڪ گهراڻو ۽ هر هڪ فرد علم جو مرڪز ۽ منبع هو. هر علم دوست جي اوطاق ۽ بيٺڪ اڪيڊميءَ جو ڪم ڏيندي هئي. هرهڪ عالم، اديب ۽ شاعر وٽ جدا جدا ڪتبخانا هئا. گهرن ۽ اوطاقن ۾، رستن تي، دڪانن ۽ بازارن جي چوراهن

تي علم پرورن جون ملاقاتون، صحبتون، مجلسون ۽ مشاعرا صبح شام ۽ رات ڏينهن ٿيندا رهندا هئا. هڪ ئي وقت مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين، مخدوم ضياءُ الدين، ميان نعمت الله، ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع ۽ آخوند ابوالحسن جهڙا يگانهء روزگار عالم ۽ ميرمحسن، غلام علي "مداح"، ٻالچند "آزاد"، شيوڪ رام "عطارد"، شيخ محمد محفوظ "سرخوش"، غلام علي "مومن"، "محمد پناھ" "رجا"، ميرابوالبقا ۽ ميرابوتراب ڪامل جهڙا نغز گو شاعر ٺٽي جي شهر ۾ موجود هئا. جن مان هرهڪ پنهنجي دؤر جو "غزالي" ۽ "دواني"، "سعدي" ۽ "انوري" هو(17).

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جيئن تہ ان وقت جي علمي ورثي کان پنهنجي ذاتي مشاهدي تحت واقف ٿيو. جنهن دؤران سنڌ جي مکيہ فقيرن، صوفين، جوڳين ۽ بيراڳين جي محبت حاصل ڪيائين. جن درويشن جي صحبت ۾ گذارڻ جو موقعو مليس، تن مان مکيہ هيٺيان آهن، شاھ عنايت صوفي شهيد، مخدوم معين ٺٽوي، شاھ عنايت رضوي، مخدوم محمدي، سيد شهمير شاھ، مخدوم صابر ولهاري، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو صاحب ڏنو فقير فاروقي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم دين محمد سيوهاڻي، سيد محمدبقا لڪياري، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ مدن ڀڳت وغيره(18).

شاھ ڀٽائيءَ جي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سان ڄاڻ سڃاڻ ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ سان گهاٽي دوستي هئي، جن جا پنهنجا مدرسا هئا ۽ سنڌ کان علاوه ٻاهرين مسلم ملڪن جا شاگرد هنن وٽ تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف عروج تي هئي ۽ تحقيق ڪري ڪيئي اسلامي ڪتاب، تفسير ۽ ترجما ڪيا ويا. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٺٽو ۽ روهڙي گويا سنڌ جون يونيورسٽيون هيون. هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن لاءِ آخوندن جا "ختاب" يا مڪتب هوندا هئا، جتي ڪريما، گلستان، بوستان ۽ ٻيا فارسي ڪتاب پاڙهيندا هئا(19).

رچرڊ برٽن سنڌ ۾ تعليمي نظام متعلق لکي ٿو تہ جيڪڏهن طالب علم کي عالم ٿيڻ جو ارادو هوندو هو تہ هو مدرسي ۾ داخل ٿيندو هو جتي مخدوم هن کي صرف ونحو منطق، فقہ، تفسير، حديث ۽ آخر ۾ علم معاني، بيان ۽ بديع پڙهائيندو هو ان کان علاوه هن ٻين علمن جو بہ بيان ڪيو آهي، جهڙوڪ: قرآت، مناظره، عروض، طب، غيب جو علم، تاريخ، حڪمت يا

فلسفو (20). انگريز حڪومت تائين مخدوم محمد هاشم جو لکيل تفسير ۽ ڪي تصنيفون پڙهايون وينديون هيون.

شاهه ڀٽائي مخدوم معين جو سچو دوست ۽ ساٿي هو. ان وقت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هن سان علم جي بحث ۾ مخالف هو (21). مخدوم معين علم موسيقيءَ کان واقف هو ۽ سماع کي پسند ڪندو هو (22). پنهنجي وقت جو وڏو محقق ۽ فلسفي، محي الدين ابن عربي جي صوفيانه فڪر جو علمبردار صوفي ۽ سالڪ ۽ "وحدت الوجود" جي نظريي جو زوردار حامي هو. شاهه صاحب سان ملڻ لاءِ اڪثر ڀٽ تي ويندو هو ۽ اڪثر شاهه صاحب ٺٽي ۾ هن سان ملڻ ويندو هو. (23) مير علي شير قانع مطابق (تاريخ تحفة الڪرام ص 564) ته سيد عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڳوٺ خاهمن کي فرمايو ته هلو ته پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪري هلون. ائين چئي ٺٽي آيو ۽ راڳ جي محفل برپا ڪيائين. محفل جي عين گرمي ۽ ذوق واري وقت (مخدوم معين) اٿي اندر ويو ۽ ساهه ڏنائين. شاهه صاحب سندس جنازي ۾ شموليت بعد ڀٽ ڏانهن موٽندي چيو ته ٺٽي جو ڏسڻ سندن ڪري ٿيندو هو بس اڄ کان پوءِ بند آهي (24).

سنڌ جو سرتاج شاعر ۽ صوفي شاهه ڀٽائي، اسلام جي حڪيمن ۽ صوفي عالمن جي سٽ جو هڪ فرد هو. پنهنجي همعصر عالمن جي صحبت ۾ "طريقت ۽ شريعت" تي مڪمل عمل ڪيائين. جنهنڪري سندس دل ۾ الله جي محبت سان گڏ انسان سان سندس عقيدت ۽ محبت رهي. سندس شاعري محبت جو درس ڏئي ٿي.

حوالا:

1. مولانا دين محمد وفائي: 'لطف اللطيف'. وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، 1976ع، ص 388.
2. ميرعلي شيرقانع، مترجم مخدوم اميرعلي: 'تحفة الڪرام'. سنڌي ادبي بورڊ، 1976، ص 388.
3. خداداد خان: 'لُب تاريخ سنڌ'. سنڌي ادبي بورڊ 1989ع، مترجم خيرمحمد واحدي، ص 135.
4. رحيمداد مولائي شيدائي: 'جنة السنڌ'. سنڌي ادبي بورڊ، 1993ع، ص 448_449.

5. تحفة الڪرام ص 257.
6. شاهنواز خان صمصام الدوله: ماثرالامراءَ جلد 2. ايشاٽڪ سوسائٽي، بنگال، ص 712_825.
7. ايضاً.
8. تحفة الڪرام، ص 261.
9. محمد ابراهيم جويو: 'شاھ، سچل، سامي'، ص 65_66.
10. ڪلياڻ آڏواڻي: شاھ جو رسالو ص 9_10.
11. رحيمداد مولائي شيدائي، 'تاريخ تمدن سنڌ'، ص 538.
12. ايضاً.
13. مولوي دين محمد وفائي: 'لطف اللطيف' مهراڻ پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي، 1950ع، ص 110_113.
14. شيخ اياز: 'شاھ لطيف جي رسالي' جي اردو منظوم ترجمي جو مهاڳ.
15. مولانا دين محمد وفائي لطف اللطيف، ص 117.
16. رحيمداد مولائي شيدائي: 'تاريخ تمدن'، سنڌ، ص 696.
17. پير حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون.
18. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: 'مقالات قاسمي'، نفيس پرنٽنگ پريس، 2000، ص 169.
19. سوانح حيات، تحفة الڪرام، ص 43.
20. رچرڊ برٽن: 'سنڌ و ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون'، مترجم: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع، ص 129_132.
21. غلام مرتضيٰ سنائي: نئين زندگي، ڪراچي، جنوري 1952ع.
22. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، سنڌي ادبي بورڊ، ص 245.
23. ميرزا قليچ بيگ، 'قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو'، ص 466.
24. مير علي شير قانع تحفة الڪرام، ص 564.

"حسيني جي هاڪ" شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز 2005.

شفقت پريو چانورو جيڪو ڪجي وڃو

(بيگم شيرين امير پٽو جي مرتئي تي)

چنچر ۽ آچر واري رات (19 جنوري 2003ع) جو پوڻين ٻين وڳي منهنجي ڌيءَ عنبر فون ڪئي، ممي نئون ديرو مان فون آئي آهي آنٽي شيرين کي هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي ۽ کيس لاڙڪاڻي اسپتال کڻي ويا آهن. اسين به هينئر نڪري رهيا آهيون. عنبر جن کي هوئڻ به ايڪيهين تاريخ تي نئون ديرو وڃڻو هو. ڇاڪاڻ ته سندس ڏير جي شادي پنجويهين جنوري تي رٿيل هئي جنهن جو سڄو انتظام آنٽي شيرين امير بيگم جي Supervision ۾ هليو پئي جيڪا ان شادي جي سلسلي ۾ نئون ديرو ۾ ترسيل هئي نه ته سردي جا ڪجهه ڏينهن هوءَ ڪراچي ۾ گذاريندي هئي رات جو ٽين وڳي وري فون ڪيائين. آنٽي جي طبيعت بهتر آهي. اسين سپاڻي ويندا سين. ٻئي ڏينهن آچر تي تقريبن پوڻين ڏهين وڳي عنبر گهبرايل آواز ۾ ٻڌايو ته ممي بلاول هائوس مان فون آيو آهي، آنٽي گذاري ويئي ۽ روئڻ لڳي ته نديم (سندس گهر وارو) جي حالت خراب ٿي ويئي آهي. مان ان وقت پنهنجي پٽ ارشد حسين سان گڏ ڄامشوري مان سندس گهر قاسم آباد پهتس. ڏٺم نديم اها فون (موبائيل) جنهن تان کيس آنٽي جي انتقال جي خبر ٻڌائي ويئي هئي پٽ سان هٽي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڪو هو ۽ زارو قطار روئي رهيو هو. کيس آٿت ڏني. پاڻ سنڀاليائين، چيائين عمران (سندس ڀاءُ) جي شادي ۾ منهنجي آفيس جا ڪجهه آفيسر ۽ دوست اچڻا هئا تن کي جهلي اچان ته اسان شادي هن قضيي جي ڪري پوسٽ پونڊ ڪئي آهي توهين تيستائين ڄامشورو هلو ته پوءِ گڏجي نڪرنداسون.

اسين ڄامشورو مان تقريبن ساڍي ٻارهين وڳي ٻن گاڏين ۾ نڪتاسون. نديم پنهنجي گاڏي پاڻ ڊرائيو پيو ڪري حالانڪ اسان کيس

ڊرائيور بہ ڏنو پر هن نہ مڃيو ۽ .ڏاڍي اسپيڊ ۾ گاڏي هلائيندو رهيو ۽ روئندو بہ رهيو.

آنٽي امير بيگم جنهن سان هونئن ئي محبت ۽ عقيدت جا رستا هئا پر فيملي طرفان هن سان ڪيئي رشتا جُڙيل هئا. سندس پروقار صورت، گفتگو ۽ شيريني، سنجيدگي ۽ شائستگي سندس دائره احباب کي وڌائي ڇڏيو هو. نديم جيڪو سندس ڀائٽي دين محمد ڀٽو (ماروٽ جو ڀٽ) جو پٽ هو تنهن جي هن نہ صرف پالنا ڪئي هئي پر هو کيس ڏاڍو پيارو هو ان سان عنبر جو رشتو ڪرائڻ ڪانپوءِ هيءَ منهنجي گهڻو ويجهو رهي. منهنجي ڄامشوري توڙي اولڊ ڪئمپس واري گهر ۾ اڪثر اچي رهندي هئي. تمام سلجهيل ۽ سمجهدار عورت هئي. بظاهر تہ هوءَ پڙهيل ڪانہ هئي پر خانداني پسمنظر اعليٰ هئڻ ڪري سياسي سمجهہ بہ رکندي هئي تہ سماجي لاڳاپن کي بہ سمجهندي هئي. تاريخ جي شاگرد هئڻ ڪري مان هن کان ڪيئي سوال ڪندي هئس جنهن جو هوءَ سچائي سان جواب ڏيندي هئي. کيس ان ڳالهہ تي فخر هوندو هو تہ هوءَ خانبهادر احمد خان ڀٽو جي ڌيءَ آهي جنهن جي ملڪيت ۽ دولت جي ڌاڪ سڄي اتر سنڌ ۾ هئي. سندس والد اولاد نرينہ خاطر ڪيئي شاديون ڪيون. کيس پٽاڻ جو اولاد ٿيو پر بچي نہ سگهيو. هڪ گهر واري مان کيس اختر بيگم ۽ امير بيگم ٿيون ۽ ٻيءَ گهر واري مان سرور بيگم ڄائي جيڪا منهنجي Father in-law مرحوم رضا محمد ڀٽو جي سئوٽ چاچا عالم ڀٽو جي گهر واري هئي، جنهن کي پڻ هڪ نياڻي انجمن آرا (اجنا) پيدا ٿي جيڪا پنهنجي سئوٽ سان پرڻيل هئي، آنٽي امير بيگ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ تقريبن ست سال وڏي هئي ۽ کي ماڻهو چوندا هئا تہ هوءَ ڀٽو صاحب کان ٻارهن سال وڏي هئي. ڀٽو صاحب سان گذاريل ڏينهن هوءَ ڏاڍي ڀاوهہ سان ٻڌائيندي هئي. شادي کان پوءِ بہ هوءَ نئون ديرو ۽ ڪراچي ۾ رهندي هئي ۽ ذوالفقار علي ڀٽو ممبئيءَ ۾ پنهنجي والدين سان رهندو هو.

آنٽي امير بيگم کي پنهنجي والد بمبئي موڪليو جتي هيءَ اٽڪل ٽي سال رهي ۽ جڏهن ڀٽو صاحب ولايت پڙهڻ ويو تہ هيءَ واپس آئي. بمبئي ۾ گذاريل ڏينهن لاءِ ٻڌائيندي هئي ذوالفقار جو والد "سر صاحب" (سر

شاهنواز ڀٽو کي خاندان وارا سر صاحب سڏيندا هئا) منهنجو ڏاڍو خيال ڪندو هو. پنهنجي ڊيئرن ۽ ليڊي خورشيد کي بہ تلقين ڪندو هو تہ هن نياڻي جو هرطرح جو خيال رکيو وڃي. بمبئي کان جڏهن هيءَ واپس آئي تہ سندس والد جيڪو ڪيس گڏيو سڏيندو هو چوڻ لڳو گڏيو ڏاڍي ٿلهي ٿي ويئي آهين. ان وقت ڪيس ساڙهي پاتل هئي ۽ بہ چوٽيون ٽيل هيون آنٽي ٻڌائيندي هئي، تہ ان ڏينهن کان پوءِ مون اهڙو تہ ڊائٽنگ ۽ ڪاڏي پيٽي جو شيڊيول رکيو جو وري سڄي زندگي ۾ مون پنهنجو وزن نہ وڌڻ ڏنو.

ڀٽو مرحوم جڏنن نصرت بيگم سان نڪاح ڪيو تہ سندس والد (احمد خان) کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو پر هو خاندان وارن کي بہ ڇڏي نہ پيو سگهي. آنٽي ٻڌائيندي هئي تہ منهنجي والد پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ جتي شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ سر شاهنواز ڀٽو ويٺل هئا مون کي گهرائي ٻڌاياٺين تہ هن ٻي شادي ڪئي آهي. چوندي هئي تہ مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڏک ٿيو. مون ذوالفقار لاءِ گهڻو ئي ڪجهہ چيو پر هو خاموش رهيو. سندس چوڻ هو تہ ذوالفقار ڀٽو هن سان ڏاڍو نپايو پاڻ تہ هميشہ ملڻ ايندو هو پر پنهنجن ٻارن جي دلين ۾ بہ منهنجي لاءِ محبت ۽ عزت پيدا ڪئي. آنٽي پرديدار خاتون هئي، ذوالفقار ڀٽو کي جڏهن ڦاسي جي سزا ٻڌائي ويئي تہ هي پاڻ روڪي نہ سگهي ۽ راولپنڊي جيل ۾ ڀٽو صاحب سان ملڻ ويئي.

بينظير ڀٽو جي اقتدار ۾ امير بيگم کي ڏاڍي اهميت حاصل هئي. بينظير صاحبہ هن جي ڏاڍي عزت ڪندي هئي، آنٽي ٻڌائيندي هئي ۽ ذاتي طور مون کي بہ خبر آهي تہ ڪوبہ ڪم جنهن ۾ ڪنهن کي نوڪري ڏيارڻ يا ڪو ننڍو وڏو مسئلو هوندو هو يڪدم حل ڪيو ويندو. عيد يا ڪنهن وڏي ڏهاڙي تي محترمہ طرفان هن کي تحفا وغيره موڪليا ويندا هئا. خاندان جي دعوت ۾ هن کي گاڏي موڪلي گهرائيندي هئي. آنٽي امير بيگم جي سنڌ توڙي پنجاب جي ڪيترن وڏن خاندانن سان اُٿ ويهہ هوندي هئي. هڪ دفعي مون وٽ آئي مون کيس چيو تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌيالوجي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ڪارنر ٺاهيو ويو آهي اگر توهان چاهيو تہ مان توهان کي وٺي هلان. آنٽي امير بيگم جون اکيون وڏيون هونديون. سندس کلڻ يا مُرڪڻ ڏاڍو خوبصورت هو ۽ هڪ خاص اسٽائيل هوندو هئس. ڏک ۽ غم

جي بہ هڪ خاص اسٽائيل هئس ڪنڌ ٿورو هيٺ ڪري اکيون مٿي ڪري يا ڪلندي هئي يا چپ ڪري ڏسندي هئي. ان وقت بہ ڪنڌ ٿورو هيٺ ڪري اکين سان هاڪار ڪيائين. مان کيس اچي اهو ڪارنر ڏيکاريو ڪافي دير تائين هڪ هڪ شئي ڏٺائين پر ڪوبہ تبصرو نہ ڪيائين. خاموش، اداس شايد ڀٽو صاحب جو اوڄ اڳيان پٽي ڦريس. ان ڪان پوءِ مون کيس سنڌيالوجي جو ميوزم بہ ڏيکاريو. ان وقت عبدالقادر جوڻيجو انچارج ڊائريڪٽر هو جنهن پاڻ اچي بيگم صاحبہ سان ملاقات ڪئي. خاندان جا سڀ ماڻهو ائين ئي سمجهندا هئا تہ آنٽي امير بيگم کي هنن سان بيحد محبت ڪري ٿي. مان بہ ائين سمجهندي آهيان ڇاڪاڻ تہ هن جي محبت جو انداز ئي اهڙو رهيو. وڏن سان وڏي، نوجوان سان نوجوان ۽ ٻارن جي دوست.

مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت واري ڏينهن اسين ڪراچي ۾ پنهنجي فيملي جي شادي جي تقريب جي سلسلي ۾ هڪ هوٽل هاليڊي ان ۾ هئاسون. مون کي ياد آهي ان وقت آنٽي امير بيگم منهنجي پرسان ويٺي هئي سامهون اسٽيج تي نڪاح جي رسم هلي رهي هئي. اوچتو منهنجو ڏير منظور حسين ڀٽو جيڪو ان وقت هوم سيڪريٽري هو. ڪنهن ماڻهو سان گڏ هليو ويو. ڊنر وقت آنٽي مون کان رازداري واري انداز مان پڇيو منظور ڇو هليو ويو ماني تي بہ ڪونهي، مون کيس ٻڌايو (ان وقت جيڪو مون ٻڌو هو) تہ سي ايم هائوس مان فون تي تہ ڪلفٽن ايريا ۾ فائرنگ تي رهي آهي، اهو ٻڌي پريشان ٿي ويئي چيائين امڙ الله خير ڪري اسان جي گهرن طرف تہ ناهي(ان وقت ۾ ٽن تلوارن جي سامهون فليٽ ۾ رهندي هئي) تقريبن رات جو ٻارهين وڳي ياڪر پائي موڪلايائين چيائين پيڻ دُعا ڪجانءِ مون کي فائرنگ کان ڏاڍو ڀؤ ٿيندو آهي.

اسين هوٽل تان ڪنوار جي والد نظير احمد ڀٽو جي گهر آياسون. اوچتو سُس پُس تي ڇوڪرا ۽ مرد واٺڙن وانگر هڪ ٻئي سان سُس پُس ڪرڻ لڳا پڇڻ تي ٻڌايائون تہ امتياز ڀٽو (جيڪو بينظير ڀٽو جو ياءُ آنٽي شيرين جو ناٺي) فون ڪئي آهي تہ مير مرتضيٰ ڪلفٽن تي فائرنگ ۾ مارجي ويو آهي کيس مڊ ايسٽ اسپتال کڻي ويا آهن، ممي يعني آنٽي

شيرين هينئر اسپتال پيئي وجي. مان ان وقت صوفي تي ويٺل هئس. خبر ٻڌڻ سان مون کان رڙ نڪري ويئي ۽ صوفي تان اٿي بيٺس. ادا لياقت عزيز به اتي گڏ هو. اسان فيصلو نہ پئي ڪري سگهياسون تہ ڪيڏانهن وڃون پر فيصلو اهو ٿي ٿيو تہ فجر کان اڳ ۾ اسين سڀ يعني جيڪي حيدرآباد مان آيا هئاسون واپس هلون ائين نہ ٿئي تہ وڳوڙ ٿي وڃي ۽ نڪري نہ سگهون.

گهر پهتاسون، بي بي سي گهڙي گهڙي خبرن ۾ مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت جي خبر ۽ فلم پئي ڏيکاري. آنٽي سان مائٽي هئڻ ڪري مان ٽن ڏينهن کانپوءِ هن وٽ نئون ديرو ويس ڏاڍي ڏک ۾ هئي چوڻ لڳي بينظير، غنويٰ ۽ نصرت ڀٽو تہ ٺيڪ ڀلي ٿيون ويون پر خاندان تي تہ جبل ڪري پيو. ڪوبہ مهمان ايندو هو تہ انهن سان گڏ ڀٽو صاحب جي مزار تي اڪثر ويندي هئي. اُن ڏينهن بہ مون سان گڏ هلي اسين مير مرتضيٰ جي قبر، ڀٽو صاحب ۽ شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي گل وجهي ۽ دُعا گهري آياسون.

بينظير ڀٽو يا غنويٰ ڀٽو هميشہ هن کي گاڏي موڪلي ڏينديون هيون. سترِ ڪلفٽن، بلاول هائوس، لاڙڪاڻي ۾ مرتضيٰ هائوس يا نئون ديرو هائوس، جتي بہ فون ڪندي هئي تہ گاڏي، ڊرائيور ۽ گارڊ کيس موڪليو ويندو هو. منهنجي ڌيءَ افشان سان ڏاڍي محبت هوندي هئس. اسان وٽ رهندي بہ افشان جي ڪمري ۾ هئي. هن سان گڏ بازار ۾ جوئيلر وغيره وٽ ويندي هئي، کيس چوندي هئي تہ پنهنجي پسند جا ڪپڙا وٺي ڏي عنبر جي شاديءَ کانپوءِ اُتي يعني نديم وٽ ايندي هئي. اُتي (قاسم آباد) پهچڻ تي افشان جو پڇندي هئي. افشان جي شاديءَ ۾ هوءَ ڪانہ اچي سگهي هئي، شايد طبيعت ٺيڪ نہ هئس، اُن وقت هوءَ پيهر وڃي نئون ديرو هائوس ۾ رهڻ لڳي هئي، جنهن جو ذڪر ڪجهہ هن طرح مون سان ڪيو هئائين تہ عمر جو آخري حصو آهي، ڪڏهن ڪنهن وٽ تہ ڪڏهن ڪنهن وٽ، ايئن نہ ٿئي جو ڪنهن بئي هنڌ مري وڃان. پنهنجي والد تي جيئن تہ ڏاڍو فخر ڪندي هئي، چوڻ لڳي، امڙ مان ڪنهن جي ڌيءَ آهيان خانداني، انهيءَ لاءِ بينظير کي فون ڪيم، پٽ مان نئون ديرو هائوس ۾ رهڻ چاهيان ٿي. وراڻيائين تہ ممي آپ ڪا گهر هي ۽ خوشي کي بات هي، بس نوڪرن کي آرڊر ٿيو، ڪمرو سجايو ويو. سندس گڏ جيڪي ملازم عورتون هيون، تن لاءِ جدا ڪمرو مقرر ٿيو. ٽي وي، فون، ڪاڏو پيتو ٽيليفون، دروازي تي پڇيرو گارڊ رائيور

ڪيس ڏنو ويو. مون ڪيس چيو تہ آنٽي توهان صحيح فيصلو ڪيو. چيائين، جيئن منهنجي ٻچڙي (بينظير)، امڙ نوڪر چاڪر منهنجي حڪم ۾ بيٺا آهن. چئون ٿا تہ بيگم صاحبہ حڪم. مون کي صلاح ڪيائين، نئون ديرو اچ. مون کيس چيو تہ سياري ۾ ايندس. چاڪاڻ تہ ڳوٺن ڏانهن سياري ۾ مزو هوندو آهي پر افسوس جو سياري ۾ تہ مان ويس پر سندس وفات ٿي.

منهنجي ساڻس آخري ملاقات عنبر جي پٽ محمد جي ٽين سالگرهہ جي موقعي تي ڪراچيءَ جي هوٽل پرل ڪانٽيننٽل ۾ ٿي.. رمضان جو مهينو هو ۽ نومبر جي ايڪيهين تاريخ هئي. پاڻ ٻئي ڏينهن تي جده وڃڻي هئي. ڏاڍي محبت سان ملي، پهرين جيڪا ڳالهہ ٻڌايائين تہ پيپلز پارٽي مخدوم شاهہ محمود قريشيءَ کي وزيراعظم کي اميدوار طور نامزد ڪيو آهي. (اُن وقت مون کي خبر ڪانہ هئي) وري چيائين تہ هنن جي وڏن سان ڏاڍي دوستي هوندي هئي ۽ مان ملتان هنن جي گهر بہ وئي آهيان. وري ٻڌايائين تہ آصف زرداريءَ جي ماءُ گذاري وئي. مان زرداري هائوس فاتحہ لاءِ وئي هيس. چوڻ لڳي، زرداري هائوس تمام وڏو آهي، مان پهريون دفعو وئي هئس. وڌيڪ ٻڌايائين تہ آصف سان مليس. منهنجي پرسان وينو پاڪر پاتائين. مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

جده ۾ ڪجهہ هفتا رهڻ کانپوءِ دبئي بہ وئي، حالانڪ سندس ڪو پروگرام نہ هو پر قدرت هن کي موقعو ڏنو تہ هوءَ شهيد ڀٽو جي ڏيئرن محترمہ بينظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو جيڪا اُنهن ڏينهن ۾ لنڊن کان پنهنجي ڀيڻ وٽ آيل هئي ۽ بيگم نصرت ڀٽو سان ملاقات ڪري. هتي هن کي ڏاڍي محبت ۽ عزت ملي. اُتي هن فوٽو بہ ڪڍرايا، جنهن جو البم پاڻ وٽ رکيائين. آنٽي امير بيگم آخري ڏينهن ۾ بہ دفعا حيدرآباد آئي. هيءَ جڏهن جده ۾ هئي تہ سندس ٽڻان امتياز بيگم وفات ڪري وئي هئي، جنهن جي فاتح خواني لاءِ ڪراچيءَ کان حيدرآباد آئي. هيءَ پنهنجن ساهرن جو ڏاڍو احترام ڪندي هئي، جڏهن بہ هتي ايندي هئي تہ ڀٽو صاحب جي ڀينرن ۽ ڀاڄائيءَ وٽ ضرور ويندي هئي، جيڪي سنيزن ڪالونيءَ ۾ رهنديون آهن. اُهي هن سان ڏاڍي محبت ڪنديون هيون. مان بہ هڪ ڀہ دفعو آنٽيءَ سان گڏ وئي هئس. ڀٽو صاحب ۽ مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ڀٽو مرحوم جي ڀينرن دنيا کي

ترڪ ڪري ڇڏيو هو. ڪاري لباس ۾ ملبوس ۽ هميشہ قرآن شريف پڙهڻ ۾ مشغول هونديون هيون.

ٻيو دفعو نئون ديرو ڪان آئي، جڏهن پنو مرحوم جي ڀاڄائي ثريا پنو وفات ڪري وئي، انهن ڏينهن ۾ مان ڪراچي ويل هئس. هي ٽي ڏينهن تڏي تي رهي.

اوڻهين جنوريءَ تي هن هي جهان ڇڏيو. اسين اُن ڏينهن شام جو تقريبن پنجين وڳي نئون ديرو هائوس پهتاسين. جتي سندس لاش کي غسل ڏئي سينگاري رکيو ويو هو. اُن وقت غنوي پنو بہ ڪراچيءَ کان پهتي، ۽ اڇڻ سان لاش مٿان اجرڪ ۽ گلن جي چادر وڌي ۽ ڪٽ جي پير ۾ هيٺ فرش تي ويهي رهي. اُتي ماڻهن جو انبوهہ موجود هو. ممتاز علي پنو بہ اندر زنانہ خاني ۾ آيو هو. جنهن آنٽيءَ جو منهن ڏنو سندس پيشانيءَ تي چُمي ڏني ۽ دُعا ڪئي، اُن ڪانپوءِ ٻاهر تڏي تي ويٺو.

ڪيس سومهڻي نماز ڪانپوءِ ڳڙهي خدا بخش پنو جي خاندان جي قبرستان ۾ شهيد پنو جي مزار جي سامهون ۽ شهيد شاهنواز ۽ شهيد مرتضيٰ پنو جي مزارن ويجهو دفنايو ويو. عام عورتون جيڪي تڏي تي موجود هيون سي ڏاڍيون ڏکايل هيون، جن روئندي ٻڌايو تہ بيگم صاحبہ بادشاهہ زادي هئي، هن جي وفات تي شهر نئون ديرو جي ڇڻ ڇٽ ڪري پئي آهي. هوءَ سيني جو ڇپر ڇانو هئي. ماڻهن جا ننڍا وڏا ڪم هن جي ذريعي ٿيندا هئا. خير خيرات، زڪوات گهڻي ڪندي هئي. غريب عورتن کي ڇيل هوندو هو تہ هو ٽُولا ناهي نہ اچن پر ٻہ ٻہ يا چار چار ٿي اچن، جن کي هوءَ نقدي جي صورت ۾ خيرات يا زڪوات ڏيندي هئي، جيڪا في عورت جي خيرات پنج سئو کان ٽي سئو تائين هوندي هئي. اُن کان علاوه هيءَ مسجدن سان ڏاڍي محبت ڪندي هئي. ٽي مسجدون هن پاڻ تعمير ڪرايون، جن مان هڪ راهوجا ۾ بہ آهي. تازو هن نئون ديرو اسٽيشن لڳ مسجد تعمير ڪرائي، جيڪا اناسي هزارن ۾ ٺهي. اُن کان علاوه مختلف مسجدن ۾ پکا، ايئر ڪولر ۽ واٽر ڪولر رکرايائين. هن وٽان ڪوبہ سوالي خالي نہ ويو توڙي جو سواليءَ جو ڪم وڏو ڇو نہ هجي، غريب ۽ وارث ماڻهن کي جاين ٺهرائڻ ۾ مدد ڪندي هئي.

سندس تڏي تي وارثن مان سندس ناناڻن واري خاندان کان علاوه پٽو فيمليءَ مان سردار عامر پٽو سندس پيڻ هما پٽو ۽ انهن جي پڦي سردار واحد بخش جي ڌيءَ ۽ سردار پير بخش پٽو جي پيڻ، جنهن کي "امان ننڍڙي ماءُ سڏيو ويندو آهي. موجود هيون، پٺي ڏينهن تي مان لان ۾ اچي ويٺيس. منهنجي ساڄي پاسي بختاور هائوس هو جيڪو ٻن فلورز تي مشتمل آهي ۽ سامهون ذوالفقار علي پٽو وارو پرائيم منسٽر هائوس.

مون سوچيو هي ڪهڙي تاريخ آهي، ڪهڙي سياست آهي، جنهن جي ڪري هن فيمليءَ جو هڪ وارث بہ نہ بچيو مرد ماريا ويا ۽ عورتون جلاوطن ۽ وطن ۾ موجود وارث عورتن جيڪو لاوارثي ۽ ڊپ وارو دور گذاريو! مون ذاتي طور تي مشاهدو ڪيو منهنجو ساهہ مُنجهڻ لڳو. مان اڳ بہ هت آئي آهيان، اهو بہ موتن تي، ڪارن لباسن ۾ ويٺل عورتون ۽ اڱڻ توڙي دالان ۾ لڳل خيما، ماڻهن جا انبوهہ ۽ پار ڪيندڙ عورتون توڙي مرد. مون چيو يا الله تون پنهنجا راز پاڻ ٿو ڄاڻين. عام عورتن جو چوڻ هو تہ هي خاندان تہ ستن پيڙهين کان امير ۽ رئيس هو پر سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ سواءِ تباهيءَ جي ڪين ڪجهہ بہ نہ مليو. بنگلا ويران ۽ ملڪيتون ٻين حوالي. مون فيصلو ڪيو تہ ٿيجهي ڪان اڳ ۾ هتان هلي وڃان. مان تاريخ جي شاگرد آهيان، منهنجي دماغ ۾ ذوالفقار علي پٽو جو دور، مرتضيٰ پٽو جي آمد. سندس جوانيءَ ۾ قتل ۽ جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو تنهن منهنجو سڪون ڦٽائي ڇڏيو ويتر غنويٰ پٽو جي موجودگي، جنهن ايندي ويندي مون کي ياڪر پئي پاتا. حال احوال اورينائين، تنهن جي بي واهي، اڪيلائي ۽ الائي ڪهڙي قسم جي سانت هن جي منهن ۾ هئي، جنهن کي ڏسي منهنجين اکين مان پاڻي بند نہ پئي ٿيو. مون پنهنجي پٽ زلفي کي هلڻ لاءِ چيو پر هن انڪار ڪيو ڇاڪاڻ تہ هو ٻين سان گڏ ڳڙهي خدا بخش پٽو جي قبرستان ۾ قرآن خواني جي بندوبست ۾ لڳل هو ۽ راتيون بہ اُت پئي گذاريائين. آنٽي امير بيگم هن سان بہ محبت ڪندي هئي ۽ ڪيس زلفي پٽ ڪري سڏيندي هئي. زلفي جي مرضي هئي تہ تيستائين هت رهون جيستائين آصف علي زرداري اچي ۽ ان سان ملاقات ڪئي وڃي (ڇاڪاڻ تہ هو جيل ۾ هو ۽ ڪيس پيرول تي اچڻ هو.) ٿيجهي تي پاڪستان جون ڪيئي شخصيتون آيل هيون پر مان جلد

از جلد اُتان نڪرڻ پئي چاهيان. سچو نئون ديرو پوليس ۾ وڌين وڌين گاڏين سان ڀريل هو. تيجهي جي دُعا کان پوءِ اسين لاڙڪاڻي روانا ٿياسون.

رستي تي ڀٽو صاحب جي المرتضيٰ هائوس جو ننڍو گيٽ کليل هو. مون ٿورو اندر ڏٺو جتي تنبو لڳل هو. شايد اُتي به تڏو وڇايو ويو هو. ٻاهر چوڪ تي اتاترڪ نشان جي گرل تي هڪ وڏو بينر ڪنهن تنظيم پاران لڳل هو "اسين ذوالفقار ڀٽو جي گهر واريءَ بيگم امير شيرين ڀٽو جي وفات تي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون. اسان جي گاڏي رائيس ڪئنال کان ٿيندي شيخ زيد بن سلطان هاسپيٽل کان ٿي مين روڊ تي هلي. ڪوهيڙي جي ڪري اونده هئي. بتيون ٻريل هيون. اُن وقت زلفي ڊيڪ تي ڪيسٽ هلائي. عجيب اتفاق هو جو هي غزل هليو:

"بڇڙي ڀي تو هم بس ڪل پرسون،
جيئون گي مين ڪيسي اس حال ۾ برسون،
موت نه آئي تيري ياد ڪيون آئي او ربا،
بڙي لمبي جدائي چار د نوان دا پيار،
بڙي لمبي جدائي."

منهنجين اکين ۾ ته ڳوڙها هئا پر مون ڏٺو ته زلفي زارو قطار رُنو پئي.

(عبرت مئگزين، 15 فيبروري 2003)

هُو جي هٿ هئا...

هن جو موت ٻه دفعا ٿيو. پهريون تڏهن، جڏهن هن جي ماءُ جو انتقال ٿيو ۽ ٻيو تڏهن جڏهن هن پاڻ وفات ڪئي.

چوٿين مارچ جي ڏينهن تي سنڌي نوجوانن پوليس هٿان مارون کائيندي پنهنجو رت وهايو. جيڪو سنڌي قوم لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن جي طور ياد ڪيو ويندو آهي. ان ڏينهن 1998ع تي هي ڏک ٻه وارد ٿيو ته خيرو وفات ڪري ويئي آهي. سائيڪولوجيءَ جي استاد، ڪهاڻيڪار، اديب، دانشور، سماجي ڪارڪن تقرير جي فن ۾ ماهر، فصيح ۽ بليغ تقرير ڪندي هئي. طبيعت ۾ سادي، فقير ۽ مولائي پر اندر ۾ تيز تراڻ ليليٰ بانا هن لاءِ غالب جو شعر پڙهندي چوندي هئي.

بدل کر فقيرون کا هم بهيس غالب
تماشائي اهل ڪرم دکهتي هين

هن جو والد اڪثر اسان جي گهر ايندو رهندو هو. هو منهنجي گهر واري جو استاد هو جنهن لاءِ مان مختلف ڊشز تيار ڪندي هئس. جنهن جي هو تعريف ٻه ڪندو هو پر منهنجي ملاقات خير النساءَ جعفري سان نائين مارچ 1976ع تي تي جڏهن مان مسلم هسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ بطور ليڪچرار مقرر ٿيس. ليڊي ٽيچرس سان ڪامن روم ۾ منهنجي سڃاڻ ڪرائيندي چيائين، "هيءَ ممتاز آهي. بابا هن جي تعريف ڪندو آهي. واقعي خوبصورت ٻه اهي ته سگهڙ ٻه..." آرٽس فيڪلٽي جي بلڊنگ ۾ موجود ليڊي ٽيچرس ڪامن روم جيڪو سيڪنڊ فلور تي آهي تنهن ۾ اڪثر سيڪنڊ فلور وارين ڊپارٽمينٽس جون ليڊي پروفيسر پنهنجي فري پيريڊس ۾ ويهنديون آهن. ان وقت ٻه سوشيالوجي، سڪائيڪولوجي ۽ مسلم هسٽري

جون خواتين استاد پنهنجي فري ٽائيم ۾ اتي ويهنديون هيون، جن ۾ آئون، ليليٰ بانا، خيرالنساءِ جعفري، تنوير جوڻيجو خالده شيخ، عزت خواجہ نادره ترڪ، فرحت، فخرالنساءَ ٽالپر ۽ نسيم شيخ وغيره شامل هيون. اسان جو اڪثر وقت، علمي بحث مباحثي، سماجي، مسئلن، ادب، سياست ۽ يونيورسٽي جي روز مره جي واقعات ۽ ماڻهن بابت ڳالهيون ڪندي گذرندو هو. هڪ ٻئي جي سبجيڪٽ مان واقفيت حاصل ڪرڻ، تحقيقي مقالا لکڻ ۽ PhD جي ٿيسز لکڻ لاءِ هڪ ٻئي کي صلاح مشورو ڏيڻ، روزاني جي مشغولين ۾ شامل هو. اسان جي هڪ ٻئي سان دوستي، مفاهمت ۽ قرب ماڻهن لاءِ رشڪ جوڳو هو. ائين لڳندو هو ڄڻ هڪ گهر جا ڀاتي هجون. هڪ ٻئي جون دعوتون ڪرڻ، شادي مرادي يا ٻارن جي سالگرهہ ۾ شامل ٿيڻ، پڪنڪ ۽ مختلف ٽوئرز تي گڏجي وڃڻ وغيره. ائين اسان جي زندگي تعليم سان گڏ، خوشين، ٽهڪن، گهمڻ ڦرڻ ۽ بهترين ڪاڏو پيتو ڪائڻ ۾ گذرندي هئي. پنهنجو ڪاڄ پنهنجو ڀاڳ! اسين مسرور رهندا هئاسون.

خيرالنساءِ جعفري جيڪا پروفيسر احمد علي خواجہ جي ڌيءَ هئي. تنهن جو گهراڻو سنڌس والدين، هڪ ڀاءُ جنهن جي شادي سلميٰ سان ڪرائي هئائون ۽ هڪ ڏاڏيءَ تي مشتمل هو. سنڌس رهائش حيدرآباد جي ٽنڊو ولي محمد ۾ شيرين منزل ۾ هئي. جيڪا هن جي والد صاحب تعمير ڪرائي هئي. هن کي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان بي انتها محبت هئي ۽ ڏاڏيءَ جي خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندي هئي. جنهن جو جلد ئي انتقال ٿي ويو. سنڌس گهر جا دروازا سڀني لاءِ کليل هوندا هئا. اديب، دانشور، پروفيسر ۽ غريب اوڙي پاڙي وارا هن جي گهر ايندا ويندا هئا. هوءَ هر ڪنهن سان عزت ۽ محبت سان ملندي هئي. ڪيس نہ پيڻ هئي ۽ نہ ڪو سئوٽ، ماسات، شايد ان ڪري بہ دوستن سان مائٽن وارو رويو رکندي هئي. ظاهر ۾ طبيعت ۾ انڪساري ۽ سادگي هئس. ايتري قدر جو ڪاريڊور ۾ ويٺل پٽيوالن سان وچي گڏ ويهندي ۽ ادڙا ادڙا ڪري سڏيندي هئي. نفسيات جي ماهر هئي. ماڻهوءَ جو گهرو مطالعو هوس. هر ماڻهو کي سڃاڻيندي هئي. اڪثر پنهنجون ڪمزوريون ۽ اوڻايون ظاهر ڪندي هئي پر اهو بہ واضح ڪندي هئي، تہ بظاهر تہ آئون پنهنجي متعلق اهي ڳالهيون ڪيان ٿي پر

اندر ۾ مان پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهندي آهيان. سندس طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهه ٿيندي هئي تہ سندس ردعمل ڏاڍو سخت هوندو هو. ماڻهن جا چوڏا لاهي ڇڏيندي هئي. نہ صرف پنهنجي ذات لاءِ پر ڪنهن دوست لاءِ خبر پوندي هئس تہ فلاڻي ماڻهوءَ ڪا زيادتي ڪئي آهي يا هن کي ڪا تڪليف پهچائي آهي تہ ان سان وڃي جهيڙو جوٽي ان جي بيعزتي ڪري ايندي هئي پوءِ هڪ هڪ کي ٻڌائيندي هئي تہ ڏسو تڪي جي ماڻهن جو ڪيڏو دماغ خراب ٿي ويو آهي. اڪثر ماڻهو هن کان ونءُ ويندا هئا تہ اسان جي لاءِ ڪو جملو نہ وارد ٿئي. ڪيس ڳالهائڻ ۽ تقرير ڪرڻ جو فن حاصل هو. سندس طنز و مزاح مشهوري حاصل ڪئي. شهر ۾ ڪوبہ فنڪشن جنهن ۾ خيروءَ کي ڳالهائڻو هوندو هو تہ ماڻهن جا انبوهہ اچي پهچندا هئا. هن جي هر جملي ۽ فقري تي ماڻهن جون تاڙيون ۽ ٽهڪ گونجندا هئا. سندس ڳالهيون وتائي فقير جهڙيون دانائيءَ سان ڀرپور هونديون هيون. ظاهر ۾ مزاحيہ پر اندر ۾ معنيٰ خيز.

هن جي طبيعت ۽ شخصيت روز مره جي زندگيءَ ۾ عام وهنوار کان الڳ هلندي هئي. Normalness کي ٽوڙيندي هئي. رستي تي چولا وغيره وٺي کائڻ، سموڪنگ ڪرڻ، جنهن تي ڪاوڙجي تنهن کي گارگند ڪرڻ، جهاز ۾ سفر دوران بيڙيءِ پيئڻ ۽ جڏهن ايئر هوسٽس ڊوڙي ڪيس سموڪنگ کان منع ڪندي تہ ان ڳالهہ کي enjoy ڪرڻ ۽ پوءِ هڪ هڪ کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ. ڪنهن فنڪشن ۾ تقرير دوران جيڪڏهن سندس ڏي صائمہ يا ياٽني هيٺ روئڻ لڳنديون هيون تہ تقرير روڪي هيٺ لهي ڏار ڏار يا ٻنهي کي گڏي اسٽيج تي کڻي ڪڇ تي کڻي تقرير جاري رکندي هئي ۽ ائين هن جي شخصيت، سادگي ۽ پنهنجائپ واري قرب جو احساس ٻڌجي وئي. تاج بلوچ، خيروءَ جي صلاحيتن کي هڪ جوهري وانگر سڃاتو ۽ ڪيس ادب جي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ همٿايو. خيروءَ اٺ ڏهہ ڪهاڻيون لکيون، انهن مان ”حويلي کان هاسٽل تائين“ ڏاڍي مشهور ٿي.

خيرو جڏهن شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ ڏاڍي خوش هئي ۽ ائين هن عبدالحق قاضيءَ سان شادي ڪئي. ڪجهہ وقت تہ خوش هئي پر پوءِ دانهون ڪيائين، ”قاضي صحيح ماڻهو ناهي.“ ۽ پوءِ جلد ئي هن کان

علحدگي حاصل ڪيائين ۽ ڪيس منع ڪيائين ته هو هن وٽ نه اچي. پنهنجي ڌيءَ صائمه جي جمڻ تي ڏاڍو خوش هئي. چوندي هئي، ” صائمه جو منهنجي مٿان احسان آهي جنهن مون کي ماءُ هئڻ جو رتبو ڏنو ۽ منهنجي پيرن هيٺان جنت هئڻ جو اعزاز عطا ڪيو.“ پنهنجي ماءُ کي حاجاڻي سڏيندي هئي. خيرو ماءُ ۽ ڌيءَ سان گڏ مسرور زندگي گذارڻ لڳي. صائمه جي پرورش، پڙهائي، لٽي ڪپڙي جو ڏاڍو خيال ڪندي هئي. هر وقت ڪيس هنج ۾ هوندي هئي. ڪيس هندستان، ايران، سينگاپور ۽ بئنڪاڪ گهمائي آئي عمره ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويئي، تڏهن به ڪيس ساڻ وٺي ويئي. اوچتو سندس ماءُ وفات ڪري ويئي جنهن جو هن تي ڏاڍو اثر پيو ۽ خيرو هڪ زنده لاش مثل رهڻ لڳي. پنهنجي ماءُ جون جواني کان پيري تائين جيڪي ڪيس ڳالهيون ياد اينديون هيون ٻڌائيندي هئي. امان ٻوڙ ورهائيندي هئي ته سٺيون ٻوٽيون ۽ ٻوڙ ٻين کي ڏيئي پاڻ بورچيخاني ۾ ديگڙي مان گرڙه ٻوڙي ماني کائيندي هئي. ڪڏهن ٻچيس ڪڏهن نه، ته به چوندي هئي منهنجي لاءِ گهڻو آهي. ڳالهيون ٻڌائيندي خيرو جي اکين مان ڳوڙها لاڙون ڪري وهندا هئا. جلد ئي سندس والد جو انتقال به ٿي ويو. خيروءَ جي دنيا ويران ٿي ويئي. هن جي طبيعت ۾ عجيب تبديلي اچي ويئي. پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳي. ماڻهن جي روين ۾ ڪيس ناڪاري ڪردار نظر اچڻ لڳا. آهستي آهستي اها ڳالهه هن ۾ گهر ڪري ويهي رهي ته ماڻهن ۾ سچائي ڪانهي ۽ سواءِ ٻين جو نقصان ڪرڻ ڪانسواءِ ڪين ٻيو ڪم ناهي. سندس صحت ڪرڻ لڳي ۽ هارٽ پيشنٽ ٿي پيئي. يونيورسٽي ۾ به ٿي پيرا طبيعت ايتري خراب ٿي پيس جو ايمبولينس گهرائي ڪيس هاسپيٽل وٺي وياسين، جتي ڊاڪٽر هن کي دل واري وارڊ ڊيوان مشتاق ۾ داخل ڪندا هئا ۽ ڪيس بد پرهيزين کان بچڻ لاءِ ڏاڍو سمجهائيندا هئاسين. سمجهندار ته هوءَ هئي پر ڏکن هن کي چؤطرف کان گهيرو ڪري ورتو هو ۽ ائين هڪ دفعي هوءَ يونيورسٽي ۾ ويٺي هئي ته ڪيس فون تي سندس اڪيلي ڀاءُ جي وفات جو اطلاع ڏنو ويو جنهن کي هوءَ صبح جو سٺل ڇڏي آئي هئي، جيڪو پڻ يونيورسٽي ۾ آفيسر هو. هن جي دنيا وري لٽجي ويئي. پاڻ کي گهڻو ئي سنڀاليائين پر هنيانءُ ڦاٽي پيس. ڀاءُ جا ننڍڙا ٻار ۽ جوان ڀاڄائي سلمي، جن

ڪي هيءَ ڏاڍو پائيندي هئي، تنهنجي مائٽن ڪيس پاڻ سان گڏ ڪراچي وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو گهر جنهن ۾ رهندا هئا وڪري ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو ان وچ ۾ خيرو سنڌ يونيورسٽي جي ٽيچرز سوسائٽي ۾ پنهنجو گهر ٺهرائڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ تہ ڪيس پنهنجي ڌيءَ جي مستقبل جو اونو هو ۽ ائين "شيرين منزل" وڪرو ڪئي ويئي. سندس ياڄائي ڪراچي هلي وئي ۽ پاڻ ڄامشوري ۾ صائمہ لاج ۾ اچي رهي. اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳي، "چهوڙ آئي هم وه گليان."

ڪيس ٽنڊو ولي محمد واري پاڙي وارن سادن ۽ سچن ماڻهن سان اٿاهہ محبت هئي. گهٽي گهٽي سان اُنس هئس. پاڻ پروفيسر هئي، پر هر ننڍي وڏي غريب ۽ بي پهچ سان هيٺاهين هلندي هئي. هنن جي ننڍڙن ٻارن کي هنج ۾ کڻي گهر ايندي هئي. سندن ڏک، سک ۾ شامل هوندي هئي. ڪيترن ماڻهن جي مالي مدد ڪندي هئي. خير خيرات موڪليندي هئي. سڄو پاڙو ڪيس "ادي گڏي" سڏيندو هو. سندس پيارن جي وفات، گهر جو وڪامجي وڃڻ ۽ پاڙي ڇڏڻ جو هن ڏاڍو اثر ورتو. پاڻ کي اڪيلو ۽ وياڪل سمجهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هيجاني حالت ۾ ويندي هئس. هڪ دفعي يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن جي جنرل باڊي ۾ وٺي رڙيون ڪيائين، "منهنجو پاءُ يونيورسٽي اٿارٽيز ماريو آهي. هن جي ڪڏهن ڪٿي. ڪڏهن ڪٿي بدلي ڪري ڪيس پريشان ڪيو ويو. هو ذلت برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ مري ويو. منهنجي شاندار(ياڻي) يتيم ٿي ويئي ڪيس ڪير سنڀاليندو؟" ۽ زارو قطار روئڻ لڳي.

اها خيرو جنهن جي خوش دلي، جنهن جو کلڻ، جنهن جي طنز ۽ مزاح مشهور هئي، غمگين ۽ ويڳاڻي ٿي ويئي. اڪثر فخرو جيڪا اسان جي دوست ۽ ڪليگ آهي ۽ ڳائيندي بہ سٺو آهي ان کي چوندي هئي، گانو ٻڌاءِ فخرو- پڇنديس ڪهڙو؟ چوندي هئي.

میري نینان ساون بهادو پهر بهي میرا من پیاسا

نوڪري جا پنجويهہ سال پورا ڪري رٽائرمينٽ وٺڻ جو فيصلو ڪيائين. چوي زندگي جو ڀروسو ناهي. بيمارين ۾ ورتجي ويئي آهيان، حياتي

پوري ٽيندي ٽي نظر اچي. صائمه جو ڪو ڪونهي. ننڍي به آهي. منهنجي مرڻ کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته هجيس جو جهڙي طرح هيءَ پلي نپني آهي ان طرح ته رهي سگهي. هن ريٽائرمينٽ ورتي. پينشن مقرر ٿيس، گهر جو مٿيون پورشن نهرائي هڪ عرب فيملي کي مسواڙ تي ڏنائين ۽ پاڻ اڪثر گاڏي ۾ ڊرائيور سان گهمندي هئي. يونيورسٽي به روز ايندي هئي، چوندي هئي يونيورسٽي ته منهنجو گهر آهي. هت مون کي سڪون ملي ٿو. بظاهر خوش هئي پر اندر ۾ جيڪو غم ۽ ڏک جو اوڙاهه پئي دکيس سو وسامي نه سگهيو. نروس بريڪ ڊائون جو شڪار ٿيڻ لڳي. ڪڏهن اسپتال ڪڏهن گهر آخر چوٿين مارچ تي هن ڏکي دنيا مان لاڏاڻو ڪري ان سچي دنيا ۾ پهتي جيڪو سيني جو اصل مقام آهي. "ارجعي الیٰ ربک راضية مرضية" اي روح پنهنجي پروردگار ڏانهن خوشيءَ سان موٽي وڃ.

رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ سندس روح کي آرامي رکي. منهنجو يقين آهي ته جيڏا ڏک هن دنيا ۾ ڏٺا، رب سائين هن کي اتي اوترو ئي سکيو رکيو هوندو ۽ پنهنجي جيجل ماءُ، شفيق پيءُ ۽ پياري ياءُ جي وچ ۾ ٿڌڪ ڏيندي هوندي.

(ماهوار "سوجهرو"، اپريل 2003)

عظيم ڀيڻ جي عظيم نياڻي

فيبروري جي سترهين تاريخ هئي ۽ سال 1843ع هو جڏهن ڦليلي جي ٽڏي ڪپ وٽ مياڻي جي ميدان تي نيپيئر سنڌ جي هڪ آزاد ملڪ کي پنهنجي طاقت جي زور تي قبضي ڪرڻ لاءِ جنگ جو طبل وڄايو. آزادي جا متوالا ملڪ کي بچائيندي پنهنجي خون جو نذرانو ڏيندي ڪي شهيد ٿيا ته ڪي قيد ٿيا ۽ هڪ آزاد ملڪ غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو.

جيتوڻيڪ ان وقت ملڪ ۾ ماتم هو پر سنڌو دريا وٽان هلندڙ هوائون پيغام ڏئي رهيون هيون ته عظيم تهذيب موهن جو دڙو پرسان رهندڙ هڪ اعليٰ خاندان مان اهي فرد اُڀرندا جيڪي نه صرف انگريزن سان مڌ مقابل ٿيندا پر آئينده ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ هر آمر جي خلاف ۽ جمهوريت جي جدوجهد لاءِ قربان ٿيندا جيڪي ملڪ جي ڏتڙيل عوام کي ويساهه ڏيندا، جيڪي سورهيه هوندا سچا هوندا.

ان خاندان جي عظيم نياڻي وفا، سونهن، تهذيب ۽ سخاوت جي نشاني، علم جي اڪابر جنهن کي ناز هو پنهنجي سنڌ ۾ جمڻ تي ۽ سندس چوڻ هو:

My brothers sister and I took great pride that we had been raised in the shadow of Moenjo daro, that we lived on the bank of the Indus which had been bringing life to the land since the beginnings of time .(Daughter of East)

خوشقسمتي سان سندس جنم اهڙي والدين وٽ ٿيو جيڪي سنڌ جي ان روايت کان مٿاهان هئا جتي نياڻي کي اها اهميت نه ملندي هئي جيڪا اولاد نرينه کي ملندي هئي يعني تعليم و تربيت يا لاڏ ڪوڏ ۾. ايڪيهه جون 1953ع تي گلابي گل جهڙي گلابي نياڻي ڀٽو خاندان ۾ جنم ورتو. سندس روپ ۽ نکار ۽ سونهن جي ڪري بينظير سان گڏ "پنڪي" به سندس نالو پئجي ويو.

هوش سنڀاليندي هن ڏٺو تہ هن جو عظيم قدآور والد حڪومت جي اعليٰ عهدن تي فائز هو. دنيا جي ملڪن سان پنهنجي ملڪ ۽ مسلم ملڪن جي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن يونائيٽيڊ نيشنس ۽ ڪڏهن سوويت يونين پهچندو هو. هو ڪشمير جي آزادي لاءِ ۽ مسلم ملڪن جي مدد لاءِ مختلف معاهدن ۾ مشغول رهندو هو. اخبارن جي مٿئين صفحن تي عظيم پاپا جون تصويرون ڏسي حيرت سان گڏ هوءَ خوش ٿيندي هئي، سنڌس روايتي والده پنهنجي ٻارن جي بهترين تربيت ۽ پرورش کان ڪڏهن بہ غافل نہ رهي پنڪيءَ کي احساس ڏياريندي هئي تہ هوءَ ڇئن ٻائرن ۽ ڀينرن ۾ وڏي آهي ۽ هن جون ذميواريون بہ وڏيون آهن. پنهنجي عظيم ور سان ملڪ جي ترقي و تعمير ۽ بقا لاءِ هن کي بہ اڪثر سفر تي وڃڻو پوندو هو. هوءَ پنڪي کي گهر جي ذميوارين ۾ شامل ڪندي ڪيس خرچ لاءِ پيسا ڏيئي ويندي هئي، جيڪي هوءَ بستري جي ويهاڻي هيٺيان لڪائي رکندي هئي. انن سالن جي پنڪي بابو[1] کان خرچ جو حساب بہ وٺندي هئي ۽ بورچيخاني ۾ اسٽول تي چڙهي بابو کي ڏنل پيسن جو حساب آگرين تي ڳڻي ڪندي هئي. ملڪ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ هن جي تعليم حاصل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو ۽ سياسي تربيت والد جي طرفان، ٽوڙي جو هوءَ هاسٽل ۾ بہ رهي پر والد جي طرفان ملڪي سياست يا بيروني ملڪن سان ٿيل معاهدات جو ذڪر ڪيس خطن ذريعي معلوم ٿيندو رهيو ۽ سنڌس لڪل صلاحيتون اجاگر ٿينديون رهيون.

1966ع ۾ هن جو والد ايوب سرڪار کان جدا ٿي 1967ع ۾ "پاڪستان پيپلز پارٽي" جو روئي، ڪپڙا ۽ مڪان جي منشور سان بنياد وڌو تڏهن پندرهن سالن جي پنڪي ڏٺو تہ هن جو والد لکن غريبن کي جيڪي بنيادي سهولتن کان واقف بہ نہ هئا انهن کي ڳلي لڳايو ۽ سڃاڻپ ڏني. هوءَ Civil liberties ۽ Democracy جهڙن لفظن کان آشنا ٿيندي رهي. والد جي جلسي ۾ لکين غريب جنهن ۾ هاري، مزدور، پورهيت، رڪشا ۽ ٽانگو هلائڻ وارا ۽ ريڙهي وارا شامل هوندا هئا جن کي اهو ٻڌايو ويو تہ 1947ع کان وٺي

---

[1] سنڌن گهرو ملازم هو (Daughter of East)

هنن جي حقن تي وار ٿيندا رهيا آهن ۽ آمريت جي چڪي هيٺ ڪين پيڙيو ويو آهي. ملڪ جو پڙهيل طبقو استاد، پروفيسر، ڊاڪٽر، وڪيل، اديب ۽ دانشور هنن جي قافلي ۾ شامل ٿيندا ويا.

هوءَ وڏي پاپوهہ سان ستر ڪلفٽن جي پهرين فلور تي جوڙيل پي پي پي جي برانچ آفيس ۾ پنهنجي پيڻ صنم پٽو سان گڏ ماڻهن کي پارٽي جي ميمبر شپ لاءِ فارم ڏيندي هئي ۽ ڪارڪن چار آنا في ڏيئي پيپلز پارٽي ۾ ميمبر جي حيثيت ۾ شامل ٿيندا هئا. ان سلسلي ۾ بابو بہ هنن جي مدد ڪندو هو. هن جي والد کي ايوب سرڪار کان موت جون ڌمڪيون ملنديون رهيون ۽ کيس پارٽي ختم ڪرڻ لاءِ ڪثير رقم بہ آڇي ويئي کيس مختلف طريقن سان ڊيجارڻ جون ڪوششون ڪيون ويون.

جڏهن ڪن فيڪون من تڏهانڪون مارئين
تون ڪيئن وجهين تن کي سومرا شڪون
هميرن هڪون جاڙ جسي کي پاتيون!

استحصالي قوتون هن جي عقيدت جي مرڪز ۽ عظيم ليڊر پاپا کي هٽائڻ لاءِ سندس جلسن تي خوني حملا ڪرايا. هن تي رحيم يار خان ۽ سانگهڙ ۾ گوليون هلايون ويون، لاڏلي ڌيءَ پنڪي ہڏائي ٿي.

The world of violence was unknown to me. There was the world of politics in which my father lived and there was the world of the children, schools and games laughter at the beach.

ننڍي عمر ۾ اهڙي قسم جي ماحول ۾ هن ۾ بہ سياسي بصيرت اڇي چڪي هئي. والد جي عظيم الشان جلسن ۽ تقريبن، دنيا جي عظيم انسانن سان ملاقاتون ملڪي عوام کي سجاڳي ڏيارڻ ۽ عوام جي قربانين کي ڏسي هن ظلم خلاف آواز اٿارڻ ۽ ڏاڍائي جو صبر سان مقابلو ڪرڻ سکي ورتو هو. هن مطابق:

Our house became with tension but I tried not to show my Fear.

هن هيري جي پرک هن جي عظيم والد ڪئي هئي. هن جي اسڪول تعليم جي دوران مختلف جيلن ۾ بند هئڻ باوجود هن جو پاپا هن کي خط لکي همٿائيندو هو کيس لکندو هو تہ مقرر نصاب سان گڏ ادب ۽ تاريخ بہ

پڙهه هر ڪتاب ۽ هر سبجيڪٽ جي توکي ضرورت آهي تنهن ڪري نيپولين بونا پارٽ متعلق ڄاڻ حاصل ڪر. آمريڪن انقلاب ۽ ابراهيم لنڪن متعلق پڙهه. جان ريڊ جو The days that shook the world بسمارڪ، لينن، اتاترڪ ۽ مائوتستيگ کي پڙهه. هندستان جي تاريخ ۽ اسلامي تاريخ پڙهه. جنهن جو استاد ايڏو عظيم هجي، ڄاڻو هجي ۽ ايڏو خيال رکندڙ هجي ان جا شاگرد بہ پوءِ ضرور هيري مثل ئي ٻڻبا. هن عظيم نياڻي جي جڏهن Harvard Radcliff ۾ داخلا ٿي تہ هن جا استاد بہ حيران ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ سورهن سالن جي عمر ۾ امريڪا جي اڻ ڄاتل ماحول ۾ وڃڻ ۽ اتي ايڊجسٽ ٿيڻ واري معاملي هنن کي پريشان پئي ڪيو. هنن سندس عظيم والد کي صلاح ڏني تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال انتظار ڪيو وڃي پر هن اهو مناسب نہ سمجهيو ۽ آگسٽ 1969ع ۾ پنڪي کي هدايت ڪيائين.

Never forget that the money it is costing to send you comes from the land, from the people who sweat and toil on those lands. You will owe a debt to them, a debt you can repay with God blessing by using your education to better their lives.

ڪيس والده بيگم نصرت پڻو سان گڏ آمريڪا روانو ڪيو ويو جيڪا ڪيس اتي ڇڏي آئي.

هارورڊ ۾ هن کي ڪيترين ئي آزمائشن مان گذرڻو هو پاڪستان جي هڪ عظيم سياستدان ۽ اڳوڻي وزير خارجہ جي ڌيءَ آمريڪي ثقافت ۾ ان ٽئين دنيا جي رهواسي هئي، جنهن کي قدم قدم تي رنگ، نسل ۽ معاشرتي تفاوت سامهون هو اتي هن نہ صرف پنهنجي ملڪ کي بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرايو پر وڏي ڪاميابي سان پنهنجي صلاحيتن کي مڃرايو ۽ پنهنجي خاندان ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪيو.

ملڪ ۾ ايوب جي آمريت جا پوياں ڏينهن هئا جنهن جلدئي ملڪ هڪ ٻئي جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيو جنهن صدارتي هائوس کي مذاق هائوس بڻائي ڇڏيو. ملڪ ۾ شديد احتجاج جاري هو آخرڪار هن 7 ڊسمبر 1970ع ۾ ملڪ عام چونڊون ڪرايون. ملڪ ۾ عام چونڊون هلي رهيون هيون پر دنيا جي ٻئي حصي ۾ ڪيمبرج ڪنڊ ۾ ٿهيل هاسٽل ۾ سياست ۽ متقابل حڪومتون Comparative Governments جي شاگرد

پنهنجي پيرسان فون رکي پنهنجي پڙهائي ۾ مصروف هئي ۽ فون اچڻ جي انتظار ۾ بہ هئي. اوچتو فون جي گهنٽي وڳي هن جي مٺي ماءُ هن کي مبارڪباد ڏئي ٻڌايو تہ سندس عظيم پاپا کي اليڪشن ۾ ڀرپور ڪاميابي حاصل ٿي آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڍاڪا ۾ جنگ جو طبل وڳو. هن جي دوست سمعيہ ڀٽو کي خط ذريعي جنگ متعلق آگاهي ڏيندي هئي. کيس لکيائين تہ ڪراچي ۾ بليڪ آئوٽ هوندو آهي. سندس ننڍڙي ڀاءُ شاهنواز ڀٽو جنهن جي عمر انوقت تيرهن سال کن هئي لکيائين تہ هن سول ڊفينس ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي ۽ رات جو موٽر بائيڪ تي پاڙيسرين ۽ ٻين کي بتيون بند ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي جيئن هو دشمن جي حملي کان محفوظ رهي سگهن.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻ کانپوءِ بہ اقتدار کان پري رکيو ويو ملڪ ۾ افراتفري پکيڙي وئي بنگالي پاڪستان جي خلاف ٿي بيٺا. سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو خراب ٿيڻ لڳو مجبوراً وقت جي سرڪار شهيد ڀٽو کي اقوام متحده موڪليو ڇاڪاڻ تہ هن جهڙو قابل ڇاٽو فصيح ۽ بليغ ٻيو ڪوبہ نہ هو.

"مان يونائيٽيڊ نيشنس اچي رهيو آهيان. نائين ڊسمبر تي نيويارڪ جي هوٽل Pierre ۾ مون سان مل"

عظيم پيءُ جو پيغام هن کي مليو.

باصلاحيت ڌي سان گفتگو ڪندي کانئس پڇيو تہ ڇا اقوام متحده ۾ اسان جو موقف مڃيو ويندو يعني اقوام متحده طرفان هندستان تي جنگ بندي جو زور وڌو ويندو ۽ هنن جي فوج کي واپس موٽڻو پوندو. نوجوان پنڪي پراميد هئي. پر هن جي حيرت ۽ ڏک جي حد نہ رهي جڏهن ڪيترن ملڪن جي راضپي باوجود سويت ۽ پنجن مستقل ميمبرن ويٽو پاور استعمال ڪري هر راءِ کي ٽڏي ڇڏيو. جنرل اسيمبلي ۾ هن پنهنجي پاپا کي ٻڌو جيڪو شينهن وانگر گجگوڙ ڪري رهيو هو. هو ملڪ جي تباهي ڏسي رهيو هو. هن فرانس ۽ برطانيہ جي ميمبرن کي مخاطب ڪندي چيو:

You have to be either on the side of justice or the side of injustice, you have to be either on the side of the aggressor or the aggressed. There is no such thing as neutrality.

هن جو پاپاءِ مسلم دنيا جو عظيم ليبر اجلاس مان ٻاهر نڪري ويو. ڊيليگيشن ۾ آيل ٻيا ميمبر هن جي پٺيان نڪري ويا. دنيا جي ملڪن جا ويٺل ميمبر هن جي حق تي ٻڌل، پر تاثير نڪتن تي حيران ٿي ويا ڇنڪي پاپا جا ڪاغذ ۽ فائيل گڏ ڪري هن پٺيان هلي ويئي.

ان ڏکئي مرحلي ۾ هوءَ پاپا سان گڏ رهي. مشرقي پاڪستان ۾ پاڪستاني فوج گهيري ۾ اچي ويئي. ڇنڪيءَ ڀٽو صاحب لاءِ پاڪستان جي صدر يحيٰ خان لاءِ فون ڪال بوڪ ڪئي پر هو يحيٰ خان سان ڳالهائي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ هن جي ملٽري اسسٽنٽ چيو تہ صدر صاحب سمهيو پيو آهي ۽ هن کي disturbed ڪرڻو ناهي. ڀٽو صاحب ڏک وچان چيو ملڪ جنگ جي شعلن ۾ آهي ۽ ملڪ جو صدر سمهيو پيو آهي! اهڙين ئي حالات ڪري پاڪستان جي فوج هٿيار اڇلايا. شڪست تسليم ڪئي ۽ مشرقي پاڪستان بنگلہ ديش بڻجي ويو پاڪستان جي نوي هزار فوجين کي گرفتار ڪري هندستان ۾ قيد ڪيو ويو ملڪ جي معيشت ڪري پيئي فوجي آمر تماشو ڏسندو رهيو. ڇنڪي ڀٽو تي ان سانحي جو گهرو اثر پيو ملڪ جي تباهي سان گڏ پرڏيهہ ۾ ٽيندڙ ٺٺولين کي بہ هوءَ منهن ڏئي رهي هئي. عوام جي شديد دٻاءَ ڪانپوءِ يحيٰ خان ملڪ جي هر دل عزيز شخصيت ۽ اڪثريتي پارليماني پارٽي جي سربراهہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي آمريڪا مان گهرائي ملڪ جون واڳون سندس حوالي ڪيون. هن پاڪستان جي قوم کي ٻڌايو تہ اسين زندگي جي بدترين بحران ۾ ڦاٿل آهيون. ملڪ جو هر ادارو تباهہ هو ۽ هر شئي ٽڪر ٽڪر ٿيل هئي. هن ٽڪر ٽڪر ملائي نئون ملڪ ٺاهيو نئون پاڪستان ٺاهيو. جنهن ۾ عوام کي شعور ۽ سجاڳي ملي جتي پهريون ڀيرو ملڪي آئين ٺهيو. گرفتار ٿيل فوج سندس ئي تدبر سان ملڪ ۾ واپس آئي ملڪ "جيئي ڀٽو" "سدا جيئي" جهڙن نعرن سان گونججي اٿيو. پر استحصالي قوتون سرگرم رهيون ڪجهہ فوج جا ماڻهو ۽ ڪجهہ مذهبي انتهاپسند جماعتون هن جي ۽ ملڪي ترقي جي خلاف ٿي بيٺيون هنن کي تہ ملڪ اجان تباهہ ڪرڻو هو.

آخر 5 جولائي 1977 تي جڏهن پنڪي ڀٽو راولپنڊي جي پرائيم هائوس ۾ ستي پيئي هئي تہ ڪيس عظيم والده ننڊ مان اٿاريو هن ڏٺو تہ فوج هنن کي گهيرو ڪري بيٺي هئي. ضياالحق نوي ڏينهن جو ڪوڙو واعدو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ ملڪ جي محبوب شخصيت عظيم ليڊر کي گرفتار ڪيو. ڀٽو صاحب جي نياڻي هاورڊ جي تعليم يافتہ اهي حالتون ڏسي لکي ٿي تہ:

On the day my Father was arrested, I changed from a girl to a woman (Reconciliation. Benazir Bhutto)

ڀٽو صاحب جيل ۾ ملاقاتين دوران هن کي گائيڊ ڪندو رهيو آخر هن آمر راتاهو هنيو ملڪ جي عوامي ليڊر کي مختلف مڪارانہ ۽ شيطانيت سان ڪيس 4 اپريل 1979ع تي تخت دار تي پهچايو ويو. ملڪ ۾ هڪ بي رحم مارشل لا هئي. نوجوان بينظير ڀٽو پنهنجي والده سان گڏ سهارا ريسٽ هائوس ۾ قيد هئي سندس ڀائر جلاوطن ڪيا ويا. کيس شهيد پاپا جو منهن ڏسڻ کان محروم ڪيو ويو هنن پنهي ماءُ ڌي کي اها بہ خبر نہ هئي تہ ان تاريخ تي ڀٽو صاحب ڪهڙي وقت شهادت ماڻي هوءَ سڙي ڪامجي ٿامو ٻڌجي ويئي پر بهادر هئي هوءَ چوي ٿي تہ:

on the day he was murdered, I understood that my life was to be Pakistan, and I accepted the mantle of leadership of my Father's legacy and my Father's party.

ملڪ هڪ اهڙي بحران ۾ هليو ويو جتي سڄي دنيا ۾ هن جي بدناموسي ٿيڻ لڳي، ملڪ جا ماڻهو جمهوريت جي نالي کان اڃان واقف مس ٿيا هئا تہ ملڪ ۾ افغان مجاهدين، القاعده ۽ طالبان جهڙيون جماعتون آنديون ويون. هن عظيم ليڊر ۽ سندس خاندان کي خاص نشانو بڻايو ويو کين جيل خانن ۾ رکيو ويو. هن کي ۽ هنن جي جيالن مٿان مصيبتن جا پهاڙ ڪريل هئا پر حوصلا بلند هئا. هنن جي محنت رنگ لاتو جڏهن ايتري مخالفت ۽ دشمني باوجود محترمہ بينظير ڀٽو 2 ڊسمبر 1988 تي پاڪستان جي منتخب وزيراعظم جي حيثيت ۾ قدم کنيو پر ملڪ جون اهي استحصالي قوتون سرگرم ٿي رهيون ۽ هن سان ناحق ٿيندو رهيو صدارتي آمريت هن خلاف هلندي رهي هوءَ جيڪا انساني حق ۽ عوامي طاقت ۾

پروسو رکندي هئي تنهن کي هٽائڻ لاءِ ملڪ جي معيشت کي لٽڻ لاءِ اهي قوتون سرگرم رهيون آخرڪار ان تي 6 آگسٽ 1990 تي عمل ٿيو منتخب وزيراعظم جي سٽيل سازشن تحت حڪومت ختم ڪئي ويئي هن کي ڪيترن الزامن هيٺ رکيو ويو پر هن جا چاهيندڙ حق ۽ سچ کي سمجهڻ واري عوام ڪيس 24 آڪٽوبر 1993ع تي وري وڏي اڪثريت سان چونڊيو. مخالفن جي هزارين حيلن، سازشن، ڪوڙن، ڏانڌلين جي باوجود به هوءَ چوڏهين جي چنڊ وانگر روشن رهي. هن ملڪ ۾ ملڪ جي ماڻهن جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو ڪين ترقي جي راهه تي گامزن ڪيو. پر ڪيئي انتهاپسند گروهه ملڪ ۾ پيدا ٿيندا رهيا سازشون هلنديون رهيون هن جي ساک تي وار ٿيندا رهيا. هڪ پاءُ ضياءُ الحق جي دور ۾ شهيد ٿيو هڪ پاءُ هن جي دور ۾ شهيد ڪيو ويو. هن جي عظيم والده هوش وڃائي ويئي هن کي جلاوطن ٿيڻو پيو. ملڪ ۾ ناسور پيدا ٿي ويو پر عوام جي پتو فيملي لاءِ چاهت ساڳي رهي. اٺن سالن جي جلاوطني کان پوءِ هوءَ ملڪ موٽي پنهنجا جذبات ٻڌائي ٿي:

As I stepped down on to the tarmac at Qaid-e- Azam International Airport in Karachi on October 18,2007, I was overcome with emotion. Like most women in politics, I am especially sensitive to maintaining my composure to never showing my feelings. But as my foot touched the ground of my beloved Pakistan for the first time after eight lonely and difficult years of exile, I could not stop the tears from pouring from my eyes and I lifted my hands in reverence, in thanks and in prayer.

پتگن پهه پڇايو مڙيا متي مڄ
ويچارن وڏايا سندا ڳچين ڳچ
(شاهه)

انوقت دنيا ڏٺو ته محترمه اڳي کان به وڌيڪ باوقار خاتون هئي، هوءَ اعليٰ قيادت سان اُها سنجيده ۽ داناءِ اڳواڻ هئي جيڪا دنيا ۾ رونما ٿيندڙ هر واقعي کان واقف هئي. هوءَ پاڪستان جي معاشي، معاشرتي، سماجي تعليمي مسئلن سان گڏ ملڪ ۾ دنيا ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي چيلينج کان پڻ واقف هئي. هن کي ملڪ اچڻ کان اڳ ۾ جيڪي به ڌمڪيوم مليون هيون ۽ جيڪي به رپورٽون مليون هيون تنهن کان هوءَ بخوبي واقف هئي، ڪيس اها به ڄاڻ هئي ته ديس ورڻ کانپوءِ هوءَ زنده به رهندي يا ماري ويندي؟

هن انهن رپورٽن متعلق پاڪستان جي اڳوڻي صدر پرويز مشرف ۾ هڪ مسلم ملڪ جي سربراهه کي آگاهي پڻ ڏني ته ڪيس هدايو ويو آهي ته چار خودڪش حملہ آور گروهه هن تي حملو ڪري سگهن ٿا جيڪي طالبانن ۽ القاعده جا هوندا انهن ۾ بيت الله محسود، حمزه بن لادن، اسامه بن لادن جو پٽ، لال مسجد مليشن ۽ ڪراچي جو ڪو مليشن گروپ هوندو. ايترين موتمار ڌمڪين جي باوجود به هوءَ بهادر خاتون ملڪ جي غريب پورهيتن هارين مزدور خواتين محنت ڪش عوام ۽ پنهنجن ڪارڪنن ۽ جيالن کان دور نه پئي رهي سگهي. هن پنهنجن پيارن ٻچن، ور ماءُ پنهنجي اسٽاف ۽ دوستن کي اهو چئي ڏيهه رواني ٿي ته:

Do not worry. Nothing will happen to me. God will protect me. Remember God gives life and God takes life. I will be safe until my time is up.

اهو ڏينهن هزارين عيدن کان به وڌيڪ خوشي جو ڏينهن هو جڏهن محترمه پنهنجي سرزمين تي پير رکيو. ڪيترن ڏينهن کان سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جي شهر ڳوٺن واهڻن گهٽين ۾ ويلڪم ويلڪم جا نعرا بلند هئا هر طرف محترمه جون خوبصورت تصويرون ۽ پارٽي جا جهنڊا آويزان هئا. ان ڏينهن ماڻهن جو سمنڊ ڪراچي جي شهر ۾ اٿلي پيو ۽ فضا جيئي ڀٽو جي نعرن سان مهڪيل هئي، جيڪي اتي پهچي نه سگهيا هئا اهي ڪروڙين ماڻهو ۽ ٻي دنيا جا ڪروڙين انسان ٽيلي ويزن جي مختلف چينلز تي اکيون لڳايو ويٺا هئا هن جو چوڏهين جي چنڊ جهڙو چهرو ڏسي ۽ محترمه جي اکين ۾ آيل ڳوڙها ڏسي روئيندا رهيا. محترمه ان ويلڪم تي ڏاڍي خوش پئي نظر آئي ماڻهن هن کي عقيدت ۽ محبت سان ڏسي رهيا هئا.

اوچتو لڪل رهزنن پنهنجي روش ظاهر ڪرڻ شروع ڪئي جنهن کي هن عظيم ليڊر به محسوس ڪيو. هوءَ لکي ٿي ته ماڻهن جو سمنڊ خوشي ۾ جهومي رهيو هو ته اوچتو اسٽريٽ لائيٽ پهريون مدهم ٿيڻ لڳي پوءِ بند ٿي ويئي. سينٽر رخسانه زبيري کي ڪي اي سي موڪليو ويو جيئن روڊ جون بتيون ٻاريون وڃن پر هن کي ڪاميابي نه ٿي. هيڏانهن محترمه جا پير ڏهه ڪلاڪ مسلسل ٽرڪ ۾ بيهڻ جي ڪري سڄي ويا ۽ کيس پاٽل سينڊل پيرن کي تڪليف پئي پهچائي هن ٽرڪ جي هيٺئين ڪمپارٽمينٽ ۾

وجڻ پئي چاهيو جيئن سينڊيل متائي سگهي. اوچتو هن هڪ شخص کي ڏٺو جنهن جي هنج ۾ پيپلز پارٽي جي جهنڊي جهڙا ڪپڙا پاتل هڪ ٻار هو جنهن جي عمر سال سوا هئي. ان شخص محترمه کي ٻار وٺڻ جا اشارا پئي ڪيا ۽ هن کي ويجهي اچڻ جي ڪوشش ۾ هو. محترمه هجوم کي اشارا ڏيڻ لڳي ته هو هن شخص کي رستو ڏين پر هجوم مان هن کي رستو نه پئي ملي سگهيو. آخر هن سيڪيورٽي گارڊ کي اهو شخص ۽ ٻار ڏيکاريو ۽ پاڻ هيٺ ڪمپارٽمينٽ ۾ هلي ويئي. ان شخص ٽرڪ جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽرڪ ۾ بيٺل آغا سراج دراني (هن وقت جو صوبائي وزير) ان شخص جي مڪاري سمجهي ويو ڪيس هڪل ڏنائين هو ٽرڪ جي ڪاهي پاسي ڏانهن ڀڳو. ان طرفان هلندڙ پوليس موبائيل ۾ ويٺل پوليس وارن کي ٻار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر هنن ٻار وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. اڳيئن گاڏي ڏانهن ڀڳو جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي خاتون ڪائونسلر رخسانه فيصل بلوچ، هڪ ڪئمرا مين ۽ ٻيا ڪجهه ماڻهن سوار هئا. ان ۾ ٻار اڇلايائين اوچتو پوليس موبائيل مان اعلان ٿيو ٻار نه ونجو. ٻار نه وٺو ٻار. ٽرڪ ڏانهن نه موڪلجو اوچتو ان ٻار مان بم ڦاٽو وين ۾ ويٺل سڀ ماڻهو مارجي ويا گاڏي مان شعلا پڙڪي اٿيا اجان ماڻهن ٻنياليو ئي ٻه ته پنجاهه سيڪنڊن ڪانپوءِ هڪ وڏو طاقتور بم ماڻهن متان ڦاڙيو ويو. سڄو روڊ انساني لاشن انساني جسمن جي عضون رت ۽ دونهي سان ڀرجي ويا هنن جو ٽارگيٽ ته سنڌ راڻي هئي پر سندس جانثارن قرباني ڏني ۽ هن کي ڪجهه ڏينهن اجان زندگي ملي ويئي.

ڪن جو خيال آهي ته ٻار انساني ٻار هو ۽ هن کي ڀريل ڪپڙا پلاسٽڪ جا هئا جنهن ۾ بم جو متيريل نصيب ٿيل هو ڪن جو چوڻ آهي ته ٻار ربڙ جو گڏو هو جنهن ۾ بم ٻڌل هو انهن ئي ڏينهن ۾ محترمه بلاول هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته هوءَ پنهنجن دشمنن کي سڃاڻي ٿي ۽ انهن مان ڪجهه شخصن جا نالا هن صدر کي به لکي موڪليا جن تي ڪوبه عمل نه ٿيو. آخر اها نياڳي شام جيڪا شام غريبان ٿي ويئي. 27 ڊسمبر 2007 جي اهو نياڳو منظر سڄي دنيا ۾ محفوظ ٿي ويو دنيا ۽ ملڪ جو هڪ قيمتي اثاثو اسان کان کسيو ويو ملڪ ۾ انسانيت ۽ انساني حقن جي

آواز کي بي سهارا ڪيو ويو. هڪ نڊر جرئتمند دلير ۽ بهادر خاتون کي سفاڪن بمن ۽ گولين سان شهيد ڪيو.

عظيم والد جي عظيم نياڻي ان پارٽي جي علمبردار هئي جيڪا عوام جو آواز ۽ سوشلسٽ انقلاب جي علامت هئي. ڪين عوام جو ساٿ ڏيڻ عوام کي سرمايه دارن، جاگيردارن ۽ سامراجين خلاف شعور ڏيڻ جي سزا ڏني ويئي، محترمه ڀٽو اٺن سالن جي جلاوطني کان پوءِ پاڪستان جي بقا، جمهوريت جي استحڪام ۽ انتهاپسندي جي خاتمي جهڙا عزائم کڻي آئي هئي سندس چوڻ هو:

تم ڪتني ڀٽو ماروگي
هر گهر سي ڀٽو نڪلي گا

ڪيس 28_ڊسمبر 2007 جمعي جي ڏينهن پنهنجي پياري پاپا جي پير ۾ دفن ڪيو ويو.

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم،
قالو بلي قلب سين تڏهن تت چيم،
تنهين وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سين.

اي سنڌ ڄائي اي ڀٽي جي نياڻي، شهيد راڻي توکي منهنجو سرخ سلام.

("سرتيون" بينظير شهيد نمبر 2009_2008)

لاهوتي لڏي ويا

پنجين مئي (2009) جي صبح اسان جي فيملي کي لوڏي ڇڏيو جڏهن منهنجي پٽ ڊاڪٽر امجد حسين(جاني) مون کي ننڊ مان اٿاري ڇيو ممي ماما صلاح الدين فون ڪئي آهي ۽ چوي ٿو نہ انڪل قمر گذاري ويو... ان رات مون کي ننڊ ڪانہ آئي هئي ڏاڍو پريشان ٿيس آخر صبح جو تقريباً چئين بجي پنهنجي ڪمري مان نڪري ڊرائينگ روم ۾ قالين تي رلي وڇائي سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ اچڻ جو نالو ئي نہ ورتو اذانون اچڻ شروع ٿيون نماز پڙهي ليٽيس تہ شايد ننڊ اچي وڃئي. صبح جو انڪل ساڍي ستين بجي جاني مون کي اٿاريو آئون سٽ ڏيئي اٿيس هن جي ڳالهہ ٻڌي ڊرائينگ روم مان لائونج پهچي ڇت کي تڪڻ لڳس بي ساختہ ! يانيئر شينڊلر ۽ پڪا پيا لڏن. ڪجهہ وقت اڳي زمين ڌڏي هئي ائين ئي مون کي جانيءَ ننڊ مان اٿاريو هو ۽ چيو هو ڏس ممي پڪا ۽ شينڊلر پيا لڏن. هينئر بہ مون سمجهيو شايد زمين ڌڏي آهي دل مان نڪتو.

ڏور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا،
تون اڃان پيو جيئن هاڻي جيئڙا.

وري بہ پڪ لاءِ ياءُ صلاح الدين کي فون ڪئي جنهن جي ٻارن چيو اسان پڪي ارشاد جي گهر پيا وڃون. پيا تہ آفيس لاءِ نڪتو هو هن کي موبائل تي اطلاع مليو ۽ هو هاسپيٽل هليو ويو. اکين جا بند ٽٽي پيا پر همت ڪري شوڪت شورو کي اطلاع ڏنو ۽ کيس چيو تہ ادا قمر جي دوستن کي اطلاع ڏيئي ڇڏي شوڪت شورو ڪان پڻ دانهہ نڪري ويئي ۽ خبر هلندي سڄي سنڌ ۾ سوڳ ڇائنجي ويو نہ صرف سنڌ پر هند ۽ دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا. جن جو ادب ۽ شاعري سان تعلق آهي غم جي ڪيفيت ۾ اچي ويا. منهنجا ٽي ٻار ڪراچي ۾ رهن ٿا اهي پنهنجي ماسي جي گهر پهچي ويا

موبائيل تي ڳالهائيندا رهيا روئيندا رهيا مون کين دلاسو ڏنو ۽ چيو تہ توهين سوره بقره، سوره ياسين شريف پڙهو مسجد مان پٽريون گهرائي ڪلمہ طيب پڙهايو....

اسين ڪراچي لاءِ روانا ٿياسون. اجان سڄا سارا ڏهہ ڏينهن مان ڪراچي ۾ رهي آچر ڏينهن شام جو چوٿين مئي تي پنهنجي گهر(ڄامشورو) پهتي هئس. سومر ڏينهن رات جو يارهين بجي مون ادي ارشاد کي بہ دفعا فون ڪيو پر هن نہ کنئين، سوچيم موبائل تي ڪيان پر خيال آيو متان سمهي پئي هجي. زندگي بہ عجيب تي ويئي آهي وقت مان برڪت ئي نڪري ويئي آهي، ساڳئي شهر ۾ رهندي بہ ڪڏهن ڪڏهن فون تي بہ ڪانٽيڪٽ نہ ٿو ڪري سگهجي ان ڏينهن ڪراچي جو رستو ڏاڍو وڏو ٿي ويو ڪٽڻ جو نالو ئي نہ وٺي دل جي ڪجهہ ڪيفيت جو اهڙي هئي. روئيندي روئيندي شهر ۾ داخل ٿياسون شهر جي ٽريفڪ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڄاني ايف ايم هلايو اسان جي غم جي ڪا هنن کي بہ خبر پئجي ويئي هئي، هليو پئي:

زندگي ڪي سفر مين گذرجاتي هين جو مقام
وه پهر نهي آتي!

ڪراچي جي ڊفينس فيز فائيو خيابان بادبان جي ستر ۾ گهٽي ۾ داخل ٿياسون 60-B, shahbaz جي ٻاهران ڪيترين ئي گاڏيون بيٺل هيون ۽ گيٽ سڄو کليل هو. عام طرح سان هن گهر جو ننڍو گيٽ کليل هوندو آهي پر ان ڏينهن تہ ان گهر جو مالڪ ۽ سربراهہ سيني کي اڪيلو ڪيو آرام سان سمهيو پيو هو. ڪمري ۾ هڪ قدآور شخص جيڪو اسان جو "ادا قمر" هو سڏوسنئو چپ چاپ اکيون بند ڪيو سمهيو پيو هو. ڪيس چڱي طرح ڏٺم ائين پئي لڳو هينئر ئي ڳالهائيندو هميشہ وانگر چوندو... ممتاز ڇا حال آ خيريت سان آهين، ارشو ممتاز آئي آ.. پر نہ هو خاموش رهيو ڪيس سيني ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيون سندس نياڻين جي سينہ ڪوبي، پٽ جي سڏڪن، زال جي آه زاري.. سندس ئي شاعريءَ جي ترجماني پئي ڪئي:

مورن ڇهڙو منهنجي مَن کي
ورهن جو ويراڳ ڏئي وئين
ڪهڙي راند رچايئي رانول
(قمر شهباز)

هڪ ڏور سمهي پيو دانش سمهي پيئي، ڪهاڻيون ۽ شاعري سمهي ڏيئي. دل کي اها پڪ هئي تہ جڏهن هن ارڙي انسان ڏي عزرائيل آيو هوندو تہ مرڪي هن جي پرن تي سوار ٿيو هوندو ۽ هن جي آڇ نہ مڃي هوندائين:

اچو تہ گڏجي زهر جو پيالو پي چڏيون،
اچو تہ موت کي ڪنهن ريت پروقار ڪيون،
مرون تہ موت کي هڪ بار اشڪبار ڪيون.
(قمر شهباز)

هن جو موت بہ تہ اهڙو ئي سولو ٿيو ان رات هنن پنهنجي گهر ۾ باربي ڪيو جو انتظام ڪيو هو. هن بہ دل کولي ٻارن سان انجواءِ ڪيو رات جو ٻارهين ڪانپوءِ هر ڪو پنهنجي ڪمرن ۾ وڃي سمهيو رات جو تقريباً ٻين بجي هن ساه ۾ مونجهہ محسوس ڪئي. ادي ارشاد سندس پيشاني تي هٿ رکيو تہ هن کي آيل پگهر کي محسوس ڪيو ڪيس هاسپيٽل هلڻ لاءِ چيائين پهرين هن انڪار ڪيو پر پوءِ تيار ٿي سرمد ۽ ادي ارشاد سان هاسپيٽل ويو جتي کيس فرسٽ ايڊ ۾ ڪافي آرام اچي ويو. کيس نيشنل سينٽر جي سي سي يو ۾ سمهاريو ويو جتي کيس ننڊ اچي ويئي صبح تقريباً ساڍي ڇهين وڳي لڳل مختلف مانيٽرز وغيره خطره جي گهنٽي سان بند ٿيڻ لڳا هڪ وار پٽ کي اکيون کولي ڏٺائين ۽ پوءِ هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيائين.

اجهو هو سترهين اپريل تي تہ حيدرآباد آيو هو. ادي ارشاد تہ سياري ڪان پٺي سنيري تہ مان بہ ٿي ڏينهن اچي تو وٽ رهندس ان ڏينهن هو ٻئي ڄڻا ڪراچي ڪان نڪتا هميشہ وانگر ڄامشورو پهچي رنگ ڏنائون تہ گهٽي ٻلي ويا آهيون مان هنن کي گائيڊ ڪندي پٺي ويس ادا قمر گاڏي هوڏانهن موڙيندو رهيو ۽ آخر اچي پهتا مون پنهنجي گهر جا ٻئي گيٽ کولائي ڇڏيا ۽ نوڪر ۽ ڊرائيور کي ٻيهاريو ۽ پاڻ بہ اچي ٻاهر ويٺس. گري ڪلر جي ڪار ۾ ادا قمر پاڻ گاڏي ڊرائيو ڪندو پهتو ۽ ٻئي ڄڻا اندر لائونج ۾ اچي ويٺا شڪايتي لهجي ۾ چيائين مون ارشاد کي چيو شوڪت شوري جي گهر ڪان هلان ممتاز جو گهر ويجهو پوندو پر چئي نہ مسجد واري روڊ ڪان هڪ ٻئي ٻنيان بہ مسجدون آيون سمجهہ ۾ ئي نہ اچي کهڙي پاسي مڙون..... مون کيس ڪولڊ ڊرنڪ ڏني ماني جي صلاح ڪيم چيائين منهنجا دوست

منهنجو انتظار پيا ڪن تنهنجي پيڻ تو وٽ رهندي آئون دوستن وٽ هو پنهنجن دوستن کي جنهن ۾ ميجارٽي اديب ۽ دانشورن جي هوندي هئي تن کي پنهنجو مائٽ، عزيز ۽ پنهنجو سرمايو سڏيندو هو. ٻئي ڏينهن ٻه آيو ۽ ڪافي دير ويٺو رهيو منهنجي پٽن ارشد ۽ امجد سان هن جي ڏاڍي دوستي هوندي هئي توڙي جو عمر ۾ رشتي جو فرق هو پر هو هر موضع تي خاص ڪري سياسي ۽ موجوده صورتحال تي هڪٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. ان ڏينهن هو ڪجهه دير ادي ارشاد سان ڊرائينگ روم ۾ ويٺو رهيو ويڃڻ وقت اسان جي پالتو ڪتي جو نسل متعلق پڇندو رهيو ۽ لائونج مان هن کي ڏسندو رهيو آخر موڪلايائين پنهنجي مخصوص انداز ۾ خدا حافظ چيائين ٻار ڪيس گاڏي تائين ڇڏڻ ويا ڪلندو مسڪرائيندو هليو ويو..

جوڳي آيا مون نہ سڃاتا
سامي آيا مون نہ سڃاتا
گهائل دل کي گهائي ويا

وڇوڙو بري بلا آهي، وڇوڙي ڪانپوءِ ان انسان جو احساس ۽ قدر ڏاڍو وڌي وڃي ٿو......

پنهنجي اسٽڏي روم ۾ ادا قمر جا ڪتاب ڳولهڻ شروع ڪيا. هڪ ڪتاب "اڻون گهر" مليو جيڪو هن جو مزاحيہ ۽ حقيقتن تي ٻڌل ڪهاڻين جو مجموعہ آهي، پر مون کي تلاش هئي هن جي شاعري جي ڪتاب "چنڊ رهين ٿو دور" جي جنهن کي مون حسين جي وفات کانپوءِ ايڏو پڙهيو هو جو هو سڄو جهري ويو هو سر رق ڦاٽي ويو هو جنهن کي مون پراڻن ڪتابن ۾ رکيو هو تہ ڪڏهن هن کي بائينڊ ڪرائيندس ڪتاب جيئن ئي مليو تہ جيءُ ئي جهري پيو.

قمر شهباز جي شاعري جو موضوع اڪثر ڪري وڇوڙو دوري ۽ انتظار جدائي يا وري سنڌ ماءُ ۽ سنڌ جي دودن دليرن جي سروهيائي رهيو آهي.

ڪين رڪياسين ڪين جهڪياسين توڙي اوکو پنڌ
سنڌڙي جو سوڳنڌ
سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ وقت جي تڪليفن متعلق هو چوي ٿو:

سهٽي سهٽي سنڌي ٻولي
جنهن ۾ لال ڏني آ لولي
ان جي بدلي ڀالا گولي

سنڌ ۽ سنڌ واسين جي تڪليفن ۽ هنن سان ٿيندڙ ناانصافين کان هو بخوبي واقف هو. آمريت واري ظالم دور ۾ جتي ماڻهن جي پيرن کان زمين کسڪائي پئي ويئي اتي هي بہ ڏکن ۾ وڪوڙجي ويو....

جت رڄ رڙي جت ساه سڙي
جت آهہ نہ ڪو انسان ڪري
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي

منهنجو هتي مقصد هرو ڀرو اهو ناهي تہ مان "چنڊ رهين ٿو دور" تي ڪو تبصرو ڪيان يا قمر شهباز جي علمي ۽ ادبي پورهئي جي ڇنڊڇاڻ ڪيان نہ منهنجي قلم ۾ اها طاقت آهي ۽ نہ مون ۾ جو مان هن جي علمي پورهئي کي ڪجھہ پنن ۾ قيد ڪري سگهان.

ادي قمر شهباز سان منهنجا ڪيئي رشتا هئا. هو منهنجو استاد هو. هن فرسٽ ايئر ۽ انٽر ۾ مون کي انگريزي پڙهائي. هو شڪارپور جي سي اينڊ ايس ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. سندس پڙهائي جو انداز بہ نرالو هو. سيريس ٿي پڙهائيندو هو سمجهائيندو هو ۽ آخر ۾ هڪ لطيفو ٻڌائيندو هو. سڄي ڪلاس جا شاگرد هن جي ان طريقہ ڪار کان محفوظ ٿيندا هئا ڇو ته ٿڪاوٽ ئي دور ٿي ويندي هئي.

هو منهنجو وڏو ڀيٽيوو هو منهنجي ڀاڻيجن جو پيءُ هن جا خوني رشتا منهنجا خوني رشتا ٿي ويا هو منهنجي ور پروفيسر محمد حسين پٺو جو دوست هو.

ادا قمر شهباز نوابشاهہ جي ٻگهيو فيملي مان هو. سندس والد جو نالو مقبول احمد هو. ڪيس هڪ وڏو ڀاءُ شمس الدين جيڪو وڪيل آهي ۽ ڪراچي ۾ رهي ٿو. هن کي بہ سئوٽ هڪ جو نالو شرف الدين جنهن ادا قمر کي پٽ وانگر پاليو "ڊان" اخبار ۾ ڪم ڪندو هو اهو بہ ماشاءَ الله زندهہ آهي

۽ ڀيو سئوٽ منور الدين جيڪو سعودي عرب ۾ انجنيئر هو ۽ ٻنا اولاد جي گهڻو وقت ٿيو وفات ڪري ويو. هو ٻڌائيندو هو تہ هن جي والده هنن جي ننڍي هوندي کان وفات ڪري ويئي ۽ هڪ پيڻ بہ عين جواني ۾ گذاري ويئي. هن مئٽرڪ تائين تعليم نوابشاهہ ۾ حاصل ڪئي جتي خواجہ صاحب جي زير سايہ هن جي تربيت ٿي. اتي هن جي دوستي جليل قاضي سان ٿي جيڪو اڳتي هلي "امر جليل" جي نالي سان مشهور ٿيو هڪ عظيم شخصيت عظيم ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ اڄ بہ زندهہ سلامت آهي (الله کيہ وڏي ڄمار ۽ صحت ڏي) امر جليل اعتراف ٿو ڪري تہ مان بنيادي طور ڪرڪيٽر هوس پر قمر مون کان بيٺ کسي قلم ڏنو جيڪو اڄ تائين ہ هلي اهو دور شايد 1955ع جو هو.

قمر شهباز ڪراچي يونيورسٽي مان انگلش ۾ ايم اي ڪئي ۽ ليڪچرار ٿيو. سندس نوڪري دوران هن جي دوستي محمد حسين پنهور سان ٿي جيڪو شرافت ۽ وفا جو مجسمو هو. امر جليل قمر شهباز جو دوست، ائين ٽنهي جي دوستي پڪي ٿي ويئي وقت گذرندو ويو ادا قمر ڪراچي ۾ سيٽ ٿيو آئون حسين جي گهر سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ امر جليل نوڪري خاطر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ۽ حيدرآباد ۾ ئي رهڻ لڳو. اهي ڏينهن بہ ڇا ڏينهن هئا اسان جو گهر ۽ امر جليل جو گهر ڄڻ هڪ گهر هو سندس گهر واري ڀاڀي تسنيم ڏاڍي خوبصورت ۽ سلڇڻي عورت آهي منهنجي پٽ گڊو کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي ڪيس مختلف مشروبات پيئاريندي هئي هن ٻار هن جو نالو ئي آنٽي شربت واري رکي ڇڏيو هوءَ ان جملي تي ٽهڪ ڏيئي کلندي هئي. وري جو ادا قمر وارا ڪراچي مان ايندا هئا تہ محفل کي چار چنڊ لڳي ويندا هئا.......

هنن جي دوستي بہ عجيب دوستي هوندي هئي نہ ٽهڪ نہ تاڙا دهيمي لهجي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا هوندا هئا حسين ڪراچي ۾ ادا قمر سان ويٺو هوندو هو پر پاسي واري کي بہ خبر ڪانہ پوندي تہ ڇا پيا ڳالهائين يا امر جليل اولڊ ڪئمپس جي ميدان تي ٺهيل اسٽيج تي حسين سان ماٺ ڪيو ويٺو هوندو هو.

ائين حسين راهو رباني ورتي ان موقعي تي امر جليل چيو اچ اسان جو ٽڪنڊو پڇي پيو اسان تئي ٽڪنڊي وانگر جڙيل هئاسي.

ادا قمر جو جسم جڏهن تدفين لاءِ کڻي ويا ان وقت مون پنهنجي ڏي افشان کي چيو اچ تنهنجو پپا سرڪس ڪونڊ تي، تنهنجي انڪل قمر جي ويلڪم لاءِ بيٺو هوندو جڏهن ملندا تہ چوندس:

-"سائين قمر صاحب ايڏي دير!"

وراڻيو هوندائين. سائين پنو صاحب ڪجهہ ڪم تي پيو هو... هنن جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جو طريقو ائين عزت وارو هو.

مون حسين جي مزار تي قرآني آيات سان گڏ "چنڊ رهين ٿو دور" مان شعر لکرايو جيڪو هيٺئن هو.

تون گيت هنئين سنگيت هنئين، يا منهنجي من جو ميت هنئين
اچ گيتن کان گونجار وئي اچ دريائن کان ڌارا وڇڙيا
ڪي ڏينهن هئا جو مينهن پيا جن پيار ڪو سي ڌاڙ ٿيا
جن جوت ڏني سي موت نيا. هئا! تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا

ادا قمر جڏهن حسين جي مزار جو ڪتبو پڙهيو هو تہ ڪيتري دير اکين تي رومال ڏيئي پئي سڏ ڪيو......

ذاتي زندگي ۾ هن ڏاڍي ترقي ۽ ڪامراني ماڻي. بخت جي ديوي هن مٿان سايو ڪري هلندي هئي. ليڪچرار کان ڪاموري تائين ڪنڌڪوٽ کان ڪراچي تائين هن آڏو ڪا رڪاوٽ نہ آئي اگر آئي بہ هوندي تہ پنهنجي محنت، سمجهہ ۽ تدبر کان ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو هوندائين، هو زندگي سان پيار ڪندڙ هڪ محبت ڪندڙ انسان هو. هن ادب جي اڳواڻي ڪئي ادب جي هر صنف کي هٿ سان جهليو هن ۾ ٽيم ليڊر ۽ ٽيم ميمبر جا جذبا هئا. جڏهن انڊيا جا سنڌي اديب ۽ دانشورن جو هڪ وڏو تعداد سنڌ ۾ آيو تہ هنن جو هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ استقبال ڪيو ويو. واپسي تي هنن بہ سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن کي پارٽ اچڻ جي نينڊ ڏني جنهن ۾ ڏسندي ڏسندي قمر شهباز سنڌ جي اديبن جو ٽيم ليڊر ٿي روانو ٿيو ۽ اهو سلسلو هن جاري رکيو.

ادا قمر، موت جي وڇوڙي توکي اسان کان ڏاڍو پري ڪري ڇڏيو آهي پر تنهنجو روحاني رشتو سنڌ ۽ سنڌ واسين سان قائم رهندو. جيستائين ادب جي ابد آهي تنهنجي قدآور جنڊڙي هتي ئي پرڙا هڻندي رهندين تون هميشہ زندهہ رهندين ادب جي هر صنف ۾.

"هو آڏيءَ آڏيءَ آيو هو ۽ ساهن منجهہ سمايو هو
ڪا سوچ هئي يا سايو هو ڪو گيت اُجيو آ سارو هو."

(مهراڻ جولائي 2009)

ذوالفقار ڀٽو جي دورِ اقتدار جو تاريخي پس منظر

برصغير پاڪ و هند تي جڏهن انگريز هر طرح حاوي ٿيا تہ سياسي طور تي هت بہ جماعتون اڀريون هڪ ڪانگريس ۽ ٻي مسلم ليگ ڪانگريس گڏيل هندستان ۾ يقين پئي رکيو ۽ مسلم ليگ مسلمانن لاءِ جدا ملڪ ۾.

1947ع ۾ پاڪستان دنيا جي نقشي تي آزاد ملڪ تي اڀريو پر ملڪ ۾ 1935 وارو ائين جيڪو برطانوي پارليامينٽ ناهيو هو موجود هو. قائداعظم جي انتقال کانپوءِ مسلم ليگ ۾ انتشار جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ اڳواڻن پاڻ ۾ سياسي رسہ ڪشي شروع ڪري ڏني.

1956ع ۾ ملڪ کي هڪ آئين ڏنو ويو انوقت ملڪ ۾ ڪابہ مخالف سياسي، جماعت ڪا نہ هئي تنهن هوندي آئي ڏينهن وزير اعظم بدلجندا رهيا. لياقت علي خان کانپو خواجہ ناظم الدين، هن کانپوءِ چودهري محمد علي فيروز خان نون، محمد علي بوگره ۽ سهروردي تقريباً هر سال يا ٻئي سال وزير اعظم بدلجندو رهيو. جڏهن سياستدانن کان ملڪ نہ هليو تہ بيورو ڪريٽس اڳيان آيا. ملڪ غلام محمد، چودهري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا جو تعلق انتظاميہ سان هو. آخر فوج اڳيان ائي ۽ ملڪ ۾ ٻين مارشلا لاءِ لاڳو ڪئي ويئي. پهرين مارشل لا اينٽي احمدي تحريڪ جي سلسلي ۾ پنجاب ۾ جنرل اعظم خان لڳائي هئي ۽ هي مارشلا ايوب خان لڳائي، 1956ع وارو آئين ڪالعدم قرار ڏنو ويو ۽ آمريت جو طويل دؤر شروع ٿيو هن 1962 وارو آئين ملڪ کي ڏنو هڪ طويل خاموشيءَ کانپوءِ پاڪستان جي عوام ۾ اهو شعور پيدا ٿيڻ لڳو نہ ايوب خان بنيادي جمهوريت جو مذاق پيو ڪري ۽ فقط

هڪ ماڻهو يعني صدر کي تحفظ حاصل آهي. ماڻهو ايوب خان جي خلاف اٿي کڙا ٿيا هُو ڏانهن شيخ مجيب الرحمان پنهنجي منشور ۾ مشرقي پاڪستان لاءِ ڇهہ نڪتا ڪڍي نڪتو. مشرقي پاڪستان جو عوام انهن ڇهن نڪتن کي پنهنجي دل جو آواز سمجهيو 1965 جي جنگ ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو وزارت خارجہ تان استيعفيٰ ڏني پهرين ڊسمبر 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي قائم ڪئي. بنيادي طور تي هي پارٽي ترقي پسند پارٽي هئي جنهن ڪري هن جلد تي عوام ۾ بي پناهہ مقبوليت حاصل ڪئي. هن جو اڳواڻ اعليٰ صنعتن ۽ خوبصورت شخصيت جو مالڪ هڪ نوجوان هو جنهن عوام لاءِ اٽو اجهو ۽ ڪپڙي جو نعرو هنيو. هن پنهنجي پارٽي جي منشور ۾ واضح ڪيو تہ اسلام اسانجو دين آهي. سو شلزم اسانجي معيشت آهي، جمهوريت اسانجي سياست آهي ۽ طاقت جو سرچشمو عوام آهي. ڀٽو صاحب هڪ آمر جي خلاف ڪمرڪش ٿي بيٺو ۽ جمهوريت جي بحالي ۽ عوام جي بنيادي حقن لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو. ايوب خان خلاف تحريڪ هلائي ويئي جنهن ڪري هن کي حڪومت ڇڏڻي پئي پر حڪومت ڇڏڻ وقت بہ هن آمراڻو طريقو اختيار ڪيو 1962ع واري آئين مطابق جيڪو هن پاڻ تي ٺاهيو هـو اگر ايوب خان حڪومت تان دستبردار ٿيو نہ ملڪ ڊنو صدر اسپيڪر کي ٿيڻو هو پر هن اسپيڪر کي صدر ٿيڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجي ئي آئين جي انحرافي ڪندي 25 مارچ 1969ع جنرل يحيٰ خان کي حڪومت سنڀالڻ جي دعوت ڏني يحيٰ خان عوام جي همت ۽ حوصلي کي ڏٺو هو.

هن ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرايون ۽ ون يونٽ کي ختم ڪيو ان وچ ۾ مشرقي پاڪستان جي عوام هندستان جي مدد سان ملڪ کي جدا جدا ڪيو.

20 ڊسمبر 1971ع ۾ جنرل يحيٰ خان صدارت سان مستعفي ٿي حڪومت جون واڳون پاڪستان پيپلز پارٽي جي سربراهہ مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو جي حوالي ڪيون جنهن کي مغربي پاڪستان ۾ واضع اڪثريت حاصل هئي انوقت عملي طورتي ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. 93 هزارجنگي قيدي هندستان جي قبضي ۾ هئا ۽ مغربي پاڪستان جي محاذن تي تقريباً پنج هزار چورس ميلن تي هندستان جو قبضو هو.

ذوالفقار علي ڀٽو کي هڪ شڪست کاڌل، حوصلي هاريل ۽ هڪ سازس جي تحت هندستان جي جارجيت جو شڪار ٿيل قوم جي واڳ هٿ ۾ ملي. ملڪ جون واڳون ملڻ کانپوءِ ڀٽي صاحب پاڪستان جي عوام کي حوصلو ڏيندي چيو تہ اسين هڪ نئون پاڪستان ٺاهينداسون هڪ خوشحال ۽ ترقي ڪندڙ پاڪستان. جنهنجو آئينداه استحصال نہ ٿي سگهي ۽ هو سڀ ڪجھہ عوام جي تعاون، افهام تفهيم ۽ صبرو تحمل سان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

22 ڊسمبر 1971 ع ۾ حڪومتي امور هلائڻ ۽ عوام کي حڪومتي معاملن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ شهيد ڀٽو جنهن کي صدارت جا اختيار مليا هئا، وفاقي ڪابينہ ۽ صوبائي گورنرن جو اعلان ڪيو. 10 فيبروري 1972ع ۾ مزدورن کي روزگارن جي تحفظ ۽ ٻيو مراعات ڏنيون پهرين مارچ 1972ع ۾ ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو آندو ويو ۽ ساڳئي مهيني ۾ زرعي اصلاحات آندا ويا. 15 مارچ 1972ع ۾ تعليمي پاليسي جي ذريعي سلسليوار پرائمري ۽ مڊل ۽ مئٽرڪ تائين تعليم مفت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان کانسواءِ صحت اسڪيم ۽ عدالتي اصلاحات نافذ ڪيا.

ايترن بهترين اصلاحات جي باوجود بہ ذوالفقار علي ڀٽو مشرقي پاڪستان ۾ جنگ دوران گرفتار ٿيل هندستان جي هٿ ۾ جنگي قيدين ۽ مغربي پاڪستان جي قابض علائقن کي آزاد ڪرڻ لاءِ پريشان هو. ان سلسلي ۾ هندستان سان خط و ڪتاب ڪئي ويئي ۽ 28 جون 1972ع شهيد ڀٽو اسي ميمبرن سان گڏ هندستان جي شهر شملہ ۾ ڪانفرنس لاءِ پهتو جتي هن اعلان ڪيو تہ اسين امن سان دلچسپي رکون ٿا. ان سان گڏ ماضي جي تلخين کي وسارڻ چاهيون ٿا هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌي بہ ساڳين جذبات جو اعلان ڪيو ۽ طويل بحث مباحثي کانپوءِ 3 جولائي 1972ع ۾ هڪ معاهدو ڪيو جنهن تي 4 آگسٽ 1972ع تي عمل شروع ڪيو ويو. 22 ڊسمبر 1972ع تي هندستاني فوج پاڪستان علائقا خالي ڪيا ۽ اڳتي هلي فوجي قيدين جو مسئلو بہ حل ڪيو ويو.

ڀٽو صاحب جي دورِ اقتدار جو عظيم ڪارنامو 1973ع وارو آئين آهي جنهن کي اسيمبلي منتخب ميمبرن جي حمايت حاصل هئي. پاڪستان

جي تاريخ ۾ هي پهريون آئين آهي جنهن جي منظوري سڌي طرح اسيمبليءَ جي چونڊيل ميمبر جي آئين ساز اسيمبلي ڏني ۽ 128 ميمبرن مان 125 ميمبرن ووٽ ڏيئي منظور ڪيو. جنهن ۾ پارليامينٽري جمهوريت، آزاد عدليه ۽ هر طرح جي بنيادي حقن جو تحفظ فراهم ڪيو ويو. هن آئين ۾ سربراهه مملڪت صدر جي بجاءِ وزير اعظم قرار ڏنو ويو. سويلين اٿارٽي کي مسلح فوج تي فوقيت ڏني ويئي هن آئين جي نافذ ٿيڻ ڪانپوءِ شهيد ڀٽو بطور وزيراعظم ۽ چودهري فضل الاهي بَطور صدر پاڪستان جِّي پنهنجي پنهنجي عهدن جو حلف کنيو.

20 آگسٽ 1973ع ۾ عوامي حڪومت نوڪر شاهي جو خاتمو آندو ۽ سرڪاري آفيسرن وچ ۾ امتيازي درجي کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. لائق ۽ قابل آفيسرن کي ترقيءَ جا موقعا فراهم ڪيا ويا. سائنسدانن انجنيئرن، ڊاڪٽر ۽ اقتصاديات جي ماهرن ۽ ٻين شعبن جي ماهرن جي صلاحيتن کي بهتر طورتي استعمال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا.

عوامي حڪومت جي انقلابي جدوجهد جي سفر ملڪ جي تاريخ ۾ سماجي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي تبديليون آنديون ۽ ملڪ ۾ جمهوري ثقافت ۽ سياسي ثقافت کي فروغ ڏنو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪا پارٽي ٺاهي اها ڪا ڪاغذي پارٽي ڪا نه هئي نه ئي ڊرائينگ روم ۾ ويهي ٺاهي ويئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڀٽي صاحب کان اڳم پاڪستان جي سياست ڊرائينگ رومز ۾ Negotiations ۽ Bargaining تي محدود هئي ووٽر تائين پهچ پوليس، روينيو آفيسر، ڳوٺ جي وڏيري ۽ قبيلي جي وڏيري ذريعي ڪئي ويندي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي صفت ۽ طريقه ڪار انهن اڳئين کان مختلف هو. هن جي چونڊن واري مهم جي طريقي عوام ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو هو. شهر ڳوٺن ۽ ننڍين آبادين ۾ جلسا منعقد ڪري ماڻهن کي خطاب ڪندو هو ۽ پنهنجي سياسي پارٽي جو منشور ٻڌائيندو هو ۽ روشن مستقبل جا واعده ڪندو هو. سندس جلسن ۽ جلوسن ۾ ماڻهن جا انبوه هوندا هئا جيڪي جيئي ڀٽو جا فلڪ شگاف نعره هڻي ڀٽي صاحب کي پنهنجي حمايت جو يقين ڏياريندا هئا. ذاتي طور تي ذوالفقار علي ڀٽو تقرير

ڪرڻ جو ماهر هو. هو جيڪڏهن وڏن وڏن جلسن ۾ جيڪي لاهور جي موچي گيٽ ۾، راولپينڊي جي لياقت باغ ۾، پشاور جي چوڪ يادگار ۾ ڪراچي جي نشتر باغ ۾ ماڻهن کي خطاب ڪندو هو ته ان سان گڏ هر ننڍي شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ جهوپڙين ۾ به ماڻهن کي خطاب ڪندو هو هن جي تقريرن ۾ جادو هو. ماڻهو سحر انگيز ٿي هن کي ٻڌندا هئا. هڪ ڏينهن ۾ هڪ ٻڌن تائين به جلسن کي خطاب ڪندو هو. هن جون تقريرون علم ۽ ڄاڻ سان ڀريل هونديون هيون ۽ پنهنجي فصيح زبان جي ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهه رکندو هو.

پاڪستان جي عوام ۾ ڀٽي صاحب سياسي جوش ۽ سرگرمي پيدا ڪري ڇڏي، ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن سياسي جماعت جا جهنڊا ماڻهن پنهنجن گهرن تي لڳايا، ڀٽي صاحب جون تصويرون پنهنجن گهرن ۽ دڪانن ۾ لڳايون ماڻهو پنهنجي عظيم ليڊر کي پاڻ سان گڏ ڏسي جهومندا هئا. سياسي بحث مباحثا ماڻهن ۾ عام هئا. جيڪي هر چونڪ، دوڪان، ڳوٺ ۽ گهرن ۾ ڪيا ويندا هئا. ملڪ جي سياسي ڪلچر کي فروغ مليو. ڀٽي صاحب جيڪي واعدو ڪيا سي نڀايا. هن پوليس کي عوام ڪان ظلم بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو صعنتڪارن کي مزدور جي تحفظ لاءِ زور ڀريو. هارين کي "قوم جو ڪرنگهو" سڏيو ۽ زميندارن تي زور رکيو ته هو هنن کي زمين تان بي دخل نه ڪن هن شاگردن ۽ عورتن کي يقين ڏياريو. ته هنن جو تحفظ ڪيو ويندو. ڀٽي صاحب هر غدار کي واڪو ڪيو نه صرف ٻاهريان پر جيڪڏهن هن پنهنجي پارٽي جي ماڻهن کي جڏهن گڙٻڙ ڪندي ڏٺو ته سندن اکين ۾ اکيون وجهي ٻاهر ڪيو ڇو ته هو عوام جو ليڊر هو ۽ عوام جو ڀير جهلو هو.

اها هڪ انساني فطرت آهي ته جڏهن ڪو اڳواڻ مشهور ٿيندو آهي ته ان جا مخالف به پيدا ٿيندا آهن.

ڀٽي صاحب 7 جنوري 1977ع عام چونڊن جو اعلان ڪيو. صدر پاڪستان اسيمبلي Dissolve ڪئي ۽ اليڪشن ڪمشين 7 مارچ ۽ 10 مارچ تي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي پولنگ جو اعلان ڪيو. 21 جنوري 1977

تي حزب اختلاف جي نون پارٽين P.N.A- Parties جي نالي ۾ چونڊن جو اتحاد ڪيو ۽ پيپلز پارٽي ۽ ڀٽي صاحب جي مخالفت ۾ اٿي کڙا ٿيا.

ٻاهرين ۽ اندرين استحصالي قوتن سان گڏ هن بهادر انسان لاءِ سازش جو جار وڇايو ويو. هو شهيد ٿي ويو پر دنيا، ملڪ ۽ سنڌ جي عوام جو شهيد متعلق چوڻ آهي، زنده آهي ڀٽو- زنده آ.

(پيپلز ڪلچر ونگ طرفان ڪيل تاريخي سيمينار،
پاڪستان نيشنل سينٽر، حيدرآباد، 1990)

اُم المؤمنين بيبي خديجہ رضي الله عنها

ازواج مطهرات (پاڪ گهر واريون رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جون) ۾ بيبي خديجہ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هوءَ رسول خدا جن جي پهرين بيبي هئي ڏک ۽ تڪليف جو وقت ۾ هوءَ سندن ساٿي هئي ۽ دنيا جي پهرين خاتون هئي جنهن اسلام قبول ڪيو رسول خدا جن کي هن بيبي مان اولاد بہ ٿيو.

بيبي خديجہ جنهن جو خانداني نسب هي هو بيبي خديجہ بنت خويلد بن اسد عبدلعزيٰ بن قُصَيَ بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لَوَي بن غالب بن فهر (قريش) هؤ قريش قبيلي مان هئي سندس ڪنيت اُمِ هند ۽ لقب "طاهره" هو.

پندرهن سالن جي عمر ۾ بيبي خديجہ جو پهريون نڪاح هند بن نباش سان ٿيو جيڪو ابوهالا جي نالي سان مشهور هو. هن جي انتقال کان پوءِ علامہ شبلي مطابق تہ هن جو ٻيون نڪاح عيق بن عائذ مخزومي سان ٿيو. هن جي عمر بہ وفا نہ ڪئي هي بہ دولت جو هڪ وڏو اثاثو ڇڏي دنيا مان رخصت ٿي ويو.

خانداني اعزاز سان گڏ حضرت خديجہ دولتمند بہ هئي خوبصورتي، سليقہ مندي ۽ اعليٰ منتظمہ جي ڪري خواتين قريش ۾ کيس امتيازي حيثيت حاصل هئي. هوءَ هڪ باوقار ۽ حوصلہ مند خاتون هئي، خوشي يا غم جي موقعي تي اعتدال ۾ رهندي هئي. مڪي جا ماڻهو هن جي مستقل مزاج ۽ دور انديشيءَ جي ڪري هن جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. الله تعاليٰ هن ۾ ايتريون تہ خوبيون پيدا ڪيون هيون جو قريش جا ڪيئي وڏا وڏا سردار هن کي نڪاح جو پيغام پهچائيندا هئا ۽ مهر ۾ بہ وڏي دولت آڇيندا هئا. پر بيبي خديجہ انڪار ڪندي هئي ۽ پنهنجي ڪاروباري امور ۾ مصروف رهندي هئي انوقت نبي آخري الزمان حضرت محمد مصطفيٰ

صلي الله عليه وسلم جن جوان تي چڪا هئا جن جي لاءِ هڪ مضبوط روايت سيرت جي ڪيترن ڪتابن ۾ مضبوط ڪئي ويئي آهي تہ الله تعاليٰ لوح و قلم، عرش و ڪرسي، جن وانس مطلب تہ سيني کان پهريون نور محمدي کي پيدا ڪيو هو ان کانپوءِ لوح و قلم، عرش و ڪرسي، آسمان ۽ زمين، ارواح ۽ ملائڪ ان نور مان پيدا ڪيا. متعدد اصحابين کان روايت آهي تہ هڪ دفعي هڪ اصحابي خدا جي رسول کان دريافت ڪيو "يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم پنهنجو حال بيان فرمايو." پاڻ فرمايائون تہ مان پنهنجي پيءُ ابراهيم جي دعا، عيسيٰ جي بشارت ۽ پنهنجي ماءُ جو خواب آهيان، مان جڏهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هوس تہ ان خواب ڏٺو تہ سندس پيٽ مان هڪ نور نڪتو ۽ شام جا محل ڪيس روشن نظر آيا.

28 قبل هجرت مطابق 1595ع حضور صلعم جن جي عمر تقريباً پنجويهہ سال هئي. انوقت مڪي ۾ ڪيئي برائيون موجود هيون پر پاڻ سڳورن جي جڻ دنيا ئي جدا هوندي هئي. پنهنجي قوم ۾ سيني کان با اخلاق با مروت ۽ رحمدل هئا. پنهنجي قول و فعل ۾ سچا ۽ امانت دار هئا. سندن پيغمبرانہ صفتن، نيڪ سيرت ۽ ايمانداري جي ڪري سندن قوم کين "صادق" ۽ "امين" جو لقب ڏنو. حضور جن جي نيڪي ۽ پاڪبازي جي شهرت سڄي عربستان ۾ بي مثال ٿي ويئي. سندن عملن کي هر معاملي ۾ مثال طور پيش ڪيو ويندو هو. اخلاقي ۽ ايمانداري صفتن سان گڏ پاڻ سڳورا ظاهري صورت ۾ ڏاڍا خوبصورت هئا، سندن قد ڪاٺ چهرو وصف ۽ هلڻ جو انداز ايترو خوبصورت هو جو هر ڪو کين محبت ۽ پيار سان ڏسندو هو. پاڻ سڳورا خوشامد ۽ ڪوڙي تعريف کان پري هوندا هئا. سندن چهري مبارڪ تي نرمي ۽ ڳالهائڻ ۾ ميٺاج هوندو هو. سندن اکين ۾ اهڙي سچائي ۽ بزرگي هوندي هئي جو وڏا وڏا سرڪش بہ کانئن مرعوب ٿي ويندا هئا ۽ سندن وقار ڏسي ملڻ وارا سندن اخلاق سان گڏ سندن عظمت جا بہ قائل ٿي ويندا هئا.

پيغمبرن جي هڪ صفت اها بہ هوندي هئي تہ اڪثر دنياوي لحاظ کان هو مالدار نہ هوندا هئا خدا جي هن پياري پيغمبر جن جو بہ اهو حال هو

پاڻ سڳورا اجا تائين پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب سان رهندا هئا جنهن جو ذريعہ معاش تنگدست هو.

بيبي خديجہ جيڪا رسول خدا جن جي رشتيدار پڻ هئي پاڻ سڳورن جا حالات معلوم رکندي هئي هؤ حضور جن ۽ سندن خاندان جي تنگدسي دور ڪرڻ چاهيندي هئي. پر هو اعليٰ خاندان ايترو خود دار هو جو ڪنهن جي بہ مدد قبول نہ ڪندو هو. بيبي خديجہ حضور پاڪ جن جو اخلاق ۽ ايمانداريءَ جون خبرون ٻڌي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. کيس اهو بہ معلوم هو تہ پاڻ سڳورا نو عمري ۽ جوانيءَ جي باوجود گوشہ نشيني جي طرف مائل آهن. کيس اها بہ ڄاڻ هئي تہ پاڻ سڳورا هڪ اعليٰ شان جا مالڪ آهن جنهن کي عام ماڻهو سمجهي نہ ٿو سگهي. سندس پاڪيزه دل ۾ حضور جن لاءِ همدردي ۽ محبت پيدا ٿي. حضرت بيبي خديجہ پنهنجي واپار جو قافلو مختلف تاجرن جي هٿان موڪليندي هئي ۽ کين فائدي مان مقرر ٿيل حصو ڏيندي هئي. هن دفعي بيبي صاحبہ پاڻ سڳورن جي چاچي حضرت ابوطالب ڏانهن خفيہ طور هڪ ماڻهو موڪلي، درخواست ڪئي تہ سندن ڀائيٽو جنهن جي واکاڻ چؤطرف پکڙيل آهي سندن تجارتي سامان کڻي شام ملڪ ڏانهن وڃي. حضرت ابوطالب ان پيشڪش کي منظور ڪرڻ لاءِ راضي نہ هو پر الله تبارڪ و تعاليٰ جي حڪمت ۽ مصلحت اها ئي هئي جو اڳتي هلي پاڻ سڳورا بہ آماده ٿي ويا. بيبي خديجہ حضور سائين جن کي گهرائي چيو "مون توهان جي سچائي امانت داري ۽ نيڪيءَ جي شهرت ٻڌي آهي، تنهنڪري مان توهان کي پنهنجو تجارتي مال ڏيئي موڪليان ٿي ۽ جيترو نفعو ٻين کي ڏيندي آهيان ان کان ٻيڻو توهان کي ڏيندس" قافلي جي هلڻ جو وقت آيو تہ بيبي خديجہ پنهنجي غلام ميسره کي حضور جن سان گڏ روانو ڪيو ۽ کيس تاڪيد ڪيو تہ محمد (صلي الله علي وسلم) جي ڪنهن ڳالهہ جي خلاف ورزي نہ ڪجانءِ بلڪ ان جي راءِ تي هلجانءِ.

اهو قافلو مڪي کان روانو ٿي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ شام داخل ٿي ويو ۽ بصريٰ جي بازار ۾ رڪيو حضور جن هڪ ڪليسا جي ڀرسان وڻ جي ڇانو ۾ آرام فرما ٿيا. ميسره جنهن جو تعلق عيسائي مذهب سان هو ان ڪليسا جي راهب جنهن جو نالو نسطورا هو ان سان وينو هو. راهب جي نظر

وڻ هيٺيان ويٺل شخصيت تي پيئي جنهن چرڪجي ميسره کان پڇيو هي ڪير آهي؟ جيڪو هن وڻ هيٺيان ويٺو آهي ميسره جواب ڏنو" هي حرم وارن قريشن مان آهي" راهب چيو هن وڻ هيٺيان نبيءَ کانسواءِ ٻيو شخص نہ تو ويهي سگهي، ان کان پوءِ راهب حضور سائين جن سان اچي مليو ۽ کين چيائين تہ حضرت عيسىٰ کانپوءِ ڪو بہ شخص سواءِ توهانجي هتي نہ ويٺو آهي. پوءِ ميسره کي چيائين، "هي اُهو ئي نبي آهي ۽ آخري نبي آهي."

حضور اڪرم جن تجارتي منڊي ۾ وڃي مال جي خريد و فروخت ۾ مصروف ٿي ويا جنهن جي لاءِ پاڻ سڳورا هن سفر لاءِ نڪتا هئا. ميسره تي الله سائين ايتري رحمت ڪئي جو کيس اُهي بہ فرشتا نظر اچڻ لڳا جيڪي گرمي جي شدت وقت پاڻ سڳورن تي سايو ڪيو بيٺا هوندا هئا بيبي خديجہ جي هن تجارتي مال هن دفعي ايترو منافعو حاصل ڪيو جو اڳ ۾ ڪڏهن نہ ڪيو هو. قافلو هينئر مڪي لاءِ روانو ٿيو. قافلي جي آمد جي خبر جڏهن مڪي وارن کي پهتي تہ حضور صلعم جن جي چاچي حضرت ابوطالب ۽ بيبي خديجہ جي بيتابي وڌي ويئي ۽ هو بي چيني سان انتظار ڪرڻ لڳا. جيستائين بيبي خديجہ جو تعلق هو تہ هوءَ پاڻ سڳورن سان ملڻ لاءِ ٻاهر نہ پئي وڃي سگهي ڇاڪاڻ تہ قريشن جي آزاد شريف خواتين جي شان وٽان اهو ڪم نہ هوندو هو. بيبي خديجہ سان ويٺل خواتين کي اها ڳالهہ ناگوار پئي لڳي تہ بيبي صاحبہ قافلي جي آمد جي خوشخبري ٻڌي بيحد بي چين ۽ مضطرب ٿي ويئي آهي ۽ گهڙي گهڙي گهر جي دريءَ مان جهاتي وجهي رهي آهي. اهي خواتين انهن ڳالهين ۾ مصروف هيون تہ بيبي صاحبہ کين سڏيو ۽ چيو" اچو ۽ اهو ڪجهہ ڏسو جو اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن اهو نہ ڏٺو هوندو" اهي خواتين ڊوڙنديون اچي دري ۾ بيٺيون، هنن ڏٺو تہ هڪ نوجوان جنهن جو چهرو نوراني آهي. سندس پيشاني روشن ۽ چهرو بارعب آهي. سندن اُٺ تتل ۽ ساڙيندڙ منجهند واري گرمي ۾ ڊوڙندو ٿو اچي. پاڻ سڳورن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان بہ نوراني شخصيتون (فرشتا) پاڇو ڪندا هوا ۾ ڊوڙندا محسوس پئي ٿيا ۽ سندن حسين وجميل چهري مبارڪ ۽ جسم مبارڪ کي سج جي تپش کان محفوظ ڪري رهيا هئا. انهن خواتين غور سان ڏسڻ کانپوءِ چيو تہ "هي عام انسانن وانگر انسان نہ پر خاص شخصيت آهي".

بيبي خديجه کي سندس واپار مان تمام گهڻو منافعو مليو سندس غلام ميسره جي زباني اهو ٻڌڻ ته ٻه غيبي هستيون سايو ٿي حضور جن مٿان بيٺيون هيون. ڪليسا جي راهب جي پيشنگوئي، خريد و فروخت وقت پاڻ سڳورن جي سيرت گفتگو وغيره کيس ڏاڍو متاثر ڪيو. بيبي خديجه پاڻ سڳورن کي مقرر معاوضه کان ٻه وڌيڪ ادا ڪيو ۽ جيڪي مشاهدو هن پاڻ ڪيو ۽ پنهنجي غلام ميسره کان ٻڌو هو ان جو ذڪر پنهنجي سوٽ ورقه بن نوفل سان ڪيو جنهن عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو ۽ وڏو عالم هو سندس سڄي ڄمار ڪتابن پڙهڻ ۾ گذري هئي. ورقه بن نوفل بيبي خديجه جي زباني پاڻ سڳورن جي متعلق ٻڌي چيو ته اگر اهي واقعات صحيح آهن ته اِهي اُهي ئي واقعات آهي جيڪي آخري نبي متعلق آهن ۽ اهو محمد (صلي الله عليه وسلم) ان اُمت جو نبي آهي ۽ اها ڳالهه ضرور ٿيڻ واري آهي جنهن جو ماڻهو انتظار ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته عرب جو هي شهر آهي جتان هڪ پيغمبر جو ظهور ٿيندو ۽ اهڙي پيغمبر جي ظهور جو وقت اچي ويو آهي ۽ بشارتون ظاهر ٿي رهيون آهن. ان شخص جي لاءِ جيڪو ان شهر مان پيغمبري تي مبعوث ٿيندو اهي علامتون ڪجهه ظاهر ٿي ويون آهن ۽ ڪجهه اڳتي هلي نمودار ٿينديون. بيبي خديجه کيس چيو "توهانجي خيال ۾ محمد (صلي الله عليه وسلم جن) نبوت سان سرفراز ٿيندا؟ "ورقه بن نوفل چيو مونکي ان باري ۾ ڪو شڪ ناهي ان کان پوءِ هو اٿڻ لڳو ته بيبي صاحبه کيس اجان ويهڻ جو چيو. ورقه کيس چيو" منهنجي ڌيئڻ تو جيڪو منصوبو دل ۾ ٺاهيو آهي ان جي تڪميل ڪر، ڇاڪاڻ ته ان صورت ۾ تون نه صرف قريش جي پر سڄي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوشنصيب خاتون ثابت ٿيندينءَ بشرطيڪ الله تعاليٰ تنهنجي تمنا پوري ڪري. هيئنر بيبي خديجه جي دل ۾ پاڻ سڳورن لاءِ ڏاڍو احترام پيدا ٿي ويو ۽ حضور جن سان نڪاح جي آرزو ايتري قدر وڌي وئي جو پنهنجي هڪ غلام عورت نفيسه بنت منبه جي هٿان حضور صلعم جن کي شاديءَ جو پيغام موڪليو حضور جن پنهنجي چاچي حضرت ابوطالب کان صلاح و مشوري کان پوءِ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ نڪاح جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. پاڻ سڳورا پنهنجن چاچن ۽ ڪجهه قريش جي رئيسن سان گڏ بيبي خديجه جي

گهر ويا. نڪاح جو خطبو حضرت ابوطالب پڙهيو انوقت بيبي خديجہ جي عمر چاليهہ سال هئي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي عمر پنجويهہ سال ۽ مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن هئي.

نڪاح جي خبر ڪنهن شخص هينئن ڏني تہ هو محمد صلي الله عليہ وعلم بن عبدالله جيڪو قليل اجرت تي ٻڪريون چاريندو هو ان خديجہ بنت خويلد سان نڪاح ڪيو آهي.

قريش جي هڪ عمر رسيده سردار چيو" توتي افسوس آهي جو اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين، هو تہ عبدالمطلب جو پوٽو آهي ۽ هن جو لقب الامين آهي. بيبي خديجہ جي لاءِ عبدالمطلب جي پوٽي ڪانسواءِ وڌيڪ موزون ڪير تي سگهي ٿو ۽ قريش قبيلن ۾ ڪو شخص ڪونهي جو الامين جي برابري جي دعويٰ ڪري سگهي.

بيبي خديجة الڪبري کي دنيا جي هر عورت ۽ مرد کان مٿاهون درجو حاصل آهي ڇاڪاڻ تہ هيءَ اها واحد هستي هڪ عورت آهي جنهن رسول خدا جن تي سيني کان اڳ ۾ ايمان آندو. حضور اڪرم جن کي سندن عمر مبارڪ جا چاليهہ سال پورا ڪرڻ جي ٻئي ڏينهن تي خدا تعاليٰ جي طرفان نيڪ فرشتي جبريل جي معرفت کين نبوت جي بشارت ڏني. بشارت کان ڇهہ مهينن کان پوءِ رمضان المبارڪ مهيني ۾ نزول قرآن ٿيو. نزول قرآن سان گڏ حضرت جبريل امين، حضور پاڪ جن کي وضو ڪري نماز پڙهڻ سيکاري، يعني جبريل امين جن جئين وضو ڪيو تيئن حضور جن ڪيو. ان کانپوءِ ٻہ رڪعت نماز پڙهائي ۽ پاڻ سڳورن اقتداء ڪئي ان وقت حضور جن تي ٻہ رڪعت فرض فجر لاءِ ۽ ٻہ رڪعت فرض نماز عصر لاءِ فرض ڪئي ويئي. حضور جن پنهنجي گهر پهچي پنهنجي پاڪ بيبي کان اسلام جي تبليغ جو آغاز ڪيو جنهن هڪدم قبول ڪيو ۽ هن بيبي کي اهو بہ اعزاز حاصل ٿيو جو ان ڏينهن کان يعني بعثت جي پهرين ڏينهن رمضان شريف جو مهينو ۽ جمعتہ المبارڪ تي حضور صلعم جن سان گڏ عصر جي نماز ان طريقي سان ادا ڪئي جيئن جبريل امين حضور جن کي سيکاري.

اعلان نبوت کانپوءِ مڪي وارن جڏهن حضور پاڪ جن جي مخالفت شروع ڪئي ۽ کين تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون تہ بيبي صاحبہ ڪافرن

جي هر مقابلي ۾ حضور جن لاءِ ڍال ثابت ٿي، پنهنجي اعليٰ شخصيت جي ڪري انهن جي مخالفت کي غير موثر بڻائيندي رهي. حضور جن جي هر تڪليف ۾ سندن همٿ وڌائيندي رهي. الله تبارڪ و تعاليٰ بيبي خديجه تي راضي هو. سيرت نبوي جي ڪتابن ۾ آهي ته حضور جن بيبي صاحبه کي چيو ته "توکي جبريل جنت جي بشارت ڏئي ويو آهي جنت ۾ توکي اهڙو گهر ملندو جيڪو موتين جو ٺهيل هوندو جنهن ۾ شور و غل ۽ تڪليف يا محنت جو لنگهه نه هوندو."

آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن کي بيبي خديجه مان: ٻه پٽ ۽ چار ڌيئرون ٿيون. پٽن جا نالا قاسم ۽ عبدالله هئا ٻئي ننڍڙي عمر ۾ وفات ڪري ويا. ڌيئرن جا نالا، بيبي زينب، بيبي رقيه، بيبي اُم ڪلثوم ۽ بيبي فاطمةالزهره آهن.

بيبي خديجه 65 پنجهٺ سال جي عمر ۾ هجرت کان ٽي سال پهرين رمضان جي مهيني ۾ وفات ڪئي کيس حجون ۾ دفن ڪيو ويو. هن نيڪ بيبي، وفاشعار پرهيزگار ۽ نيڪ سيرت لاءِ حضور جن فرمائين ٿا ته:

"مونکي هن کان وڌيڪ ڪا به زوجه نه ملي. هن ان وقت ايمان آندو جڏهن سڀ ڪافر هئا. اُن منهنجي تصديق ڪئي جڏهن ٻين ٺڪرايو. هن پنهنجي مال سان مدد ڪئي، جڏهن ٻين محروم رکيو ۽ الله مونکي هن مان اولاد ڏنو.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي اظهار خيالات

ادي نذير ناز ٽيليفون تي ٻه ٽي ڀيرا پئي چيو "ادي نوابشاهه ۾ ڊاڪٽر نجم عباسي جي ڪتاب جي مهورت ٿا ڪرائين توهان کي هلڻو آ." مان جيڪا سفر ڪرڻ کان لهرائيندي آهيان. ڇيڇومانس ادي ڪيئن هلندا سين ڇيائين گاڏي ڪٽون يا ٽرين ۾ هلون. ڪجهه وقت اڳ ۾ منهنجي گاڏيءَ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هيو جنهن ۾ منهنجو ننڍڙو پٽ زلفي زخمي ٿي پيو هو ان ڏينهن کان پوءِ ڪار ۾ شهر کان سواءِ ٻاهر جي سفر کان Avoid ڪندي آهيان. ان ڪري جو ذهن تي اڃا اها ڳالهه سوار آهي. ڪراچي به گهڻو ڪري بس ۾ ويندي آهيان. چيومانس، "ڏسنداسين".

اڳاري ڏينهن يونيورسٽيءَ مان پنهنجي ڪار ۾ گهر لاءِ واپس پئي آيس ادي نذير پنهنجي گهر جي پاسي واري ڪاليج مان ليڪچراري ڇڏي اچي سنڌي ادبي بورڊ مان نڪرندڙ عورتن واري ميگزين "سرتيون" جي ايڊيٽر ٿي آهي، تنهن جو چيل هو ته هڪ بجي کان پوءِ اگر شهر وڃو ته مون کي به ادبي بورڊ مان کڻندا ويندا ڪيو ڇاڪاڻ ته صبح کان ٽئين بجي تائين آفيس ۾ ٽڪجي ٿي پوان، ڪيس ونڻ ويس ڏاڍي خوشي ٿي گاڏيءَ ۾ مون کي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو ڪتاب "منهنجون بهترين ڪهاڻيون" ڏنائين ۽ چيائين ادي توهان اعزازي خاص مهمان آهيو. هنن ويچارن ڪارڊ به ڇپرائي ڇڏيا آهن پوءِ ڀلا هلندا نه؟ مان ڪيس چيو نيڪ آهي ڏسندس. اربع ڏينهن شام جو پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ اياز لطيف پليجو سان سنڌ ريسرچ ڪائونسل وارا شام ملهائي رهيا هيا. مون کي به دعوت هئي. اتي ويس چانهه جي وقت عنايت بلوچ پنهنجي مخصوص انداز

۾ چيو ”نواب شاهه پيا وڃو“. اخبار ۾ پڙهيم مون چيو ڇا؟ چيائين ڊاڪٽر نجم جي ڪتاب جي مهورت آهي. مان سامهون بيٺل نذير ناز کي ڏٺو ۽ سوچيو معاملو سيريس آهي. گهر آيم ٻئي ڏينهن خميس تي صبح جو ڏهين بجي ”قومي ٻرڪي“ ۾ ويٺو هو جنهن لاءِ مشتاق ميراڻي شام جو ٺي فون تي چيو هو. ميڊم يونيورسٽي مس ڪرٽي پونڌو توهان تي !ٻڌو پونڌو اڳيون جرڳو بہ اٺ ڪلاڪ هليو هيو. سوچيم نواب شاهه ۾ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه پوائنٽس ئي لکي وٺان.

ان رات جو ئي ڊاڪٽر صاحب وارو ڪتاب کڻي پنهنجي ڪمري جي رائٽنگ ٽيبل تي ويٺس ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب تي ڊاڪٽر صاحب جي تصوير ڏٺم. ها هي اهو ئي ڊاڪٽر نجم عباسي اسان جي گهر جو جهڙوڪ فيملي ڊاڪٽر. جنهن جي اسپتال قاضي قيوم روڊ جي هن پاسي هئي جڏهن بہ مان يا ڪو ٻار ٻچو بيمار ٿيندو هو تہ روڊ ڪراس ڪري ويندي هيس جڏهن سندس ڪلينڪ قيوم روڊ جي هن پر تي تڏهن بہ هن وٽ ويندي هيس.

مان اديب يا شاعر نہ آهيان پر هڪ شاگرد جي حيثيت سان ڊاڪٽر صاحب جون گهڻيون ڪهاڻيون پڙهيون آهن ۽ ٻين کي ٻڌايون بہ آهن پر الائجي ڇو ڊاڪٽر صاحب سان ڪڏهن ادبي رهاڻ ڪانہ ڪئي ۽ نہ وري ڪانئس ڪڏهن پڇيم تہ هن ڪهاڻي لکڻ جو توهان کي ڪيئن خيال آيو يا توهان ڪنهن کان متاثر ٿي اها شيءِ لکي؟ مان اڪثر اهڙا سوال ڪيترن اديبن ۽ شاعرن کان ڪيا آهن جهڙوڪ قادر جوڻيجو خيرالنساءِ جعفري، تنوير جوڻيجو وغيره.

هن وقت جڏهن مان پنهنجي يادن کي پنن ۾ اوتيان ٿي تہ سامهون قيوم روڊ تي گوليون ٺيون هلن. جنهن جو سبب اڳتي ٻڌائيندس بهر حال مان پنهنجي رائٽنگ ٽيبل ڇڏي هيٺ پٽ تي ٽيڪ لڳائي ويهي رهيس. ڊپ ۾ تہ گولي ڪٿان ٽڙي نہ اچي.

نہ پڇڻ جو سبب اهو بہ هو جو اڪثر ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڳالهہ واضح ڪندو هو تہ مان هي ڪهاڻي ڪيئن ۽ ڪنهن کان متاثر ٿي لکي، جيئن ”طوفان جي تمنا“ ۾ پنهنجي هڪ ڪهاڻي ”دعا ۽

تاڙيون“ جيڪا مون ڏهه سال يا ان کان به اڳ ۾ پڙهي هئي ته ڪيئن لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ هڪ مُلي جو ڪيس ٿيو ۽ کهڙي نموني اهي هٿ جيڪي دعا لاءِ اٿندا هئا تاڙين لاءِ محفوظ ٿي ويا يا هڪ ڪهاڻي ”پوت“ جيڪا مان اڪثر بين کي ٻڌائي ڪلندي هئس ته سياري ۾ رات جو سيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ شخص قبرستان ۾ کوٽيل قبر ۾ ميت جي انتظار ۾ وڃي ليٽيو ۽ جڏهن ماڻهو لاش لاهڻ لاءِ قبر ۾ لٿا ۽ اهو شخص قبر مان نڪري آيو ته سب ماڻهو پوت پوت ڪري لاش ڇڏي ڀڄا مٿان وري ٻرڻ وارا گولا به ڪري وسامجي ويا اڳيان سڀ ماڻهو پنيان هي شخص ڊوڙندو پئي ويو ته اڙي مان فلاڻو آهيان. تيئن هو تيز پئي ڊڪيا ته پوت پويان لڳو آهي.

اهي ڳالهيون ياد ڪري جيئن ڪتاب کوليم ته هڪ سهڻي تصوير ڳڀرو جوان جي خوبصور سمارٽ ائين لڳو مڪڙي مٿان گلاب ڪر موڙي نڪرڻ جي پيو ڪري، مٿان لکيل هو ”موٽڻ جنهن مهڻو“ هڪ وار وري جيءَ جهري پيو ڇاڪاڻ ته صبح ٿي وي چئنل تي خبر آئي ته لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا جي شاگرد ظهور عباسي کي ڪنهن گوليون هئي ماري ڇڏيو (جنهن جو ذڪر بعد ۾ ڪندس). بس اها ئي ڪهاڻي جيڪا ڪجهه وقت اڳ ۾ اخبار ۾ به ڇپي هئي ”مان فهيم جو مامون آهيان“ پيهر پڙهيم منهنجي اکين مان مينهن وسڻ لڳو. مون به ائين محسوس ڪيو آسمان روئي رهيو آهي. ڌرتي روئي رهي آهي. ستارا روئي رهيا آهن شهر روئي رهيا آهن. ملڪ روئي رهيو آهي. مونکي ياد آيو ڪيڏا ڏينهن ٿي ويا آهن اسان سيني کي روئيندي ڇا اسانجي مقدر ۾ صرف روئڻ ئي بچيو آهي.

اسان جو نسل ڪڏهن پوليس هٿان، ڪڏهن دهشتگردن هٿان ڪڏهن مهاجرن ۽ سنڌين هٿان ائين ئي ڪسندو رهندو.

جڏهن حيدرآباد ۾ سنڌين جو قتل عام ٿيو نياڻن جي لڄالُٽ ٿي، ماڻهن کي گهر مان بي گهر ڪري کين قاسم آباد ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو ويو جڏهن حيدرآباد جو سڄو شهر گولين سان گونجي اٿيو. تڏهن حيدرآباد جا اهي شهري جيڪي اجان ڪجهه محفوظ هئا هڪٻئي سان رابطو رکندي ٻاهر نڪري پيا هڪڙا ڏتڙيل جي ڪاڻ، خوراڪ، لٽي اجهي

جي بندوبست ۾ نڪري پيا ۽ پيا هي وري" دردناڪ واقعا ملڪ جي اڳواڻن تائين پهچائڻ ۾ لڳي ويا مان اتفاقاً پئي گروپ سان شامل ٿيس انوقت استاد بخاري جا هيءَ ٻول اڪثر هلندا هئا ۽ سچا لڳا "آئون ڪيئن سيج سمهان منهنجا ماروئڙا پڊري پٽ سمهن. ها تہ ڳالهہ پئي ڪيم تہ اهڙي نموني هيومن رائيٽس ڪميشن H.R.C وارو حيدرآباد آيا، اسين هنن سان ملياسين ۽ هنن چيو تہ اسان کي ڪيمپون ڏيکاريو جت ڏتڙيل رهيل آهن. انوقت حيدرآباد جي سنڌي آبادي جيڪا شهر جي ڪناري تي بيٺل آهي اُتي ڪيمپون لڳل هيون جن جو تعداد تقريباً ڏهہ يا ٻارهن هو. اسانجي گروپ ۾ انوقت عورتن توڙي مردن جو ڪافي تعداد هو. هر ڪيئمپ ۾ ڊاڪٽر صاحب، اهو ئي روج راڙو متل هو جيڪو فهيم جي موت وقت ٿيو هر ڪا ماءُ پيڻ، ڏيءَ، زال پڦي، ماسي، پٽڪي، سٽڪي ۽ پار ڪيڻ ۾ رڙل هئي هڪ هنڌ ڪارن ڪپڙن ۾ هڪ "ماءُ"-پنهنجي معذور ننهن اڳيان جنهن جي مڙس کي ماريو ويو هو. تفصيل پئي ڏنو تہ ڪيئن دهشتگردن هن جي جوان زخمي پٽ کي ماءُ اڳيان ماءُ جي جهوليءَ مان کسي ڪنو. هن مائي اهي پار ڪديا جو مان تہ ذري گهٽ سڏڪن ۾ پئجي ويس. مونکي ڪنهن چيو ميڊم همت کان ڪم وٺو مهمان گڏ آهن. پر مون ڏٺو تہ اسان جا مهمان حنا جيلاني ۽ مسز قزلباش بہ زارو قطار پئي رُنيون جيڪي H.R ۾ عهدن تي آهن.

پر هو تہ هئا غير ۽ پوليس بہ آهي غير جنهن فهيم ماريو پر اڄ جو هي ڏاڙيلن جا لامارا سنڌين تي آهن سي ڪير آهن هي جو چانڊڪا ۾ فهيم جو همعمر ظهور جيڪو ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ K.G کان وٺي انٽر تائين پڙهي ڊاڪٽر ٿيڻ جي شوق ۾ مائٽن جو جگر، چانڊڪا ويو ان کي ڪنهن ماريو" هي جو هڪ ماءُ ۽ هڪ پيءُ ڪيهون ڪندا لاڙڪاڻي پڳا آهن هنن کي ڪهڙي خطاجي سزا ٿي ملي؟ هڪ محنت ڪش پيءُ ۾ وفادار ماءُ جن پٽ جي ڊاڪٽر ٿيڻ جي آرزو ۾ هن جي جدائي سٺي پر هن جدائي جو داغ ڏيڻ وارا ڪير؟

ها تہ مان ڊاڪٽر صاحب جا اهي جملا ورجائيندس ۽ سياست ۾ حصو وٺندڙ شاگردن کي گذارش ڪندس تہ "اهڙن ليڊرن کي چناءُ ڏيڻ گهرجي تہ اسين توهانجي ليڊرشپ ايستائين قبول نہ ڪنداسين، جيستائين

توهان جو اولاد اسان سان گڏ نہ پڙهندو ۽ سياسي هلچل ۾ اسان سان ساٿ ڏئي، اسان سان پيرين پنڌ نہ هلندو.

ٻچا ڏاڍا مٺا آهن جيڪڏهن پنهنجا ٻچاءِ پيارا اٿن تہ ٻين جي ٻچن سان بہ پيار رکن چاڪاڻ تہ هڪ ڏينهن ان عدالت ۾ حاضر ٿيڻو اٿو جت توهانجي ڪا سياست نہ هلندي. اربع واري ڏينهن اياز سان ملهايل شام ۾ خيروءَ هڪ ڳالهہ ڪئي تہ بس ۾ گانو پئي هليو "جيو ڊولا' جيڪو هن جي مهاجر ساهيڙي ڪي ڏاڍو وڻيو هن چيس سنڌي ۾ هن کي چئبو جيئو ڏولا" فرق اهو آهي تہ "ڏ" وات مان تڪڙو ٿو نڪري تہ "ڊ" ڪڍڻ لاءِ زور ٿو ڏيڻو پوي. (اڪثر سنڌي ۽ غير سنڌي جي پرک بہ تہ "ڏ" مان ڪئي ويندي آهي) ها سو خيرو واري ڳالهہ تہ سنڌي Alphabet جي هڪ اکر تي ايڏو زور آهي تہ سڄي Alphabet لاءِ ڪيڏي نہ جاکوڙ ڪرڻي پوندي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جا نوجوان جيڪي سڄي Alphabet پڙهي وڏن ادارن، انجنيئرنگ ميڊيڪل، ايم بي. اي ۽ ڪامرس وغيره ۾ پهچن ٿا تہ ان لاءِ نہ فهيم جي ماءُ وانگر فهيم جو لاش ڏسي الله کي ۽ سياستدانن کي ميار ڏي؟ ظهور جي ماءُ وانگر تہ ننڍڙا ٻار اسڪول ۾ ويٺا آهن پاڻ رڙندي ريل ۾ چڙهي پٽ جي لاش لاءِ!

مان اڳتي ڊاڪٽر صاحب جي ڪا ڪهاڻي نہ پڙهي سگهيس جو واقعي ڊاڪٽر جي اها هڪ ڪهاڻي تي اسانجي اڏمن ۽ جذبن جي ترجماني ٿي ڪري

(نوابشاهہ 1992)

مرزا قليچ بيگ جي ورسي
جي موقعي تي ڏنل پيغام

سنڌ تي جڏهن نيپئر مياڻي جي جنگ کانپوءِ قبضو ڪيو تہ هن ٻن تن ڏينهن اندر ميرن جي ڪوٽ کي لٽڻ جو حڪم ڏنو. مرزا قليچ بيگ جا مائٽ جنهن ۾ هن جو نانو ۽ والد بہ شامل هئا تن کي ڏاڍي تڪليف آئي. ميرن مرزا قليچ بيگ جي ناني ۽ والد کي جيڪي ڪين ايران جي شاهہ ۽ وزير طرفان هنن جي وڪيل معرفت تحفو تي مليا هئا تن کي ڏاڍو مان ڏنو هو ۽ ڪين وڏو درجو مليل هو. هو ٻئي حيدرآباد جي ڪوٽ جي اندر رهندا هئا. 1843ع ۾ هي ٻهريائين سائينداد جي ٽنڊي وڃي ويٺا جتان پوءِ مير محمود جي ٽنڊي ۾ قليلي جي ڪناري تي ۽ پوءِ اتان نوڙهي جي ٽنڊي ۾ نواب محمد خان نوڙهي جي جاگير ۾ اچي ويٺا جتي محرم جي چوٿين تاريخ سنہ 1290هہ 1853ع تي مرزا صاحب تولد ٿيو. جيتوڻيڪ هن کي اڳ ۾ بہ ياٿر ۽ پيٽون هيون پر هن جي ساعت پنهنجي مائٽن تي ڪجھ وڌيڪ ٿي هئي جيڪي ڪيس گهڻي محبت ڪرڻ سان گڏ دعائون بہ ڪندا هئا ڪين ان ڳالهہ جو يقين هوندو هو تہ هي بختاور ۽ قابل انسان ٿيندو. هن جا وڏا جيئن تہ اصل جارجيا جا هئا ۽ پوءِ ايران ۾ اچي رهيا جنهنڪري هن کي فارسي زبان تي عبور حاصل هو.

سنڌ ۾ ان دؤر ۾ تعليم جو سرشتو بهترين هو مراز قليچ بيگ بہ ٻهريائين آخوند محمد شفيع جي مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ صبح کان شام تائين علم حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهيو پوءِ پلي صبح جي تپش ڪري ڪانو جي اک نڪرندي هجي يا سياري ڪري پارو ڇميل هجي يا مينهن هر هنڌ جل ٿل لڳائي هجي پر هي پنهنجي

ڪرت سان لڳل رهيو ۽ قدم قدم تي روشني جا ڪرڻا حاصل ڪري سنڌ جي علم جو آفتاب بڻيو.

سندس لکيل ڪيئي اڻ ڳڻيون تصنيفات آهن جنهن ۾ تاريخ، مذهب فلسفي، اخلاق، مختلف ڪتابن جا ترجما، ناٽڪ، قصا، ناول، علمي ۽ تعليمي ڪتاب، شاعري ۽ زناني تعليم تي ڪتاب لکيل آهن جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مرزا صاحب گهڻ پهلو اديب، لسانيات جو ماهر، سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت سان محبت ڪندڙ ۽ هڪ وڏو محقق هو. جنهن سنڌي قوم لاءِ هڪ وڏو ۽ عظيم علمي ۽ فني ذخيرو ڇڏيو آهي سنڌ جي تاريخ تي لکيل فارسي ڪتابن جو سنڌي ۽ انگريزي ۾ ماهرانہ انداز ۾ ترجمو ڪري مرزا صاحب تحقيق جا دروازا کوليا آهن.

هن جي محنت سنڌي ادب ۽ زبان کي وڏي وسعت بخشي آهي. سنڌ جي ادارن مرزا صاحب جا ڪيئي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا. جنهن لاءِ مرزا صاحب 'سائوپن يا ڪاروپن' ۾ لکي ٿو تہ "جن ڪمن تي آءٌ فخر ٿو ڪريان سي منهنجا اهي خانگي ڪم آهن جيڪي سرڪاري طرح بہ شمار ۾ اچي سگهن ٿا يعني انهن جو واسطو سرڪاري تعليم کاتي سان آهن جنهن مان خلق کي علمي ۽ اخلاقي روحاني فائدو پهچي سگهي ٿو اهو آهي جدا جدا مضمونن تي ڪتاب ۽ ليک لکڻ. اهي ڪم نندي هوندي کان مڪتبن، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندي ڪيم جن لاءِ تعليم کاتي مان چڱي رقم انعام ملي. ڪراچي ۾ رهي ڪيترا ڪتاب لکيم. ڪي انگريزي ۽ اردو تان ترجمو ڪيم جي سنڌ مدرسي وارن ۽ ٻين سنڌي پريسن يا ڇاپخانن ڇپايا. نوڪري جي ساري عرصي ۾ ڪتاب بہ لکيم جن مان ڪي سرڪار جي حڪم پنيان لکيم ۽ ڪي ايجوڪيشنل کاتي، ٽيڪسٽ بڪ، پرائيز بڪ يا لئبريري منظور ڪيا. مسلمانن ۾ تعليم جو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪئي ڪتاب لکيا.

مطلب تہ مرزا صاحب هر علم تي لکيو ۽ سنڌ جي ڪيترن پريسن اهو ڇپيو. مرزا صاحب کي جيئن تہ جيئري تي سندس علم جي ايڏي وڏي زخيري جي ڪري تمام گهڻي عزت ملي جنهن لاءِ هو ڇوي ٿو.

هيترا ڪتاب منهنجا لکيل جدا جدا پرسين ڇپايا آهن ۽ ماڻهو چاهه مان پڙهن ٿا. ماڻهو انهن ڪمن جي قدر شناسي ڪن ٿا ۽ مناسب موقعن تي مان ڏين ٿا ۽ پرپٽ تعريف ڪن ٿا.

3 جولائي 1939ع ۾ سنڌ جو هي آفتاب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ڇڏيل علمي خزانو سنڌي ادب جو اهو خزانو آهي جنهن جي روشني ۾ هر دؤر جو نسل رهنمائي حاصل ڪندو سندس قدرشناسي ۾ هي ميڙ ڪٺا ٿين ٿا.

(مرزا قليچ بيگ تنظيم سنڌ لٽنگئيج اٿارٽي حيدرآباد 25 آڪٽوبر 2003)

سُر ڪاپائتي جو روحاني راز

الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي وحدانيت ۽ رحمت قائم رکڻ لاءِ مختلف وقتن ۾ ڪيئي پيغمبر ۽ نبي موڪليا جن انسانذات کي صحيح واٽ ڏيکارڻ ۽ رب پاڪ جي وحدانيت جو درس ڏنو. اسانجو آخري نبي الزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن پنهنجي رب جي رحمت ۽ هيڪڙائي کي اهري تہ سهني نموني زماني اڳيان بلند رکيو جو ماڻهن ان کي ساهہ سان سانديو. مٿانهن نازل ٿيل آخري الهامي ڪتاب ”قرآن“ ۾ هر قانون ۽ هر مسئلو سلجهيل هو. الله تعاليٰ جي بزرگ بندن قرآن جي تفسير ۽ ترجما ڪري شريعت ۽ حديث کي اڳتي وڌائيندي اولياء الله بڻجي ويا. سنڌ جي سرزمين انهن بزرگن هستين سان پري پيئي آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف جيڪو سرزمين سنڌ جو عظيم شاعر سڏيو وڃي ٿو اهو انسانيت جو علمبردار، فطرت ۽ سماج جو نقاش ۽ سنڌ ڌرتي سان محبت ڪندڙ فرزند هو. هن جو جنم تہ 1689ع ۾ ٿيو ۽ هن جي وفات تائين هن سرزمين تي اهڙا انقلاب آيا ۽ اهڙيون خوفناڪ تبديليون آيون جن شاهہ جهڙي سچائجهڙي انسان کي بہ لوڏي ڇڏيو. هن جيڪي ڪجهہ محسوس ڪيو انهن کي لفظن جي شڪل ڏيئي شعرن جي صورت ۾ آندو. سندس لاثاني ۽ بينظير رسالو جيڪو ”شاهہ جو رسالو“ جي نالي سان مشهور آهي، اهو علم، حڪمت ۽ عمل جي تجربن جو ڀنڊار آهي، جنهن ۾ هڪ طرف روحاني نڪتا آهن تہ ٻئي طرف دنيا جا تجربا موجود آهن. هو روهاني رهبر سان گڏ سماجي سڌارڪ بہ آهي. تاريخدان بہ آهي. معاشي رهبر بہ آهي تہ ٻوليءَ جو ماهر ۽ استاد بہ آهي. هو محبت ڪندڙ ۽ رحمدل آهي. پنهنجي شاعري ۾ ”عورت“ جنهن کي صنف نازڪ بہ سڏيو وڃي ٿو ان سان عزت ۽ احترام سان مخاطب ٿيو آهي. شاهہ جا ڪيئي سر عورت

جي وفاداري ۽ حب الوطني تي منحصر آهن. جن ۾ ڪيئي روحاني راز سمايل آهن. انهن روحاني رازن کي هن اهڙي سولي انداز ۾ سمايو آهي جو هر پڙهيل توڙي اڻپڙهيل، استاد يا آفيسر شاهه سائين جي ڪلام کي پنهنجي ساهه سان سانديي شهرن، ڳوٺن، ٿرن، برن توڙي بيروني دنيا ۾ پيا جهونگارين ۽ تحقيق جو هڪ ايترو وڏو سلسلو شروع ٿيو آهي جيڪو اڃان پيو هلي.

شاهه صاحب کي پنهنجي وطن سنڌ ۽ انهن جي رهواسين سان بيحد محبت هئي. شاهه جي دور ۾ سنڌ جي سماج جا بنياد زرعي معيشت تي بيٺل هئا. آباديءَ جو وڏو حصو ٻهراڙين تي مشتمل هو جنهن ۾ هاري، ڏنار، مهاڻا ۽ مختلف ڪرت سان لاڳاپو رکندڙ هئا. شاهه جي ڪلام ۾ مختلف ڪمين، ڪاسبين جو ذڪر ملي ٿو. لوهارن جي ڪرت واري مصروفيت جيڪي هارين ۽ ٻين پورهيتن لاءِ اوزار ٺاهين ٿا، جنهن ۾ ائٽ ڪتڻ به شامل آهي، تنهن جو ذڪر ڪيو آهي. ائٽ يا چرخي جي اهميت سنڌ توڙي هند ۾ وڏي حيثيت رکي ٿي. موئن جي دڙي کان وٺي مهاتما گانڌي جي تحريڪ تائين "چرخو" خودداري ۽ محنت جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. شاهه جي ان سُر ۾ ائٽ جا ڪيئي مطلب، سمجهاڻيون ۽ فلاسافي سمجهايل آهي.

"سُر ڪاپائتي" ۾ شاهه سائين "چرخي" جي اهميت کي بيان ڪندي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ ان کي چورڻ جو پرچار ڪيو آهي ۽ چرخي کي قوم جي آسودگي جو وسيلو سڏيندي هڪ الهامي پيغام ۽ آخرت جي سنوار سڏيو آهي.

شاهه صاحب جي شاعري جو وڏو ڪردار جيئن تہ عورت جي عظمت تي رکيل آهي تنهنڪري سر ڪاپائتي ۾ بہ هو عورت سان مخاطب آهي.

ڪاپائتي لفظ جي معنيٰ آهي "ڪتڻ واري" هن سر ۾ ائٽ يا چرخي ۽ ڪتڻ وارين ۽ آتڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جو فائدو ٻڌايو آهي.

محبت پائي من ۾ رنڊيا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهائيو.

سُر ڪاپائتي جو روحاني راز:

شاهہ ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ بندي ڪي اسلامي اصولن تي هلڻ جو پيغام ڏنو آهي. هن سر ۾ شاهہ سائين چرخي ڪي بهترين عمل ۽ چرخي ڪتڻ واري ڪي بهترين عملن تي هلڻ جي هدايت ڪئي آهي. سٽ ڏاڳو ۽ ان ۾ نفاست سان اٽڻ ۽ بهترين ڪپڙو ناهڻ تي اعليٰ انعام ۽ وقت وڃائي اجايو ڪم ڪرڻ ۽ صحيح نتيجو نہ اچڻ تي ملامت ۽ نقصان جو اظهار ڪيو آهي.

جان ڪتين تان ڪِتُ هيءَ هَڏِ وِهاڻي
ڪاپائتي سَيڪا ڪِتي سيباڻي
ڄاڻو جِن ڄاڻِي، تِن هَٿان ڀِهي نہ ڇَڏي

شاهہ سائين فرمائي ٿو جيسين ڪتي سگهين تيسين ڪت. هيءُ ويل ماڳهين ويئي، هر ڪا ڪتيندڙ پنهنجي ڪتيل سٽ موجب عزت ماڻيندي جن انهي ڳالهہ کي چڱي طرح پروڙيو تن ڪڏهن بہ ڪپهہ جو پهو هٿان نہ ڇڏيو.

سونَ ساريڪا هَٿڙا ڪوهُ نہ ڪتين رَڍِ؟

توکي سون جهڙا هٿ آهن. معنيٰ تو وٽ هنر موجود آهي پر سستي جي ڪري تون هوڏ تي بيٺي آهين.

ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪرِ گهتيون گوهيون ڇڏ.

کيس هدايت ٿو ڪر.

ي تہ چرخي واري جاءِ يا ڪتڻ واري جاءِ تي وڃي ويهہ ۽ سستي کي ڇڏ.

تہ صرافاڻي سَڏِ مرڪيو هوند مٽائين

صراف يعني ناڻو ڏيندڙ يا ناڻي تان مٽائيندڙ جي سڏ تي تون وڏي اطمينان سان اهو مٽائي سگهين.

حاصل مطلب تہ دنيا ۾ رهندي صحت ۽ وقت هوندي بهترين عملن ڪرڻ ۾ جيڪو بہ رهندو الله تعاليٰ انهن کي نيڪ اجر ڏيندو ۽ بهشت عطا ڪندو.

دنياوي مطلب بہ اهو تہ محنت ۾ عظمت آهي جيڪو محنت ڪندو تہ اُن جو ڦل ضرور حاصل ڪندو. ان ڪانسواءِ پنهنجي وقت تي مقرر ٿيل ڪم جيڪڏهن ڪبو تہ ان جو اجر ڪيس ملندو. هن معاشري ۾ ڪٽنب جي ذميواري مرد جي مقابلي ۾ عورت تي وڌيڪ آهي. فردن جي پالنا انهن جي اصلاح ۽ معاشري کي بهترين فرد عطا ڪرڻ عورت جي ذميواري آهي جنهن سان هڪ بهترين ۽ اعليٰ ڪردار رکندڙ فردن جو معاشرو ٺهي ٿو. ان ذميوارين ادا ڪرڻ جو وقت مقرر آهي ۽ ان وقت اندر ان فرد جي تعليم و تربيت مڪمل ٿئي. ساڳئي طرح زندگي جيڪا الله پاڪ بندي کي ڏني آهي جنهن ۾ حقوق الله ۽ حقوق العباد شامل آهن. انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ بہ وقت، صحيح سوچ ۽ تقويٰ جي ضرورت آهي. شاهہ سائين عورت کي ان هر پل کان واقف ڪيو آهي ۽ نقصان ۽ فائدي کان واقف ڪيو آهي.

ڪو جو وہ ڪاپائتين، ڪنبن ۽ ڪتن
ڪارڻ سُود سواريون آتڻ منجهہ اچن
ان جي سونهن سيد، ڇئي صراف ئي سڪن
اگهيا سٺ سندن، پائي ترازيءَ نہ توريا

سُر ڪاپائتي شاهہ جي رسالي ۾ اهم حيثيت رکي ٿو جيڪو هڪ داستان تي مشتمل آهي.

***

عنوان هزارين

(يونيورسٽيءَ جي سينئر ۽ باوقار پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو صاحب، اسان جي خيروءَ (خيرالنساءِ جعفري) جي ڏاڍي ويجهي دوست هئي، پر هن پنهنجي موضوع کان هٽي، ڪڏهن به ادبي دنيا ۾ پير پائڻ جي نہ ڪئي. شفيق ۽ ڄاڻو استاد ۽ هڪ ذهين شاگرديائيءَ جي حيثيت ۾ سندس ذات ۽ علمي ساڃاهہ ڪنهن شڪ کان مٿاهين آهي. منهنجي زور – بار ۽ ستائڻ تي، هن لکڻ لاءِ ساهس ساريو آهي. خيروءَ بابت مارچ واري پرچي ۾ ممتاز جي لکڻيءَ کي گهڻن پڙهندڙن ڏاڍو واکاڻيو ۽ اسان انهن سمورن خطن بابت ڊاڪٽر صاحبہ کي ڄاڻ ڪرائي. انهيءَ سلسلي مان اُتساهہ وٺي، ڊاڪٽر ممتاز هيءَ ڪهاڻي لکي آهي. ترڪ پرسن ۾ سندس لکيل هيءَ ڪهاڻي، کهڙو ٻارڻ ٻاريندي ۽ ڪيترين ڏسائن تي اثرانداز ٿيندي، پوءِ جي ڪهاڻي آهي، پر جنهن موضوع کي هن بحث هيٺ آندو آهي، اهو معاشري جو خوفناڪ سطح تائين انتهائي ڀرندڙ مسئلو آهي. جنهن بابت جون واري پرچي ۾ لطيف ڇوهاڻ نالي ڪنهن نوجوان شاگرد جو مراسلو بہ شايع ٿيو آهي. ممتاز سادن لفظن ۾ درد جي لهر اپاري آهي جنهن ۾ شاعري ناهي. سچائي آهي.ت. ب)

هن ڏکهي ۽ گهري رڙ ڪئي. گهر جون ڀتيون ڏڏي ويون ۽ گونج سان سڄو ماحول خوفائتو بڻجي ويو.

❊

اڄ اسڪول ۾ هن جو پهريون ڏينهن هو. هن جو لاڳاپو مٿئين وچولي طبقي سان هو. هو ڪار جي پوئين سيٽ تي پنهنجي ماءُ سان گڏ ويٺو. گاڏي سينٽ بوناونيچرز اسڪول جي گيٽ تي اچي بيٺي. ڊرائيور يڪدم لهي

پويون دروازو کوليو هو پنهنجي ماءُ سان گڏ لٿو. ماٺس چپن ۾ دعائون ۽ صلواتون پڙهندي کيس ننڍڙو ٿرماس ڳُلهي ۾ وڌو ۽ هن جو هٿ جهليندي گيٽ ۾ داخل ٿي. اندر گرائونڊ K.G ڪلاس جي دروازي تي بيٺل مس هنن کي ويلڪم ڪيو. ماءُ هن جو مس سان تعارف ڪرايو.

"He is Murad."

مس مرڪي وري هن جي آجيان ڪئي.

هو ماءُ سان گڏ ڏاڪا لهندو هيٺ ڪلاس روم ۾ پهتو. اندران گهبرايل هو. ماءُ جو هٿ زور سان پڪڙيائين. ماٺس سندس ڳل تي پيار ڪيو. دعا ڏني ۽ هن کان هٿ ڇڏائي کيس ٽيچر جي حوالي ڪيو. هي اندران ڪنبي ويو. هن چاهيو رڙ ڪري پنهنجي اميءَ کي سڏي جيڪا آهستي آهستي واپس وڃي رهي هئي، پر هو ائين نہ ڪري سگهيو. سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ چپ ڏڪي رهيا هئس. منهن ڳاڙهو ٿي ويو هئس. مس سندس پٺيءَ تي هٿ رکيو جنهن کي هن هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن کيس اچي ڊيسڪ تي ويهاريو. سڄو وقت خاموش ويٺو رهيو. اندر ۾ امي امي پئي پڪاريائين. موڪل وقت سندس ماءُ دروازي تي بيٺي هئي ۽ هو خوشيءَ ۾ نينگ ٽپا ڏيندو وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺو.

ائين ڪجهہ ڏينهن هن جي ڪلاس ۾ دل ڪانہ لڳي. نيٺ آهستي آهستي هو ان ماحول سان مانوس ٿيڻ لڳو. ڪلاس ٽيچر کي هو سٺو Response ڏيڻ لڳو ۽ هن سان گڏجي آواز ۾ پڙهڻ لڳو.

A,A. B B. C, C. D, D.

ڪلاس ٽيچر مختلف تصويرن تي اسٽڪ رکندي کيس ٻڌايو A for Apple, B for Ball, C for Cat هي بہ ساڳيا الفاظ دهرائيندي ويو.

مس کين Poem پڙهائي.

Baba black Sheep,
Have you any wool?

هو پنهنجي ٻاتي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻارن سان گڏ ٻوليندو رهيو

"بابا بليڪ شيپ،
هيو يُو ايني وول؟"

ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي هو پنهنجي هم ڪلاسين سان رلي ملي ويو ۽ خوشيءَ سان اسڪول وڃڻ لڳو. زندگيءَ جو ٽائيم ٽيبل سيٽ ٿيڻ لڳس. وقت گذرندو رهيو K G کان پرائمري سيڪشن پهتو. پڙهائيءَ سان گڏ اسڪول ۾ ٿيندڙ مختلف فنڪشنس ۾ حصو وٺڻ،بيند سڪڻ ۽ اسڪائوٽ وغيره ٿيڻ سان گڏ هم ڪلاسين ۽ ٻين دوستن سان ويجهو ٿيڻ هن کي اچي ويو.

جيئن هو مڊل ڪلاس ۾ پهتو کيس محسوس ٿيو تہ سندس ماءُ جي طبيعت خراب آهي. هوءَ اڪثر ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لڳي. هن جي اداسي ۽ وسوسا وڌڻ لڳا ۽ ائين هڪ ڏينهن هن جي ماءُ وفات ڪري ويئي. حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ مان واٽڙن جيان پنهنجي پيءُ ۽ ڀيڻ کي وڃي چنبڙيو. هن جي ڪائنات جا رنگ ڏنڌلا ٿي ويا. اندران ڪنبڻ لڳو. ڏينهن رات اکين ۾ ڳوڙها ۽ دل ئي دل ۾ ماءُ کي ياد ڪندو رهيو. ڪلاس روم ۾ گهٽو ٺٺو چپ رهڻ لڳو هو. پڙهائي ۽ راند روند ۾ بہ سندس دلچسپي گهٽجڻ لڳي هئي. وقت گذرندو ويو جيڪو هن لاءِ مرهم پڻ ثابت ٿيو. هو وري پنهنجي ڪلاس فيلوز ۽ ٻين شاگردن سان رلڻ ملڻ لڳو. پڙهائي ۽ اسڪول جي سمورين سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. موڪل جي ٽائيم تي سندس گاڏي کيس وٺڻ لاءِ ايندي هئي. ڊرائيور پوئين سيٽ جو دروازو کوليندو هو ۽ هو دوستن کي هٿ لوڏي ڪلندي موڪلائيندي گهر روانو ٿي ويندو هو.

مئٽرڪ ڪانپوءِ هن اسڪول کي خدا حافظ ڪيو ۽ اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. سندس دوستن جو دائرو بہ ورهائجي ويو. ڪن تہ هن سان گڏ داخلا ورتي ۽ ڪن ٻين ڪاليجن ۾ وڃي پنهنجي پڙهائي شروع ڪئي. هينئر هو گاڏي پاڻ ڊرائيور ڪندو هو ۽ ڪاليج ۾ ريگيولر ايندو هو. هت اچي هن کي خبر پيئي تہ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڇا فرق آهي. اسڪول ۾ فل ٽائيم پڙهائي ٿيندي آهي ۽ ڪاليج ۾ ٽيچر پنهنجي مرضي سان پڙهائيندو آهي. هن جو ڪاليج ۾ باقاعده اچڻ ڪن اڇاترن شاگردن ۽ استادن کي نہ آئڙيو. محرومين جو شڪار ڇوڪرن کيس طنز جو نشانو بڻايو. ڪڏهن کيس ماڊرن لباس ۽ ڪڏهن گاڏيءَ جا مهڻا پيا ملندا هئا پر هو ڪاليج ۾ باقاعده ايندو رهيو. جتي اڪثر سواءِ هڪ ٻن

سبجيڪٽس جي ڪلاس نہ ٿيندا هئا. هن پنهنجو ايترو ٽائيم خراب ٿيڻ ڪري احتجاج ڪيو. گوسڙو پڙهائيءَ کان ٿهندڙ ۽ ليڊر قسم جي شاگردن هن ۽ سندس هم خيال دوستن جي مخالفت شروع ڪري ڏني. مراد پنهنجي مستقبل جي ڪري خاموش رهيو ۽ ڪاليج ۾ اچڻ گهٽائي ڇڏيائين. امتحان دوران ليڊر شاگردن جا همنوا استاد ۽ انويجيليٽر امتحان هلندي هن جي توهين آميز طريقي سان تلاشي وٺندا هئا. قميص جي ڪالر کان وٺي بوٽ لهرائڻ تائين سندس جهڙتي ورتي ويندي هئي. هو ڏند ڪرٽيندي خاموش ٿي ويندو هو. هو احتجاج ڪرڻ چاهيندي بہ موجوده صورتحال جي ڪري احتجاج بہ نہ ڪري سگهندو هو.

❊

هو پلڪن تي وڏيون اميدون ۽ خواب سجائي يونيورسٽي ۾ پهتو آهي. يونيورسٽي ۾ اچڻ لاءِ هن ڪراچيءَ مان شاپنگ ڪئي. مختلف ڊريسز بوٽ ۽ پرفيوم خريد ڪيائين. پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ پهچي هن کي ائين لڳو ڄڻ تہ صدين کان ئي هو انهيءَ ڪمري جي تلاش ۾ هو. ڪيس هر دري ۽ دروازي سان انسيت پئي محسوس ٿي. ٽائيم ٽيبل ۾ ڪلاس روم نمبر هٿ ڪري هي ليڪچر روم ۾ پهتو جتي ڏاڍي ڏيان گيان سان استاد جي ليڪچر کي هنڊائيندو هو. ڪلاس هلندي ڪا شيءِ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئس تہ ڏاڍي بيباڪيءَ سان پڇندو هو.

"Sir, I have not conceived the theory...."

"ڇو سمهيو پيو هئين ڇا؟" استاد بڇان مان ڇيو هوس.

"No Sir"

"پوءِ ڇا ڪيئي؟"

"Sir, I have some Reservations about..."

"Reservations, he did not conceived!!" استاد ڏمرجي پيو. "Sit down."

"Please do come in my office" استاد گهڻو ڏمرجي پيو.

مراد کي ڪلاس فيلوز وڪوڙي ويا.

"سائينءَ کي ڪاوڙائي ڇڏيئي؟"

”مون تہ صرف سبجيڪٽ متعلق پئي پڇيو.“ هن معصوميت سان وراڻيو ۽ وڏي اعتماد سان استاد جي آفيس ۾ پهتو.

”سلام سر.“

”نالو ڇا تي؟“ استاد پڇيو.

”.........“

”پڙهين ڇا ڪندو آهي؟“

”.........“

”ڇا جا پئي سوال ڪيئي؟“ استاد جواب نہ ملڻ تي چڙٻ ڏيندي چيس.

”سر مون تہ!!“

”هوش سان هل تنهنجون مارڪون تنهنجو ڪيريئر اسان جي هٿن ۾ آهي، ڳالهہ ڪي سمجهين بہ تو....؟“

”پر سر، منهنجو ڏوهہ؟“ هن حيرانيءَ سان پڇيو. ”شٽ اپ، ڏوهہ جا سڳا.“

“Sorry Sir,”

هي هڪو بڪو تي آفيس کان ٻاهر نڪتو ڪاوڙ ڏاڍي آيس، پر دوستن کيس خاموش رهڻ جي صلاح ڏني، ”سمنڊ ۾ رهي، مانگر مڇ سان وير اجايو آهي. مراد.“ هن سڄي ماحول کي سمجهي ورتو تہ استاد بہ پرچي سسٽم يا ڪاپي ڪلچر جي پيداوار آهن ۽ سندن جياپو ”ڪامريڊن“ جي يا مالدار مائٽن جي سکر شاگردن صدقي ئي ممڪن آهي ۽ چاٽو شاگرد اک ۾ ڪنڊي جيان هوندا آهن.

فرسٽ سيمسٽر جي رزلٽ ڏسي هو حيران ٿي ويو. سواءِ هڪ ٻن سبجيڪٽس جي باقي ٻين ۾ يا تہ فيل هو يا ”D“ گريڊ هوس. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڊوڙندو چيئرمين جي آفيس ۾ آيو.

”سائين مون سان انانصافي ٿي آهي.“

”مون وٽ جيڪا رزلٽ آئي مون اڳيان موڪلي ڏني،“

”پر سائين، منهنجون ڪاپيون Re- Check ڪرايو.“

"بابا ڪا ڳالھ ناهي، سيمسٽر سسٽم آهي وري appear ٿجانءِ." چيئرمين کيس دلداري ڏني. امتحان ٿيندا رهيا. نتيجا ايندا رهيا پر مراد جو مختلف سبجڪيس ۾ فيل يا "D" گريڊ ايندو رهيو ۽ Re- appear ٿيندو رهيو. اندر ۾ اڌما پرڻ لڳس. چڙ ۽ ڪاوڙ من ۾ ڪروڌ پاري ڏنس. سندس ذهانت ۽ سياسي شعور جي ڪري کيس شاگردن جي مختلف سياسي پارٽين ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ملندي هئي. سوچيندو هو ڪا پارٽي جوائن ڪيان پر پنهنجي والد جون نصيحتون ياد پونديون هئس. هو ائين به نہ پئي ڪري سگهيو. ڪجھ استاد هن جي دل سان عزت ۽ محبت ڪندا هئا. کيس محنت ۽ هوشياري تي داد پڻ ڏيندا هئا. ڪو استاد پڇندو هوس. "مراد ڪهڙي ايئر ۾ آهين؟"

"سائين فائينل ايئر ۾ آهيان، پر فرسٽ ايئر جي پهرين سيمسٽر جو پيپر ڪليئر نہ پيو ٿئي. هٿ وٺي فيل ڪيو ٿو وڃي." بيا استاد پنهنجي بيوسي ۽ هن جي لاچاري تي ڪڙهندا هئا. فائينل ايئر جي رزلٽ ۾ بہ هن کي اتي ئي لٽڪايو. هن جي طبيعت خراب ٿي ويئي. سوچيائين، "ڪتاب ۽ ڪاپيون ڦاڙي سنڌو درياءَ جي سڪل پيٽ ۾ اڇلائي ڇڏيان ۽ اهڙي رڙيون ڪيان جو سيني جو ساهہ بيهجي وڃي." پر کيس پنهنجي مستقبل جو فڪر هو. کيس پڙهي لکي اڳتي وڌڻو هو. دوستن جي سمجهائڻ تي خاموش رهيو ۽ Special Semester جي تياري ڪرڻ لڳو. ڏينهن رات محنت ڪري مختلف سبجيڪٽس جو امتحان ڏنائين. سندس مخالف بہ هن جي بهترين ڪارڪردگي ڏسي حيران ٿي ويا. هو شاندار نموني پاس ٿيو پر وري بہ اهو پراڻو پرچي سسٽم وارو استاد رزلٽ ڏيڻ کان لنوائڻ لڳو. مراد جي رزلٽ With held هئي. هي روزانو ڊپارٽمينٽ جا چڪر ڏيڻ لڳو. هڪ هڪ استاد کي منٿ ڪرڻ لڳو.

"سائين رزلٽ ڏيو" چيئرمن کي ميڙڪائين، "بابا استاد ڏي نہ!!"

❊

هاڻي هن جي صبر جي انتها ٿي ويئي هئي. ٽي مهينا گذري ويا. اڳيون امتحان بہ شروع ٿي ويو. آخر ڪجھ شاگرد اڳواڻن ساڻ گڏ استاد جي گهر

جا چڪر هڻڻ شروع ڪيائين. جنهن مجبوراً کيس سيڪنڊ ڪلاس مارڪون ڏيئي پاس ڪيو.

مراد من جي پيڙا، ذهني ۽ جسماني ٽڪ سان پنهنجا سرٽيفڪيٽ هٿ ڪري نڪتو. کيس نرسري ڪلاس کانوٺي يونيورسٽي جي دؤر تائين هر لمحو هن جي ذهن تي هلڻ لڳو. ماڻهن جي منفي روين هن کي بيزار ڪري ڇڏيو. هينئر هو ڇهن فوٽن جو باقاور پڙهيل لکيل خوبرو نوجوان هو کيس Competition جي امتحان جي تياري ڪرڻي هئي. دوستن سان صلاح مشوره ڪيائين ۽ فيصلو ڪيائين تہ ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪراچي وڃي وڌيڪ پڙهائي ڪجي. شهر جي مختلف چونڪن تي بيٺل پوليس اڪثر نوجوانن کي بيهاري سندن گاڏين جي ڪاغذن جي پڇا ڳاڇا ڪندي آهي. مراد کي بہ اڪثر بيهاري سندس گاڏي جا ڪاغذ چيڪ ڪيا ويندا هئا. ائين ئي هڪ دفعي لائين ۾ بيهندي هن کي ڏاڍي دير ٿي ويئي. هن پوليس واري کي سڏي چيو "سائين، منهنجا ڪاغذ جلدي ڏسو مون کي دير ٿي ٿئي."

"جو لائن جو پتہ آهين ڇا؟"

"زبان سنڀالي ڳالهاءِ."

"اڙي وات ٿو هڻين."

"پين جو ايترو ٽائيم ٿا وڃايو اها خبر توهان کي نہ ٿي پوي."

"هل هاڻي هل." پئي پوليس واري هن کي اشارو ڏنو. پئي دفعي هن جي گاڏي اڌ ڪلاڪ بيهاري ويئي ۽ ٽئين دفعي ڪلاڪ هن کي ڪاوڙ آئي، پوليس وارن کي چيائين.

"مان توهان جي آفيسرن سان ملندس ۽ توهان جي شڪايت ڪندس."

"هل هل ڏنو ويندو." پوليس واري مڇون وٽيندي چيو. مخالف سياسي شاگردن هن جي خلاف سازش سٽي. کيس قاسائڻ لاءِ پروگرام تيار ڪيو. هڪ دفعي هو وڃي رهيو هو تہ پوليس واري هن کي گاڏي روڪڻ جو اشارو ڪيو. هن گاڏي بيهاري، پوليس وارو ڪار جي پوئين سيٽ تي ويهي رهيو ۽ کيس ٿاڻي تي هلڻ جو چيائين. مراد هن کان سبب پڇيو. پوليس واري کيس

ڪجهہ نہ ٻڌايو ۽ گاڏي سميت ٿاڻي تي پهتو. هن کي ٿاڻي جي هڪ ڪمري ۾ ويهاري بند ڪيو ويو ۽ سندس گاڏي ٿاڻي جي احاطي ۾ بيهاري ويئي. منجهند کان شام ٿي ويئي. هي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ وينو رهيو. رات جو ڏهين وڳي هن کي صاحب اڳيان آندو ويو جنهن هن کي ڏسندي ئي وٺي رنب ڪئي.

"چورا، ڏاڙا تا هٽو ۽ وري وڏائي ۾ ٿا گهمو؟"

"سائين ڪير؟" هن اچرج مان پڇيو.

"پاڻ کي وڏي ماڻهو جو پٽ ٿو سمجهين؟"

مراد غير مهذب شخص کي مهذب طريقي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيائين،

"سائين، مان عزت وارو شهري عزت واري گهر سان تعلق رکان ٿو. توهان کي ڪا غلط فهمي ٿي آهي؟"

"غلط فهمي جا پٽ، ہہ ٿي لتر لڳئي تہ سڀ سچيون ڪندين."

هي ٻت ٻڌجي ويو.

"اڙي تو ڏاڙو نہ هنيو آه.. جي گهر!!!"

"ڇا مان ائين ڪري سگهان ٿو؟" مراد واتڙو ٻڌجي چيو.

؟"بڪواس بند ڪر." هن پوليس وارن کي سڏي چيو.

"اڙي ڪٽوس. اهڙا ڪلا هٽوس پاڻهي سچيون ڪندو."

پوليس وارا هن کي ڪنيي ڪٺي ويا. هڪ صندل تي ويهاري سندس ٻانهون مٿي اڀيون ڪري، ڇت سان لڙڪندڙ رسين سان ٻڌائون. پهريون ٻانهن تي لٺين جا وسڪارا ڪيائون. پوءِ ٻہ پوليس وارا هن جي ٽنگن تي چڙهي بيٺا ۽ پنين تي هنٽر هڻڻ شروع ڪيائون ۽ پني ٻہ ڪُٽيائون. هڪ پوليس واري ڪيس گار ڏيئي چيو.

"سچ ٻڌاءِ ٻيا تو سان ڪير گڏ هئا؟"

"مون کي ڪا خبر ناهي يقين ڪيو."

"تون نہ مڙندين." هن گار ڏيندي چيو.

ماريندي ماريندي پوليس وارا ٿڪجي پيا. ڪيس ڌمڪي ڏيندي چيائون.

"ترس صبحاڻي تنهنجا ڪپڙا لاهي تنهنجي کل لاهينداسين."

کيس نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ گهلي لاڪ اپ ۾ اڇلايو ويو.

سندس والد ۽ گهر جا ڀيا ڀاتي ڪيس ڳوليندا رهيا. دوستن کي فون، متن مائٽن کان پڇيا. آخر صبح جو ٿاڻي تي پهتا. کين مراد جي گمشدگي جي رپورٽ ڪرائڻي هئي. ٿاڻي جي حد ۾ مراد جي بيٺل ڪار ڏسي ششدر رهجي ويا. سندس والد ٿاڻي ۾ وڃي اندر پڳو. هڪ سپاهي کيس روڪيو.

"صاحب ڪونهي."

"فون نمبر ڏيو."

"اهو به ڪونهي."

"هن گاڏي جو مالڪ ڪٿي آهي؟"

"صاحب کي خبر هوندي"

هي ڳالهائي رهيا هئا ته صاحب به اچي پهتو. نهايت اخلاق سان ملندي چيائين، "رات جو دير سان اسان هيءَ گاڏي ويران هنڌ تان هٿ ڪئي آهي، باقي."

هي گهر ڏانهن ڀڳا، دوستن سان مليا، مائٽن کان پڇيائون پر ڪٿي به مراد جو پتو نه پيو. سندس موبائيل به بند هئي. رات جو وري ٿاڻي تي پهتا. هينئر صاحب جو رويو مختلف هو.

"سائين توهان جو پٽ ڏوهاري آهي. ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ هي ڏسو سندس گاڏي مان ڇا نڪتو آهي؟"

"اهو سڀ غلط آهي. مراد هڪ پڙهيل لکيل ۽ اعليٰ ڪردار جو نوجوان آهي." نرڙ ۾ گهنج وجهي هن جي پيءُ چيو.

"اهو ته هر مائٽ پنهنجي والاد لاءِ چوندو." صاحب طنز ڪندي چيو.

"توهان ڪالهه کان ڇوڪرو بغير ڪنهن سبب جي لاڪ اپ ڪيو آهي. آئون هينئر ئي توهان جي اعليٰ عملدارن سان ملان ٿو."

"اسين به سندس ڏوهن مطابق F.I. R ڪاٽيندا آهيون."

"اسين به شهر جا ماڻهو آهيون. توهان کي...."

"ڏاڍا به هٺ ۽ رعب به رکو؟" صاحب کنڌ کي جهٽڪو ڏيندي چيو.

مراد پنهنجي ايڏي ذلت برداشت نہ پئي ڪري سگهيو. سندس صاف سٿري ذهن ۾ نفرت جا الا اپرڻ لڳا. چپ پڪوڙي لاڪ اپ مان دانهن ڪيائين.

"ڪوڙو آهين.... هڪ دفعو هتان نڪران توکي چڱي طرح سان ڏسندس."

"گهٽ اُيام." صاحب هڪل ڪئي.

مراد اندران زخمي ٿي چڪو هو. مستقبل جا عظيم خواب ڏسڻ وارو نوجوان، قدم قدم تي ناخوشگوار حالتن سان مقابلو ڪندي دماغي انتشار ۾ ونجي ويو هو. هن سوچيو. ڪلاشنڪوف هجي تہ سيني کي پُرزي چڏيان، بم گولا هجن تہ سڄي شهر تي اچلايان. منجهند تائين سڄو وايو منڊل صاف ٿي ويو. مراد کي لاڪ اپ مان ڪڍي والد جي حوالي ڪيو ويو. گاڏي بہ موٽائي وئي. گهر پهتو سندس ويجها مائٽ ۽ گهر جا ڀاتي ويٺا هئا. هن کي پيار ڪيائون، تسلي ڏنائون.

مراد منجهيل، چڙيل، بيعزتي برداشت کان ٻاهر هئس سندس چاچي چيو.

"چپ ڪيو ڪنهن کي بہ خبر نہ ڏيو. متان ڪنهن ماڻهو کي خبر پوي تہ چوڪرو بہ ڏينهن لاڪ اپ ۾ هو. بدنامي ٿيندي."

"ها ها ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍجو." سندس پڦيءَ چيو. اوچتو مراد هڪ ڌڳهي ۾ گهري رڙ ڪئي.

سڄو گهر ۾ اوڙو ٻاڙو گونجي ويو.

(ماهوار "سوجهرو"، جولائي2003)

❊

لاوارثيءَ جو درد....

جولاءِ جو مهينو شروع ٿي چڪو هو. گرميءَ جو پد عروج تي هو. اصل ڪانءَ جي اک پئي نڪتي. منجهند جي ماني ڪانپوءِ امان معمول موجب، اسان کي ماضيءَ جيان ننڊ و بار سمجهي زوري سمهارڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل هئي. اسين ٻيئي ڀينرون ايم.اي جي ڪلاسز ۾ اچي چڪيون هيونسين. ۽ مليل اسائنمينٽ بابت سوچي رهيون هيونسين تہ ڪوٺ جي ٻاهرين گيٽ جي نوڪر اندر اچي اطلاع ڏنو تہ ڪا اوپري مائي اندر اچڻ چاهي ٿي.

"ڪير مائي هوندي؟" امان جي نراڙ ۾ گهنج پئجي ويو.

"ڇورا، نالو ڪو پار پتو تہ پڇين هان. ڪير آهن جو ڏينهن تتي جو پنڌ پيا آهن؟"

"جي جي، چئي ٿي آءَ صاحب جن جي پراڻي ڪم واري آهيان. زيبي نالو ٻڌائي ٿي. ڪروڊ همراهہ کي مڙس چئي ٿي ۽ ٻيرو نوجوان کي پنهنجو پٽ ٻڌائي ٿي ۽ چئي ٿي مون هن گهر جو نمڪ کاڌو آهي ۽ هي گهر منهنجي محسنن جو گهر آهي."

"ڀڪ اها ئي زيبي آهي." امان ڳوٺ پيچي ورتي. زيبي نوخيزي وارا ڏينهن ڪاٽي پيري ۽ جواني جي گس جي مسافر ٿي وئي هئي. پر ان هوندي بہ هن جي اکين جي چمڪ ۽ پيشانيءَ جو نور ساڳيو هو. ڪالهوڪو سندس ننڍڙو نينگر ٻيرو نوجوان ٿي چڪو هو ۽ مولوءَ جي ڏاڙهي ۽ مٿو اڇا ٿي چڪا هئا. ڏاڍا خوش پئي لڳا. ڊگهي عرصي ڪانپوءِ ڪنهن جذبي هيٺ ڪا تانگهہ کين هيڏانهن ڇڪي آئي هئي.

❊

جولائي جو مهينو هو. گرمي جو پد پنهنجي عروج تي هو. اصل ڪانو جي اک پئي نڪتي. منجهند جي ماني مان واندي ٿي هميشه وانگر امان ٻارن کي ڪمري ۾ بند ڪرائڻ شروع ڪيو. در دروازا بند ڪري پردا ڏنائين ۽ سيني کي سمهڻ جو حڪم ڪندي ويئي. آخر بابا جي اچڻ جو ٽپ ڏنائين ته هو به چئين بجي کن اچي رهيو آهي تنهن ڪري جلدي سمهو.

شام جو اک کلي ته گهر ۾ ٿورو چؤٻول هو. بابا ته گهر اچي ويو. پر ڳوٺ جا ڪجهه ماڻهو ۽ هاري به آيل هئا. هنن سان گڏ هڪ خوبصورت ڇوڪري به هئي جنهن جي هنج ۾ سال سوا سال جو ٻار هو. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي هئي. هن سان گڏ هن جا ماءُ پيءُ به هئا. اهي ٻئي ڄڻا ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. مرد پنهنجي پٽڪي جي پلئه سان ۽ مائي پنهنجي رئي جي پلئه سان ڳوڙها اگهي رهي هئي ۽ نڪ به صاف ڪري رهي هئي. ٿوري دير کان پوءِ هو سڀ هليا ويا. پر اها ٻار واري مائي اسانجي گهر ڇڏي ويا. آئون ۽ منهنجي ڀيڻ ڏاڍو خوش پئي ٿياسون ته هيءَ خوبصورت عورت پنهنجي ٻار سان گڏ اسانجي گهر ۾ رهندي.

صبح کان اها عورت پنهنجي ڪرت کي لڳي ويئي. هوءَ گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماين کي ڪم ۾ مدد ۽ نظرداري ڪندي هئي. امان کي رڌ پچاءَ ۽ ڪپڙن جي سلائي ۽ استري وغيره ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. نه صرف اهو پر شام جو اڱڻ صاف ڪري ڇنڊڪار ڪري پني تي کٽون ڪڍي اڱڻ ۾ وجهندي هئي. کٽ جي پيرانديءَ تي رلي ۽ سيراندي پاسي ويهاڻا رکندي هئي. بورچيخاني ۾ تيار تيل مانيءَ جون ديگڙيون اڱڻ ۾ رکيل صندل تي رکندي هئي. ٿانون جو کارو ۽ پاڻي ۾ انب پچائي رکندي هئي. ڪم ڪندي سندس ڳل ڳاڙها ٿي ويندا هئا. سندس سفيد رنگ ۽ پريل ڇهري جي خوبصورتي اجان وڌي ويندي هئي. ماني وغيره مان واندي ٿي. امان کي زور ڏيئي پوءِ ٻارڙو کڻي وڃي سمهندي هئي. بلڪل خاموش سندس ڪنڌ جهڪيل. ڳالهائڻ ته ڄڻ هن کي ايندو ئي نه هو. هميشه ٿڌا شوڪارا ۽ آهون پئي ڀريندي هئي، ڄڻ سيني تي وڏو ڪو بوجهه هجيس.

هوءَ ڪير هئي اسانکي ڪا خبر ڪانه هئي. ائين ڪجهه ڏينهن کانپوءِ وري ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي. اسان انهن کان اهو ٻڌو "زيبي لاءِ

ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن چيو آهي تہ هو ڪاري آهي. سندس مڙس ڪنهن ٻئي شهر ويل هو ۽ مائٽن ڏپ وچان هن کي اسان جي گهر امانت ڪري رکيو آهي. جيستائين هن جو مڙس اچي ۽ فيصلو ٿئي. "

ان وقت عمر جي تقاضا موجب اسين لفظ 'ڪاري' جي معنيٰ سمجهڻ کان قاصر هئاسين. اسين ٻئي ڀيڻون بس پاڻ ۾ اهو ئي بحث ڪندا هئاسين. 'هن جو رنگ تہ ڏاڍوا چو آهي پوءِ ڳوٺ وارا ڪيئن هن کي ڪاري تا چون.'

ڳوٺ جي خانداني زمينداري جو، شهرن ڏانهن لڏپلاڻ جي ڪري ڳوٺن ۾ ڪيئي نام نهاد وڏيرا پيدا ٿي پيا جن کي معاشري ۽ سماج جي تقاضا جي ڪا پرواهہ ڪانہ هئي.

گهڻو وقت اڳي بابا جن بہ زميداري ۽ بدامني جي جهنجهٽ کان بيزار ٿي اچي شهر وسايو پر وڏو گهر هئڻ ۽ مٽي مائٽي جي ڪري اسانجي گهر کي شهر ۾ بہ ساڳي ڳوٺاٽي مٽيرائي واري اهميت حاصل هئي ۽ فيصلي جو حق بہ اسان جي گهر کي حاصل هو.

ڳوٺ ۾ زيبي جي سونهن زيبيءَ جي دشمن ٿي پيئي هئي. نام نهاد وڏيري جي پٽ جي نظر هن تي پئي. هن سان دوستي رکڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو. زيبي هر ڳالهہ کان دور پنهنجي گهر جي ڪم ۾ مشغول رهندي هئي ۽ ڪجهہ وقت ٻني تي ڪم ڪري پنهنجي گهر هلي ويندي هئي. هن جي مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ وڏيري جي پٽ نيٺ سِٽ سِٽي ۽ ڪمدار سان گڏ زيبي کي ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ دوران وٺي رڙيون ڪيون.

"پڳوڙي پڳو."

"ڪير؟" ڳوٺاڻا پڄندا آيا ۽ تارا ڦوٽاري هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳا.

"زيبي سان ڪارو آهي." ڪمدار هوڪو ڏنو.

"پر آهي ڪير؟"

"نظر نہ آيو ۽ پڄي ويو ۽ اتڪل سان زيبي بہ هتان گهر هلي وئي آهي."

ڪجهہ ڳوٺاڻن سان گڏ هن جي گهر جو گهيراءَ ڪيو ويو. هن جي مائٽن تي لعنت ملامت ڪئي ويئي. هوءَ سس کي جيڪا سندس ماسي به هئي چنبڙي پيئي ۽ چوندي رهي.

"نہ ماسي، نہ ڪوڙا آهن." هن جا مائٽ کهڙي به نموني هن کي ڳوٺان ڪڍي وجهڻ ۾ ڪامياب تي ويا.

ڳوٺ ۾ چؤبول تي ويو. هاري ہنيءَ جو ڪم ڇڏي ڳوٺ جي رستي ڏانهن نهارڻ لڳا. ڪجهہ ڳوٺاڻان بہ توليءَ جي صورت ۾ گڏ تي ويا.

"مولو آيو آهي" ڪنهن سرہاٺ ڪيو.

"الائي ڇا تيندو؟" ڪنهن ڏک مان چيو.

مولو تڪڙيون وکيون کڻي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. نہ ڪنهن ڏانهن ڏٺائين ۽ نہ ئي ڪنهن کي کيڪاريائين.

مولوءَ کي اوطاق تي گهرايو ويو. نام نهاد وڏيري کيس دابا ڏيڻ شروع ڪيا.

"بيغيرت آهين. پنيان پنهنجي رن جي ڪرتوتن جي خبر پئي اٿئي؟"

مولو ڪنڌ هيٺ جهڪائي خاموش ويٺو رهيو.

"اڙي جوٺهين ڪاري آهي."

"...."

"جواب ڏي مولو توکي خبر آهي تہ ڪاري جي ڇا سزا آهي؟"

هو خاموش ڄڻ هڪ پٿر.

ڪمدار جي سازش ۽ چرچ سان زيبي ۽ مولوءَ جي مائٽن ۾ ويڇا وجهرايا ويا. مولوءَ جي مائٽن کي چون، "توهان کان ہانهن کسي ويئي ۽ زيبي جي پيءُ کي لالچ جي ڄار ۾ ڦاسايو ويو آهي."

"ڏيءَ جو مالڪ تون آهين. مولو جيئن زال کي ڪاري ڪري تہ پنجاهہ هزارن ۾ وڏيري جي پٽ حوالي ڪجانءِ" زيبي جو پيءُ منو جو چرڪ نڪري ويو.

"گهبراءِ نہ منو وڏيرو بہ توسان گڏ آهي." ڪمدار کيس آٿت ڏيندي چيو.

"ڏس نہ منو چوري ڪاري تي ماري وجي يا ڪامي وجي تنهن ڪان چڱو آهي تہ تون پنهنجي مالڪي نہ ڇڏ. مال بہ ملندءِ تہ چوريءَ جي زندگي بہ."

منو جي گهر وڏيري جي گهران ان ۽ مکڻ وغيره پهچندو رهيو.

ڪيئي ماٺهو وچ ۾ پيا. ڪيئي ڳالهيون هليون. مولوءَ ۽ سندس مائٽن کي جاچ ۽ سوچڻ جو موقعو ڏنو ويو. اونهارو گذريو ڊسمبر جو مهينو شروع ٿي ويو.

❊

زيبي ڳوٺ جي سمورين سازشن کان بي نياز پنهنجي پارڙي کي تاتڻ ۾ لڳي رهي. نيٺ سندس ننڍڙو هينئر ڪجهہ وڏڙو ٿيو. زيبي هن کي ڪرتا سلوارون سڀي پارائيندي هئي. امان هن لاءِ سوئيٽر ۽ ٽوپ اُٺي پارائيندي هئي. بلور جهڙين اکين وارو پار هڪ گُڏي رانگر لڳندو هو. هو اسانجي گهر جي رونق هو.

سياري جي اها رات بہ عجيب رات هئي. منجهند کان اسان وٽ آهستي آهستي مهمانن جي آمد شروع ٿي ويئي. جيڪي گهر جي جدا پورشن ۾ جمع ٿيڻ لڳا. اڄ زيبي ۽ مولوءَ جو آخري فيصلو هو. بابا ۽ چاچا بہ سانجهي ڪانپوءِ اچي ويا. مولو پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ پائرن سان گڏ آيو. زيبي جو پيءُ ماءُ بہ پهچي ويا.

ڳالهيون شروع ٿيون. بابا ڪرسي تي ويٺل هو. مولوءَ کي سڏيو ويو جيڪو اچي بابا جي اڳيان پٽ تيُ ويٺو. بابا مولوءَ کي چيو:

"مولو توکي سڄي معاملي جي خبر آهي؟"

"ها، سائين." مولوءَ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

"مولو، جيستائين تون پنهنجو فيصلو نہ ٻڌائيندين تيستائين اسان ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهنداسين."

ڪمدار جيڪو زيبي لاءِ ايڊوانس جا پيسا ڪيسي ۾ ڪنيو ويٺو هو. ڪڇيون هٽڻ لڳو ۽ چپ پڪوڙي کلڻ لڳو.

”مولو بابا، جواب ڏي. تون پنهنجي زال کي ڪاري ٿو ڪرين يا ڳاڙهي؟“ بابا هڪ پيرو ٻيهر ڪمدار جي ٻڪ ٻڪ تي ڏمرجندي مولو کان تورڙو تلخ ٿي پڇيو.

”....“

”مولو جواب ڏي ڪاري آ يا ڳاڙهي؟“

”....“

”جواب ڏي ڪاري آ ڳاڙهي آ ڪاري آ ڳاڙهي آ؟“ بابا ڪاوڙ ۾ ڪرسي تان اُٿي بيٺو.

”ڳاڙهي آهي.“ مولو بہ بابا وانگر ڪاوڙجي اپو ٿي بيهي رهيو.

”منهنجي زال معصوم ۽ ڳاڙهي آهي، ڪاري ناهي.“ مولو مُنيون پيڪوڙيندي چيو:

”تڪ هجئي بيغيرت“ ڪمدار پٽ تي ٿُڪ اڇلائي مولو ڏانهن نهاريو.

”تڪ توتي هجي بيغيرت“ مولوءَ وڏي ڪرڙمي ڏي الر ڪئي.

بابا وڏي ڪرڙمي کي ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ۾ ڏنو هو هڪو ٻڪو ٿي ويو.

مولوءَ زور سان ڳالهائڻ شروع ڪيو اڙي بيغيرت تہ توهان آهيو نياڻي سياڻي جي بہ عزت ڪانہ اٿوَ هتن تي ڪوڙا الزام پيا هڻو...

هن جو هڪ مائٽ جنهن کي وڏيري جي چرچ هئي، مولوءَ کي چوڻ لڳو تہ خاندان وارن فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن مولو سڏي رستي تي نہ اچي تہ هن کي ڳوٺ نيڪالي ڏني وڃي.

”ڳوٺ تہ منهنجو بہ آهي پر هاڻي ڪان ڪير توهان سان رهڻ پسند ڪندو.“ مولوءَ ڪيس جواب ڏنو.

مولو ۽ زيبي جي ملاقات ڪرائي ويئي. هڪٻئي کي ڏسي هو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا. سندن ٻارڙو بہ رڙيون ڪري روئڻ لڳو. گهر ۾ موجود ڪيترن ماڻهن جون اکيون آليون ٿي ويون. امان تہ سڏڪن ۾ پئجي ويئي. اسين پيڻون صرف ان ڪري پئي رنيونسين تہ زيبي ۽ هن جو ٻارڙو اسان وٽان هليا ويندا.

”سائين بہ ٿي ڏينهن ٻارن کي اجان پنهنجي گهر ۾ رهڻ جي اجازت ڏيو“ مولوءَ ٻئي ڏينهن بابا کي هٿ ٻڌندي چيو.

"بابا توهان اسان جا ٻچا آهيو." بابا هن کي ڀاڪر پائيندي چيو.

هو هليو ويو. شايد ڪٿي پنهنجي رهائش ۽ پورهئي جو بندوبست ڪرڻ ويو هو. اوچتو هو موٽيو. زيبي کي هلڻ لاءِ چيائين. امان زيبي کي ڪپڙن جا وڳا ۽ ٻار لاءِ خرچي ڏني. هوءَ امان کي پيرن تي هٿ رکي ۽ اسان کي ڀاڪر پائي ڳوڙها اگهندي رخصت ٿي. امان ٻڌايو ته هو پنجاب هليا ويا.

❊

اج 15 سالن کان پوءِ زيبي پنهنجي کهول سوڌي موٽي آهي. هن جي چهري تي خوشي ۽ فرحت جا ڪيئي رنگ آهن. مولو جيتوڻيڪ جهري پيو آهي. پنهنجي تر چڌڻ جي درد کيس ماريو ته ناهي پر نهوڙيو ضرور آهي. نينگر صفا ماءَ جي سونهن ۽ سواد جو نمونو آهي.

زيبي امان جي گوڏن کي ڇهي ٿي، "جي جي، اوهان ۽ سائين نه هجو ها ته هوند اسين هيئن حيات نه هجون ها."

"نه زيبي، هر ماڻهوءَ جو پنهنجو پنهنجو نصيب هوندو آهي."

"جي جي کهڙو نصيب. گهر ڇتو در ڇتو مت مائٽ ڇتا. راڄ ڀاڳ کان ترڙجي وياسين. پرڏيهه ۾ الائي ڪيئن گذر سفر ٿيو. اڄ اوهان جي ۽ ديس جي تانگهه هتي گهلي آئي آهي. ڏيم پيا ناهين. اسان کي ٻيهر دربدر ڪيو اٿئون. ٻه ٽي ڏوڪڙ ڏيئي لادعويٰ ڪري ڌُڪائي ڪڍيو اٿئون. وري ٻه اوهان جي سام ۾ آيا آهيون." زيبي سادگي سان ڳالهائيندي رهي.

"زيبي ڀلي آئينءَ جي آئينءَ. هر ڪو پنهنجي ڀاڳ جو پور کائيندو. اڄهو خان صاحب به آيو. توهان کي ڏسندو ته خوش ٿيندو. کيس فش فارم تي مولوءَ جهڙي ايماندار ۽ هن گهر کي تو جهڙي سلڇڻي زيبيءَ جي گهرج آهي."

(سوجهرو جولاءِ 2010)

❊❊❊

اڪ ڪوليندي مون پنهنجي ماءُ ڊاڪٽر ممتاز پٺو کي ٻين ذميوارين ادا ڪرڻ سان گڏ پڙهندي ۽ لکندي ڏٺو. زندگيءَ جو وهڪرو تيز هلندڙ آهي، جنهن ۾ انسانَ ۽ انهن جون يادگيريون متجيو وڃن ٿيون پر ڪتاب ۽ ڪتاب لکندڙ ماڻهو گهڻو وقت دنيا ۾ ياد ڪيا وڃن ٿا ۽ نئين نسل کي ڄاڻ ۽ فائدو ڏين ٿا. مون پنهنجي والده تي ان ڳالهه جو زور ڀريو ته پنهنجي علمي پورهئي کي ڪتابي صورت ۾ آڻي. سندس اسٽڊي روم مان، مختلف ميگزينس ۽ جنرلز ۾ ڇپيل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ لکيل مواد ۽ تقريري مواد ڳولهي ڏنو ۽ کيس ڇپائي لاءِ آماده ڪيو. ”تن ۾ توئنس پرين جي پيان نه ڏاپان“ اوهانجي آڏو آهي. انگريزي ۽ اردو جا مضمون جدا جدا ڪتابي صورت ۾ زير طبع آهن. اڳ ۾ هڪ ڪتاب ”سنڌ جي سياسي تاريخ“ جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. هِن ڪتاب جو عنوان هُن شاهه صاحب جي بيت جي صورت ۾ ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته علم جي ڪا به حد ناهي. خاص ڪري تاريخ جي هڪ پهلو مان ٻيو پهلو نڪرندو آهي ۽ انسان يا شاگرد جي چاهت وڌندي ويندي آهي. بنيادي طرح هوءَ محنتي ۽ ذميوار خاتون آهي. زندگي ۾ آيل طوفانن جو هن جنهن طريقي سان منهن ڏنو ان جو مثال گهٽ ملي ٿو. اولاد سان ته پيار ڪري ٿي پر خاندان، دوستن، عزيزن ۽ غريبن جي به کيس اوُن رهندي آهي. رشتيداري جي تعلقات کي تاريخ وانگر سنڀاليندي آهي. خدا تعاليٰ کيس وڏي ڄمار ۽ صحت عطا ڪري.

عنبر نديم پٺو

گورنمينٽ ڪاليج فار وومين

ڪراچي

Design: Intel Communications, Hyd.

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڪِ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ٻاڙي، ڪائو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)